# صوفي فقير جانڻ چن جو ڪلام

## حق اثبات

مرتب:

**ياور علي ڪاظمي ”محبت علي“**

Gul Hayat Institute

سنڌي ساهت گهر

حيدرآباد، سنڌ

2010ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

سنڌي ساهت گهر ـ ڪتاب نمبر 215

ڪتاب جو نالو: صوفي فقير جاڻ چن جو ڪلام (حق اثبات)
مرتب: ياور علي ڪاظمي "محبت علي"
ڇاپو: ٻيو مارچ 2010ع
ڇپائيندڙ: سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ
ڪمپوزنگ: تلسي داس ڏاراڻي، سورج پرنٽرس، حيدرآباد
قيمت: 240/- (ٻه سؤ چاليهه رپيا)

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ

آئيڊيل ڪتاب گهر، رابعه اسڪوائر، حيدر چوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ
Ph: 022-2780701  Mob: 0300-3946518

پوسٽل ائڊريس: پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد، سنڌ

- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد 022_2633679
- پٺاڻي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد 0345_3587391
- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو 0307_3471205
- عزيز ڪتاب گهر، ٻيراج روڊ، سکر 071_2007402
- سنڌ بوڪ ڪلب، نواب شاهه 0300_3006469
- قاسميه لئبرري، ڪنڊيارو 0300_3144668
- المنعم لئبرري 17_پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڪالوني ذوالفقار باغ لاڙڪاڻو 0333_7541193
- بوڪ ورلڊ، رابعه سينٽر، لڳ عسڪري بئنڪ، بندر روڊ، لاڙڪاڻو 0333_7548804
- المهراڻ ادبي گهر، ٽاٽو روڊ، سانگهڙ 03000_2913588
- گل ڪتاب گهر، لکي در، شڪارپور 0346_3701659
- العزيز ڪتاب گهر، ٿر بازار عمرڪوٽ 0238_570345
- ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار ڪراچي 2638025, 2218025
- محمد عثمان عباسي، چنهياٽي، ڪنڊيارو 0306_3665563

Gul Hayat Institute

**SHRI MAD BHAGWAT GEETA**

Compiled by: Yawar Ali Kazmi "Muhbat Ali"
Published by: Naz Sanai
Chairman
Sindhi Sahat Ghar, Hyderabad, Sindh.
2nd Edition March 2010
Book No: 215
Price Rs. 240/=

# ٻه اکر

سنڌ سدائين صوفين جو مرڪز رهي آهي ۽ تصوف جا ڪيترائي اثر، اسان جي معاشري ۽ ماحول تي ڇانيل آهن. ڪيترن ئي صوفين پنهنجو پنهنجو ڪردار پئي ادا ڪيو آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي صوفي شاعر موجود آهن، جن جو ڪلام، جيترو اشاعت هيٺ آيل آهي، ان ڪان وڌيڪ سنڌ سڄيءَ ۾ ڪيترن ئي صوفين جو ڪلام ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ موجود آهي. جيڪو توجهه گهُري ٿو.

صوفي فقير جاڻ چن صادق علي رحه جو تعلق اصل دادو ضلعي سان هو. جتي سندس آستان هو. پاڻ اُتي پنهنجن پيروڪارن کي صوفي ازم بابت پيا درس ڏيندا هئا ۽ پنهنجي خيالن ۽ سوچن، جن تي صوفي ازم جو اثر هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي بيان ڪندا رهندا هئا.

سنڌ جي مشهور چترڪار محترم ظفر ڪاظميءَ جي لائق فرزند ياور علي ڪاظميءَ، جنهن کي صوفي فقير جاڻ چن انتهائي گهڻو پيار ڪندا هئا ۽ محبت عليءَ جي نالي سان سڏي، کيس پنهنجو طالب ڪيائون. اُهو کين گهڻو ويجهو رهندو آيو ۽ صوفي جاڻ چن، مٿن مهرباني ڪري، سندس ڪلام جا لکيل سمورا نوٽ بڪ اُن حوالي ڪيا ۽ اُن جي اشاعت جو ذمو ٻه ان تي رکيو. ياور علي پنهنجي جانفشاني ۽ محنت سان پهرين صوفي فقير جاڻ صادق علي چن جي سوانح کي ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو ۽ اُن جي مختلف پهلوئن ڪان ڇنڊڇاڻ ڪئي ۽ هڪڙي سوانحي مضمون کي تفصيلي تحرير ڪيو جيڪا سوانح هن ڪتاب جي مُهڙ ۾ آيل آهي، اها سوانح پهريون دفعو اسان جي اداري سنڌي ساهت گهر طرفان نڪرندڙ رسالي ’ڪينجهر‘ ۾ اشاعت هيٺ آئي ۽ ماڻهن آڏو صوفي جاڻ چن جي

Gul Hayat Institute

شخصيت ۽ فڪر، پهريون دفعو آڏو آيو. ان زماني ۾ فقير صوفي جاڻ چن جي خيالن جي مشهوري ٿي ۽ روايت مطابق، اهڙن خيالن رکندڙن تي جيئن ان کان اڳ ڪفر جون فتوائون پيون نڪرنديون هيون. صوفي ازم، انهن لاءِ يا انهن جي ڪِرت ۽ ڪاروبار لاءِ سدائين نقصانڪار پئي رهيو آهي، سو صوفي جاڻ چن بہ ڪُفر جي فتوائن سان، مالا مال ٿيڻ لڳو.

ياور علي، سوانحي مضمون ترتيب ڏيڻ کان پوءِ، ان جي ڪلام کي ترتيب هيٺ آڻڻ شروع ڪيو ۽ نيٺ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري، ان جو پهريون ڇاپو پڌرو ڪري ڇڏيائين. جيڪو فقير جاڻ چن جي طالبن ۽ صوفي ازم جي پيروڪارن لاءِ ڄڻ وڏي سوکڙي ثابت ٿيو ۽ ڏسندي ڏسندي ئي ختم ٿي ويو. طالب ان کي ڳوليندا رهيا. هاڻي سنڌي ساهت گهر طرفان ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو اچيندي، اُن گهرج کي پورو ڪري رهيا آهيون.

**نازسنائي**

حيدرآباد، سنڌ
18 فيبروري 2010ع

# فهرست


مهاڳ 9
حق موجود سدا موجود 15
مرشد پاڪ سرڪار فقير سيد امام مهدي شاهہ جهانيانؒ 21
صوفي فقير جاڻ چن صادق عليؒ 29
"چن" ذات بابت مختصر احوال 29
سائين فقير جاڻ چنؒ جو والد محترم 31
صوفي فقير جاڻ چنؒ جو جنم ۽ ننڍپڻ 33
فقير سائينءَ جي جواني، شادي ۽ اولاد 34
هاري تحريڪ جو دور 35
فقير سائينءَ جو مرشد 36
سکر جيل ۾ ڏهہ مهينا 42
تاج ڪُلاهہ 50
سنڌن صوفياڻو سفر 50
خلق خدا لاءِ سنڌن خدمتون 63
1991ع ۾ ڪفر جي فتوي تعزير واجب القتل ۽ "نارا جيل" حيدرآباد 65
1992ع کان 1995ع تائين 69


## حق اثبات


**الف:** ابابيل 75
ابليس 75
احد 76
آدم 79
اضحيٰ 85
آڪڙ 85
آل 87
الف 87
الله 90


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | | 96 |
| | ال م | 96 |
| | آنا | 97 |
| | اندر | 101 |
| | انسان | 104 |
| ب: | بازي | 105 |
| | باطل | 106 |
| | بحر | 107 |
| | برهہ | 109 |
| | بي ادب | 110 |
| ٻ: | ٻاڙو | 110 |
| ڀ: | ڀڄ | 111 |
| | ڀينگ | 111 |
| ت: | تانگهہ | 112 |
| | تسبيح | 112 |
| | تڪبر | 113 |
| | توبہ توبہ | 113 |
| | تون ئي تون | 114 |
| پ: | پاڪ پليت | 114 |
| | پاڪستان | 116 |
| | پاٽ | 121 |
| | پاند | 122 |
| | پِٽڙ | 122 |
| | پرايو | 123 |
| | پري | 123 |
| | پسڻ پِرکي | 125 |
| | پنج تن پاڪ | 130 |
| | پُنهل | 134 |
| | پهرو | 135 |
| | پهريون مومن | 135 |
| | پيٽ | 136 |
| | پيچرو واهہ | 136 |


Gul Hayat Institute

پيري بزرگي (شاهي، مخدومي، شيخي) 137

ج: جاڳ 139

جاڻ چڻ 142

جٽيو 142

جوڳي 143

جهانيان 144

جيئڙي مرڻ 145

چ: چار 148

چارڻ (سُر سورٺ) 149

چَڻ 149

چوڏهون سَن (هِجري) 150

چوري 153

ڇ: ڇلو 156

ح: حاجي 158

حُسن ۽ مجاز 159

حق 182

حقيقت 183

خ: خدا ۽ خودي 185

خلق ۽ خلقڻهار 186

د: درويش 187

دڳ 188

دل 188

دم 189

دُور 193

دوزخ 194

دين 195

ڌ: ڌاڙو 197

ڍ: ڍاڪا 197

ذ: ذات 198

ذڪر 199

ذوالفقار علي ڀٽو ۽ گهاڙ واهه 200


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ر: | راڳ | 204 |
| | رحمت | 205 |
| | رنڍي ۽ ڪيري | 205 |
| | روپ هزار | 206 |
| | روزه ۽ رمضان | 210 |
| ز: | زاهد | 212 |
| س: | سر جو سودو | 212 |
| | سسئي ۽ سور | 214 |
| | سڪ ۽ درد | 219 |
| | سنڌ | 222 |
| | سُني ۽ وهابي | 223 |
| | سُور | 225 |
| | سهڻي ميهار | 228 |
| ش: | شريعت | 230 |
| | شعر | 231 |
| | شهباز قلندر رح | 232 |
| | شهر شاهاڻي | 233 |
| | شير علي جهانيان رح | 233 |
| | شينهن شوق ۽ شڪار | 234 |
| ص: | صلواة ۽ زڪواة | 237 |
| | صبورت | 237 |
| | صوفي | 239 |
| ط: | طوطو | 240 |
| ظ: | ظاهر ذڪر ۽ ذهد | 242 |
| ع: | عاشق | 243 |
| | عاشق ۽ معشوق | 247 |
| | عالم | 248 |
| | عبرت ۽ حيرت | 249 |
| | عدالت | 251 |
| | عربي | 251 |
| | عزازيل | 253 |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | عشق | 254 |
| | عشق ۽ عقل | 279 |
| | عشق مجازي | 279 |
| | علي ع | 282 |
| | علي بحر واهه | 284 |
| | عيب ۽ ڏوهه | 284 |
| | عيد | 288 |
| غ: | غم | 288 |
| ف: | فرقا | 290 |
| | فقير | 291 |
| | فنا جو فرض | 295 |
| ق: | قالوبَلىٰ | 296 |
| | قرآن | 297 |
| | قضا ۽ فارغ | 299 |
| | قلب | 299 |
| ڪ: | ڪانڈ | 300 |
| | ڪربلا | 300 |
| | ڪردار | 301 |
| | ڪعبو | 303 |
| | ڪلمو | 306 |
| | ڪم الله جو | 309 |
| | ڪين | 309 |
| گ: | گُم | 311 |
| ل: | لا | 312 |
| | لامذهب | 313 |
| | لذّ | 313 |
| | لعل | 314 |
| | ليلا مجنون | 315 |
| م: | مارئي | 317 |
| | مان | 323 |
| | مٿ | 324 |


Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | مِتي | 325 |
| | مذهب | 325 |
| | مرشد | 326 |
| | مشين | 331 |
| | مصطفيٰ ﷺ | 331 |
| | مظهر | 332 |
| | معرفت ۽ ملاوٽ | 333 |
| | مُلان ۽ ذاڪر | 334 |
| | مُلان ۽ ماستر | 338 |
| | ملائڪ | 338 |
| | مَلهہ | 339 |
| | موت | 339 |
| | موليٰ | 340 |
| | مومل راڻو | 341 |
| | مهدي رح | 343 |
| ن: | نصيحت ۽ اميد | 352 |
| | نفس | 356 |
| | نفي ۽ اثبات | 360 |
| | نماز ۽ نياز | 361 |
| و: | واڻيو | 365 |
| | وضو | 366 |
| هہ: | هاري | 367 |
| | هٽ سُڃاڻڻ ۽ پسڻ | 367 |
| | هڪ | 368 |
| | همہ اوست | 369 |
| | هنج | 371 |
| | هي ۽ هُو | 372 |
| | هيٺ | 373 |
| | هير رانجها | 374 |
| ي: | يار | 378 |


Gul Hayat Institute

# مهاڳ

حق جي سچي طلب حق سان ضرور ملائي ٿي، مون سان بہ ائين ئي ٿيو 1988ع کان وٺي مون کي اها طلب بيقرار رکندي آئي تہ حق ڇا آهي؟ حقيقت ڪيئن آهي؟ ڇو تہ شيعا گهراڻي سان تہ منهنجو واسطو هو پر سُنيت کان بہ مون آگاهہ هُيس، ۽ صوفين درويشن لاءِ عقيدت ۽ محبت منهنجي دل ۾ هُئي. آئون شيعو ۽ سُني رهي چڪو هئس، پر حقيقت مون کي انهن ۾ نظر نہ آئي، نڪي ڪنهن مذهب مون کي متاثر ڪيو. نيٺ اوليائن جي درگاهن تي سوال ڪرڻ لڳس تہ هُو پنهنجي فيض سان مون کي سچي راهہ ڏيکارين. ڪاملن قُرب ڪيو جو مونَ کي اها توفيق ٿي، جو مون صوفين کي حق تي ڄاتو پوءِ مرحلو اهو آيو تہ انهيءَ راهہ تي ڪير وٺي وڃي؟ جڏهن بلها شاهہ رحمت الله عليہ (درگاهہ قصور لاهور) جو اهو شعر پڙهيم تہ ”بن مرشد ڪامل بُليا! تيڏي ڳيئي عبادت جي ڪيتي“ پوءِ ڳالهہ منهنجي ڪل ۾ پئي تہ مرشد ڪان سواءِ ڪجهہ ممڪن ناهي. انهن ڏينهن ۾ سرڪار فقير پاڪ جان محمد جانڻ چن سائين ۽ سندن درس تي حسين آباد (گدو، حيدرآباد) ۾ ڪُفر جو وڏو هُل هو پر اهو قُرب مون گناهگار عيبدار تي ٿيڻو هو مون ڪسي کي مرشد ڪامل ملڻو هو! ائين پوءِ جمعو 8 رجب 1411 هہ مطابق 25 جنوري 1991ع جي ڏينهن مون پاڳن واري کي پيارو ڳوٺ (ضلعو دادو) ۾ فقير سائينءَ جو ديدار نصيب ٿيو جنهن مقصد سان ويس اهو پنهنجي رحمت سان پورو ڪيائون. مون کي پنهنجو طالب ڪري محبت علي اسم ڏنائون. ٿورائتو سندن هڪ طالب ”منٺار علي“ (گل حسن ملاح، رهندڙ حسين آباد) جو آهيان ۽ رهندس، جيڪو قرب ڪري مون کي وٺن وٺي هليو هو.

جڏهن مرشد ڪامل مليو تہ اڳوٽا سڀ مونجهارا لهي ويا ۽ سندس فيض سان هوري هوري سموريون حقيقتون مون تي ظاهر ٿيڻ لڳيون. پاڻ ظاهر باطن منهنجي رهبري ڪندا آيا آهن. پاڻ کي ايڏي لڪ ۾ لڀپن ۾ رکيائون جو ڪوبہ سڃاڻي نہ سگهي. جيسين پاڻ پنهنجي سُڃاڻپ نہ ڏين.

فقير سائين سرڪار مولئ جانڻ چن جو ڪلام مبارڪ گنج آهي، پر تنهن جي صحيح لکت ۽ ڇپائيءَ جو ڪم بلڪل بہ ٿيل نہ هو نڪي سندن سوانح مبارڪ تي ڪو ڪم ٿيل هو پاڻ اهو ڏاج بہ مون عيبدار لاءِ رکيو ويٺا هئا. 1992ع جي ڊسمبر مهيني ۾ جڏهن پاڻ پنهنجي طالبن وٽ حسين آباد آيل هُئا، انهيءَ موقعي تي اهو اعلان فرمايائون تہ "اسان کان گهڻن ماڻهن ڪلام گهريو تہ ڏيو تہ ڇپرايون محبت وارن بہ گهريو طالبن بہ گهريو پر اسان ڪي اهو خيال هو تہ مهدي سرڪار هڪڙو اهڙو مرد پيدا ڪندو جيڪو اچي اهو ڪم ڪندو." مون عيبدار ڏي اشارو ڪندي فرمايائون: "توهان اُهي آيا آهيو لامذهب، مهدي توهان کي موڪليو آ اهو ڪم توهان ڪندؤ." فرمايائون: "هي اهو ڪم ڪندو ڪم انهيءَ ڪي ڏجي، جيڪو ڪم کي پنهنجو ڪري سمجهي ۽ محافظ ٿئي..." اها سندن رحمت سندن نگاهہ پاڪ، مون ۾ نہ اهو حال هو نڪي آهي. پاڻ چاڻن ٿا تہ نہ مون اهو ڪم ڪيو آهي، نڪي مون محافظ آهيان. ڪم ڪيائون بہ پاڻ ۽ پنهنجي ڪلام جا محافظ بہ خود پاڻ آهن، ٻيو ڪو ناهي. اهو فقط مون گناهگار ۽ عيبدار کي ڏاج سان نوازڻ آهي. 1992ع جي ٻارهين مهيني کان فقير سائين جن جو ڪلام ڪاٺ پڇي لڪي، اخبارن منجهہ ڇپرائڻ شروع ڪيم. انهيءَ سلسلي ۾ دوست سليم چنا جو ٿورائتو آهيان، جنهن فقير سائين جو پهريون تفصيلي انٽرويو 1992ع ۾ اخبارن منجهہ ڇپرايو هو. ياءَ سليم چنا (جيڪو پاڻ هڪ اديب ۽ شاعر آهي) جي ئي معرفت منهنجي حيدرآباد جي اخبارن ۾ جاڻ سڃاڻ ٿي. مالڪن جا ڪجهہ شعر بيت ۽ ڪافيون سال 1993ع ۾ اخبارن ۾ مستقل ڇپجندا رهيا. 1993ع فقير سائين پنهنجي مرشد پاڪ سرڪار حضرت امام مهدي شاهہ جهانيان رحمت الله عليہ جي عرس مبارڪ تي درگاهہ شاهپورجهانيان (مورو) تي فرمايو تہ پاڻ پنهنجي ڪلام جي نسخي جي دُرستي ڪرائي، پوءِ مون کي عنايت ڪندا. پاڻ انهيءَ ميلي مبارڪ جي ڏينهن ۾ پنهنجي ڪلام جي مجموعي کي "حق اثبات" نالو ڏنائون.

13 آڪٽوبر 1993ع تي آئون فقير سائين جن وٽ سندن آستان مبارڪ "فقير آباد" (لڳ ڳوٺ رڪيل پير، ضلعو دادو) تي. ويس انهيءَ ڏينهن پاڻ قرب ڪري پنهنجي ڪلام جو قلمي نسخو جنهن ۾ ڪجهہ

حياتي جو ٻه احوال هو منهنجي هٿن ۾ ڏنو ۽ فرمايائون ته ”جيئن ٻڌندا هئاسين ته فلاڻي جادوگر چيو: منهنجو طوطي ۾ ساهه آهي، ائين اسان جو انهيءَ ڪتاب ۾ ساهه آهي! پر هاڻ اهو توهان وٽ آهي، معنيٰ پاڻ وٽ آ“. اهو سمورو مواد ٻن لائين وارن پنجن ڪاپين تي درج ٿيل هو جنهن مان هڪ وڏي مُک ڪاپيءَ جي آخر ۾ سن 1967ع لکيل آهي. جنهن مان اها خبر پوي ٿي ته ڪلام جي لکت جو ڪم انهيءَ سال ۾ ٿيو. ٻه مک ڪاپيون انهيءَ دور جون لکيل آهن جن ۾ ڪلام جو گهڻو حصو درج آهي ۽ ٻيون ڪاپيون مختلف وقت ۾ لکيل آهن، جن ۾ ٿورو ٿورو ڪلام لکيل آهي. انهيءَ لکت جو ڪم فقير سائين جي محبت وارن ۽ طالبن جو ٿيل آهي، پر جيئن ته اهو ڪم باقائدگيءَ سان جاري نه رکيو ويو انهيءَ ڪري گهڻو ڪلام انهيءَ نسخي ۾ درج ٿيل نه هو ڇو ته فقير سائين جن نوان نوان شعر ٻه چوندا آيا. جيڪو ڪلام درج نه هُئو اهي پوءِ فقير سائين جن پاڻ درج ڪرايو. اهو نسخو ڪٺي مون موٽي آيس، جيئن ته ڪاپين جي حالت ڪجهه نازڪ هئي، انهيءَ ڪري سموري مواد جو فوٽو اسٽيٽ ڪرايم ته جيئن ڪم دوران اصل نسخو متاثر نه ٿئي. ڪاپين جا پراڻا جلد لاهي نوان چاڙهايم. سموري ڪلام جي پڙهڻ کان پوءِ خيال ۾ اها صلاح آئي ته سڄي شعر ڪي موضوع مطابق الف ب وار ترتيب سان رکجي ته ڪلامن جا جدا جدا موضوع ٻه نروار رهن ۽ پڙهندڙن لاءِ شعر ڳولڻ ۾ ٻه آساني رهي. جڏهن ڪلام جي مقدار تي نظر وڌم ته اهو احساس ٿيو ته سمورو ڪلام هڪ پيري ۾ ئي ڇپرائڻ ممڪن نه ٿيندو ڇو ته ظاهري خرچ جو مسئلو ٻه ڌيان ۾ رکڻو هو. انهي ڪري شروعات ۾ ڪلام ڪي پاڱن ۾ ڇپرائڻ جو سوچيم. جڏهن پهرين شماري جا موضوع ترتيب ڏيئي ۽ منجهس جيڪي شعر اڇڻا هُئا اُهي لکي ورتم ۽ پوءِ وري فقير سائين جن وٽ فقير آباد ۾ حاضر ٿيس. اصل نسخو ٻه ڏٽين ڪي موٽايم. جنهن ڪي نئين جلد ۾ ڏسي مالڪ سائين تمام راضي ٿيا. ڪلام جي ترتيب بابت عرض ڪيم: ”سرڪار هن ريت سيني ۾ صلاح وڏي آتَوَ“ تنهن تي ٻه پاڻ مڪمل رضامندي ڏيکاريائون، پوءِ پهرين شماري لاءِ سمورا ڪلام سندن حضور ۾ ظاهر پڙهندو ويس ۽ سرڪار فقير سائين تصديق ڪندا ويا. اهو طريقو هر شماري جي ڇپجڻ کان پهرين هلندو

سائينءَ جن آڏو رکي، جنهن کي پاڻ منظور ڪيائون. ڪلام جو ٽيون ڀاڱو آڪٽوبر 1994ع ۾ تيار ٿيو انهيءَ جون فقط ويهه ڪاپيون ڇپرايم ۽ فقير آباد وڃي پيش ڪيم. جيئن ته شمارا ٿورن صفحن تي مشتمل هئا. ان ڪري ٽئين شماري جي ڇپجڻ تائين ڪلام اڃا به نه ڇپيو. پوءِ اهو خيال ٿيو ته هاڻ گهٽ ڀاڱن ۾ ئي سمورو ڪلام ڇاپڻ جي ڪوشش ڪجي. ائين پوءِ مارچ 1995ع کان چوٿين شماري لاءِ ڪم شروع ڪيم. جنهن ۾ بقايا سمورو ڪلام آڻڻ جو رٿيم. ائين پوءِ سمورو ڪلام تصديق ڪرائي. نوان ڪلام شامل ڪري، اهو شمارو جون 1995ع ۾ تيار ڪري، 14 سفر 1416 هه مطابق 13 جولاءِ 1995ع وڃي فقير سائينءَ جي حضور موندر لاڪا ۾ پيش ڪيم. انهي موقعي تي سرڪار جن تمام راضي ٿيا ۽ گهڻائي ڏاج ڏنائون. اِئين ڪلام "حق اثبات" جي دُرستيءَ ۽ ترتيب جو ڪم مڪمل ٿيو ۽ خوشيءَ جي ڳالهه اها جو سمورو ڪم سرڪار جن جي ظاهر موجودگيءَ ۾ سندن مرضيءَ سان ٿيو. 1996ع جي شروعات ۾ ئي هاديءَ اها صلاح من ۾ وڌي ته "حق اثبات" ڪلام کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ ڇپرائجي. انهيءَ سلسلي ۾ ڇنڇر 14 جمادي الاول 1417 هه مطابق 28 سيپٽمبر 1996ع کان ڪم جي شروعات ڪيم. هادي سائين فقير جاڻڻ چڻ منهنجي سيني ۾ رسالي بابت هڪ اهم ڳالهه وڌي ۽ اُها اِها ته ڪتاب ۾ سندن مرشد سرڪار مهدي پاڪ جهانيان رحمت الله عليه بابت احوال ڏيڻ اهم ترين ڪم آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪتاب جو ڪو مقصد نه ٿيندو. انهيءَ اهم ۽ غير معمولي ڪم لاءِ گهڻيون ئي صلاحون مون کي مليون ۽ ڏس به مليا. پر منهنجي سيني هادي سائين چيو: "توکي ته ڏسيو اٿم نه؟ پوءِ جڏهن اهو سر پاڻ وينو آ ته تون انهيءَ جي ظاهر حضور وڃ، ٻئي پاسي نه." ائين پوءِ انهيءَ امر سان مراد علي خاصخيليءَ سان گڏجي ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي (سوڀو ديرو) 9 نومبر 1996ع جي ڏينهن سرڪار پاڪ مهدي شاهه جهانيان جن جي حضور پهتس. سرڪار مهدي پاڪ ظاهر ۾ حضرت سيد موج درياءِ شاهه جهانيان جا فرزند ۽ سرڪار امام مهدي شاهه جهانيان رحمت الله عليه جا پوٽا آهن. سرڪار مهدي مولي سائينءَ جي حضور مون پنهنجو عرض رکيو جنهن کي پنهنجي رحمت سان منظور

فرمايائون ۽ بي حساب محبت ڏنائون. جنهن جي لائق هي گناهگار بندو نہ هو. ائين پوءِ 22 رجب 1417 هہ مطابق 4 ڊسمبر 1996ع اربعا جي ڏينهن، جڏهن مون عيبدار شاهپورجهانيان ۾ سرڪار مهدي موليٰ وٽ حاضر ٿيس تہ مون کي سرڪار امام مهدي پاڪ جهانيان سائين جي ٽن جهوني طالبن سان ڪچهري ڪرڻ جو امر فرمايائون. اُنهن طالبن جا اسم هن ريت آهن: فقير ارشاد علي ملاح، فقير نسنگ علي ۽ فقير رحمت علي. پاڻ فرمايائون تہ "توهان انهن سان ڪچهري ڪيو. انهن سرڪار جن سان گهڻو وقت گذاريو. توهان جي انهن سان ڪچهري تمام سڪسيسفل ثابت ٿيندي". پوءِ انهن درويشن سائين سان مون عيبدار کي ڪچهري نصيب ٿي، جن مان مون مخصوص احوال لکيو ۽ وري اهو سرڪار مهدي سائين جن پاڻ منهنجو لکيل احوال پڙهيو ۽ تنهن کي منظور پڻ فرمايو ۽ اجازت بہ ڏنائون تہ اهو احوال پلي فقير جانڻ چن سائين جي ڪتاب ۾ ڏجي ۽ منهنجي تمام همت افزائي ڪيائون. اها سندن ٻاجهہ ۽ رحمت جو مون ڪچي ڪميٽي جو سوال پورو فرمايائون. ڪوشش اها هئي تہ ڪتاب فقير سائينءَ جي پهرين عرس مبارڪ تائين ڇپجي تيار ٿي وڃي، پر جيئن خود مالڪ کي منظور.

فقير جانڻ چن سائينءَ جي ڏهٽي ۽ طالب سائين ديدار علي بہ ڪم جي آخر ۾ منهنجي هڪ اهم نقطي تي رهبري ڪئي، تن جو بہ مون شڪر گذار آهيان.

منهنجي والد صاحب جناب ظفر ڪاظميءَ بہ منهنجي گهڻي مدد ۽ همت افزائي ڪئي، جيڪا آئون وساري نہ ٿو سگهان. آخر ۾ آئون سائين عبدالغني پاتولي، پنهنجي دوست حسين بخش سولنگي ۽ فياض حسين ڏومڙو ۽ ڪتاب جي ڪمپوزر تنوير احمد جو نالو ڄاڻائڻ ضروري سمجهان ٿو جن پوري دل سان منهنجو ساٿ ڏنو. منهنجي مرشد پاڪ جي در تي شل مون عيبدار جي ڪوشش قبول پوي (آمين).

پنهنجي مرشد جي در تي سگ ٿي گذارڻ جو طلبگار

30 شعبان 1417 هہ مطابق 10 جنوري 1997ع

ياور علي ڪاظمي ـ محبت علي

ڏ ميوزيم ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ

## حق موجود - سدا موجود

جهانيان مالڪ جهان جو پيا سڀ نوڪر
"مهدي" "محمد" هڪڙو عالَم جي آڌر
لَحمَڪ لَحمِي جسمَڪَ جِسمِي دَمَڪَ دَمِي رُوحَڪَ رُوحي
هڪڙو موليٰ عليءَ جو سِر
حَسن حُسين هڪڙو وائي جو آ وَر
جاڻ چن اِن پَر، آسري اُنهيءَ جي

Gul Hayat Institute

مهدي هُو مهدي هذا، مهدي "خلق الله آدم اعليٰ صورت"
"مڪو" تيرت بالا سرڪار آ مهدي

جوئي "احد" سوئي "احمد"، جوئي "محمد" سوئي "مهدي"
مليو مون سان، ڪليو مون سان، ڪيو مونکي تيار آ مهدي

"شريعت" ۽ "طريقت" جو "حقيقت" ۽ "معرفت" جو
مليو مالڪ، حقي آ حق، تنهن ۾ نہ شڪ، متو مهندار آ مهدي

ڪثرت ۾ "پنج"، "ٻارهان" چيا، "چوڏانهن" وچن ٿا پيا
وحدت ۾ آهي واحد، فرقان شاهد، ٿيو اظهار آ مهدي

"محُيِط" مُلڪ آ تنهن جو ڏنم هر جاءِ اهو هڪڙو
"گنگا جمنا"، "عربستان" "بندرابن" ۾ اهو اسرار آ مهدي

گهماياڻين هر گهر مون کي، چڪر چوڏهن طبقن جو
لکين آتار، لکين پاتار، سارو سنسار آ مهدي

"جانڻ چن" چوي مليو مهدي، ويا سڀ خوف ۽ خطرا
هتي هُتڙي قبر، قيامت، ملي رحمت، معافي مختيار آ مهدي

Gul Hayat Institute

شڪر الحمدالله "مهدي" مين گهر آيا، "مهدي" مين گهر آيا
"محمد" مين گهر آيا، ميڏا مُرشد مين گهر آيا

- مين هان ڪوجهي ڪملي، ٻلي ٻال ٻلايا
- مين هان ٻانهيان دي ٻانهي، ٽيئڙم سانگ سجايا
- مين هان سگ سگان دي، مالڪ جُهل جُهلايا
- مين هان ڪم ڪنيزڪ، ڊولي ميڪون ڊڪايا
- "شاهپور" مَڪا مدينہ! ميڳون حج ڪرايا
- "جانڙ چَن" ٻنگياڻي، پَرورَ هي پهرايا!

Gul Hayat Institute

يلا ياڳ پينر! "مهدي" مهندار آيو
ڪُفر مئون اَچي جِنهن اِسلام آ جاڳايو

اَصل ذات ذاتي، آيو مَنجهه صفاتي
ظاهر باطن لغاتي، "آدم" اَچي سڏايو

اڳي عدم ڪئون اعليٰ، ٿيا صفاتي نالا
بڙچون، بان ۽ پالا، جنهن عام کي هٿايو

اوڪو ميدان آهي، ڳوپا ايندا ڪي ڪاهي
سيڪنهن جي جاءِ ناهي، سڏڙين سِرُ لِڪايو

"جانڻ چَن" گهوري، سِرڙو ڏنائين سوري
ڏاتر آندر ڏوري، ميدان تنهن ملهايو

Gul Hayat Institute

مهدي مهندار آهين، صوفي سچو حُسيني
تو ۾ آ سرُ سمايو صُورَت آهين رَبّاني

تنهنجو لقب "جهانيان"، جهان تنهنجو خادم
تون آن ذاتي ظهُورو اولي آئين تي "آدم"

توڪي صوفي سڃاڻن، جن جي نظر نُوراني
"لامڪان" ۾ وسين تون "لاهُوت" ۾ لاثاني

"ملڪُوت" ملڪ تنهنجو "جبرُوت" منجهه جاني
"ناسَوت" "هاهُوت" هَر جاءِ، آخفا آسيرا باني

تو وٽ ٽڪيڻُون آهن، لاحَد ۾ ٿيون پهچائن
پاسُون تنهنجون پيارا! پَل پَل پرين پَسائن

تنهنجي آ طالبَن تي، هر وقت مهرباني
"جانڻ چن" ڪي ساقِي! وحدت جو جام پيارِيئي

مُردا، زندا ڪيو تو مُئَل جسم جيئارِيئي
عشق جي اچي وئي مون وٽ نئين جواني!

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

تيڏي مين هان پنگياڻي، ٻهاري دار ٻانهي
مين ڪنون منهن نہ مٽين مهدي دلبر جاني!

منگسان مين نہ مزوري، تئين ڪنون ڏول! مهينا
تيڏي صورت ڪافي، ميڪون پاڪ پيشاني

تيڏي در تي جو آيا، خالي تئين نہ ولايا
سارا مقصد پايا، لٿي هوري حيراني

تيڏي در تي پيان ڪيئي، لکين جهاڙُو جهڙيندڀان
”جاڻ چن“ هي تيڏي، ٻانهيان دي ٻانهي

# مرشد پاڪ سرڪار

# فقير سيد امام مهدي شاهہ جهانيان رحمة الله عليه

سرڪار فقير سيد امام مهدي شاهہ جهانيان رحمت الله عليہ جن جو جنم مبارڪ سيد امام بخش شاهہ جهانيان رحمت الله عليہ جي گهر اقدس، شاهپورجهانيان ۾ ٿيو. حقيقي راهہ جي سفر ۾ پاڻ پنهنجي والد صاحب جا طالب ٿيا.

هڪڙيءَ رات سرڪار جن گهوڙي تي سوار ٿي ڪيڏانهن سير جي خيال سان نڪتا. واٽ ويندي ڪين پويان گهوڙن جي سُنبن جو کڙڪاٽ ٻُڌڻ ۾ آيو جڏهن پاڻ پوئتي نهاريائون تہ ڏٺائون جو تہ ٻہ گهوڙي سوار اچن پيا، جن اچي سرڪار جن جي بازو مبارڪن ۾ هٿ وڌو ۽ چيائون: "يار اچا بہ نہ ٿا مُڙوا ٻين ڳالهين کي ڇڏيو. پنهنجي اظهاري ڪيو." سرڪار جن چيو: "توهان پنهنجو تعارف ڪرايو." تعارف مان ڪين معلوم ٿيو تہ اهي گهوڙي سوار حضرت امام حسن عليہ السلام ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام هُئا. انهيءَ واقعي ڪانپوءِ سرڪار جن بنا ڪنهن کي ڏس ڏيئي، محو خيال تي، "عدم سلطان (ڪوٽ ڏيجي)" ڏانهن جبلن ۾ هليا ويا. جتي وڃي هڪ غار ۾ عشق الاهيءَ جي ڌُن ۾ مگن رهيا. اتي ڪين ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪنهن آرام ڪان سواءِ ٻارهان (12) ڪان سورهان (16) سال گذري ويا. انهيءَ دوران سندن ڳولا جاري رهي. نيٺ سندن وڏا ڀاءُ هادي سائينءَ جن رحمت الله عليہ وڃي ساڻن مليا. يقينن انهيءَ نفي جي حال ۾ سرڪار جن جو جسم مبارڪ تمام نازڪ ۽ نفيس ٿي چڪو هو. انهيءَ ڪري ڪين تمام خيال سان اتان ڪڍائي آندو ويو. ڪئي ڏينهن تہ سندن چپن مبارڪن تي پاڻي مليو ويو ۽ گهڻائي مهينا ڪين ماني جي بوءِ بہ نہ وڻندي هئي. انهيءَ سخت نفي ڪانپوءِ سرڪار پاڻ گيڙو رنگ جا الفا ۽ جاما پائڻ لڳا. پيرن مبارڪن ۾ چيريون ٻڌائون. بيٺڪ هميشہ هيٺ ئي رکيائون.

Gul Hayat Institute

پنهنجن بنگلن کي ڇڏي، ڪکن جي ڇپرن ۾ وٽن هيٺ ويهڻ لڳا. انهن جبلن ڏانهن وري بہ وڃڻ جاري رکيائون ۽ گهڻو وقت اتي ئي گذاريندا هُئا. اُتي سندن رهڻ پنجويهہ کان ٽيهہ سال تائين رهيو. پاڻ سادات گهراڻي مان شادي ڪيائون ۽ کين اولاد ۾ هڪ فرزند عطا ٿيو جن جو اسم مبارڪ "موج درياء" رکيائون. جڏهن اهي سادات پاڪ وفات ڪري ويا، تنهن ڪانپوءِ پاڻ ڳوٺ مِٺوءَ وڳڻ (تعلقو نوشهرو) جي هڪ وڳڻ گهراڻي مان شادي ڪيائون، جنهن مان کين ڪوبہ اولاد نہ ٿيو. عدم سلطان وارن جبلن ۾ اهو وقت گذاري، سرڪار جن "ڪوٽ ڏيجي" کان ٿنڊي مستي روڊ سان، ميرواهہ جي پل هيٺ اچي آستانو قائم ڪيو. اُتي پاڻ ڏلا ڪٽي ٿلو اڏايائون. (اهو ٿلو ۽ ڪڏ اڄ تائين موجود آهي) پاڻ اتي دونهو دکائي ويٺا. انهيءَ دور ۾ مير علي مراد خان رياست جو وڏو هو. مير صاحب مذهبي ماڻهو هُئا. جڏهن خلق جو لاڙو سرڪار جن ڏانهن ٿيڻ لڳو تہ ڪن ماڻهن وڃي سارو حال ميرن سان ڪيو تہ "هڪ فقير سيد آ، جيڪو نہ نماز پڙهي، نہ ڪا ظاهر عبادت، فقط فقراهي رنگ رچايو ويٺو آ. ماڻهو بہ ڪيس تمام مڃن ٿا". انهيءَ باهہ ۾ مير صاحب سرڪار جن جي فقيري آزمائڻ ۽ سندن شان گهٽائڻ لاءِ ٽي (3) ٻلاٽيون عورتون سينگار ڪرائي، سرڪار جن ڏانهن موڪليون. جڏهن اهي سندن آستاني ڏانهن آيون پيي تہ هنن پُل تان هيٺ سرڪار جن جي آستان ڏانهن نهاريو ۽ ڏٺائون تہ سرڪار جن پنهنجي طالبن سان آهن، جڏهن اهي عورتون آستان تي پهتيون تہ عجب منظر ڏسڻ ۾ آين. ڏٺائون تہ سرڪار جن جو جسم مبارڪ ڇڻ تہ ڪٽو پيو آهي. سر مبارڪ جدا تہ ڌڙ مبارڪ جدا جدا حصن ۾ پيو آهي. اهو منظر ڏسي هي خوف کائي پوئتي موٽيون ۽ وري جي پُل تان بيهي هيٺ آستان ڏانهن نظر ڪيائون تہ سرڪار جن کي ثابت پنهنجي حال سان ڏٺائون. جيئن تہ هي عورتون ڪنهن مقصد لاءِ پڙهايل هيون تہ هنن وري بہ جُرئت ڪئي ۽ واپس آستان ڏانهن آيون. هاڻ جڏهن پهتيون تہ سرڪار جن کين نانگ جي روُپ ۾ ڏيکاءَ ڏنو ۽ هو ساڳي ريت ڊپ ۾ پوئتي ڀڳيون، پر وري جي مٿان وڃي نهاريئون تہ سرڪار مولي کي سندن اصل حال جامي ۾ ڏٺائون، هنن ايڏي حال مان

Gul Hayat Institute

ٻه هدايت نه ورتي ۽ وري ٻه ساڳيءَ نيت سان موٽي آيون. هن ڀيري سرڪار مهدي پاڪ جلال مان ٻٻر شير ٽي ڪين ڏيکاءَ ڏنو ۽ هن ڀيري هنن ۾ ايتري جرئت ۽ همت نه رهي جو وڌيڪ ڪو قدم کڻن. هي عورتون اتان ڀڄي ويون ۽ وڃي ساري حقيقت مير صاحب سان سليائون. هو مذهبي ڪٽر پڻي وارا هئا. سو هنن وري ٻيو مڪر ٺاهي، هڪ شخص کي سوالي ڪري سرڪار جن ڏي موڪليو. جنهن اچي سرڪار جن کان امام حسين عليہ السلام جي واسطي پنج روپيا گهريا. تنهن تي پاڻ فرمايائون: "پئسا اَسان وٽ ڪونهن ڪي، باقي سر حاضر آ! ڪاٽي هلي بيهار اسان کي ته تو کي عيوض پنهنجي سر جي پئسا ڏيون" هن شخص اهو ٻڌي سرڪار جن کي اتان وٺي وڃي ڇهه (6) ميل جي پنڌ تي، ٽنڊو مستي اسٽيشن تي، هڪ هندو بابوءَ وٽ سرڪار جن کي جهلي ڇڪڻ جي ڪم تي بيهاريو. سرڪار جن هن کي پئسا وٺي ڏنا ۽ پاڻ جهلي ڇڪڻ جي ڪم کي لڳي ويا. ٽي ڏينهن گذري ويا، جو پوءِ سندن طالب عبدالمجيد ملاح (هي ميرن جو جمعدار ٻه هو ۽ سرڪار جن جو رياضتي ٻه هو) سرڪار جن کي ڳوليندو اچي اُتي پهتو ۽ اَچي انهيءَ واٽئي کي چيائين: "خبر ٿئي تنهنجي جلهي ڪير تو پيو ڇڪي؟" هن وراڻيو: "مون کي هڪڙو پنجن روپين تي کپائي ويو آ." تنهن تي سرڪار جن جي طالب چيو: "هي سرڪار مهدي امام اٿئي!" اهو ٻڌي واٽئي چيو: هن کان بي خبري ۾ غلطي ٿي وئي ۽ هاڻ هن پئسا ٻه پنهنجا ڇڏيا: تنهن تي سرڪار جن فرمايو: "پئسا پنهنجا وٽ" اِئين پوءِ هن کي پئسا ڏياريائون.

سرڪار فقير پاڪ مهدي سائين رحمت الله عليہ جن جي در مبارڪ تان ڪڏهن ٻه ڪو سائل خالي نه موٽيو. ڀلي سوال روحاني دولت جو ڪٿي اچي يا دنياوي دولت جو. هڪ ڀيري "مهرو زنگيجو" نالي هڪ شخص ڪربلا معليٰ زيارت لاءِ ويو جتي، وڃي جمعي جي نماز ٻه پڙهندو هو. اُتي هن پيش امامي ڪنڊڙ هڪ درويش حال شخصيت جو ديدار ڪيو جڏهن ماڻهن کان انهيءَ صورت مبارڪ بابت دريافت ڪيائين ته ڪيس صرف ايترو ٻڌايو پيو ته هي شخصيت پاڪ "سنڌ" مان آيل آهي هن شخص کي انهيءَ صورت گهائي وڌو

پوءِ هُو جيئن ئي سنڌ ڏانهن وريو، تئين ئي انهيءَ صورت جي ڳولا ۾ لڳو. ڪئي درگاهون ڦرندي ڦرندي نيٺ اچي سرڪار جن جي "تڪيئي" (سوپوديرو) ڪان ميل ڪن جي پنڌ تي اچي سندن آستاني تي نڪتو. سرڪار جن پنهنجي فقراهن سان ويٺا هئا. جو هن شخص کي پري کان ئي ڏٺائون ۽ فقيرن کي فرمايائون: "اسان اچون ٿا، پر توهان اٿجو نه" پاڻ اِئين فرمائي ويا ۽ وچي لڪ ڪري اچي پنهنجي طالب جي پير ۾ ويهي رهيا. هن شخص ڪچهريءَ ۾ ويٺي، هر صورت ڏانهن پئي نهاريو. تان جو سرڪار جن جي صورت مبارڪ سڃاڻي ويو ۽ بي اختيار ٿي سڌو مالڪن جي قدمن ۾ پيو. تنهن تي سائينءَ جن فرمايو: "ادا اسان کي ڇو ٿا پيرين پئو؟" تنهن تي هن وراڻيو: "سائين ! توهان مون کي ڪربلا ۾ پيش امام ٿي نماز پڙهائي آ" پاڻ فرمايائون: "ادا اسان ڪربلا ويائي ڪون آهيون. نه نماز ئي پڙهائي اٿئون تون ڀُليو آن" هُن ديواني عرض ڪيو: "سائين مون توهان کي سڃاتو آ. توهان پلي لِڪ ڪيو!" نيٺ سندس سچي سڪ کي ڏسندي سرڪار پاڪ کيس پنهنجو طالبِ ڪيو ۽ "معراج علي" اسم سان نوازيائونس.

هڪ ڀيري ڳوٺ مير خان شاهاڻي ۾ سندن جهوڪ تي هڪ شخص ايڪويهه (21) سئو جو سوال کڻي آيو. اهو ارادو ڏسي سرڪار جن جي طالبن کيس سائين جن سان ملڻ کان روڪيو ۽ کيس ويهاري ڇڏيو. جنهن مهل ننگر جو وقت ٿيو انهي مهل هن شخص ننگر کائڻ کان به انڪار ڪيو. تنهن تي سرڪار جن کيس گهرائي، کانئس پڇيو ته کيس ڇا درڪار آهي. تنهن تي هن سارو حال سليو ۽ پئسا به گهريائين. تنهن مهل مالڪن پنهنجي هڪ طالب جي گودڙيءَ ۾ هٿ مبارڪ وجهي منجهانس کيس ايڪويهه سئو ڪڍي ڏنا. هڪ سئو مٿان وڌيڪ ڏنائونس ۽ فرمايون: "هي توهان کي خرچي آهي. ڇو ته اسان جي فقراهن توهان کي ڇڙٻون ڏنيون" پوءِ کيس پنهنجو ننگر به کائڻ لاءِ ڏنائون. سرڪار پاڪ هڪ ڏينهن پنهنجي ڏونئين (ڪوٽ ڏيجي) واري آستاني تي ويٺا هئا، جو اُتان ڪي جمعدار سپاهي ڪجهه قيدين کي مزدوري لاءِ وٺيو پي ويا. سرڪار جن پنهنجي فقراهن کي چيو ته هو هنن کي وٺي آچن. پاڻ فرمايائون: "جمعدار ۽ سپاهي

ٻاهر ويهن“ باقي قيدين کي سرڪار وٽ آندو ويو. انهن قيدين مان ٻن چئن کي ڏهه ڪان ويهه سال جي سزا مليل هئي ۽ هڪ ڄڻي کي عمر قيد مليل هئي. سرڪار جن ڪين فرمايو: ”توهان به قيدي آهيو اسان به قيدي آهيون! ٿوهان ڏوهي آهيو عوام جا ۽ اسان ڏوهي آهيون عشق جا. هاڻ توهان جي وعدو ڪيو ته وري ڏوهه نه ڪندؤ ته مولي ڪندو توهان کي معافيون ملي ويندييون.“ انهن ٽن مان ٻن چئن ته انڪار ڪيو باقي هڪ قيدي جنهن کي عمر قيد مليل هئي، انهيءَ سرڪار جن سان وعدو ڪيو. انهيءَ مختصر ڪچهريءَ ڪانپوءِ هو پنهنجي ڪم تي هليا ويا. ڏينهن ٻه گذريا جو انهيءَ قيدي جنهن تي عمر قيد جي سزا هئي ڪيس معافي ملي وئي! هو بي انت خوشي سان سرڪار جن ڏي آيو سرڪار پاڻ فقراهن سان ويٺا هئا. انهيءَ کي ايندي ڏسي فرمايائون: ”هي ماڻهو جيڪو اچي ٿو سو سڃاڻو ٿا؟“ جنهن تي فقراهن وراڻيو: ”مولي هي اهوئي همراهه آهي، جنهن کي عمر قيد مليل هئي ۽ جنهن توهان سان وعدو به ڪيو هو.“ سرڪار جن هن شخص کي نوان ڪپڙا، لُنگي ۽ سئو روپيه خرچي به ڏني ۽ فرمايائونس: ”ادا تو مان مائٽ ته آسرو پلي ويا هُوندا! هاڻ تون انهن ڏي وڃ.“

اُچ شريف درگاهه حضرت شير شاهه جلال قطب ڪمال سرُخ بخاري رحمت الله عليہ جو گادي نشين نالي احمد شاهه انهيءَ دور ۾ سنڌ ۾ اچي رهندو هو ۽ سفر به ڪندو هو. سنڌ جي سيدن ۽ شيخن ڪان نذر به وٺندو هو ۽ سيدن ڪان شجرا به پڇندو هو. ساڳي مقصد سان سندس موري اچڻ ٿيو. اُتي سندس مريد به هئا. اتان ڪان هو درگاهه سيد حسن شاهه جهانيان رحہ سائين جي تي شاهپورجهانيان آيو. اُتي اچي سرڪار مهدي پاڪ جن سان مليو ۽ انهن ڪان پڇيائين: ”توهان ڪهڙي امام جا اولاد آهيو؟“ سرڪار جن ورندي ڏنس: ”اسان غلام آهيون“. اهو جواب ٻڌي ۽ سرڪار جن جو فقيري حال ۽ رنگ ڏسي وڃي درگاهه سيد حسن شاهه جهانيان رحہ جي سجاده نشين سرڪار مهدي سائينءَ جي ڀاءُ سيد هادي بخش شاهه جهانيان سان مليو ۽ شڪايت ڪيائين ته. ”اسان ٻڌو آ ته توهان جهانيان خاندان مان آهيو پر هو سائين انهن وٽ نشو پتو ۽ ساز اهي سڀ شيون جيڪي شريعت

Gul Hayat Institute

۾ جائز ناهن، اهي هن وٽ ڇو آهن؟ هو پنهنجو شجرو بہ نتا ڏسين؟“ انهيءَ ڳالهہ تي سائين هادي بخش فرمايو: ”جڏهن هو انهيءَ ڳالهہ جي ڪا دعويٰ ئي نتا رکن تہ پوءِ اسان هنن کي ڇا چئون؟ باقي اسان ۾ توهان ڪا اهڙي ڳالهہ ڏسو تہ چئو.“ انهيءَ ملاقات کان پوءِ احمد شاهہ جو شاهپورجهانيان ۾ اچڻ وڃڻ شروع ٿيو. هو اڪثر ڪري فقراهي ڪچهرين ۾ بہ ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ محمد فقير ڪتياڻ رحہ (وفات 1359 هہ درگاهہ ڳوٺ موسيٰ ڪتياڻ، ضلعو حيدرآباد) جو سرڪار مهدي پاڪ وٽ رهڻ هوندو هو ”سيد علي شاهہ“ سهڪجي وارو (سهڪجي لڳ رڪ اسٽيشن، لکي غلام شاهہ) محمد فقير ڪتياڻ رح جو طالب هو. اها ڳالهہ ڄاڻي احمد شاهہ تمام گهڻو اعتراض ڪيو تہ ”هڪ ’سيد‘ ’ڪتياڻ‘ جو طالب آ“ احمد شاهہ، محمد فقير ڪتياڻ رحہ سان اُتي بي ادبي ڪئي، جنهن تي سرڪار مهدي پاڪ تمام ناراض ٿيا ۽ ڪيس انهيءَ مهل ئي تڙي ڇڏيائون. هو بہ اُتان چڙي ۽ بخيل ٿي نڪري مورو ڏانهن وريو پر ڪُجهہ ڏينهن گذرڻ کانپوءِ ڪيس سندس ضمير ملامت ڪئي ۽ هن کي اچي عشق بيقرار ڪيو پوءِ هي تائب ٿي سڌو سرڪار جن وٽ پيش پيو ۽ زاري ڪري سندن طالب ٿيو ۽ سرڪار جن جي شان ۾ هي ڪلام چيائين:

ڪلام: سنڌ اندر آڌوت ڏنوسي، مهدي سائين مردان
گهمندي ڦرندي محب مليوسي، عاشق عاليشان
ڇوڙڪي شاهي شاهان والي، مست ڪڙا ميدان
آتش عشق اويڙي والي، نانگا ٿيا نيشان
احمد ”محمد مهدي“، منور مُدامي ميخان

ڳوٺ ”پاناٽو“ (لڳ سوپوديرو) وٽ سرڪار جن جي زمين هئي. اُتي پاڻ هڪ ڏينهن فرمايائون: ”جنهن کي ونڊ ونڊو آ اُهو هُتي ميخانو اڏي ويهي“ جنهن ماڳ بابت چيائون، اُها زمين سرڪاري هئي. ڪچهريءَ ۾ ويٺلن مان هڪ شخص جنهن جو نالو موٺل لاڙڪ هو اُهو اُتي ٻينو ۽ عرض ڪيائين: ”سرڪار مان ويهندُس.“ تنهن تي پاڻ فرمايائون: ”گهر ڇڏڻو پوندئي!“ هن عرض ڪيو: ”هائو سائين! گهر

Gul Hayat Institute

ڇڏيندس.“ پوءِ انهيءَ ڪي ان ڏينهن ئي طالب ڪيائون. پوءِ انهيءَ آستاني تي سندن اچڻ ۽ رهڻ بہ هوندو هو. (هاڻ انهي جاءِ تي سندن تڪيئي مٿان درگاهہ آهي).

سرڪار سيد امام مهدي شاهہ جهانيان رحہ سائين پاڻ پڻ بي حساب ڪلام چيو آهي. جنهن جو ڪو اندازو ناهي. سندن فيض مان بي شمار فيضياب ٿيا. پاڻ حقيقي راهہ تي بہ بي شمارن کي گامزن ڪيائون. سندن طالبن جو تعداد ڄاڻڻ ممڪن ناهي، پر ڪُجھ مخصوص طالبن جا نالا هت پيش آهن:

1_ سيد علي ”شير علي“ شاهہ جهانيان رحہ

(سرڪار مهدي پاڪ جا پاٽيا بہ آهن ۽ درگاهہ جا گادي نشين بہ ٿي گذريا آهن. سندن مزار درگاهہ حسن شاهہ جهانيان (شاهپور) ۾ آهي).

2_ صادق علي ڪنير (ڳوٺ لاڪا، تعلقو گمبٽ)

3_ بخش علي ڪوريجو (ڳوٺ محمد مشائخ، تعلقو گمبٽ)

4_ نور علي عرف مظهر لاڪو (ڳوٺ لاڪا، تعلقو گمبٽ)

5_ مشتاق علي ڪوسو (نوشهروفيروز)

6_ عبد علي وگڻ (مِٺوءَ جو ڳوٺ، نوشهروفيروز)

7_ عبد علي ملاح (درواڻ_ گمبٽ)

8_ نانگو ”سوز علي“ وگڻ (شاهپور جهانيان)

9_ نظر علي وگڻ (شاهپور جهانيان)

10_ جانڻ چن ” صادق علي“ (درگاهہ موندر لاڪا، تعلقو وارهہ)

جڏهن سرڪار جن جي ڀاءُ سائين هادي بخش جهانيان هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، تنهن ڪانپوءِ پاڻ درگاهہ جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيائون. پنهنجي هٿن مبارڪن سان روضي جو ڪم ڪيائون. اهو پاڪستان جي ٺهڻ وارو دور هو.

سرڪار جن جي عمر سئو سالن کان ڪافي مٿي هئي. پاڻ هڪ ڏينهن پنهنجي طالب غلام رسول شاهاڻي ”خريد علي“ جي بنگلي تي هُئا، جتي ڪين ظاهر جو تمام سخت بخار هو ايتري قدر جو پري بيٺل بہ جسم پاڪ جي تپش ۽ تاب محسوس ڪري پيو سگهي. اهو رنگ ڏسي سندن هڪ طالب زاروزار روئڻ لڳو. تنهن تي پاڻ فرمايائون: "ادا

مري فقير جو آڱوٺو بہ نہ مرنداسين آسان ڪون. باقي پيڇرو پراڻو ٽي ويو آ، جامو مٽينداسين. ٻاراڻي ٻوجهہ ايندا سين، سُڃاڻن وارا سڃاڻيندا. ڪوڙن ۽ سچن جي پوءِ خبر پوندي“

انهيءَ ظاهري علالت ڪانپوءِ سرڪار جن تمام سيلاني رهيا. پاڻ گهڻو وقت سفر ۾ ئي گذارڻ لڳا. اٽين پنج ڇهہ مهينا گذري ويا، انهيءَ وچ تي پاڻ ڪائڻ پيئڻ ويتر ئي گهٽائي ڇڏيائون. هڪ ڏينهن پاڻ ڳوٺ مير خان شاهاڻي لڳ درازا شاخ تي، پاڻ کي غُسل ڏنائون ۽ جيڪو ڪجهہ سامان ساڻ هُئن، اُهو اتي ئي مستحقن ۾ ورهايائون. انهيءَ ئي رات گهڻي دير سان سرڪار جن پاڻ پنهنجي ڪجهہ فقراهن سان ويٺا هئا. جو آسمان ڏانهن هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو اهو ٻڌي سرڪار جن مُسڪرايا. انهيءَ ڌماڪي سان هڪ ڪڪري ٿي بيهي رهي، پوءِ تقريبن فجر جي وقت کان ڪُجهہ ئي اڳ، پاڻ ويٺي ئي پنهنجي جسم مبارڪ مان پرواز ڪيائون.

پوءِ اُتان جيئن قافلو سندن جسم پاڪ سان گڏ هليو تہ اُها ڪڪري بہ قافلي سان گڏوگڏ سنهي قوار ڪندي هلي، ويندي درگاهہ پاڪ شاهپور جهانيان تائين اها ڪڪري اِئين وسندي آئي. اِئين 21 رجب 1388 هہ (مطابق 1968ع) پاڻ وصال ڪيائون. سندن مزار مبارڪ درگاهہ سيد حسن شاهہ جهانيان (شاهپورجهانيان، تعلقو مورو) ۾ آهي. حتي هر سال رجب جي مهيني ۾ عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

# صُوفي فقير جانڻ چن صادق علي رحمة الله عليه

## "چن" ذات بابت مختصر احوال

تاريخ ۾ جي هڪڙي ئي ناليِ جون ٻه شخصيتون ٿي گذريون هجن ته پوءِ گهڻوئي مونجهارو ٿئي ٿو. سنڌ جي تاريخ ۾ "ڄُڻي" نالي ٻه شخصيتون ٿي گذريون هڪ "ڄڻو عمراڻي" ۽ ٻيو "ڄُڻو آمراني"- ڄڻو عمراڻي انهيءَ دور ۾ ٿي گذريو جنهن دور ۾ لعل شهباز قلندر رحه اچي سيوهڻ ۾ آستانو قائم ڪيو. "ڄُڻو عمراڻي" قلندر رحه سائين جو مخالف هو ۽ "ڄُڻو آمراني" ظالم بادشاهه "دلوراءِ" جو ڀاءُ هو. "چن" ذات جو سلسلو روايت مطابق ڄُڻي آمرانيءَ جي اولاد کان هليو آهي. ڄُڻي آمراني جي تاريخ، ڪتاب "تحفته الڪرام" ۾ هن ريت ملي ٿي.

"..... دلوراءِ اروڙ شهر جي ويراني کانپوءِ انهيءَ شهر ڀانيرا ۾ رهڻ لڳو هو. ڪيس ڄُڻي نالي هڪ ڀاءُ هو جنهن جو لقب "آمراني"هو. خدا تعاليٰ ان کي ننڍپڻ ۾ اسلام جي توفيق عطا ڪئي، ۽ هن انهيءَ شهر مان نڪري وڃي قرآن شريف ياد ڪيو ۽ اسلام جا عقائد سکيا. شهر ۾ موٽي آيو ته سندس مائٽن ڪيس شاديءَ ڪرڻ لاءِ زور ڀريو مگر هن قبول نه ڪيو. اتي ڪنهن ماڻهوءَ ڪيس طعنو هڻي چيو: "هي ترڪ شايد ڪعبي ۾ وڃي فلاڻي ناليري عرب جي ڌيءَ سان شادي ڪندو." حسن اتفاق ڏسو جو انهيءَ ننڍپڻ جي وقت ۾ ڪيس حج جو پڪو ارادو ٿيو. اُتي پهچي هڪ عورت کي دڪان تي قرآن پاڪ جي تلاوت ۾ مشغول ڏٺائين. هي پڙڻ واسطي ويهي رهيو. عورت پڇيس: "ڇو ويٺو آهين؟" وراڻيائين. "قرآن شريف پڙڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪرم ڪري مون کي قرائت سيکارين ته غلام رهندس". عورت چيو: "منهنجي استاد فلاڻي نينگر آهي، جيڪڏهن تون ڪپڙا بدلائي ڇوڪرين جي لباس ۾ ٿي اچين ته آئون توکي اتي وٺي هلان". اهڙي طرح ڪيس وٺي وڃي انهيءَ نينگري وٽ قرآن پاڪ جي پڙهڻ ۾ لڳايائين. اها قاري نينگري

Gul Hayat Institute

نجوم جي علم ۾ ڏاڍي ماهر هئي. هڪ ڏينهن ڪا عورت پنهنجي ڌيءُ جي طالع پُڇڻ لاءِ وٽس آئي. واندي ٿيڻ ڪانپوءِ چُتي انهيءَ قاري نينگريءَ کي چيو: "جڏهن توکي ٻين جو حال معلوم ٿي سگهي ٿو ته ضرور پنهنجي حال جي به توکي واقفيت هوندي!" هي ٻڌي قاري نينگريءَ چيو: "چڱو جو ياد ڏياريئي" ۽ هڪدم پنهنجو طالع ڏسي چيائين: "منهنجي شادي هڪڙي سنڌ جي رهاڪوءَ سان ٿيندي" چُتي پڇيو: "ڪڏهن؟" ورائيائين: "عنقريب." چيائين: "اهو ماڻهو ڪٿي آهي؟" قاري نينگريءَ حساب ڪري چيو: "اهو ماڻهو تون آهين!" جڏهن چُتي جي حال تان پردو کڄي ويو تڏهن قاري نينگريءَ چيس: "اڄ ڪانپوءِ هتان نڪري وڃ ۽ ٻيهر نه اچج. هي ڪپڙا لاهي ڇڏ ۽ منهنجي شاديءَ جي گهر ڪر. ڇاڪاڻ ته مان تنهنجي قسمت ۾ لکجي چڪي آهيان!" پوءِ ته پنهنجي پيءُ ماءُ کي احوال ٻڌائي توري ئي وقت ۾ چُتي جي نڪاح ۾ آئي. چُتو ڪجهه وقت ڪانپوءِ وطن وريو ۽ زال کي به (جنهن جو نالو "فاطمه" هو) پاڻ سان وٺي آيو. دلوراءِ جي شهر ۾ پهچڻ تي سندس اهو حال ڏسڻ ۾ آيس ته جيڪا به ڇوڪري نئين پرڻي ٿي، تنهن کي زبردستي گهرائي پاڻ استعمال ڪري موٽائي ٿي ڏنائين. چُتو هميشه کيس نصيحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو پر هو پنهنجن برن ڪمن کان بعض نه آيو. نيٺ هڪ ڏينهن فاطمه جي تعريف ٻڌائين ۽ اهڙي وقت جڏهن چُتو ٻاهر هو وجهه وٺي هن جي ڏسڻ لاءِ سندس گهر آيو. چُتي دل جي صفائيءَ جي مدد سان هي حال پر پٽ ڏسي ورتو ۽ هڪدم گهر پهچي زال کي پاڻ سان وٺي، بنا دير شهر کان ٻاهر نڪتو ۽ پڙهو ڏيارياين ته. "حاڪم جي نحوست کان اڄ رات هي شهر سرنگون ٿي زمين ۾ غرق ٿيندو...." (حوالو ڪتاب "تحفته الڪرام" مرتب و مترجم. جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

روايت آهي ته انهيءَ واقعي کان پوءِ چُتو آمراني پنهنجي زال سان گڏ "اُڇ شريف" (ملتان ڏانهن) هليو ويو.

پر جيئن ته "چُتي آمراني" جي درگاهه سيوهڻ ۾ آهي انهيءَ مؤن اهو معلوم ٿئي ٿو ته هو واپس سنڌ ڏانهن وريو. محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي ته "سنڌ جي درويشن ۾ هڪ "چُتو آمرانيءَ هو

Gul Hayat Institute

جنهن جي درگاهه سيوهڻ ۾ آهي.“ روايت موجب هو ’دلوراءِ‘ جو ياءُ هو. يعني ته پنجين يا ڇهين صدي هجري جو درويش هو.“*

انهيءَ حوالي مان اها به پڪ پوي ٿي ته جنهن ڇُٽي آمراني جي درگاهه سيوهڻ ۾ آهي، اهو حقيقت ۾ به اها ساڳي شخصيت آهي جنهن جو ذڪر مٿي ٿيل آهي. ”اُچ شريف“ ۾ ڇُٽي آمراني ڪي اولاد ۾ به پٽ ٿيا. هڪ ”وڪيو“ جنهن مان هلندي ”وڪو“ ذات ٿي سڏجي ۽ ٻيو ڇنو جنهن ڪي اولاد ۾ هڪ فرزند ٿيو جيڪو تمام حسن وارو هو. انهيءَ ڪي علائقي جي زبان ۾ ”چن“ سڏڻ لڳا. انهيءَ جي اولاد تي پوءِ ”چن“ نالو پئجي ويو ۽ پوءِ ائين ”چن“ ذات جي صورت اختيار ڪري ورتي. تنهن ڪانپوءِ اها ذات پکڙجي ”شورڻ ياڳ ناڙي“ (صوبو پنجاب) ۾ پهتي، جتي اڄان تائين چنن جو نسل آهي. ائين پوءِ وقت گذرندي انهيءَ ذات وارا سنڌ ۾ پهتا. انهيءَ ئي وقت ۾ فقير جان محمد جاڻ چن رحه جا ڏاڏا اچي ”ترڙي هاجران“ منجهه رهيا ۽ اتي دين اسلام جي تعليمات لاءِ درس گاهه قائم ڪيائون.

## سائين فقير جاڻ چن رحمة الله عليه جو والد محترم

فقير جاڻ چن رحه سائين جي والد محترم جو اسم مبارڪ ”مولوي محمد حسن فقير“ هو. پاڻ ذات جا ”چن“ هئا. مولوي محمد حسن فقير رحه پاڻ عالم دين هئا. ”ترڙي هاجران“ ۾ پنهنجي وڏن جي قائم ڪيل درسگاهه ڪي قائم رکيائون، جنهن ۾ ظاهر توڙي باطن علم ۽ فيض ڏيندا هئا. گذر سفر لاءِ ٻني ٻارو هئن. مولوي محمد حسن صاحب بلوچستان جي هڪ ”بروهي“ گهراڻي مان شادي ڪئي، جنهن مان کين ٽي نياڻيون ۽ ست فرزند ٿيا. جن مان ٻه فرزند ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويا. جن جا اسم محمد قاسم چن ۽ عبدالرزاق چن هئا. باقي پنج پٽ تن جي ترتيب هن ريت آهي:

1۔حاجي محمد عالم (تعليم يافته) 2۔ محمد صالح (تعليم يافته)
3۔نور محمد (غير تعليم يافته) 4۔ فقير جان محمد جاڻ چن (غير تعليم يافته) 5۔بخشل (غير تعليم يافته)

تقريبن 1324 هه مطابق 1906ع ڌاري جڏهن فقير جاڻ چن سائين

Gul Hayat Institute

حسن رحہ جيئن ويا تہ وري موٽي نہ آيا. ڪن ماڻھن چيو تہ، ”اسان مديني ۾ فقير صاحب کي ڏٺو هو“ انهيءَ ڏس تي فقير جانڻ چن سائينءَ جو وڏو ڀاءُ حاجي محمد عالم، مديني شريف مان بہ ٿي آيو پر ڪو ڏس پتو نہ مليو. گهڻي وقت کانپوءِ فقير جانڻ چن سائينءَ کي هڪ شخص (جيڪو ڪنهن دور ۾ ڊاڙيل رهيو هو) ٻڌايو تہ، ”توهان جو والد صاحب جيئن پنهنجو ماڳ ڇڏي آيو تہ جهنگ ۾ اچي اسان وٽ رهيو ۽ اسان کي جهلي ڇڏيائين تہ، ”منهنجو ڏس ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ ڏجو! ڪنهن کي نہ ٻڌائجو تہ مان هت آهيان.“ ڇهہ مهينا اسان وٽ رهيل هو هڪ فجر جو هڪڙو نانگو آيو ۽ اچي اسان کان پڇيائين:

”ادا! فقير محمد حسن چن هت آهي؟“

اسان وراڻيو: ”هائو! ڪيڏانهن نڪري ويو آهي.“ اهو جواب ڏيئي جو پيهر نانگي ڏانهن نهاريوسين تہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. اهو ڏينهن ٿيو پوءِ فقير محمد حسن اسان وٽ وري ڪڏهن نہ آيو.“ اڄ تائين انهيءَ ڳالهہ جو ڪو پتو نہ پئجي سگهيو آهي تہ فقير محمد حسن چن رحہ سائين ڪهڙي ماڳ ۽ ڪهڙي سنہ ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو ۽ سندن جسم مبارڪ ڪٿي مدفن آهي. حقيقي عشق هميشہ لاءِ ڪين پنهنجو ڪري ورتو. فقير جانڻ چن سائين انهيءَ السٽي عشق سان مخاطب ٿيندي چون ٿا:

بيت، عشق هجين آباد، ڪري مون ڏي آئين ور
قربدار قرب ڪيئي، ساڳو سجاتئي گهر
اڳي بہ اڱڻ اسان جي، آئي هُئين بابا سائينءَ جي سر
هاڻ بہ پارت اٿئي منهنجي، پوين تائين پر
رهہ اسان وٽ راتيون، هي ڀاڻ نہ خالي ڪر
”جانڻ چن“ تو در تو گهريون غلاميون ڏئي

## صوفي فقير جانڻ چن رحمة الله عليه جو جنم ۽ ننڍپڻ

اسم مبارڪ ”جان محمد“ ذات ”چن“ تخلص ”جانڻ چن“ ۽ مرشد جو ڏنل اسم ”صادق علي“ آهي.

سن 1313 هہ مطابق 1895ع ڌاري ڳوٺ ”ترڙي هاجران“ ۾ فقير

Gul Hayat Institute

محمد حسن رحه جي گهر سندن جنم ٿيو. سندن امڙ سڳوريءَ جو اسم پاڪ "رحيم خاتون" رحمت الله عليه هو. فقير جانڻ چن سائينءَ جا چار ڀائر هئا. جن مان ٿي فقير سائين کان وڏا ۽ هڪ ننڍو هو. ننڍپڻ ۾ سندن وڏن ڀائرن فقير سائين کي تعليم حاصل ڪرڻ جي مقصد سان مدرسي ۾ داخل ڪرايو. ٽي سال گذري ويا، پر ايڏي وقت ۾ فقير سائينءَ قرآن پاڪ جون ايميون ئي ٿي پڙهيا ۽ جيڪو ذهن منجهه ويٺن سو فقط اکر ئي هڪڙو "الف" هو. مدرسي جي استاد فقير سائينءَ جي ڀائرن کي چيو: "هي ڪونه پڙهندو! هن کي وڃي ڏنار ڪيوس!" انهيءَ واقعي کانپوءِ فقير سائين ڪڏهن به ٻيهر ظاهر تعليم جي ويجهو نه ويا. پوءِ فقير سائين ڏنارڪو ڪم ڪرڻ لڳا. ننڍائيءَ کان ئي پاڻ اڪيلائي پسند ڪندا ها. پنهنجو وقت ڪچهرين ۾ نه گذاريندا هئا جي مال جهنگ ۾ ته پاڻ به مال سان گڏوگڏ رهندا ها. انهي دور ۾ ئي سندن ايمان "دستگير" تي هوندو هو. جڏهن ته پاڻ اجا ننڍيءَ وهيءَ ۾ هئا. پر تنهن هوندي به نه الله نه رسول نه علي بلڪ "دستگير" يعني "دستگيري ڪرڻ وارو" اها وائي سندن وات هوندي هئي. ڪيڏي مهل به ڪا مشڪل اچي وڃي ته سندن وات مبارڪ مان "يا دستگير!" جي صدا نڪري ويندي هئي. جيڪا هڪ عجب ڳالهه آهي. فقير سائين ٻارهن ورهين جا هئا جو سندن والد صاحب دنيا ترڪ ڪري هليا ويا ۽ وري موٽي نه آيا. فقير سائين انهيءَ وقت کان وٺي ڪين خواب ۾ ڏسندا هئا ۽ روئي چوندا هئا: "بابا! اسان کي ڇڏي نه وڃ! اسان ڪنهن کي بابا! ڪري چئون؟ اسان کي نه ڇڏ!" تنهن تي سندن والد صاحب جواب ڏيندا هئا: "توسان ته ملان ٿو باقي هتي رهڻوناهي. دنيا ڇڏڻي آ." اهوئي سبب هو جو ننڍپڻ ۾ ئي فقير سائينءَ جي مزاج ۾ سنجيدگي ۽ درد مندي پيهي وئي. پاڻ اجان بلوغت ۾ به نه هئا. ته شاعري شروع ڪيائون.

## فقير سائينءَ جي جواني، شادي ۽ اولاد

سن 1919ع ۾ خلافت تحريڪ جي هلچل، هئي جنهن ۾ مسلمان ۽ هندو هڪ طرف تي انگريزن جا مخالف ٿيا. خلافت تحريڪ اٿي ئي

Gul Hayat Institute

لاڙڪاڻي مان هئي، تنهن ۾ فقير جانڻ چن ۽ سندن نينڊويا، بخشل چن، انقلابي شعر ڪلام چوندا هئا. جوانيءَ جي شروعات کان وٺي فقير سائينءَ جو وقت فقيرن، بهادرن ۽ علم وارن سان گذريو. سندن جوش جذبي ۽ پردرد طبيعت جي ڪري هاري، پورهيت ۽ مجاهد ليڊر دل سان ڪين چاهيندا ها. فقير جانڻ چن سائين ٽيهن ورهين جي عمر ۾ ڳوٺ "ڪٽياڻ" (تعلقو وارهه ضلعو لاڙڪاڻو) مان هڪ ڪٽياڻ گهراڻي مان شادي ڪئي. اولاد ۾ ڪين پنج نياڻيون ۽ چار فرزند عطا ٿيا. هڪ فرزند ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويو ۽ نياڻين مان ٽي وفات ڪري گذريون. فقير سائينءَ جا ٽي فرزند آهن. جن جا اسم شريف هن ريت آهن: 1. فتح علي چن، 2. شوڪت علي چن، 3 محمد علي چن مست. (محمد علي چن منست سائين شروعات کان وٺي مست هئا ۽ 1994ع جي ڊسمبر ۾ وفات ڪيائون) ننڍپڻ کان وٺي فقير جانڻ چن سائين جو خيال توڪلي هو. پاڻ هميشه انهيءَ ڳالهه تي يقين رکندا آيا ته "اڄ ڏنئين، سڀاڻي به ڏيندو." شاديءَ کانپوءِ درگاهه حيدر شاهه(تعلقو وارهه ضلعو لاڙڪاڻو) جي اڳيان هڪ هندوءَ جي ڏهه جريب زمين تي فقير سائين هاريو ڪندا هئا. پوءِ جڏهن پارٽيشن جي دور ۾ هندو هليا ويا، تڏهين اها زمين فقير جانڻ چن سائينءَ جي نالي الاٽ ٿي، پر پاڻ اها ترڪ ڪري ڇڏيائون.

## هاري تحريڪ جو دور

جڏهن "هاري تحريڪ" جو دور آيو جنهن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، عبدالفتاح ميمڻ ۽ حاجي خان ڪلهوڙو اليڪشن ۾ بيٺا، تڏهن فقير جانڻ چن سائين هارين جي طرفداري حيدربخش جتوئي جو ساٿ ڏنو. حاجي خان ڪلهوڙو دولتمند هو. هن پئسن جي لالچ ڏيئي فقير سائينءَ کي پنهنجو طرفدار ڪرڻ چاهيو پر فقير سائينءَ کي اهو خيال ٿيو ته "غريبن مسڪينن جي خدمت ڪجي. جتي بُکون آهن، اُجون آهن." هارين ۽ پورهيتن ۾ هوش ۽ جوش جاڳائڻ لاءِ ڪئي انقلابي نظم چيائون. تن مان فقط هڪڙوئي نظم مڪمل مليو جيڪو فقير سائينءَ پاڻ ٻڌايو. تنهن جو ٽلهه پيش ڪجي ٿو:

ڪري سجاڳي! جلدي جاڳي! هاري ٿيو هوشيار!
بگهڙ اٿيا تو خون پيئڻ لاءِ

انهيءَ نظم ڪانسواءِ انهيءَ سلسلي جي ڪلامن جا ڪجھ شعر جيڪي فقير سائين ٻڌايا سي پڻ پيش آهن:

وٺي ڏاند گهوڙي جي گوءِ لڳي، مٿان گهوڙي وارا ڪن ڪُوءَ تي ٺڳي

هلي اچ او هاري!

قدرت تنهنجو وارو ورايو آ
ظالم زمينداري تي وٺي تباهي
هر ٿيو سجايو آ

## فقير سائينءَ جو مرشد

هاري تحريڪ جي دور کان وٺي، فقير جانڻ چن سائين پنهنجي سچي ۽ پرجوش شعرن جي ڪري هارين ۽ پورهيتن ۾ تمام مشهور رهيا. فقير سائين يڪتاري تي اڪيلي سر پنهنجي ڏن ۾ توڙي محبت وارن جي ڪچهري ۾ ڳائيندا هئا. ويتر پڪي راڳ سکڻ جي شوق ۾ سندن ملاقات هڪ راڳيندڙ سيد غلام حسين شاهه سان ٿي (هي سيد بادشاهه سرائڪي ڳالهائيندڙ ۽ صوبي پنجاب جي ڪنهن سرائڪي علائقي جو رهاڪو هو) جنهن کان راڳ سکڻ شروع ڪيائون. انهيءَ دور ۾ فقير سائينءَ کي اها طلب ۽ تاڻ ٿي ته حقيقي راهه ڳولي لهجي، فقير سائين کي اچي اهو خيال پيو ته "الله جو پنڌ ڪاڏي آ؟"
يعني حق جي راهه لاءِ مرشد ڪامل جي بيحد طلب ٿيڻ لڳن. چاهڻ لڳا ته ڪو اهڙو ڪامل مرد الله جو ملي جيڪو هادي ۽ رهبر ٿئي، جيڪو الله ڌانهن وات ڏيکاري ۽ هٿئون هٿ ڏيٺ ڪرائي. انهيءَ معاملي ۾ ساڳي راڳيندڙ سيد غلام حسين شاهه صاحب فقير، جانڻ چن سائينءَ کي چيو: "هائو اهو مرد وينو اٿئي مهدي امام. هي درياءَ جو ليڪو(درياهه سنڌ) اٿئي، ٽپ ته پوءِ لوڏوئي هڪڙو!" پوءِ فقير سائين انهيءَ سيد سان گڏ جي رياست شاهاڻين ۾ آيا. جتي سيد امام مهدي شاهه جهانيان رحمت الله عليہ موجود هئا. فقير سائين ٻه راتيون اتي

Gul Hayat Institute

گهمي آئين. ٻڌائي سائين تہ واهہ واهہ! پر پوين جا آواز ڪنن سان ٻُڌيئي! ”انهيءَ ملاقات ۾ فقير سائين، سرڪار مهدي شاهہ جي حضور پنهنجو هڪ ڪلام ڳائي پيش ڪيو:

ڪلام: ذاتي صفاتي هي شعر اسان ڏا، قلبي ذڪر ڪميندي هُون
”ونحن اقرب“ ويجها ٿيوسي، روحي رمز رليندي هُون

محبت مستو مست بنايا، ڏونهان درد دکيندي هُون
تن وچ تاران ڪرن پڇاران، وحدت تان وڃيندي هوُن

ڇاتي دي وچ جهاتي پاڪي، سجدا سيس نِوِيندي هُون
من محراب ٿيوسين مسجد، هُو هُو دم هليندي هُون

جوئي مرڻا سوئي مرسي، اسان ڪون قبر وچ آندي هُون
”قالُو ابليٰ“ جو قول ڪيتوسين، ناتا نينهن نبهيندي هَون

جاڻڻ والي انهي راز ڪون ڄاتا، لوڪان ڏي نہ واجهيندي هُون
قِت قڪڙي هي ڏاج اسان ڏا، عام لءِ ڪُفر ڪميندي هُون

جنهن وقت اسان ڏا شعر شروع هي، مُلڪ فنا وچ رهندي هُون
دو جڳ ياد نہ جاڻڻ چن ڪون، سارا وجود وڃيندي هُون

اهو ڪلام ٻڌي مهدي سائين پنهنجي فقراءَ سان مخاطب ٿي فرمايو: ”ادا ٻڌو؟“ طالبن وراڻيو: ”هائو سائين، ٻڌيوسين.“ مهدي سائين فرمايو: ”هاڻي ڳالهہ ٻڌو! هن کي ڪهڙو غرض آ؟ ڪهڙو ضرور آ؟ جاڏي اسان هن کي منجنداسين، اتي تہ اڳيئي بيٺو آ! انهيءَ شهر ۾ گهمندو ٿو وتي گهٽيون، گليون، بازارون! هن کي باقي غرض ڪهڙو آ جو ڪاٿي جهڪي؟ پر آهي غرض جهڪڻ جو تڏهن تہ آيو آ! اهو ڪهڙو غرض آ؟ ڪهڙي ڳالهہ آ؟ جنهن بنگلي ۾ محبوب ويٺو آ اوڏانهين ڪير وٺي وڃيس؟ هن کي ضرور اهو آ، هن کي وڃڻو اوڏانهن آ، هي ڪوشش اها ٿو ڪري، گهر جنهن ۾ محبوب ويٺو آ، اوڏانهين هن کي ڪير وٺي وڃي؟ گهر جو مالڪ ڪن ڪو غير؟ گهر جو مالڪ! اهو ڪير آ؟ اهو آ ڪامل مرشد! جنهن جو گهر آ!“ ائين پوءِ انهيءَ ڏينهن سن 1951ع ۾ فقير جاڻڻ چن سائين سرڪار امام مهدي رحہ جا طالب ٿيا. طريقت ۾ مرشد ڪين

انهيءَ جو پتو ئي ڪونهي! هن کي ڪجهه نه چئُ. هن کي دعا ڪر!"
پوءِ ويتر ئي پڪ پيس. هن جي به شاهدي مليس...."

(انهي واقعي کانپوءِ ڪنهن عرصي ۾ فقير جان محمد سائين جي والده فقير سائينءَ وٽ رهندي ئي هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو).

## سکر جيل ۾ ڏهه مهينا

فقير سائين جيئن طالب ٿيا تيئن ڪجهه ئي وقت ۾ سندن ئي پاڙي جي زميندار جيڪي "هاري تحريڪ" جي دور کان وٺي فقير سائينءَ تي خاريل هئا، جن جو مُک وڏيرو حاجي عمر قلقوٺو هو تن فقير جانڻ چن سائينءَ تي ڪيس ڪيو. اهو صدر ايوب خان جو دور حڪومت هو. ڪيس هليو. ليلا رام (جج) وٽ ڪيس هو. ڪورٽ فقير سائينءَ کي بي ڏوهي قرار ڏيئي بري ڪرڻ جو فيصلو ٻڌايو پر فقير جانڻ چن سائينءَ کي عشق حقيقيءَ اها صلاح ڏني ته، "هي جو خلق بيزار آ دوزخ مان جيل آ دوزخ، بهشت آ گهر، دوزخ ته تو ڏٺي ڪونهي، تون دوزخ ڏي وڃ! ۽ هن شخص جنهن ايڏي دل سان توتي ڪيس ڪيو آ، هن جي دل به راضي ڪر!" جيڏيءَ مهل اهو خيال آين ته پاڻ ڏوهي بڻجي بيهي رهيا ۽ چيائون: "ڇا ڪورٽ بي انصاف آ جو ڏوهيءَ کي ڇڏي ٿي؟" ڪورٽ ۾ وڪيلن ۽ خود جج فقير سائينءَ کي ڪوڙ سمجهايو پڇيائونس: "زال ۽ ٻار اٿئي؟" فقير سائينءَ وراڻيو: "هائو زال به آهي، ٻار به آهن." پڇيائون ته، "پوءِ ڇا ڀنگ پيتي اٿئي؟" فقير سائين وراڻيو: "ڀنگ پيتي يا ڪٽي ڇا به آ جڏهن مون قبولدار آهيان ته پوءِ توکي مون کي سزا ڏيڻي آ." فقير جانڻ چن سائين انهيءَ ڳالهه تي ڪُپي بيهي رهيا ۽ نيٺ ٻن قلمن مان هڪ قلم جنهن جي سزا ڏهه (10) مهينا هئي، اها ورتائون. جج صاحب جوش مان قلم وهائي چيو: "ڏهه مهينا مون تو ڏيان ست (7) سال سيشن ڏيندئي" فقير سائين خوشي مان چيو: "جنب ڏيئي ڇڏ!" ٻيو قلم جنهن جي سزا ست (7) سال هئي سو سيشن ڪورٽ ڏانهن ڪمٽ ٿيو. جڏهن فقير سائين سکر جيل پهتا ته اهو شام جو وقت هو. اهو احوال پنهنجي زبان مبارڪ سان هن ريت ٻڌايائون:

"اتي پهتس شام آ، ٽيهري آ. سکر پهتو آهيان، ملڪ جا ماڻهو

هجن سگهڙ ۾ سکر لاڙڪاڻو هڪڙو ملڪ آ! ايوب (صدر) وينل آ. ڪيئي امير ڪيئي وزير مير جيل ۾ هجن. "وادي قلات" جو "الله بخش وزير" اهو جيل ۾ آ. "ڏکڻ" وزير انهيءَ جو پاٽئيو "احمدعلي" نالو هئس اهو جيل ۾ آ. مون کي ڪاراٽين ۾ رکيون ڏونرو ٻڌائي ڇڏيائون! چولو چيلهه تي، مٿي تي ٽوپي، ٽوال، پنن تي سُٿڻ، وينو آهيان صوبيدار آيو. چوي: "توکي انصاري صاحب بي ڪلاس (B-Class) ۾ گهرايو آ." بي ڪلاس وارن چيو ته "اهو چن جانڻ، جيڪو ٻڌون ٿا انهيءَ جو راڳ به ٻڌرائي ۽ ديدار به ڪراءِ" وياسين بي ڪلاس ۾ سڀ ڪجهه هوندو آهي. باجا ٻيا ٿيئان ڏڪڙ ڪٺي آيا. راڳ شروع ٿيو. جڏهن ڳائي بس ڪيم پوءِ وزير "ڏکڻ" جو پاٽئيو "احمد علي" انهيءَ چيو: "هن ڪان ڪم ڪرائيندين؟" انصاري صاحب وڏو جيلر هجي.انهي چيو: "مان ته پاڻ پڪڙ جي ويو آهيان! قانون منجهه لکندس ڪم. ڪم نه ڪرائيندوسانس، ويهي سزا گذاري وڃي!" چوٿين نمبر ۾ مون کي رکيؤن. الله مون کي اتي مليو. طالب هتان ٿيو ويو مانس، مليو مون کي اُتي..... سومرو هوندو هو ڊپٽي، ڏاڍا مڙس. انهن وٽ شراب، انهن وٽ چرس، آفيم، هوٽل پيا هلن، پر جي غريب ڪنهن کي بيڙي ڇڪندي ڏسي ته فنا ٿي ويو. ڏاڍن جي هيٺيان غريبن تي مارو!....."عبدالله ڪورائي" جي دعوت ۾ ويٺا هجون، ته ڪيڏيءَ مهل آواز ٿيو: "ڊپٽي صاحب رائونڊ ۾ لٿو آ! راڳ بند ڪرايو!" عبدالله ڪورائي چيو: "ڪنهن لغور جي پارٽي آ چا! ڊپٽي ڪهڙيءَ رن جو پُٽ آ جو منهنجي پارٽيءَ ۾ دست اندازي ڪندو!" محفل تي گذري. نڪتاسين ٻاهر. محمد پناهه نالو هجيس، چيئين: "سائين مون کي طالب ڪر" مون چيو: "ادا مون کي امُر ناهي." وري آچر تي دعوت وياسين. انهيءَ مون کي چيو ته "مون طالب ڪر." مون چيو "ادا مون کي اَمُر ڪونهي!" وري ٽيئن دعوت تي وياسين. پئسا به جام پيا ملن! جاتي وڃي ڳائيان اتي جهول پئسن جا! اهي به ڪنيو اچان ڪم به ڪون. وينو آهيان، رات ڏينهن موقعو مون کي اهڙو مليو ننڊ مون نه ڪئي. رات ڏينهن ايئن وينو آهيان جيئن ڪيرو! سڄي سکر جيل ۾ حيران ماڻهو هجن ته "هڪڙو قيدي آيو آ سڄي رات وينو آ. ننڊ نه ڏينهن آ نه رات آ!" اهڙو

Gul Hayat Institute

سال جو ڇهه سالن جو ڇهه مهينا!" اچا هو سزا هلي پئي تہ سيشن جو ڪيس مون تان هليو ويو. هيءَ سزا هلي پئي جو هو ختم ٿي وئي! هي منهنجو دوزخ ۾ وڃڻ، مهدي جو منجڻ، دوزخ ڏيڪارڻ، اتي منهنجي شاهدي بيٺي آ، منهنجو شعر آ:

ساري جڳ وچ دلبر هڪڙا، اُهندي روپ هزارين اي
ڪتي سپاهي، ڪتي جمعدار، ڪتان صاحب صوبيدار اي
ڪتان منشي، ڪتان ڪلارڪ، ڪتان شوقئون ششتيدار اي
ڪتان ننڍا جيلر، ڪتان وڏا جيلر ڪتان جيل دا ڊپٽي مختيار اي
ڪتان ڪمپائونڊر، ڪتان ميڊيڪل، ڪتان دردان دا ڈاڪٽار اي
ڪتان سپرنٽينڊنٽ، ڪتان ڊي آءِ جي، ڪتان آءِ جي عملدار اي
ڪتان گورنر، ڪتان جرنل، ڪتان جرنل دا سردار اي
ڪتان مقدم، ڪتان واچ مين، ڪتان بيڙي وچ بهار اي
ڪتان سي ڪلاس ميڏا سهڻل سائين! ڪتان بي ڪلاس دار اي
اندر آيا سير ڪرڻ، هڻ نڪرڻ ڪارڻ بہ تيار اي
پر امر اپڻي وچ آپ ڪڙا هي! نہ تہ سينٽر دي ڪيا ديوار اي
"خير هِي و شر هِي"، اهو صوفي ڪون اعتبار اي
صوفي جيڪا ڳالهہ سڻائي، سا سچي سمجهو يار اي
"اَلانسانُ سِرِي وَاَنا سِرَهُ"، آکيا رب غفار اي
صدقي وجان جانڻ چن حضرت عشق اتئون،
جنهن ميڪون ڳجهي گهمائي بازار اي

مون الله وچي ڏٺو. هڪڙو ئي پورو ٿوٽل جيڪو ڏٺم سو الله ڏٺم. وري ڏهہ (10) مهينا پورا ٿيا. انصاري صاحب ڊپٽي ٿي لٿو. "پير صاحب سرهندي" ڊپٽي ٿي آيو جيڪو نئون آيو سو هاڻ پنهنجو ڪم رکي. سڀ قيدي انهيءَ ڏيهاڙي گهرايائين. سڀ ڪنهن جو ڪتاب ڏسندو وڃي پر جڏهن "جانڻوءَ" جو وارو آيو ڪتاب ڪڻي اچي مٿان بيٺو تڏهن پڇي ٿو "ڪير آن؟" .... "چن آهيان" .... "ڪاٿي وينو آن؟".... " تعلقو وارنهہ ضلعو لاڙڪاڻو.. صوبيدار بيٺو هجي پرسان، صوبيدار چيو: "سائين توهان ڪنهن قيدي سان نہ ڳالهايو آهي، هن

ابراهيم بہ تون آڙاهہ بہ تون
اُتي ناز ۽ راض گماز بہ تون
باهہ منجهان باغ بہ تون
اهي نيهن جون چاليون نيان

نيل فرعون جي تو پي وهائي
تنهن منجهہ تون هئين تو نہ سُڪائي
پنهنجو عرض آ پاڻ اگهائي
سمجهن ڪي ڪي سئيان!

قدسي ڪعبو آدم بنائي
تنهن منجهہ ويهي واعظ ٻڌائي
"ونحن اقرب" چٽو چتائي
پڪ مون ڪي پئي آ!

'اَلانسانُ سِري و اَنا سِرَهُ'
شاهد حديث قرآن صحُوَ
راز ڳجهي ۾ ٿياسي وَهُو
ڳالهہ پڌر اچي پئي آ

جانڻ چن ٿيو تنهنجو ڳولو
'ان القلب الله' ڀڄي پيو پولو
هر جاءِ آهي تو سان ميلو
جاڻي تو ليئو پائيان!

پير صاحب ٻڌي چيو: "برابر جهڙو ٻڌم تهڙو ڏٺم. تنهنجو رهڻ ڪاٿي آ؟" مون چيو " سائين چوٿين(4) نمبر ۾. " "ٻڌان تو تنهنجا طالب ۽ مريد بہ آهن؟" مون چيو: "ها سائين" چيئين، "بدلي تو ڪيان تنهنجي بورچي خاني ۾ طالب اٿئي؟" مون چيو: ها. ٽي (3) هن" چيائين هاڻي تنهنجي خدمت بہ ڪندا" .... ڏهہ مهينا پورا ٿيا، رائونڊ ۾ لٿو چيائين: "توهان جي سزا ڪيتري آ؟" چيم " توهان ڏسو" صوبيدار کي چيائين: "سياڻي هن کي وٺي اچجان.." سزا ڏٺائين، چيائين: "هو

Gul Hayat Institute

سائين جي ڇاتي مبارڪ تي چڙهي ويٺو پر پوءِ قدرت هن کي اهڙي ڪا من ۾ وڏي جو پاڻ ئي لهي پيو ۽ وڃڻ لڳو. تنهن تي فقير جانڻ چن سائينءَ چيس "هاڻ ويهه! جيڪو تو ڪم ڪيو آ، اهو نه ڏنئي، هاڻي منهنجو ڪم ڏسي پوءِ وڃجان. " جيئن ته هي شخص فقير سائين جي چوڻ تي ماٺ ڪري حيرت سان ويهي رهيو ايتري ۾ فقير سائينءَ جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ محمد علي سائين ڊوڙي وڃي فقير سائين جي هڪ رياضتي طالب کي سارو احوال ٻڌايو هن طالب ٻني جو ڪم اتي ڇڏي سڌو اوطاق ڏانهن رخ رکيو ۽ ايندي شرط ئي اتي پيل ڪهاڙي کڻي ۽ هن شخص تي وار ڪرڻ لاءِ وڌيو. يڪدم فقير سائينءَ هڪل ڏنس: "ڇا ٿو ڪرين؟ اڱيئي مون ماريو ٿمانس، وري تون ٿو مارينس!" هن هڪدم ڪهاڙي ڦٽي ڪئي. انهيءَ واقعي تي فقير جانڻ چن سائين فرمايو: "هي هو قاتل کي شربت!" انهيءَ مهمانيءَ کان پوءِ اهو شخص اتان راهي ٿيو. فقير سائينءَ کي عشق بيقرار ڪيو: "چڙا پائي! ڇير پائي! متو اگهاڙو ڪر، متي طعام سان گڏ کاءِ، وڃائي پاڻ فنا ڪر! ترڪ ڪر هر شيءِ کي" اها حقيقت فقير سائين پنهنجي مرشد جي ئي هڪ طالب سان ڪئي ته عشق وٽن اهڙيون صلاحون کڻي آيو آ. تنهن تي انهيءَ فقير سائينءَ کي دڙڪو ڏيندي چيو: "چڙو ڇير مهديءَ جو آ! ترڪ ڪيو آ ته مهديءَ ڪيو آ، امام آ ته مهدي آ. تون مهدي آن؟ مرشد سان ڪلهو ٿو هڻين!" اهي لفظ ٻڌي فقير سائينءَ کي اچي خوف پيدا ٿيو ۽ ايئن ٽي(3) سال پاڻ انهيءَ حال کان رهجي ويا. نيٺ خيال فقير سائينءَ کي چيو: "جانو! تون اهو هئين جو ڪو تو تي ڪڪ رکي ته تون ترار هڻيس. اڄ تو کان هي ڪم ڪير ٿو ڪرائي؟ اهو خود مرشد مهدي ٿو ڪرائي. هي (شخص) پاڻ رهجي ويو توکي به رهائي ٿو."

جنهن مهل اهو خيال آين، تنهن مهل پاڻ سندن فرزند شوڪت علي سائين"ءِ "سيد غلام حسين شاهه" (ملتان وارو) "ڪير ٿر" ڏانهن سفر ۾ هئا. فقير سائين جي زبان مبارڪ منجهان اهو احوال هن ريت بيان ٿيل آهي:

"ڪٽڪن جا لاب آهن. ڪير ٿر جو ملڪ اتي نانگ ايڏو. ساوڻ ۾ هوندو آ جو ڪيولين جيئان. هڪڙا دوست هجن چانڊيا. انهن وٽ ويا

هجون. انهن وٽ پهتاسين. اوطاق تي ماڻهو ڪو شهر ۾ ڪونهي،سڀ هجن لابن تي. اسان صبح جو پهتاسين. ڪٿون پيون هجن. هڪڙي ڪٽ تي منهنجو ڇوڪرو وجي ويٺو هيءَ تي جيڪو سيد مون سان ساڻ هجي جنهن پهريائين ئي ڏس ڏنو تہ "مهديءَ ڏي وڃ اهو نانگو ويٺو اٿئي جو لوڏوئي هڪڙو!" اهو بہ ڪٽ تي ويٺو. ٽين(3) ڪٽ ڪيْ مون پاسو ڏنو. هاڻي ويهڻ جو خيال ڪيو اٿم تہ عشق ٿو چوي تہ، "اڄ ترڪ ڪر ڪٽ ڪي! طلاق ڏي!" هاڻي بيٺو آهيان انهي ۾ تہ عقل ٿو چوي: "ويهہ!" عشق ٿو چوي تہ نہ ويهہ" ہ شيون اچي گڏيون. وڏائي چوي "ويهہ!" عشق چوي: "نہ ويهہ!" هڪڙو تڏو پيو هجي ويڙهيل ايو بيٺو آهيان منجهيو تہ مون ڪي حسين شاهہ ٿو چوي: "جان محمد! ڪيون کڙا هين؟ ٻهيندا ناهين؟" هٿ جو اشارو ڏنو مانس، چپ رهيو. عشق چوي پيو "ترڪ ڪر!" عقل، نفس چوي تہ، "ويهہ!" "نفي" جي مڪان ڪان، جو پٺائي سائين بہ چيو آ تہ:

نهائينءَ ڪان نينهن، سک منهنجا سپرين
سڙي راتيان ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري

انهيءَ "نفي" مڪان ڪان هڪڙي شيءِ ڏنم تہ مٿي چڙهڻ لڳي. جيئن بدن تي چڙهندي آ ڪا شيءِ ڏسبو آ تہ هيءَ چڙهي تي وڃي، ماڪوڙو آ جان ڪيولي آ. نفيءَ جي مڪان ڪان ڪا شيءِ اٿي آ، اها مٿي تي هلي. جڏهن هلي هلي هلي انهيءَ جي مٿان قادر تي وئي تہ جهيڙو ئي هليو ويو. ڪٽ ڪي هن ڇنگهن سان پوئتي ٺيلهو ڏيئي چيم تہ "طلاق تئي!" وڃي هيٺ ويٺس. سائين حسين شاهہ چيو: "ابا ڦُر ڇوڙيئي!" سرائڪي ڪندو هو. ملتان جو ماڻهو هو. "اهين ملڪ وچ رڳو هن ڪنگر" اسان چئون "ڪپر" هو چوندا هن "ڪنگر...." "ڪيولين جيئان ڪنگر ڦرندي هن، انهيءَ ملڪ دا سونهان بہ تون، هو ڇوڪرا مين پرديسي ڪنگر ڪو ڪاءَ گهتيئي تہ اسان رُل وڃون! بابا اوڏانهين ڪٽ ترڪ ڪرين اپڻي ملڪ وچ باقي اِٿان نہ ترڪ ڪرين!" چيومانس: "جيڪي ٿيو سو گذري ويو." ڇوڪري منهنجي ڪي چيائين "شوڪت اُٿي بابي ڪون اها تڏا وڇا ڏيوين" اٿي وڇايئين. مون ويٺس. مالڪ بہ

وچن ۾ خيال پيو اچين تہ "اڄ الائي ڇا ھي!" پاڻ اڄان انھيءَ وٽ پھتا آھن ۾ ڳالھائڻ بيٺا جو ايتري ۾ سندن فرزند "محمد علي" سائين اچي ڪين اھا خبر ڏني. انھيءَ مھل ئي فقير سائين واپس پنھنجي گھر ڏانھن وريا. انھن ڏينھن ۾ فقير سائينءَ کي ھڪ ننڍي چڙي ڳچيءَ مبارڪ ۾ پاتل ھئي ۽ چير ٻنھي پيرن ۾ پيل ھئي، جھڙي مھل آيل فقيرن فقير سائينءَ کي انھيءَ نفي جي حال ۾ ڏٺو تہ تنقيد ۽ ڪاوڙ مان چيائون "شرم ڪر! چير چڙو وجائي ٿو ڏيکارين، مرشد سان ڪلھو ٿو ھڻين!" فقير سائين جي ھلن بہ پيا تہ پير زمين تي آھستي رکن پيا، چڻ تہ آواز نہ ٿئي، پر سرڪار مھدي رحہ دلين جا مالڪ، آواز بہ ٻڌن پيا ۽ فقير سائينءَ جي نيت بہ ڄاڻن پيا، رات جو ڪچھري تي گذري، صبح جو فقير سائينءَ پنھنجي مرشد پاڪ کي عرض ڪيو: "سرڪار ! قدم قرب جا ھن عيبدار جي اڱڻ تي گھمايوَ! سرڪار مھدي رحہ پنھنجا پاڪ قدم کڻي فقير سائينءَ سان ھليا ۽ فرمايائون: "جانڻ فقير صادق علي! توھان کي ھڪڙي چڙي آ. اسان کي ھيڏو چڙو ھوندو ھو جو ڪنھن مھل ٻنيءَ ۾ ويندا ھئاسين تہ ماڻھو سمجھندا ھا تہ ڪو مال فصل ۾ لھي پيو آ. بيشڪ ڏم ڏمائي عشق کي بيشڪ ڪڏائي وڄائي!!!" پنھنجي مرشد ھادي جا اھي لفظ مبارڪ ٻڌي، فقير سائينءَ کي دلجاءِ ٿي ۽ طالب يائرن جون ملامتون بہ مٽجي ويون.

ھڪ ڏينھن پاڻ شھر وارھ ڪان پي ويا، تڏھن وٽن ھڪ شخص جيڪو پوڙھو ھو سو آيو ۽ اچي چيائين، "سائين، مان غريب مسڪين آھيان، مون تي ٻارھان سئو (1200) روپيا قرض آھي، ڪيئي سال ٿي ويا آھن لاھي نٿو سگھان، مون کي ھڪڙي مولويءَ وظيفو ڏنو ۽ چيو ھئائين تہ "ھن وظيفي مان توکي اشارو ٿيندو اوڏانھن وڃجانءِ" مون وظيفو ڪيو جنھن بعد مون کي اشارو ٿيو تہ "چڙن وارو فقير" "ٽرڙي وارو "چن". توھان کي ٿي ڳوليم واھ جو ملي ويا!" اھو سمورو احوال ٻڌي پھريان فقير جانڻ چن سائين کي ڏيڻ وارو خيال ٿيو پر يڪدم خيال ھي آيو تہ "پنجي ڏسي تہ ڪيئن ڏيان ڇا ڏيان؟؟" پوءِ فقير جانڻ چن سائين انھيءَ جھوني کي چيو: "جنھن توکي اشارو ڪيو آ. ھو مون کي بہ ٻڌائيندو. حالي تون وڃي ٻانھہ سيراندي ڪري سمھي پءُ مون

توڏي پاڻهين ايندس." فقير سائينءَ مستقل ٻہ راتيون پنهنجي فڪر سان پنهنجي مرشد کان پڇيو: "يا مولي! ڇا ڏيان؟ ڪيئن ڏيان؟" ٽئينءَ رات ڪين پنهنجي مرشد جو ديدار ٿيو جنهن ۾ فرمان ٿيو تہ سر ڏي". اهو ٻڌي فقير سائين بيحد خوش ٿيا ۽ صبح ٿيندي ئي وڃي انهيءَ همراهہ وٽ پهتا. انهيءَ جهوني فقير سائين کان پڇيو: "سائين ڇا ٿا ڏيو؟" فقير سائين وراڻيو تہ "سر". تنهن تي جهوني چيو "سائين توهان جي سر جا ٻارهن سئو ملندا؟" فقير سائينءَ چيو: "ادا مون حياتي لکي ڏيندس. مون رت هڏ تائين ٻڌل آهيان. مون کي جيڪو بہ ڪم ڪرائيندا، مون اهو ڪم ڪندس". فقير سائين چيس تہ هو فقير سائينءَ کي ڳچي ۾ مالڪي جو رسو وجهي جيئن مالڪ ڍور جي ڳچيءَ ۾ رسو وجهندو آهي، جنهن تي اهو جهونو راضي نہ ٿيو پر فقير سائينءَ جي چوڻ جي ڪري نيٺ فقير سائينءَ جي ٻانهہ ۾ رسو وڌائين ۽ پوءِ ائين فقير سائين ۽ اهو جهونو شهر وارهہ ۾ هوڪا ڏيڻ لڳا. جهونو اعلان ڪري چوڻ لڳو: "ادا هي منهنجو غلام آهي، مون هن کي ٻارهين سئين ڪپايان ٿو" ۽ فقير سائين اعلان پيا ڪن: "مون حياتي لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، مون کان جيڪو ڪم وٺو تيار آهيان، ڪاڪوس جو ڪم ڪرايو رت هڏ تائين ٻڌل آهيان!" جتي بہ اهي هوڪا ٿي هنيائون اتي حيرانگي ۽ خاموشي ٿي پي وئي. ماڻهو سڀ عجب ۾ پئجي پي ويا ڇو تہ سيئي فقير جانڻ چن سائين کي سڃاڻيندا هئا ڇو تہ فقير سائين انهيءَ تر جا ئي هئا ۽ سندن حال فقيراڻي ۽ ڪافراڻي ڍنگ جي ڪري، اڪثريت ڪين ڄاڻيندي هئي. ۽ ائين اهي هو ڪا ڏيندي اڇي مقامي اسپتال وٽان لنگهيا، اتي هڪ قريشي پير صاحب ڊاڪٽر هو جنهن جي آڏو بہ اهي هوڪا هنيائون ۽ پير صاحب جي ماٺ ڏسي اڳيان لنگهي ويا، پويان پير صاحب پنهنجو ماڻهو موڪليو ۽ فقير سائينءَ ۽ جهوني کي سڏرائي ورتائين. جهوني کي چيائين: "هينئر فقير مان رسو ڪڍ، ايندڙ جمعي تي اچي پنهنجا پئسا وٺجان" اِئين چئي پوءِ فقيرسائينءَ کي چيائين: "ويهو بگيءَ تي، هلون." فقير سائين چيو: "جيڪو ڪم ڪرائيندا مون اهو ڪندس. مون حياتي لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." تنهن تي پير صاحب چيو: "توهان کي جي امر آهي تہ مون

آهيون پاڻ بہ ويٺا آهن انهي وقت آڏوتي خيال ۾ آهن پاڪ سُونهاري ڳنڍيون ڳنڍيون ڳوڙا ڳوڙا، زلف مبارڪ ڳنڍيون ڳنڍيون ڳوڙا ڳوڙا، اسان کي پاڻي هتي تو اچي (سيني تائين اشارو) پاڻ سمنڊ ۾ ويٺا هن، لڳن تي لٺو ڪونهي ڪٽي جي ڳوڏ اٿن. ٿلهن سٿن تائين پاڻي موليٰ کي اچي ٿو. وار مبارڪ مٿي جا ڳوڙا ڳوڙا آهن آڏوتي حال ۾ پاڻ سمنڊ ۾ ويٺا هن، اتي گفتگو ڪا ناهي، چپ چاپ آهن. اهو ديدار ائين ٿيو. آڏوتي حال ۾ هت جيڪو پهريون ديدار ٿيو هُت اوشاڪي....“

فقير جانڻ چن سائين مڪمل سڪونت ۽ يڪسوئيءَ لاءِ ”پيارو ڳوٺ“ اسٽيشن (ضلعو دادو) سان اڳتي ڪچي ۾ ڳوٺ ”رڪيل پير“ سان لڳ ذڪڻ ڏانهن هڪ ”ڪبڙ“ جي وڻ هيٺيان وچي ڏيرو اڏيو. انهيءَ وڻ جون ٽاريون زمين تائين لٽڪيل هيون ۽ اندر ايتري جاءِ هئي جهڙوڪ ڪنهن ننڍي حُجري ۾. وڻ جون شاخون ٽاريون ڳچ گهاٽيون هيون. انهيءَ وڻ هيٺيان فقير سائينءَ يارهان (11) سال نفي ۾ گذاريا. ساوڻ هجي يا سيارو مينهن يا طوفان، پاڻ پنهنجي سر يا ڪڏهن ڪنهن رياضتيءَ سان اتي اهو وقت گذاريائون. پنهنجي مرشد پاڪ جي نظر ڪرم جو ذڪر ڪندي هڪ احوال هن ريت ٻڌايائون:

”اسان جو طالب آ ”فتح پور“ ۾ (تعلقو جيڪب آباد، ضلعو لاڙڪاڻو) اسان انهيءَ ڏي وڃون ٿا پيا. ڇوڪرو ”وزير علي“ نالو ٿس، انهيءَ جو ٽٽڻ تي هو جنهن کي ڪنيو ”محمد پور“ پيا وڃن دوا ڪاڻ، پر هنن جا سڏ اهي هجن تہ ”آءُ جانڻ سائين! آءُ سانڻ سائين!“ نيٺ ڇوڪرو واٽ تي بقا تي هليو ويو. موٽائي گاڏي ڳوٺ آيا هن. اسان بہ هيڏانهون پهچي ويا هيون. ”فيض علي“ (فقير جانڻ چن سائين جو پهريون طالب) انهن کي صلاح ڏني تہ ”ٽائيم اٿوَ اهو فقير آيو آ اهو جيئرو ڪري ڏيندو!“ واٽ ڏسيائين. طالب هو ڇوڪري جي ڏاڏي آ. اها ڪٺي آئي آ (ٻار جون اکيون دکيون چليون رت منهن تي ڪا شيءِ ناهي، دم وم ڪا شيءِ ڪانهي ڪا. آڻي اسان کي جهوليءَ ۾ ڏنائين. ”جانڻ سائين! اي اسانکون جيئرا ڪر ڏي! سڏ تيکون ڪيتوسين، سڏان تي پهچ ڳيائين. اسان کون اتي ئي اعتبار آڳيا! تون اهين کون جيئرا ڪرسين.“ آکيم ”بابا مين ڪيوين جيئرا ڪريسان؟

بابا مين تي اهڙا بار نـ رکو! الله دا ماريل هي مين اهين ڪون ڪيها ڪر جيئرا ڪريسان؟" ويهي رهي چيائين، "نـ سائين اسان ڪون اعتبار اي تون اهي ڪون جيئرا ڪريسين، سڏان تي پهچ ڳياهين !!" پوءِ ڪيڏي مهل هيئن جڳڪو آيو ۽ ڪنيومانس (ٻانهن تي):

"الله دي امان هووئي! "مهدي" مدد هووئي!
عمر دراز هووئي! بخت بلند هووئي!
"مهدي" مدد هووئي! فقير دي سجاڻ هووئي!

لولي هلي تي پئي تـ اکيون کلي ويون، ڏاڏي بـ ويٺي هئس تـ ماءُ بـ ويٺي هئس. ماءُ کي ڏنومانس "رک ٽٽن تي!" ٽٽن تي جو رکيائين تـ چنبڙي ويو ... اها قدرت مهدي ڏيکاريو. اها جانو کي ڏنئين دلجائي سجاڻي بـ اهو پيو...."

فقير جاني چن سائين جي سموري سوانح حيات ۽ سندن روحاني سفر جو احوال سندن ئي عنايت سان تمام ڪبير آهي، جيڪو هن مختصر مضمون ۾ پيش ڪرڻ ممڪن ناهي. فقير سائينءَ پنهنجي مرشد جي فيض ۽ رحمت سان بي شمارن کي حقيقي راهـ تي گامزن ڪيو. بي شمار انسان سندن فيض مان فيضياب ٿيا. گهڻن ئي اولاد کان محرومن کي پنهنجي هادي جي بارگاهـ مان اولاد جي نعمت سان نوازيائون.

## خلق خدا لاءِ سندن خدمتون

فقير جاني چن رح تصوف جي راهـ تي گامزن ٿيڻ کان اڳ توڙي پوءِ پنهنجي حياتي خلق خدا جي خدمت ۾ گذاري، صوفياڻي سلوڪ سان گهڻن کي ئي حقيقي راهـ تي گامزن ڪيائون. پر بي غرض تي غريب مسڪين عوام لاءِ بـ وڏي جدوجهد ڪيائون. "گهاڙ واهـ" (ضلعو لاڙڪاڻو) رد هو هزارين ايڪڙ زمين ويران ۽ غير آباد پيل هئي، انهيءَ ڳنڀير مسئلي تي ڪنهن وقت کان ماڻهن درخواستون لکيون، عرضيون ڪيون پر حڪومت جي ڪامورن ڪو ڌيان نـ ڏنو. جنهن دور ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزير خارجهـ هو انهيءَ دور ۾ فقير جاني چن سائين وٽي "لالو زائنڪ" ۾ "گهاڙ واهـ" جو مسئلو ڀٽو صاحب جي اڳيان نظم جي صورت ۾ پيش ڪيو جنهن نظم ۾ "گهاڙ واهـ" پنهنجا سُور

Gul Hayat Institute

پاڻ وزير سان ٿو سلي ۾ چوي ٿو ته (آخري شعر پيش آهي، جيئن ته نظم طويل آهي)

اڇي تنهنجي ڪورٽ ۾ اپيل ڪيم
جانڻ چن خيراتي وڪيل ڪيم
پاڻ ڪي تنهنجو اصيل ڪيم
جيڪو راهه خدا ٿو تقرير ڪري!
هي گهاڙ غريب فرياد ڪري
ڏسي واهر وزير سان حال ڪري

اهو نظم ڀٽو صاحبَ تمام دلچسپيءَ سان ٻڌي، پوءِ گهاڙ واهه تي ڪم ڪرايو پوءِ گهاڙ جاري ۾ ساري وهڻ لڳو. ساڳيءَ ريت تقريبن 1975ع ۾ فقير سائين "پيچر واهه" (ضلعو دادو) جو مسئلو به متعلقه چيف انجنيئر جي آڏو نظم جي صورت ۾ پيش ڪيو. انهيءَ سائين جو نالو غلام رسول شاهاڻي هو ۽ هو فقير جانڻ چن سائينءَ جي مرشد و امام حضرت سيد مهدي شاهه جهانيان رحه جو طالب هو. انهيءَ صاحب فقير سائين جي نظم تي پرپور ڌيان ڏريو ۽ عمل پڻ آندو ۽ ائين پيچر واهه جو مسئلو به حل ٿيو. انهيءَ کان اڳ پيچر واهه کي "منچر ڍنڍ" ۾ ڇوڙيو ويو هو. پاڪستان جي سياسي تاريخ جي ٻن وڏين شخصيتن سان فقير سائين جي ملاقات ٿي. ڀٽو صاحب سان ته گهڻائي ڀيرا ۽ هڪ ڀيرو صدر ايوب خان سان، جنهن ۾ فقير سائينءَ پاڪستان جا مسئلا نظم جي صورت ۾ پيش ڪيا. انهن ٻنهين شخصيتن فقير جانڻ چن سائين کي جدا جدا زمين ڏني جيڪا فقير سائينءَ پنهنجي لاءِ ترڪ ڪري غريبن ۾ ورهائي ڇڏي، اڳتي هلي فقير سائين ضلعي لاڙڪاڻي "وڳڻ" ويجهو ۾ "مائرن" سان لڳ "چنگاڻين" جي ڳوٺ لاءِ به هڪ واهه جاري ڪرايو جنهن جو نالو "علي بحر واهه" رکيائون. تنهن تي هڪ ڪلام به چيو اٿن. هت تنهن نظم جو ٿلهه پيش ڪجي ٿو:

"علي بحر" آيو "چنگاڻي" چڙهي ويا
ڪين مهر موليٰ، مهدي سان مڙهي ويا

**1991ع ۾ ڪفر جي فتويٰ تعزير واجب القتل ۽ "نارا جيل" حيدرآباد**

حيدرآباد جي اولهندي ٽنڊو "غفور شاهه جهانيان" ۾ ويٺل جهانيان خاندان جي سائين حسين شاهه جهانيان جو آستان، حسين آباد گدو ۾ هو. فقير جاڻڻ چن سائين حسين آباد گدو ۾ پهرين درگاهه "گلاب شاهه" تي پنهنجي فقر (طالبن) سان گڏجي آيا پوءِ پنهنجي مرشد پاڪ جي نسبت سان سائين حسين شاهه جهانيان وٽ به نياز منديءَ جا پيرا ڪرڻ لڳا. اهو سلسلو 1980ع جي ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو. ايئن پوءِ فقير سائينءَ جو سائين حسين شاهه وٽ تقريبن هرسال هڪ نه به پيرا اچڻ ٿيندو هو. رمضان 1411 هجري مطابق مارچ 1991ع ۾ فقير جاڻڻ چن سائين، صوفي نواب ولي محمد لغاري جي ميلي تان موٽيا ۽ سائين حسين شاهه جي مڪان تي آيا. انهيءَ کان اڳ ۾ هڪ نوجوان جيڪو حسين آباد گدوءَ جي "مغل پاڙي" جو رهاڪو هو ۽ جنهن جو پي مُلو هو. تنهن نوجوان، حسين شاهه کي عرض ڪيو ته هو فقير جاڻڻ چن سائين جو طالب ٿيڻ ٿو چاهي. حسين شاهه سائينءَ اها ڳالهه فقير سائين جي آڏو رکي جنهن تي فقير سائينءَ هن نوجوان کي آگاهه ڪيو ته اها واٽ تمام اوکي آهي. ۽ هن حال ۾ اچڻ واري تي دنيا سڄي جي ملامت هوندي آهي، جيئن ته اها ڳالهه فقير جاڻڻ چن سائين هر ٿيڻ واري طالب کي اڳ واٽ ئي چوندا هئا. پر هن نوجوان (جنهن جو نالو قمرالدين مغل هو ۽ سندس پيءُ جو نالو شمس الدين مغل هو) پنهنجي دل جي خواهش ۽ مرضيءَ سان طالب ٿيڻ جو خيال ڏيکاريو. تنهن ڪري 13 رمضان جي شام فقير سائين کيس حقيقي راهه جو مخفي سبق ڏنو ۽ طريقت ۾ کيس "اسلام علي" اسم ڏنائونس. جڏهن انهيءَ نوجوان جي والد صاحب مولانا شمس الدين مغل کي اها خبر پئي ته هو تپي ويو. ڇو ته هن جو تعلق وهابي مسلڪ سان هو اڳي ئي حُسين آباد جي رهواسين مان ڪجهه گهورا فقير سائينءَ جا طالب هُئا، جن ۾ هڪ سيد بادشاهه به شامل هو اهائي ڳالهه اتي جي رهواسين کي سخت ناگوارا گذري. مٿان هاڻ ته ماڳي مُلي جو پٽ فقير جو طالب ٿي ويو! ڇو ته باهه هاڻ سندس گهر ۾ لڳي هُئي انهي ڪري ئ هن ملان حسين آباد جي انهن پراڻن رهواسين

سان صلاحون ڪرڻ شروع ڪيون. جيڪي اڳيئي فقير جانڻ چن سائينءَ تي خار ڪائيندا هئا ۽ انهن مان ڪن جي حسين شاهه سائين سان بہ دشمني هئي. شمس الدين مغل مک اڳواڻ ٿي مڪر ٺاهيو ۽ فقير جانڻ چن سائين جي طريقي تعليم ۽ پيغام تي تمام ئي بيحودا ۽ فرسودا الزام هنيا، جيڪي سڀ ڪوڙا ۽ بي بنياد هئا. انهي ملان صاحب پنهنجي هٿ ٺوڪين ڳالهين کي ڦيلائڻ شروع ڪيو تہ جيئن عوام ۽ حڪومت جو ايڏانهن ڌيان ٺئي، انهن مقصد لاءِ انهن سيني چندا جمع ڪيا تہ جيئن سٺي نموني ڳالهہ پکيڙن. انهيءَ تحريڪ ۾ هنن پمفليٽ ڇپرايا، ڀتن تي لکرايائون، واعظ ۾ مسجدن جي لائوڊن تي اعلان ڪيائون، گڏجاڻيون ڪيائون ۽ پريس ڪانفرنسون ڪيائون. اها تحريڪ انهن مارچ جي ئي مهيني کان شروع ڪئي، انهيءَ وچ تي هنن مختلف فرقن جي قاضين ۽ عالمن کان ڪفر جي فتويٰ ۽ تعزير واجب القتل پڻ جاري ڪرائي. هنن شر پسندن جيڪي الزام فقير سائينءَ تي هنيا اهي ايترا بيحودا الزام هئا جو لکندي بہ حيف ٿو ٿئي، پر حقيقت ۾ سچي باهہ انهن مُلن کي فقير سائينءَ جي پيغام ۽ نعري تي هُئي ۽ اهو مک پيغام آهي "پنج تن پاڪ" جي الاهيت جو.

**جن فرقن جي مُلن فتويٰ جاري ڪئي تن جا نالا هن ريت آهن**

1۔ ديوبند، 2۔ اهل حديث، 3۔فقہ جعفريا، 4۔ اهلسنت

آگسٽ 1991ع تائين اهو شر ملڪي سطح تائين ڦهلجي ويو هر ننڍيءَ وڏيءَ اخبار ۾ فقير سائين جي خلاف، ڪين ۽ سندن پوئلڳن کي ڪوڙا هٿڻ ۽ ڦاهي چاڙهڻ جي گهر پي ڪئي وئي. فقير سائينءَ کي سنگ سميت "مرتد" پي چيو ويو. هر مذهبي جماعت اهائي گهر پي ڪئي. اخباري بيان بازيءَ ۾ پاڪستان جي شايد ئي ڪا مذهبي جماعت هجي، جنهن حصو نہ ورتو. ايئن نيٺ 23 آگسٽ جي ڏينهن احتجاجي جلوسن جي نتيجي ۾ حسين آباد پوليس سائين حسين شاهہ جي اوطاق تي ڇاپو هنيو. اتان سائين حسين شاهہ سندن فرزند ۽ اتي آيل ۽ رهيل ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ حسين آباد ۾ موجود فقير سائينءَ جي طالبن کي بہ گرفتار ڪيو جنهن ۾ اسلام علي بہ

شامل هو. انهن ڏينهن ۾ فقير جانڻ چن سائين "پيارو ڳوٺ" اسٽيشن (ضلعو دادو) ۾ رهيل هُئا. جيئن اها خبر اٿي، تيئن فقير سائينءَ جا طالب پاڻ هلي اچي حسين آباد ٺاٺي تي پيش ٿيڻ لڳا. توڙي ڪن اخبارن اهڙي ڪوڙي خبر به ڇاپي ته "ڇاپي مهل فقير جانڻ چن حسين آباد مان فرار ٿي ويو". ٿي ڏينهن گرفتار ٿيل ماڻهن کي لاڪ اپ ۾ رکي چوٿين ڏينهن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. پوءِ ڪورٽ ريمانڊ جي لاءِ ستن ڏينهن لاءِ "نارا جيل" موڪليو. هوڏانهن فقير جانڻ چن سائينءَ سان ڪئي طالب سنبري بيٺا، پر فقيرسائين انهن مان ڪن ٿورن کي ئي هلڻ جي اجازت ڏني. فقير سائينءَ جو هڪ طالب جنهن جو حڪومت ۾ واسطو هو تنهن فقير سائينءَ کي چيو ته هو سندن ضمانت ڪرائي سگهي ٿو تنهن تي فقير سائين فرمايو:

"اهو عشق جو دستور ئي ڪونهي! جيڪي طالب منهنجي پويان آهن، اُهي هُتي بند آهن. جن کي جي مون هت (هن جهان ۾) نه ڇڏايو ته اڳيان ڪهڙو ڇڏائيندو سان! باقي سولي ته منهنجو ڏاج آ!!

ايئن پوءِ اتان ئي فقير سائين پنهنجي طالبن سان گڏ، ٻڌيءَ سواريءَ ۾ روانو ٿيا ۽ سڌو اچي حسين آباد جي چوڪ بازار ۾ بيهي ٺاٺي جو پڇيائون ۽ پوءِ پرجوشيءَ ۽ جذبي سان وڃي پيش ٿيا. سندن نعرا وڏي واڪي اهي هئا:

"نعراءِ علي الله"

"نعراءِ پنج تن الله!"

اتان کان پوءِ کين نارا جيل پهچايو ويو اتي به فقير سائينءَ جا اهيئي نعرا هئا. اتي کين ۽ سڄي ساٿ کي خاص سيل ۾ رکيو ويو جيڪي اڳي گرفتار ٿيل هُئا اهي به انهيءَ ئي سيل ۾ رکيا ويا هئا. هاڻ ڳالهه ڪورٽ ۾ آئي چو ته جوابدار پهچي چڪا هئا. هاڻ انتظار فريادين جو هو پَر مُلن شاهدي ڏيڻ يا ثبوت پيش ڪرڻ کان انڪار ڪيو. حقيقت ۾ ڪو ثبوت هوئي ڪين ۽ نڪي ڪو شاهد، ڇو ته ڪجهه ٿيو هجي ته ڪنهن ڏٺو به هجي! ٻئي طرف فقير سائين پنهنجي طالبن کي چيو: "ادا ڳالهه ٻڌو! هنن جو جهيڙو آهي مون سان توهان کي به انهي لاءِ ٻڌايو اٿن. توهان جا ٻار ٻچا به آهن، ڪن کي اجا دنيا ڏسڻي

آ، هاڻ منهنجي پويان پنهنجي زندگي نہ وڃايو!“ تنهن تي طالبن پڇيو: ”پوءِ ڇا ڪيون؟“ فقير سائين فرمايو تہ ”اهي جيڪي ڳاڙا گيڙو ويس اٿوَ اهي لاهي ڦٽي ڪيو ٻاهر ۽ چئو تہ ”اسان هن جا ناهيون “ ۽ ٻانهہ لوڏيو هليا وڃو.“ تنهن تي طالبن چيو ”جي اسان کي ڪيڏنهن اٿئي تہ اسان کي پاڻ کان ڇو ٿو تڙين؟ تون ئي ڪجھ ڪر سڀ تنهنجي هٿ آهي!“ تنهن تي فقير سائين فرمايو: ”منهنجي هٿ ڪجھ ناهي سڀ ڪجھ مهدي جي هٿ آ.“ ايئن اتي ڪين ٿيئون ڏينهن هو جڏهن فقير سائين کي آواز آيو: ”چئو!“ ۽ اهو آواز باريڪ ۾ گونجي ويو. جڏهن پنهنجي سيني ڏانهن نهاريئون تہ ڪين پنهنجي مرشد پاڪ جو ديدار ٿيو ۽ پوءِ هي بيت چيائون:

پکيئڙا پرينءَ جا عاشق ابابيل
هٽن جي هاٿين کي تہ فنا ٿين فيل
جانڻ چن چوي اصيل، آيا مرد ميدان ۾

سندن انهيءَ بيت جي مڪمل ٿيڻ جي دير هئي، جو هيڏانهن سپاهي ڊوڙندا آيا ۽ اچي باريڪن جا ڪڙا لاٿائون ۽ چيائون: ”وڃو وڃو نبري ويا آهيو!“ تنهن تي فقير جانڻ چن سائين فرمايو: ”ادا ڪيئن نبري ويا آهيون؟ فريادي ڪٿي هن؟ جن اسان کي هت گهرايو.“ سپاهين ۽ سپرنٽينڊنٽ ورائيو: ”هو ڀڄي ويا!“ عدالت جي ججن مُلن جي مڪر کي سمجهي ورتو ۽ ايئن پوءِ فقير سائين ۽ سموري ساٿ کي باعزت رها ڪيائون. فقير سائين انهن جج صاحبن کي جس ڏيندي هڪ بيت چيو:

امانت وئي عدالت ۾، انهيءَ ججن کي آ جس
ڪسوٽي هنيائون ڪوڙن کي مِلا قاضي ڪس
جانڻ چن چوي ججن، کي ڏوريئون پيو ڏس،
جي وسو کي ويجها ٿيا

جج صاحبن فريادين کي جڏهن اچڻ لاءِ چيو هوتہ هنن فقير سائينءَ جي آڏو اچڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائون: ”انهن کي ائين ئي ڦاهي چاڙهي ڇڏيو!“ تنهن تي جج صاحبن تي ڳالھ ظاهر ٿي پئي تہ هي

Gul Hayat Institute

سارو شور ملن جي هٿ جو مڪر آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪا بہ سچائي ناهي.
حقيقت ۾ ملن سان گڏ جوڙ ۾ ڪي غير سنڌي ۽ سنڌي قوم جوم دشمن قوتون بہ شامل هيون، جن جو مقصد ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان سنڌ ۽ سنڌين کي ختم ڪرڻ آهي. فقير سائين فرمايو "اڳي عاشقن، صوفين، فقيرن کي سوليءَ چاڙهيندا آيا، ڪن جون کلون لاهيندا آيا، ڪن جا سر کپيندا آيا پر هن پنڌرين صديءَ ۾ قدرت جو ڪو اهڙي رنگ رکيل هو جو باطل پڇي ويو ۽ حق غالب اچي ويو!"
("نارا" جي واقعي ڪانپوءِ حسين شاھ سائين تمام بيمار رهڻ لڳا. ايئن پوءِ 8 مئي 1992ع ۾ 73 سال جي عمر ۾ سندن وفات ٿي ۽ کين سندن اباڻي ڳوٺ ٽنڊو غفور شاھ جهانيان (دُبائو) ۾ مدفن ڪيو ويو.)

### 1992ع کان 1995ع تائين

نارا جيل مان واپسيءَ ڪانپوءِ فقير جانڻ سائين ڪجھ عرصو موندر لاڪا ۾ ئي رهيا. پوءِ سال 1992ع جي شروعاتي مهينن ۾ وچي ڳوٺ رکيل پير (لڳ پيارو اسٽيشن، ضلعو دادو) لڳ ڪچي ۾ آستانو اڏيائون. (جتي ويجھو اهو وڻ آهي، جنهن هيٺ پاڻ نفي ۾ گذاريائون) اتي اڳي بہ سندن رهڻ ٿيندو هو پر 1992ع کان مستقل اتي ئي رهڻ ٿين. پاڻ موندر لاڪا مان هجرت ڪري اچي اتي رهيا. (اهو ماڳ ڳوٺ رکيل پير جي ڏکڻ پاسي ڏانهن آهي. اتي اولھ ڏانهن سندن گهر مبارڪ هئا، اتر ڏانهن اوطاق مبارڪ ۽ اوطاق جي ڏکڻ ڏانهن ڪجھ قدمن جي پنڌ تي اهو کبڙ آهي) فقير سائين پاڻ انهيءَ ماڳ کي "فقير آباد" نالو ڏنو. 1992ع جي ٻارهين مهيني کان فقير سائين جو شعر ڪلام ڦُڙي ڦُڙي ٿي اخبارن منجھ ڇپجڻ شروع ٿيو پر اهو تمام ٿورو ئي ڇپيو. 1993ع ۾ فقير سائين پنهنجي مرشد پاڪ جي عرس مبارڪ تي شاهپور جهانيان ۾ پنهنجي ڪلام جي مجموعي کي، "حق اثبات" نالو ڏنو. آڪٽوبر 1993ع کان سندن سوانح حيات ۽ ڪلام تي باقاعده ڪم شروع ڪيو ويو. 1994ع جي پهرين مهيني کان ڪلام حق اثبات ياڱن ۾ ڇپجڻ شروع ٿيو. ڪلام چئن ياڱن ۾ ڇپيو ۽ اهو ڪم 1995ع جي جولاءِ ۾ مڪمل ٿيو ساڳي وقت ۾ فقير سائين جن جي حياتي

Gul Hayat Institute

مبارڪ جو سمورو احوال اڪٺ ۾ اچي چڪو هو ڇو جو پاڻ ئي ايئن عنايت ڪندا آيا. جيئن 1992ع ۾ پاڻ فقير سائين اچي ”فقير آباد“ وسائي. ايئن پوءِ يڪو آڪٽوبر 1994ع تائين پاڻ اتي ئي رهيا، پوءِ فقير سائين جو هڪ اهڙو طالب هو جنهن ساڻن تقريبن ٽيهه (30) سال گذاريا هئا. انهيءَ اتي جي ٻين شر پسند ماڻهن سان گڏجي فقير سائين کي بغاوت ۽ ساڻن بيزاري جو اظهار ڪيو انهيءَ ڳالهه ڪانپوءِ فقير سائين جلد ئي اتان هجرت ڪري واپس اچي موندر لاڪا ويٺا. انهن ڏينهن ۾ محترمه بينظير ڀٽو (جيڪا ان وقت وزيراعظم هئي) فقير سائين سان ملاقات ڪرڻ چاهي، اها خواهش ڪيس گهڻي وقت کان هئي. 1994ع جي آخر ۾ جناب عبدالقادر ابڙو (جيڪو پاڻ لاڙڪاڻي جو رهاڪو ۽ فقير سائين جو عقيدتمند آهي) بينظير ڀٽو جي فقير سائين جن سان پي ايم هائوس لاڙڪاڻي ۾ ملاقات ڪرائي، ملاقات ۾ بينظير ڀٽو فقير جانڻ چن سائين ڪان دعا ۽ روحاني سبق طلب ڪيو جنهن تي فقير سائين فرمايس:

> ”دعا توهان کي (يعني ذوالفقار علي ڀٽو کي) مهدي سرڪار جي آهي. پاڻ ۾ ماءُ ڌيءَ ٻاءَ گڏ ٿي رهو پوءِ توهان کي ڪو لوڏو ناهي. ٻيا هي جيڪي ماڻهو توهان ۾ راشي آهن. جيڪي غريبن جا حق غذب ڪيو ويٺا آهن. انهن کي ڪڍو. غريبن جي خدمت ڪيو. سبق توهان کي اهو اٿو باقي مهدي سرڪار شاهپورجهانيان، اوڏانهن پنڌ نه وسارجو. اوڏانهن توهان جو پنڌ هجي.“

اهي نقطا فقير سائين جن بينظير ڀٽو کي سبق طور ڏنا. بينظير ڀٽو فقير سائينءَ کي عرض ڪيو ته پاڻ سائين جيڪو چوڻ اهو هو سندن لاءِ ڪري. تنهن تي فقير سائينءَ فرمايو: ”توهان غريبن جي خدمت ڪيو اسان لاءِ مهدي ڪافي آ.“ انهيءَ هوندي به هن درگاهه جي ڪم ۽ گهرن جي پڪي اڏاوت ۾ دلچسپي ڏيکاري. انهيءَ سلسلي ۾ فقير سائينءَ جي بينڪ رٽ ۽ گهرن مبارڪ جي پرسان هڪ ڪوارٽر جي اڏاوت ڪرائي، (جيڪو ٻن ڪمرن هڪ ورانديءَ ۽ هڪ بورچي خاني تي مشتمل آهي) پر انهيءَ ڪوارٽر ۾ فقير سائينءَ جن پاڻ هڪ

Gul Hayat Institute

ڏينهن بہ رهائش نہ ڪئي. پاڻ ساڳي ريت پنهنجي ڪڪائين گهر مبارڪ ۾ اوطاق تي ئي رهيا. انهي سال فقير سائين جي ٽئين فرزند "محمد علي مست" علالت سبب جمعرات فجر جو 27 جمادي الثاني 1415 هہ مطابق پهرين ڊسمبر 1994ع جو هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ڪين سائينءَ جن جي گهر مبارڪ جي پر ۾ دفن ڪيو ويو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ فقير سائين جي شريڪ حيات سائينڻ فقيرياڻي پاڪ جي روح مبارڪ جمعرات جي ڏينهن يارهين (11) رجب 1415هہ مطابق 15 ڊسمبر 1994ع جو دارالبقا ڏانهن پرواز ڪيو. ڪين سنڌن فرزند جي پر ۾ مدفن ڪيو ويو. اهي ئي ڏينهن هئا جو فقير جانڻ سائين پنهنجي ڏوٽي ديدار علي سائينءَ کي پنهنجي جسم جي مدفن ٿيڻ لاءِ جاءِ ڏيکاري ۽ فرمايائون: "اسان کي هت جاءِ جو" (اها جاءِ فقير سائينءَ جي فرزند ۽ گهر واريءَ جي مزار جي پرسان هئي) ان ڪانپوءِ پاڻ پنهنجي وڏي فرزند فتح علي سائين کي فرمايائون تہ پاڻ هن جهان مان لاڏاڻو ڪن ٿا. جنهن تي فتح علي سائين عرض ڪيو تہ پاڻ اجا بہ ظاهر رهن. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ پاڻ اجا سال جو وقفو رکندا. 1995ع جي آگسٽ جي آخر ۾ فقير سائين پنهنجي هڪ طالب "قنبر علي انڙ" وٽ "انڙ ڳوٺ" (ٽنڊوڄام کان اندر) آيل هئا. جت طبيعت ۾ ظاهر جي ناسازگي رکيائون. ميڊيڪل رپورٽ مطابق سنڌن غدود پرجي چڪا هئا. پوءِ علاج جي بهاني وچي سول اسپتال لاڙڪاڻي داخل ٿيا. جيئن تہ فقير سائينءَ جن جي جسم مبارڪ جي حياتي سئو کان مٿي هئي، تنهن ڪري آپريشن ممڪن نہ هو باقي ليزر جي وسيلي علاج ممڪن هو. اتفاق سان لاڙڪاڻي ۾ علاج جو انتظام ٿي نہ سگهيو ۽ ائين پوءِ فقير سائين جن کي ڪراچيءَ جي سول اسپتال ۾ ڊاڪٽر اديب رضوي جي وارڊ ۾ داخل ڪرايو ويو. (فقير سائينءَ جو ڪراچيءَ ۾ اهو پهريون ۽ آخري ڀيرو اچڻ هو) انهيءَ علالت جي ڏينگ ۾ اچڻ شرط ئي فقير سائينءَ کائڻ پيئڻ تمام گهٽائي ڇڏيو. لاڙڪاڻي اسپتال ۾ جڏهن ڊاڪٽرن کين گهڻو پاڻي پيئڻ لاءِ چيو تہ پاڻ جوش ۾ جلال ۾ فرمايائون: "توهان مون کي سڃاتو آ؟ مون عاشق، آهيان مون باهہ آهيان" انهيءَ کانپوءِ تہ پورو هڪ هفتو نہ پاڻي ئي پيتئون، نڪي

Gul Hayat Institute

ڪجهه ڪاڏائون. ڪراچيءَ اچڻ ڪانپوءِ ڪجهه پاٽي پيئڻ ۽ ڪڏهن ڪجهه تمام ٿورو ڪائڻ لڳا. نيٺ نومبر ۾ ليزر جي وسيلي سندن علاج ڪيو ويو. جيترا ڏينهن پاڻ انهيءَ وارڊ ۾ هئا، اوترا ڏينهن مستقلءَ انهي وارڊ ۾ ڪائڻ اڳي داخل ٿيل مريض شفا پايو ڇٽندا پي ويا. انهيءَ ڳالهه تي اتي جو اسٽاف پاڻ بہ حيران رهيو. فقير سائين جي علاج لاءِ انتظامي خدمت جو ڏاج سائين عبدالقادر ابڙو کي نصيب ٿيو. جانڻ چن سائين، نومبر جي مهيني ۾ اهو علالت جو ڊنگ پورو ڪري، واپس موندر لاڪا آيا. انهيءَ علاج دوران سندن ڇير مبارڪ لٿل هئي ۽ پوءِ جڏهن موندر لاڪا وريا تہ تمام بي چين ۽ بي آرام گذارڻ لڳا. ڪائڻ پيئڻ بہ ڇڏي ڏنائون. انهيءَ دوران سندن مرشد پاڪ جو ساليانو عرس مبارڪ بہ تي گذريو پر پاڻ انهيءَ حال جي ڪري اوڏانهن بہ نہ وڃي سگهيا. ائين پوءِ آخر 23 ڊسمبر 1995ع ڇنڇر جي شام جو پاڻ پنهنجي هڪ رياضتي طالب ”امن علي“ کي آگاهہ ڪيائون، تہ پاڻ ايندڙ رات جو هن دنيا کان مظهر متيندا ۽ پوءِ پنهنجي قول مطابق ڀهرين شعبان 1416 هہ مطابق 24 ڊسمبر 1995ع آچر جي فجر جو پنهنجي هند تي آرام جي حالت ۾ پنهنجي جسم مبارڪ کي هن ڌرتي تي ڇڏي پنهنجي اصل ماڳ تي موٽي ويا.

سندن طالبن سندن جسم مبارڪ آڏو سجود سان نماز پڙهي ۽ پوءِ سموري سنگ فقير سائين جا ٻول ڪلام ڳائيندي، سندن جسم پاڪ کي مزار جي جاءِ تي کٽي آيا. پوءِ سندن ڏسيل جاءِ تي سندن جسم مبارڪ کي سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندن گاديءَ تي هن وقت سندن وڏو فرزند فتح علي سائين ”نصيب علي“ ويٺا آهن، جيڪي پنهنجي والد صاحب جا طالب آهن. هن سال 1417 هہ ڀهرين شعبان مطابق 12 ڊسمبر 1996ع فقير جان محمد جانڻ چن صادق علي رحمت الله عليہ سائينءَ جو ڀهريون عرس مبارڪ ملهايو ويو. فقير جانڻ چن سائينءَ جا اهل و عيال موندر لاڪا ۾ فقير سائين جي درگاهہ مبارڪ لڳ سندن رهائش گاهہ ۾ ئي رهن ٿا. جيڪي نقيري فيض ۽ رنگ قائم رکيو اچن.

# حق اثبات

Gul Hayat Institute

## بيت

### اباٻيل

ڪکيڙا پرينءَ جا، عاشق آباٻيل
هٽن جي هاٽين ڪي، تہ فنا ٿين فنا،
جانڻ چن چئي اَصيل، آيا مرد ميدان ۾

## ڪافي

### ابليس

۔ اِبليس چيو الله کي، ”آيا توڏي تورا مون ڏي گھٽا“

تو اَ سجدو الآدم“ چيو تنهنجو چيو مون نہ ڪيو
جماعت وئي منهنجي وڏي، توڏي آيا ڪي ڪي ڪٽا
ابليس چيو الله کي، ”آيا توڏي تورا مون ڏي گھٽا“

منهنجا، تنهنجا ڪڏهن نہ ٿيندا، آدم کي نہ سجدو ڪندا
علم پڙهيئون انڪار جو تڏهن ٿو مان هيءَ هام هٽا
ابليس چيو الله کي، ”آيا توڏي تورا مون ڏي گھٽا“

مان تو پڙهايان ”مان“ ۽ ”مون“، تون تو پڙهائين ”تون ئي تون
منهنجا ٿوڪيل تنهنجا فنا بقا، منهنجا مونکي وٽيا تنهنجا توکي وٽيا
ابليس چيو الله کي، ”آيا توڏي تورا مون ڏي گھٽا“

Gul Hayat Institute

تنهنجا رڳو توکي گهُرن، دنيا، عقبيٰ نہ ٿا گهُرن
طالب ٿيا توحيد جا، وڃي ويڙهہ وحدت جي وڙهيا
ابليس چيو الله کي، ”آيا توڏي تورا مون ڏي گھٽا“

دِنيا، عقبيٰ منهنجا گهُرن، ست جهنم جاگير ا ٿم
وندي وراهي مون ڏنن، جيئن ٿپن بٽ ۾ چٽا
اِبليس چيو الله کي، ”آيا توڏي تورا مون ڏي گھٽا“

ملڪ جو مالڪ تون وڏو امتحان اٿئي منهنجو ڏڏو
اڇلي وڌو مان هڏو اچي گڏ گڏهہ تي مونسان چڙهيا
ابليس چيو الله کي، ”آيا توڏي ٿورا مون ڏي گهڻا“

تو سان مون ووٽنگ ڪئي، منهنجا علم وارا ايجنٽ هئا
ڪٽي قرآن ڪيڻ ۾ اچي، ساجهر لالچ تي سڙيا
ابليس چيو الله کي، ”آيا تو ڏي ٿورا مون ڏي گهڻا“

تنهنجي منهنجي رمز کي، ڪي عشق جا ڄاڻن اسير
اهي منهنجي واري ڪين وريا، سر سهاءِ ڏنائون پڙا
ابليس چيو الله کي ”آيا توڏي ٿورا مون ڏي گهڻا“

ڳالهہ سموري آ سچي، ڪوڙ خلاف، ناهي ڪچي
ڪربلا ۾ پاهتر، پيا سيئي حق سان لڙيا
ابليس چيو الله کي، ”آيا تو ڏي ٿورا مون ڏي گهڻا“

حق جي ٻولي تنهنجا پڙهن، منهنجا تنهنجن سان ٿا سڙن
تنهنجا ٿورڙا تب نہ مُڙن، وڃي سبق سوليءَ جو پڙهيا
ابليس چيو الله کي ”آيا توڏي ٿورا مون ڏي گهڻا“

صوفين سر ثابت ڪيو صورت کي سجدو ڪيو
جاڻ چن چئي جار سان، وڃي موج مهديءَ جي مڙهيا
ابليس چيو الله کي، ”آيا توڏي ٿورا مون ڏي گهڻا“

Gul Hayat Institute

**بيت**

**احد**

جيڪي ”احد“ کي ”عبد“ چون، اُهي ڪين ڏسڻ
سڏاءِ ”دوست“ ڪن ڏُشمني، مُنافق مُسڻ
جاڻ چن چوي اُهي ڪيئن پسن، مشاهدو محبوب جو

## سرائڪي ڏوهيڙو

احد، احمد ماهي هڪڙا، مين ڪڏهن منهن نہ موڙان
اهين عقيدي دوزخ جاوان، صدق مول نہ توڙان
تحت الثرا توڙي نيون، تب دامن مول نہ ڇوڙان
جنهن نال ٻڌي هان تنهن نال ڇُڙسان، مين سائين دي نال سوڙهيان
عربي ڍول دي ڪول هووان، هن ميڏيان نصيبان ڏوڙيان
سرڪار مديني تان صدقا وڃان مين جاڻ چن، هڻ مين تي ڪرم ڪروڙان

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

#### ڪافي 1

لامڪان ۾ "احد"، عرشن مٿان ٿيو "احمد"
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

عبدالله اڳيئي ڇڏي ويو دنيا منجهان لڏي ويو
پيٽ پٺيءَ نہ ڪا شيءِ، مثقال نہ گڏي ويو
"لَمْ يَلِدِ وَلَمْ يُولد"، محمد اچي سڏايو
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

الله آهي عربي، فرقان ٻولي عربي
جيڪي ٻيو چون ٿا، سزا انهن تي پربي
مذهبن ڇڏيو ٻُلائي، ويل تنين وهايو
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

عرب ۾ آيو ٿيو عرب، "ع" بنا آهي "رب"
"ڪل شيءِ مُحيط"، الله ڪُل ۾ جذب
صوفين آهي سڃاتو، فرقان آ فرمايو
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

Gul Hayat Institute

شام ۽ قصرا جون ماڙيون، ڏسبيون نہ هيون ڏيهاڙيون
جڏهن ذات ڪيو ظهورو، آيون ڏسڻ ۾ ماڙيون
حليمہ چيو "اڇي ويو"، جنهن ڏور پي ڏسايو
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

گُمراهہ چون ٿا دائي، آمنا جي ويجهو نہ آئي
ناهي ڄڻيو ڄڻايو ڪيئن ٿي حليمہ دائي؟
آمنا قسم کڻي پئي، "عرشن ڏانهون آ آيو"
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

ٽيهٽ سال هتڙي، زمين تي گذاريائون
آهن ست زمينون، وري هيٺين کي سنڀاريائون
هيٺين چيو: "اڇي ويو محمود، حامد آيو"
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

چوڏهين ۾ مهدي مليو پنڌرينءَ ۾ ٽياسين پڌرا
چوڏهينءَ ۽ پنڌرين ۾ برهہ ڏنا آهن ڀرا
جيئي سدا جهانيان، مهديءَ هي رنگ لائيو
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

جانڻ چن ٻڌائي، پنڌرينءَ ۾ پڌرائي
"ٻانهي" چئو ميان تو ناهي حليمہ "دائي"
آبو آ هلندو گهُمندو الف ميم پائيو
زمين تي ٿي "محمد"، آمنا جي گهر آيو

Gul Hayat Institute

### ڪافي 2

تي احدئون "احمد" آيا،
وي محبوب ميم دا برقعا پايا

آيا آدم دي تي اولي، گُر گيت بتايا سمولي
ٻولي "انا احمد" ٻولي، "بلا ميم" آک سڻايا
وي محبوب ميم دا برقعا پايا

جيڪو "عبد" اي سوئي "احد" اي اهين حد دي وچ ئي لاحد اي
"قوسين" دي ڪُرسي شاهد اي، فرقان صحيح فرمايا
وي محبوب ميم دا برقعا پايا

آپ نفي اثبات اي، اهو قرب ڪمايا ذات اي
اها ڏاتر دي وچون ڏات اي، اهين ڏات وچون ڏاڻ ڏِوايا
وي محبوب ميم دا برقعا پايا

صوفي سير سمورا ڄاتا، اهو فيض فقيران پاتا
جاڻ چن نسنگ تيا ناتا، اهو مهدي محب ملايا
وي محبوب ميم دا برقعا پايا

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

### آدم

### ڪافي 1

صحيح سڃاتم، آدم آهي ڪير آدم
آئي ذات صفات ۾ آ، ڏاڍو لڪڙو لڪايو آ

آب، آتش، هوا، خاڪ گڏي گڏي
وِڌي قدرت تنهن منجهه، ڪعبو اڏي اڏي
آهي قلب ۾ ڪير؟ صوفي سڃاتو آ سير
اهو محلات محبوب جو آ

Gul Hayat Institute

قدرت جو ڪعبي ۾ سر ويو ٺهي ويو ٺهي
"الانسان سِرِي و اَنا سِرهُ"، صحيح آ صحيح
"آدم"، "آدم" چوان ڪي نہ "الله" چوان؟
جنهن جو شاهد حديث قرآن آ

عاشقن الله جي اثباتي، ڪئي آ ڪئي
ڇاتي اندر تن جي، جهاتي پئي آ پئي
ڪيائون سر ڪي سجُود، ڇڏي ڏنئون پيو معبود
اٺئي پهر نماز آ

جانڻ چن، مرشد مهدي مليو آ مليو
تنهن جي پاس سان در ڪعبي جو کُليو آ کُليو
لهي پئي آهي لِڪَ، ويا شِرڪ ۽ شڪ
ٿيو معراج موليٰ جو آ

**ڪافي 2**

آدم ڪي ڪيو سجدو ملائڪن، مام انهيءَ ڪي سمجهي ڪير
ثابت سر ڪي ڪيو آ صوفين، مُلن جو ايڏانهن اير نہ پير

عشق جڏهن پيرولي پڙهائي، سمجهڻ تي سي سولي سٽائي
گم تي پيائي آئي هيڪڙائي، من مؤن نڪري ويئڙو مير

"اَلاِنسان سِرِي وَ اَنا سِرَهَ"، دم ۾ ڏنوسي ڳولهي هو هو
دم سان دم ۾ ڏويدو، ڳُپيري جو لڌوسين پير

مئي جو سُر ڪي مرشد پياري، شڪ ويا، پئي سُڌ سموري
جيئي جهانيان ڪئي سرداري، واقف ٿيوسي سارو سير

صوفين صاف لڌو آ سوجهي، فرق نہ ڄاڻن سهٽي ڪوجهي
پار انهيءَ وصالؤن ويجهي، جانڻ چن ڇئي ڪو فند نہ ڦير

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

- پاڪ پليت ڪڏهن نہ ٿيندو آدم آهي پاڪ

پليتيءَ جو آ شڪ جنهن کي
ابليس سمجهو پڪ تنهن کي
اهو پاڻيئي ڪري ٿو ساڪ

"يُوَسوِسُ فِي صُدُورالنَاس"
"مِنَ الجنتُ" آهي "وَاَلنَاس"
واحد جو آ واڪُ

"وَنَفَخَت فِيہ من رُوحِي" ظهورو
"وَفِي اَنفُسَكُم" پتو آ پورو
هاديءَ هُلائِي هاڪ

سئو چوهٺ سيکو پنهنجي نيندو
پاڻ تي پاڻ شاهد ٿيندو
پڏو ساري لولاڪ

"اَسجُدو الآدم" پجي پيو پولو
رولن لاءِ آهي،س دائين رولو
لڌو جانڻ چن وچي ٿاڪ

## ڪافي 4

بهشت چڏيو آهي پاڻ مون، مونکي نہ ڪنهن لوڏايو
"طالب العُقبيٰ مونث"، پسند مون کي نہ آيو

مون کان متي پيو ڪير هو؟ جيڪو تڙاءِ ها مونکي
منهنجي اهائي ذات آ، ملائڪن تي سر جهُڪايو

قيمتي ڳٺو ويس ڪيڍي، جيڪا موچاري هئي مَڏي
مون تي ملامت ڪئي تنين، جن کي سمجھ ۾ نہ آيو

Gul Hayat Institute

هٿ سان حوا کي ڇڏي، هجر جو هُنبا ڪيم
نفي ۽ اثبات جو پاور مون پچايو

"مُوتُوا قبل" جي ٿيا، اُنهن منجهه اثبات ٿيس
اُتي آواز آ منهنجو "انا الحق" آلايو

جامو "چن جانڻ" جو ڪري، بارود آيو آهيان پري
سر تي جيڪو سر ڌري، انهيءَ منجهه سمايو

## ڪافي

آدم الله آهي، آدم نٿو مري
موٽي وڃي ٿو ملڪ تي، پوءِ هيءَ جاءِ ٿي ڪري

مردار مري سو ٿيو جنهن دم وساريو دائما
قائم ڪلالي ٿيا، دم موج ٿو ڪري

"ونَفَخت فِيهِ مِن روُحِي"، رمز ڪي جن ڏٺو انهيءَ جاءِ ۾
شرف ۽ شان سان، اُها مٽي مان ٿي ڪري

مرضيءَ موجب پنهنجي، جيتر رهي هن جاءِ ۾
پوءِ به پنهنجي خيال سان، پرواز ٿو ڪري

"مُوتُو قبل" سان مري، تارڪ ويا سڀ تري
خبر آندائون ڪري، وڃي سمنڊ جي تري

ملان مصحف آ پڙهيو پر قلب ۾ ناهي ڪڙهيو
فرقان اندڻ سان اڙيو ملان واڙ نہ وري

جانڻ چن جاچي ڏٺو "وَنَحن اَقرُبُ" آ وڻو
ذات آئي صفات ۾، لِڪي لاڏ تو ڪري

Gul Hayat Institute

## ڪافي 6

آدم الله آهي، وبساهہ آڻ قاضي
مشڪل حل تڏهن ٿيئي، آدم ٿيئي راضي

آدم سوا ڪشا نہ ٿِئي، ملان ڪنهن جي مشڪل
جنهن وساريو پاڻ کي، اهو آهي عذابي

ڇڏ ويسارو جُود ڪر، صورت کي سجود ڪر
پير مغان معبود ڪر، فيض ٿئي فياضي

وحدت جو واپار ڪر، "پاڻ" کئون نہ ڌار ڪر
"پاڻ" کي شڪار ڪر، عمر ٿيئي درازي

'سري وَانا سر هُو'، اهو اٿئي "الله هُو"
"خَلقَ الآدم" هُو بهُو انهيءَ سان ٿي سازي

'وَفِي اَنفُسَڪُم' وعدو قانُون پڪو قائدو
هيا تو حق لڪايو روڳي ٿيئن روازي

مثل بي مثالي، جانڻ چن بحالي
وحدت سان ٿيو والي، باطق آ آوازي

## ڪافي 7

پاڻ ڏٽي آيو هتي، آدم جي ٿي اولي
بشر بوتو بيڪ بنايئين، "مون کي ڪو ڳولهي"

نفي مئون اثبات ڪيو آ، عاشقن اظهار
پيهي ڏٺائون پاڻ ۾، مليو مردن مهندار

"آنا اَحمد بِلامِيم"، پاڻ وينو ٻولي

"احد" ئون "احمد" پاڻ ٿيو ڪو سڃاڻي نہ سگهي
عاشق اٽڪيا ڪينڪي ويا لاحد کان بہ لنگهي

ملان قاضي مُنجهي پيا، خلق وڏائون رولي

Gul Hayat Institute

جتي ئي صفات آ، اُتي ئي آهي ذات
مانجهي مُنجهيا ڪينڪي، ٿا لون هڪڙي لات
"عَبدُه و رسوله"، اُتي ڪئي پُلي پيا پولي

پير مُغان جي پاس سان، جاڻ چن پاتي جهات
مهديءَ اوڏانهين موڪليو جاتي ڏينهن نہ رات
وياسين ملڪ انهيءَ تي جاتي ٿُردي ماسي تولي

### ڪافي 8

- آدم پاڻ "الله"

هر شيءِ "هوُ" جو قطرو آهي

عشق چيس تڏهن انگڙا چنديائين هر شيءِ ۾ پنهنجو نور ونڊيائين
ڏني اٿس عشق صلاح، هر شيءِ "هُو" جو قطرو آهي

بشري بوتو بيک بنائي، پنهنجو آيو پاڻ لڪائي
اوکو ٺهايائين ٺاهُ، هر شيءِ "هُو" جو قطرو آهي

پاڻ تو ڪائي پاڻ اُپائي، هر شيءِ "هُو" جي تابع آهي
اهو لنگهي ڪو لاهُ، هر شيءِ "هُو" جو قطرو آهي

جاڻ چن کي ويساهہ آيو پرينءَ پنهنجو پاڻ پسايو
ملي ويو محب ملاح، هر شيءِ "هُو" جو قطرو آهي

Gul Hayat Institute

### ڪافي 9

- اڻان آيس تي مين "آدم"، ميڏا بخت بلند هي اعظم

ميڪون سجدا ملائڪان ڪيتا، هڪڙي عزازيل نہ نيتا
ٿيا دوزخ دا تہ پليتا، هي دوزخ ميڏا خادم

مين تي عشق هي حُڪم هلايا، اهو شاهي طبل وڄايا
مين چڙهيا نہ ڪنهن دا چايا، ميڏا ڪل دي مٿان هي قدم

ميڏي شان ڪون حد نا لاحد! اِتان عشق ڪيتا هي پابند
اهڙا برهه بهادر بيحد. مين هان مالڪ سارا قُلزم
ميڪون سپ ڪنهن نهين سُجاتا، ڳُجها راز رندان هي جاتا
اهو فيض فقيران پاتا، ميڪون دوڙ لڏوني وچ دم
اتان غيب دي ديسئون آيم. ڪر ناچُو عشق نچايم
رنگپُور وچ ديرا لائيم. چُپ آيس اولي عبدم
ڪتان خالق خلق دا والي. ڪتان ”جانڻ چن“ سوالي
ڏيک نينهن دي چال نرالي. ڪيڏا برهه ڪيتا مين تي هاگم

**بيت**

**اَضحيٰ**

ڏيگا، ڏور، ٻڪرا، ٿا عالم اُضحيٰ ڪن
عاشقن اُضحيٰ پنهنجو نفس ڪيو دم دم ساڻ ڳهن
انئي پهر الله سان، ونڊين ۽ ورڇن
وحدتي وصال تي، ڪيو ڪاهه اڇن
”رَضي اللهُ عَنهُم وَرَاضوَاعَنه“ پيا ٿا راض رچن
جانڻ چن چئي سچن، برهه بادل برسيو

**بيت**

**آڪڙا**

اُچلي چڙ آڪڙ ڪي، تڏهن مليئي الله
احرامي تي عشق جو ٿي اُگهاڙو آءُ
پاءِ ڳارو ڳچيءَ ۾، آئين پيٺئون ماءُ
انهيءَ اچڻ ڪي ياد ڪر. تون ساڳيو رک سماءُ
هتان ويندي پوئتي، کهڙو ٻڌيو ويندي ڳلاهه
ناحق ٻن ڳهڙين ڪاڻ، بانوريو آهين ياءُ
جانڻ چن چئي جڳ ۾، نه سير سڌاءُ نه پاءُ
آڪڙ ۽ الله، ڪڏهن نه ٿيا پاڻ ۾

Gul Hayat Institute

## ڪافي

ڏسي آڪڙ ڪي تو ارمان ٿئي
”مُوتو قَبل“ سان منهن ڪير ڏئي

جي ”فقير“ ڪوٺائين تہ ٿي فنا
اهي پيچ وڏائيءَ جا ٻيڙهہ ٻنا
ويٺا ڪاتب ڳُلهن تي پرن پنا
جيئن فخر ڪرين، وڌئي جُرم تيئن

جيئن علم پڙهن تيئن سيٺ گهٽي
اها سيٺ ڏٽيءَ ڪي ناهي وٽي
اهو ڏين آندو اٿن ڪاڏانهون ڪٽي
شل پيالو فخر جو ڪونہ پيئي

جيئن علم وڌو تيئن آهي ڦدو
انهيءَ طرف وجي جاڏي ڪُوهہ ڪڏو
سوا ”مُوتُوا“ جي آ نابين جڏو
پوڙٽو پنڌ ڪري وري ڪين جيئي

پوشاڪ پسند پنج تن ڪي نہ هُئي
مٽي ماڳ تن جي سيج هُئي
ڪٽون، پلنگ ترڪ ساري دنيا هُئي
اڄ تہ صوفي توکي هي سبق ڏئي

جانڻ چن توکان پيل باگڙي چڱا
جيڪي ساري عُمر آهن خاڪ سُمهيا
اهي توکؤن ڀلا، توکي ڪين ميان
ڪٽي گوءِ تڏهن جڏهن اهڙو ٿئين

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### آل

نوحؑ ڪي جن ناهي سُڃاتو نوح جي آلِ ناهن اُهي
نوح ڪي جن آهي سُڃاتو نوح جي آلِ آهن اُهي

فرقان فيصلو ڇڏيو آ ڇاڻي، جنهن سڃاتو سوئي ڇاڻي
ڪاذب ڪوڙ جي دعويٰ آڻي، پنهنجا مسئلا ناهن اُهي

"علي" الله جن ناهي سُڃاتو آلِ عليءَ جي آهن اُهي
"علي" الله جن آهي سُڃاتو آلِ عليءَ جي ناهن اُهي

"عَلِي العَظِيم" سڀ ڪئون اعليٰ، جوئي الله سوئي اعليٰ
ٻول ٻُلي ويا ٻالا ڀولا، حق جا طالب ناهن اُهي

"مظهر العجائب والغرائب"، هر هڪ دعوتي ڪي عجب عجائب
محمد وٽ هو سرڪار صاحب، عبرت ۾ پيا دعوتي اُهي

جانڻ چن چوي "علي الله"، ڏسي چوان ٿو ڪيو ويساهه
فرقان مونسان گڏ گواهه، بي ويساهه گمراهه اُهي

## بيت

### الف

مرشد پاڪ مهدي امام، مون کي ڪنيو هنجُ
آئون گندي هيس گدلي، منهنجا سيئي ٿيا سهنج
پنج مڪان، پنج ڪلمه، پنج رڪُن، پنج طريقه، مُصلَّ پنج
پنج ڪعبا، پنج ڪتاب، گهمايائين سين منجهه
چوڏنهن طبق قدم ٿيو هڪڙو لکين آتار لکين پاتار
"پنج تن" جسم هڪڙو اسم ٿيا پنج
جانڻ چن چوي هڪڙي "الف" منجهه سارو مون سنسار ڏٺو

Gul Hayat Institute

# ڪافيون

## سنڌي/هندي

### ڪافي 1

"الف" آهي اسم اعظم، اهو آهي پڙهيو ڪو ڪو
ٻُرو آ جُرم "ب" وارو انهيءَ ڪئون آ ٻچيو ڪو ڪو

اڪر آهن مثل واڳو ڪائي ويا عام خلقت ڪي
فرقان سارو اڪر آ ايڪ، انهيءَ ۾ آ ڪڙهيو ڪو ڪو

جوئي "احد" سوئي "احمد"، جوئي "محمد" سوئي "مهدي"
وٺي آيو اهو مظهر، انهيءَ ۾ آ مڙهيو ڪو ڪو

ڏني رندن آهي ڏاڙهي، شريعت جي اڏيائون ماڙي
چڙهي ويا عشق جي چاڙهي، اها چاڙهي چڙهيو ڪو ڪو

شريعت جو شرع سان ڇا؟ شرع ڪي شر ڪيو پيدا
شريعت عشق مان آئي، شريعت تي آيو ڪو ڪو

جانڻ چن عشق جي آ سام، اُتي هليو هٺي هيءَ هام
ڇوڏنهن طبق تي هڪڙي گام، اهو قدم پريو ڪو ڪو

### ڪافي 2

ليڪو سيئي لهي ويو چاڙهي عشق جي چڙهياسي
بيزار ٿياسين "ب" کان، هڪڙو "الف" پڙهياسي

ڇُڙ پُڙ ڇپن جي ڇُپ تي، تسبيح ٽلهيءَ جو ٽُڪو
برهه ڏنو آ پڙڪو قلب اندر ڪڙهياسي

تڪ تور ۽ تارازي ڪنڌو خلاص ٿي ويو
حساب ڪتاب هليو ويو تڪبر جڏهن تڙيوسي

Gul Hayat Institute

ڏهاڪا، ٽيها، چاليها، برهه بيڪار ڪيئڙا
ليڪ، لکن ڪي ڏيئي، وحدت منجهه وڙياسي

چن جانڻ جام پيتو، جوڏي ڪي آهي جيتيو
سارو سمنڊ سيتيو وڃي مهديءَ سانڻ مُڙهياسي

### ڪافي 3

الف پاڪي ميم ڪا برقعا، "آدم" نام ڌرايا
"آدم" نام ڌرايا، اِهو عشق هي بيڪ بنايا

ذاتي پوش صفاتي پهريا، عشق دي تاب تپايا
لاحد "احد" عرش تي "احمد"، اِٿ "انسان" سڏايا

ساڳي گندم، ساڳي حوا، آدم خُوب هي کايا
اپني راءِ اپني مرضي، بهشتئون آدم آيا

توبه تائب ڪيي آدم تا، اهو هُل اجايا
گندم حوا ني خوب هي کايا، ڪيي بعض نه آيا

ميم الف وچ عين الله تا، "علي"، "احد" ساڳيا
"لَحمَڪ لحمِي جِسمَڪَ جسمي"، هڪ دا هُل هُلايا

هم جبين هي آپ پهچانا، غير نظر نهين آيا
"احد، احمد"، جان محمد، "چن جانڻ" تخلص پايا

Gul Hayat Institute

### غزل

الف پاتو ميم جو برقعو منجهي پيو آ ملان قاضي
ائين چو ٿيو! نٿو ڄاڻي، بڻائي عشق آ بازي

"انا احمد بلاميمي"، حديثن ۾ ڏنو هوندئي
ٿيو اعتبار آ جن کي، ڪٽي ويا گوءِ سي غازي

حجابن جا ڪٽي پردا، لنگهي وڃ حد، لاحد ٿئي
اتي خود ذات آ حق جي، ڪرائي عشق تس آزي

محبت مام آ اوکي، سوا صوفيءَ پيو ڇا سمجھي؟
هر مظهر ۾ آهي ماهر، سڀ ڪنهن سان آهي سازي

مليو "مهدي" مزو ڏاڍو، ڏٺو سين پاڻ ۾ پاڻهين
مليا سين دوست سان دم ۾، جانڻ چن روح ٿيو راضي

## بيت

الله

الله ۽ آدم ۾ جنهن ڪيو فرق
ابليس آ اهو مجوسي مشرڪ
الله آدم هڪڙو پئجي وئي آ پڪ
"الف" جنهن جي اگ ۾ سو حقيقي آهي حق
جانڻ چن جنهن کي انهيءَ ۾ شڪ، اهو مردودي مردار ٿيو

## ڪافيون

سنڌي/سرائڪي/هندي

### ڪافي 1

– "پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو

اول، آخر، باطن، ظاهر،
آهي هميشه حاضر ناظر،
دم دم ساڻ ديدار، سچو ڪلمو آهي پڙهو
"پنج تن" آهي" الله" الله ڪڏهن ناهي مرڻو

ظاهر ظهورو ويساهه ناهي
بي ويساهه کي ڪير سمجهائي
جنهنجو اصل کان انڪار، اهو ڪڏهن ناهي ورڻو
"پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو

Gul Hayat Institute

هيڏنهئون سواري هوڏانهن مهاري
ڪربل ۾ وري نيزي هسواري
پڙهي ڏڙ سوا پيو قرآن، گهوٽ قاسم جو ڪربل پرڻو
"پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو

'مَظهَرالعَجائِب ولغَرائِب'
'عَلِيُ العَظِيمِ' فرقان شاهد
مذهب ناهي تابع تائب
غير ڪيو گمراهہ صوفي سمُندر ۾ بہ ڪوڪو گهڙڻو
"پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو
مدد ڪنهن جي ڪين ٿو چاهي
اهو ڪم الله جو آهي
آيس پوءِ قران ڪم اهوئي هُيس ڪرڻو
"پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو
پنڌرينءَ ۾ ٿي اچي پڌرائي
ڪربل ۾ بہ اها هئي وائي
صوفي شهيد ٿي ويا سيئي
اج بہ اهو آواز ڳالهہ انهيءَ ڪان ناهي ٽرڻو
"پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو
"مهدي" محمد هڪ هڪوئي
علي الله حق اهوئي
جانڻ چن ڏنو ثابت سوئي
لهي ويا شڪ گمان، سوليءَ ڪان هاڻي ناهي ڏرڻو
"پنج تن" آهي "الله"، الله ڪڏهن ناهي مرڻو

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

الله "احمد" تي آيو وڃ ٺڻ سجود ڪن ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

گدڙ بگهڙ، پولڙا، مرون بہ ڪل ميجن ٿا
حيوان، اٺ، هاٿي، اُهي بہ "حق" چون ٿا
جن و ملائڪ، حوران، بت بہ سجود ڪن ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

پاڻ تہ رليا رلي ويا، ٻيا بہ ڇڏيائون رلائي
جيڪي لڳن پويان، تن کي ڇڏيائون پلائي
منافق مڪي جا بہ، ملن جيئان چون ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

هر شيءِ ڏني اوگاهي، الله ئي اهو اٿوَ
سجدو اسان سڃاڻي، معبود کي ڪيو اٿوَ
منڪر تب نہ مڙيا، هوڏيلا هوڏ ڪن ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

الله جي اچڻ جو ڪيڏو ثبوت آهي
بي ساهہ ساهہ وارن، سڀ ڪيو سجود آهي
ظاهر ڇڏي ويا ظالم، قرآن کي ڪهن ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

حرام ۽ حلال بابت صحيح سڃاڻو
مردار اٿئو اهوئي، جنهن نہ پرين پڇاڻيو
مردود مالڪن تي، بيڪار پيا ٻهن ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

مروئن ڇيو موليٰ کي، ملان نہ منهن وجهجان
جيڪي ڦريل توڪان تن کئون پناهہ ڏيئجان
توسان ڇڳي نہ جن ڪئي! توسان هٽن ڪٽن ٿا
ملا منا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

Gul Hayat Institute

جانڻ چن چئي مون ڪي، امر ٿيو آ الاهي
هوڪو پلي ڏي حق جو چوڏنهين؏ ۾ ٿي چٽائي
ڪاذب مڃي نہ مڃي، لڪڻ وارا لڪن ٿا
ملا مٺا تهين "احد" ڪي، "عبد" ڪن ٿا

## ڪافي 3

الله پنهنجو پاڻ گهر ٿاهيو ٻي ڪنهن نہ بڻايو آ
قلب ٿاهي ڪعبو "قدسي"، الله آدم ٿي آيو آ

نڪا تيشي، نڪا ڪرني، نڪي ٿس ڏور نڪي شاهل
چوي "بڻجان" تہ بڻجي پوي، چون ماڻهو تہ "جائو آ"

اچي اوڏانهون سهيو سنيريو پنهنجو گهر پاڻ سان ٿاهيو
"ونحن اقرب، وريد" ويجهو اچي هت هل هلايو آ

"وَفِي اَنفُسڪُم" وري ويتر ڏنو آ ڏس پڪو ڏاهي
پلي وئي خلقت پولي، ولهن ويساهہ وڃايو آ

ناهي منجهيل نہ محتاج جو ٻين ڪي چوي "توهان ٿاهيو"
"لَقَد خَلقَنَا اَلانسَانَ" صورت سڀ رنگ رچايو آ

الله، آدم اڪر هڪڙو الف آهي پڪو شاهد
ٻڌي ٻيائي وارا ويئڙا، جنين واحد نہ ڀانيو آ

نڪي جائو نڪي ڄڻيو، نڪي مادر نڪي پدر
قطرو بحرين ۾ آيو موتي سڀ ۾ سمايو آ

جانڻ چن آ لڌو ڳولهي، اندر پنهنجي منجهان ڦولي
ٻڌاءِ ٻول تو ٻولي، لاهوتيءَ نہ لڪايو آ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

الله ڏرتيءَ تي آيو آ، تون مٿي هٿ ڇو ڪٽي ملان؟
ملائڪ هيٺ هٿ ٿا ڪن، تون مٿي هٿ ڇو ڪٽي ملا؟

"ونحن اقرب وريد" ويجھو ڏنو فرقان ۾ هوندئي
اتي اعتبار نہ آيئي وڏي رولي رلين ملان

"وَفِي اَنفُسَڪُمر" درس ڏيھي، پرين آيو پاڻ هتِ پيھي
"آسجدو الآدم" چيائين ويھي، تب ڀولي ڀلين ملان

الله، آدم آهي واحد، فرقان تنھن جو پڪو شاهد
ظلم ڪيئي پاڻ سان زاهد، وڏي ويلي مُٺين ملان

تو ۾ مسجد تو ۾ مندر تو ۾ خانو ڪعبو اندر
جانڻ چن چوي اڃ ڏسيائين مون گھر، پر توکي ملڻو ناهي ملان

## ڪافي 5

تو ۾ آ الله، مون ۾ آ الله، هن ۾ آ الله، هن ۾ آ الله
اهو سارو اٿئي هِڪُ، ملان ڪڍي ڇڏ شڪُ

"وَنَحَن اقرَب" وينو آهي،
توکي تنھن تي وبساھ ناهي
پيئي نہ قرآن تي پڪ، ملان ڪڍي ڇڏ شڪُ

پڙهيئي گھڻو پر پت نہ آيئي،
ناحق پنھنجي عمر وڃايئي
هٿ نہ آيئي ڦڪُ، ملان ڪڍي ڇڏ شڪُ

نفس نڌوري نرھ ڪيو اٿئي،
ساٿي نہ پنھنجو برھ ڪيو اٿئي
انھيءَ نفس جو ڪاٽج نڪُ، مُلان ڪڍي ڇڏ شڪُ

Gul Hayat Institute

جانڻ چن چوي آءُ اوطاري،
صوفين جي اچي لڳ تون لاري
فقير ڏيکاريئي حقُ، ملان ڪيي چڏ شڪُ

## ڪافي 6

الله تہ ڏاڍا سئوکا، هي آپ سماوڻ اؤکا
اڳتي اڳتي سپ ڪنهن ويکيا، پڇتي ڪنهن ڪنهن ويکيا
لڪ چپ ڪيڏيا ڪيتس اولا، بي مثلي دا پڳوسي پولا
ظاهر تي پيا ماسہ تولا، ٿاڪ جڏهن مين ٿيڪيا
عشق جڏهن اڻ جهل آيا، برهہ بهادر ديرا لايا
بيچون اپنا آپ وڪايا، سور ڏتس جڏهن سيڪا
الله لڪا مين ڳولهہ لڌا، مين لڪيس مولا نہ لڌا
اهڙا گم ٿيس ٿيا نہ سنڌا، پوک اهڙي مين پوکيا
ظاهر تي بيچون مليا، دلبر گونا گون مليا
آکي جانڻ چن ارغون مليا، مهدي جڏهن موکيا

## ڪافي 7

سنو اچي هي بات هماري، ويساهہ اس پي ڪرنا
ويساهہ اس پي ڪرنا، هي الله آدم نا ٻرنا
”اَسجدو ال“ امر آدم ٿا، ٽوٽ گيا سپ پولا
صلوات، سجود آدم تي ٿا، ڪلمان اوپر پرنا
”فيهِ من روحي“ رمز پڇانو ذات صفات آئي
اول آخر، باطن، ظاهر، قدم ڪل تي ڏرنا
آپ مين آپ جسي هي ڊونديا، ’ونحن اقرب‘ ديکا
هر جاءِ ذاتي ظهور اسي ڪا، نہ مومن ڪافر رهنا
”ماسوا الله“ ڪون سماوي؟ غير رهيا نہ غوطا
چن جانڻ اپنا نام ڏراڪي، حال حقيقت ڪرنا

Gul Hayat Institute

**بيت**

## ال م

1

"ا ل م". آهي صوفين سچاتو
مذهب انهيءَ معنيٰ ڪئون، گونگو ۽ ٻاتو
"صمٌ بڪمٌ عميٌ" سي ٿيا، ڄڻن ڪين ڄاتو
پيوند نہ اٿن پرينءَ سان، اٿن نفس ساڻُ ناتو
جاڻ چن چئي تن پاتو جن ناهہ ڪيو پنهنجي نفس کي

2

"ا ل م". ظاهر ظهورو
هَين لڪايو حق کي، سڙين کي سورو
جاڻ چن چوي پورو
پتو نہ ڏين پرينءَ جو

3

"ا ل م". اول سو آخر
آديسين جي اڳيان، حاضر ۽ ناظر
جوڳيئڙا هر جاءِ تي، محب سان ماهر
چن جاڻ چوي هر هر،
مون سامين تئون صدقي وڃان

4

"ا ل م". سوجهي ڪر صحيح
وقت وڃئي تو ويسلا، رڻ ۾ پؤ نہ رهي
جاڻ چن چئي صحيح،
وجهندي کهڙي ورق تي؟

Gul Hayat Institute

بيت

## آنا

پيدا ٿين ڪين ها، آنا اهي وائي
ٽڪرا ڪيائون دين ڪي، يجي هيڪڙائي
پاٽي وڏائون ڪير ۾، نہ تر نہ ٽڏائي
ماندائي مانداڻ جي، گمراهن گهمائي
ايڪو پسند الله کي، هنن ۾ ٻيائي
"اِنَماالمَومِنيِنُ اخواة"، اوگاهي آئي
گهر مومن جو هڪڙو تنهن منجهہ لڙائي
ڪي شيعا ڪي سني، ڪي قادياني، مرزائي
ڪي لهابي ڪي خارجي،
نافذي ڪي رافضي ڪيا حاشي ڪلفت وئي ڪائي
پارٽيون ٺاهيائون پيٽ لاءِ،
اها ملن ۽ ذاڪرن مڏي مچائي
جانڻ چن چوي جائي،
تن کي گهوٽ لوڏايو گهر موءن

بيت

## اندر

1

ظاهر عمر زيان، اندر آبادي
وحدت جي وجود ۾ وهي پئي وادي
وريا ورق وصال جا، شوقئون ٿي شادي
"مان" نڪي "مون"، هردي ۾ هادي
هر جاءِ پسن حق کي، خودي جن ڪاڏي
جانڻ چن چئي تادي، نانگن ڪئي پنهنجي نفس سان

Gul Hayat Institute

2

ظاهر عمر زيان، اندر هندورا
پلا پاڳ تن جا، سامي سدورا
جوڳين لڏو جُوءِ کي، گاروڙي گهورا
موتي ويئڙا ماڳ تي، ڪامل تي ڪورا
جاڻن چن چئي جورا، اُتي ڏيهي ڏسڻ آيا

3

ظاهر عمر زيان، ٿڻَ ۾ تنوارين
چورن ڪين چپن کي، گونگا تي گهارين
توحيد جي تلوار سان، ملحد کي مارين
ظاهر جي ذهد کي، ويراڳي وارين
مورئون ميجوتيءَ جا، ڏاڳا نہ ڏارين
جاڻن چن چئي سورين، ڳجهو مٽيو من جو

4

ظاهر عمر زيان، اندر ۾ عيدون
سدائين سجڻ سامهون، ديدن ۾ ديدون
ڏاڍي ڪيف ڪڪوريون، رمزن ساڻ رِڌيون
جاڻن چن چئي ٻڌيون، آهن "قالو ابليٰ" جي قول سان

5

ظاهر عمر زيان، اندر آئينو
"فَاذڪُرونِي اَذڪُرڪُم". صفا ڪيائون سينو
پنهنجو لڏائون پاڻ ۾، راول رنگينو
جاڻن چن چئي ڪينو ڪڍي ڇڏيائون ڪوٽ مان

6

ظاهر عمر زيان، اندر ۾ سيٽيا
ڪيميا ڪن قلوب ۾، ويراڳي ويٺا
سيوا ڪن سمنڊ جي، چت اندر چيٺا
جاڻن چن چئي ڪنا، لال ڪيا اٽن لِڪ ۾

7

ظاهر عمر زيان، اندر ۾ مقصود
گڏ گذارين گهوٽ سان، محلي ۾ معبود
دم نہ خالي دوست کان، ساري عمر سود
"وفي انفسڪم افلا تبصرون"، ووڙيائون وجود
جانڻ چن چئي سجود، سامين سيني ۾ ڪيو

8

ظاهر عمر زيان، اندر اڪيچار
لڳي لاهوتن کي، لونءَ لونءَ منجهہ لغار
فاني ٿيا فڪر ۾، پرينءَ جي پچار
جانڻ چن چئي آڌار، آهيون عجيبن جي

9

ظاهر عمر زيان، اندر ۾ آرام
ڪعبي وچن ڪاپڙي، عمر جو احرام
"شراباً طهورا"، جنت پيتائون جام
سدا نشو نينهہ جو ديدن منجهہ درام
ڳجها اچن ڳجها وڃن، اولي آهن عام
ملن پاڻ پرينءَ سان، مُنجن ڪين سلام
جانڻ چن چئي وريام، گڏ گذارين گهوٽ سان

## ڪافيون

### ڪافي 1

اهو ڪيئن وساريان وينو آهي اندر ۾
"وَفِي اَنفُسَڪُم" دم دم نظر ۾

ڇني پياسي ٻي ڪنهن ويڙ وڃڻ ڪان
مسجد مندر پنڌ ڪرڻ ڪان
پاڻ ئي پاڻ ڪعبو پنهنجي ئي گهر ۾
"وَفِي اَنفُسَڪُم" دم دم نظر ۾

Gul Hayat Institute

جاڏي ٿو نهاريان اوڏانهن يار آهي،
هڪ جاءِ ويٺي سڄو سير آهي
ڪيان پير ڪاڏي ڪعبو اندر ۾!
”وَفِي اَنفُسَڪُم“ دم دم نظر ۾

اها شيءِ آ ڪهڙي جنهن شي ۾ ناهي؟
اها شيءِ ڪو ملان قاضي ٻڌاءِ
”ڪُلِ شيءِ مُحِيط“ شجر ءِ هجر ۾
”وَفِي اَنفُسَڪُم“ دم دم نظر ۾

جانڻ چن مرڪز محلات آهي
ذات صفات ۾ وٿي وار ناهي
ڪشمير قلبي بهاري بندر ۾
”وَفِي اَنفُسَڪُم“ دم دم نظر ۾

## ڪافي 2

اندر ۾ ائث عاشقن ڪي، موکن ڪي مال جي آهي
رهي تسبيح سدا تن جي، نڪي هڪ ساعت جي آهي

لهوارو وهي سيڪو وهن عاشق اويارا
سوا سڙهه ساڻ سيٺهه، جي رڱي لڙ لعل جي آهي

سڄڻ سامي تا گڏ جالن، الستي ٻول تا پالن
نڪي دم ڏار تا ٽالن، نڪي ڪل قال جي آهي

پاتي جن آ اندر جهاتي، تنهين تئون معاف مماتي
هميشه تن حياتي، حقيقت حال جي آهي

جانڻ چن راتيان ڏينهان، رڱن ۾ راڱ جون ريهان
سيني جي پڙ اندر پيهان، پلي جي پال جي آهي

Gul Hayat Institute

## نظم

### انسان

"مسلمان" آ تہ "نانُ" آ
جي "نانُ" آ تہ "خانُ" آ
جي "خانُ" آ تہ "خام" آ
جي "خام" آ تہ "خَناس" آ
جي "خَناس" آ تہ "ناس" آ
جي "ناس" آ تہ بوءِ نہ رهي باس آ

"مسلمين" آ تہ "امين" آ
"امين" آ تہ "انسان" آ
"انسان" آ تہ "عشق" آ
"عشق آ تہ "ايمان" آ
"ايمان" آ تہ "دين" آ
"دين" آ تہ "مومن" آ
"مومن" آ تہ "محمود" آ
"محمود" آتہ "مهدي" آ
"مهدي" آ تہ "محمد" آ
"محمد" آ تہ "احمد" آ
"احمد" آ تہ "احد" آ

ڪڙو آ تہ "الف" آ
نياز آ تہ "ح" آ
سجود آ تہ "م" آ
ويڻو آ تہ "د" آ
"ميم" ، "د" "عبد" آ
جو "عبد" آ سو "احد" آ

Gul Hayat Institute

"الف" آ تہ "الله" آ
"ح" آ تہ ثابت آ

ثابت ڪي سجود آ
سجود آ تہ "معبود" آ
"معبود" آ تہ لاحد آ
لاحد آ تہ "لامڪان" آ
"لامڪان" جو مڪان آ
'وَنحَن اَقرب اِليَہ مِن حَبَل الوَرِيد'
اهو سندس آستان آ.
'اَلانسان سِرِي وَاَنا سِرَهُ'
آيو تي انسان آ
"واللهِ بِڪُل شيء مُحِيط"
ڪل ۾ سمايو سبحان آ
صوفي لڪ لنگهي ويو
صاحب سر سلطان آ.
رک ڏيان هميشہ جانڻ چن چئي،
تو منجهہ تر ميزان آ

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

Gul Hayat Institute

#### ڪافي 1

آيو تي انسان

بي رنگہ رنگي بيک بنائي
احد، احمد هڪڙو ماهي، عاشق معشوق پاڻ الاهي
رسول بنجي ڪري رسائي، سيڪارڻ آيو سلطان
"معبود" وينو "عبد" سڏائي، آيو تي انسان

ڪاٿي مسجد ڪاٿي مندر ڪاٿي سپاهي ڪاٿي سڪندر
ڪاٿي آ صوفي مست قلندر ڪاٿي "صنعان"
چاهه منجهان وينو "چاڪ" چوائي، آيو ٿي انسان

ڪاٿي "منصور" ڪاٿي "قاضي" ڪاٿي سازي ڪاٿي آوازي
واهه واهه برهه وڏي آ بازي، ڪاٿي "لڇمڻ رام"
ڪاٿي "پنج تن" پاڪ بڏائي، آيو ٿي انسان

"اَلانسان سِرِي وَانا سِرَهُ" صوفين سچاتو سوجهي صحو
محويت مست هميشه محو لهي ويا شڪ گمان
سانوڻ سياري مستي آهي، آيو ٿي انسان

ڪاٿي "مهدي" هادي آهي، لاحد جا وينو سبق پڙهائي
طالبن کي ويٺو پاڻ پسائي، شڪر ڪيا شڪران
جانڻ چن منجهه جاڳيو آهي، آيو ٿي انسان

## ڪافي 2

ڏاڍا عشق لڳئي انساني دا
لاٿئي ويس وڳا سلطاني دا

"احديت" وچون "عبد" سڏائيئي
غيب دي ديسئون جهوڪ لڏائيئي
الانسان دا برقعا پائيئي
ڏاڍا لِڪڙآ لِڪائيئي فاني دا

"وفي انفسڪم" فاش گواهي
"ونحن اقرب" آيت آئي
"الانسان" آڪ سُڻائيي
اعتبار هي قول قرآني دا

Gul Hayat Institute

ملان قاضي ڪين سڃاڻن
رمز هي اوکي راز نہ ڄاڻن
حضرت عشق دي موج نہ ماڻن
هن ظاهر ذهد زباني دا

صوفيءَ صورت صاف سڃاتي
ڇاتي دي وچ پاون جهاتي
اُتهين جاڻ چن نماز هي نيتي
ديدار ٿيا دل جاني دا

## ڪافيون

سنڌي/سرائڪي

### بازي

ڪافي 1

بازيگر آهيان، بازي وڏي اٿم
منهنجي بازي سمجهي ڪير؟
- ڪشف ڪرامت ڪوڙي ڳالهه
اٿي بازي سمجهي ڪير!
- پٽ پاراتو ڪين ڏيان ٿو
منهنجي ڳاني سمجهي ڪير!
- سواءِ هٿيار جي سورهيہ آهيان
فاٿر فتح جو سمجهي ڪير!
- مونکي سڃاڻي ڪين سگهن ٿا
مون کي سڃاڻي ٿو "مهدي" شير
- ڪئي ڪونڌر ڪهي وڏا
مون، ونگجي ويا آهن وچير

Gul Hayat Institute

- ساري دنيا تي سايو آهيان
ڪک پن ۾ آهي منهنجو سير
- ڪاٿهين پير، پيغمبر آهيان
ڪاٿهين منهنجي آ ذات جهير
- جانڻ چن جي مظهر آيس
اصلي آهيان مون عشق دلير

ڪافي 2

چوڏانهن طبقان دا بار
ڪتيم بازي ميڪون عشق ڪتائي

الست والا انجام تيا پورا، ”قالو ابليٰ“ اقرار
عشق جڏهن امام تيوسي، ”مهدي“ تيا مهندار

فخر وڏائي نيهن نهوڙيم، نانگا تيا نروار
دوزخ والي آڙاهہ آتش دي، لهس نہ آيم وار

جوئي اندر سوئي ٻاهر، نظر هڪوا ڪيان چار
جانڻ چن هان جيتر جڳ وچ، توبہ استغفار

## ڪافي

باطل

ڇڏي دين حق جو باطل تي آيا
ذاڪرن ۽ ملن ماٺهو منجهايا

وهابي، قادياني، شيعا ۽ سني
رهجي راهہ ڪان ويا، منزل نہ پني
پاڻ تہ رهجي ويا پيچلڱ رهايا

Gul Hayat Institute

حق جي پڌائين، ٿئي ڪين جهيڙو
بنجي وڃي ها، هيڪڙائي جو ميڙو
پنهنجا پنهنجا رستا هر ڪنهن پڌايا

'ڪُلَ مومن اخواني'، موليٰ پڌايو
جهيڙي جو هنن وٽ، ڪاڏانهون دين آيو
مومن ساڻ مومن مذهبن وڙهايا

ٿاهي مذهب روزگار بنجي ويا ساٿي
وڙهايائون خلق کي، وڻ وڻ ٽي ڪاٺي
آهي دين هڪڙو انهن گهڻائي بنايا

لڙ ۾ ڪنگلن جو مڪو مچي ويو
ضد ۾ ضدين ڏي، دعوتي اچي ويو
الگ پاڙا پتا، بيا ڪيسا پرايا

جتي آهي محبت، اتي آهي رحمت
جتي آهي ڪلفت، اتي آهي زحمت
جاڻ چن چئي سچائي صوفين سر نوايا

**بيت**

**بحر**

هيس بحر عميق ۾، قطرو ٿيس ڏار
جان جان گذريم ڏينهڙا، تان تان ٿيڙم سار
ساڳا هيم سي پرين، پنڌ ڪيم تنهن پار
جڏهن مهدي مرشد مليو تڏهن پڪو ٿيم اعتبار
جاڻ چن کي جار سمنڊ ساڳي سان گڏيو

Gul Hayat Institute

# ڪافيون

## سنڌي/سرائڪي

### برهه

### ڪافي 1

ڏاڍو برهه پينڊ، اوکو مون ريجهايو
پئسن سان نہ پرتو سِرُ مون سهايو

جنهن جي دل چاهي، اچي مون ڏي ڪاهي
ڏسيان مون انهيءَ کي، تہ هيٺڻ مون پهايو

برهه باهه آهي، جگر تو جلائي
ڪائي تو ڪپائي، پيتو مون سوايو

ڪارو نانگ آهي، هٿ ڪير لائي
سر مون سهائي، جهولي ۾ جُهولايو

آتس قوت جيرا، ڪائي ڏي تو ڦيرا
ڪري ڏيانس پيرا، تڏهن مون رهايو

ننڍي لاڪڻ ڳولي، گناهگار گولي
جوڳي جنگ پڇايم، "مهدي" ملايو

مرشد معرفت، سر ۾ ٿيو ثابت
وجودي آهي وحدت، چن جانڻ ۾ سمايو

Gul Hayat Institute

### ڪافي 2

برهه جي بادشاهي، وي
واهه واهه ڏٺي سي شاهنشاهي وي

- عشق الله کي آندو آدم ۾، هستي نيهن نوائي، وي
- محلات منصور منجهه ويهاري، وچي چڙهايائين ڦاهي، وي

- شاهہ بلاول گهاڻي پيڙهايائين، سرمد سيس ڪٽايئين، وي
- سڀ ڪنهن پنهنجو وقت نباهيو حسين جهڙو نہ ڪوئي، وي
- ڳجهہ ڳجهي ڪي ڳولي لڌوسين، چائي تي ڦهڪائي، وي
- ويساهہ آيو وسوسا ويا، "مهدي" موج مچائي، وي
- چوڏهين سن ۾ تي آ چٽائي، چن جانڻ! جٽيو پايئي، وي!

### ڪافي 3

ڀڏو برهہ جون بيحد خبرون
ڏسو عشق جا زورا زبرون

مڙي معشوقن مصلحت ٺاهي: اسان جي آ وڏائي
پنهنجي شوق شڪار جي لاءِ، هيءَ ساري دنيا بڻائي
شاهن جا بہ شاهہ اسان هون قائم شاهنشاهي
جنهن کي ڀاهيون تنهن کي ٺاهيون، پوري ڪيونس پلائي
'مُوتُو قَبلَ اَنتَ مُوتُو'، ڪيون جئريون تن جون قبرون
ڀڏو برهہ جون بيحد خبرون
ڏسو عشق جا زورا زبرون

مڙي معشوقن مصلحت ٺاهي: اڄ ڪنداسين چڙهائي
عام ڀين سان ڇا هي اسان جو عاشق سان آ لڙائي
وجهي ڪان ڪجل جو اک ۾ ڇاتيءَ ۾ چٽڪائي
ويتر ٺاهي پمبڻ واريہ گردن ۾ گهٽڪائي
وچ بازار ۾ سولي چڙهي ويو اُتي لوڪ ساري جون نظرون
ڀڏو برهہ جون بيحد خبرون
ڏسو عشق جا زورا زبرون

مڙي معشوقن مصلحت ٺاهي: اڄ شڪار ڪنداسين
مرئون مانگر سيڪو ماري، اسان عاشق هرڻ ڪنداسين

Gul Hayat Institute

محبت واري مهاڙيءَ ۾ پوءِ ڪُڏنا خوب ڪنداسين
گنڍ مشين جو گهوٽ مٿان، گهرو وار ڪنداسين
وارن ۾ وارو وار ٿي ويندو پوءِ خاص آڻيندو خبرون
ٻڌو برهه جون بيحد خبرون
ڏسو عشق جا زورا زبرون

مڙي معشوقن مصلحت ٿاهي: گور کي زير ڪنداسين
هٿ رکڻ تو ڏي نه ڪنهن کي، تنهن کي پور ڪنداسين
سٽي ڪٽي ثابت تنهن کي، اسان شور ڪنداسين
ڏنڊي ڪونڊي منجهه تنهن کي، مهٽي مات ڪنداسين
صافي صاف ۾ ڇاڻي تنهن کي، صفا صاف ڪنداسين
معشوقن جي مجلس ۾ پوءِ، ويهي ونڊ ڪنداسين
پوءِ آواز انهيءَ مان ايندو 'اسين' هستي نٿا سنڀرون
ٻڌو برهه جون بيحد خبرون
ڏسو عشق جا زورا زبرون

مڙي معشوقن مصلحت ٿاهي: عاشق ڪين نينداسين
ڪين ۾ لوڙهي ڀوڙي تنهن کي، ڪين جو رنگ ڪنداسين
درياهه سمنڊ سمائي تنهن ۾، عاشق ڪين ڪنداسين
ڪين مان ٻولي ڪين جي ايندي اسان هون پاس ڪنداسين
جاڻ چن کي حضم ڪيوسين هاڻي اسان هون تنهنجي ٻلرئون
ٻڌو برهه جون بيحد خبرون
ڏسو عشق جا زورا زبرون

## غزل

### بي ادب

بي ادب بڪواس ڪن ٿا، محبوب کي چون 'بي وفا'
پاڻ ڪوٽو ڪري کي چوندو فيصلو ٿيي ويو صفا

بي ادب اديب ناهي، سخت تنهن تي آ سزا
برهہ جي بازار مان تڙيو وڃي سو سؤ دفعا

هي چاتي شودا شيدائي آهن، محبوب کي تا داغ لڳائن
اهي عاشق ناهن فاسق آهن، عاشق جو ڪم آ جفا

"طالب الدنيا مخنث" آهن، "طالب العقبيٰ مؤنث" آهن
اهي "طالب المولىٰ مذڪر" ناهن، مرد جو ڪم آ خفا

چريتن کي چوڻ وارو ڪين ڪو آيم نظر
پوءِ چيم تہ مون چوان، سمجهي ويندا تيندن شفا

عاشق مجنون معشوق ليليٰ، سنگ ليليٰ جي ادب ادا
جاني چن چئي مجني وانگر، ادب ڏنا مون کي نفا

## بيت

**ٻاڙو**

ڏسڻ منجهہ اڇا، ٻولن تان ٻاڙو
ڪنگلن ڪينجهر ۾ هنيو دين کي ڏاڙو
"طالب الدنيا مخنث"، تاڙي تي تاڙو
جاني چن چوي تن ڪئون، پري ڪر پاڙو
متان سوڙهي جو ساڙو وٺي وڃي پاڻ سان

Gul Hayat Institute

## ڪافي

**يج**

يج، يجڻو آهين تہ يج، ڏينهن اٿئي پنهنجو رات پرائي
مرڻو آن مر اج، يج، يجڻو آهين تہ يج

"مُوتُو قَبلَ" موليٰ چيو ڪم اهو تو ڪونہ ڪيو
وهڙي جيئان نہ وڃ، يج، يجڻو آهين تہ يج

سواءِ "مُوتو" جي عمر اجائي، ٻيا سڀ ڪم اٽئي ڪوڙي ڪمائي
ڇائي جا ٿئي ڇج، پيچ، پڇڻو آهين تہ پيچ

وحدت جو واپار وهائج، ڪامل ڪن انهيءَ ۾ ڪاهج
رهڻو آهين تہ رج، پيچ، پڇڻو آهين تہ پيچ

جيئري مرڻ موجون ماڻ، پوءِ مرڻ پاڻ ڪي ساڙڻ
هاويءَ ۾ نہ هج، پيچ، پڇڻو آهين تہ پيچ

چن جاڻ جوڳي ايندا جاتي، ڪهڙو ڪنڌ ڪٽيندي تاتي
ماريندئي اتي لج، پيچ، پڇڻو آهين تہ پيچ

## بيت

### پينگ

پينگين پينگ قبول ڪئي، پينگيا ويا پينگ
اڻ هوند مان هوند ڪيائون، عمر آندائون امينگ
جاڻ چن چوي ٻينگئي پينگ، ڪروڙن مان ڪنهن ڪاپڙي قبول ڪئي

## ڪافي

### تانگهہ

تولاءِ ڪيو اٿم سانگ، تولاءِ ڪيو اٿم سانگ
'فَاذكُرُونِي اَذكُركُم' توکي بہ آهي تانگهہ

سچو آهي تنهنجو وعدو، تڏهن پيو اٿم فائدو
وار نہ آهيان واندو نيهن جي ڪاڏم نانگ

لڳي آهي تنهنجي لوري، جيءَ اندر ۾ جهوري
جند جان مون آ گهوري، برهہ سٽائي بانگ

جاڻ چن لڌو جانو ماٺهو چون مستانو
ڪي ٿا چون حيوانو مون آهيان مجنونءَ وانگ

Gul Hayat Institute

**بيت**

### تسبيح

چپ چوري تسبيح سوري، اهو ڪم ٺڳن
مردن لڌو ماٺ مان، ڳولي ماڳ مڳن
اورن ڏورن اسم کي، واتائون ڪين وڳن
لوهه منجهان لعل ٿيا، ٿا پارس ساڻ لڳن
طلسم جي تسبيح کي، ٽوڙيائون ٺڳن
ميجوتي محروم ٿيا، اهي پير پڳن
جاڻ چن چئي اهڙي درس ڏڳن وچي جوڳين لڌو جوءِ کي

**بيت**

### تڪبر

1

چو ڪرين چا ڪئون ميان! تڪبر جيڏي تڏ؟
هنئون نتو هيٺ ٿيئين، هوڏ گهٽي ٿئي هڏ
ڏيهاڙي ڏينهن ۾ قبر ڪريئي تي سڏ
خبردار خيال ڪر، هڪ واحد کي ٿئي وڏ
جاڻ چن چوي لڏ، چار لڏين تو لوڪ مئون

2

بندا بانور چو ڪرين؟ تون پيدا منجهان گهار
چا منجهائون چا ٿيئين، پنهنجو پاڻ پچار
پلين تون ڪيئن پيٽ ۾ ڏس قادر جي هيءَ ڪار
جائي پيچاٿا جڳ ۾ ٿيئي عزت اڪيچار
هتاءِ هستي هوڏ کي، تڪبر ڇڏي ڏي تار
دزڪيي ڇڏ دل مان، انهيءَ خوجي ۾ ٿئي خار
حياتي انسان جي، ڀاڱا تي پئي چار
صغيري بي سمجهه هئي، جواني ۾ رک جار
اڌ وهي اک نه پٽين، پيري تي بيڪار
جاڻ چن گذار سدا نوڙت نياز سان

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### توبہ توبہ

- آئون تہ ڪئي آ توبہ توبہ!

حجت ڪانهي هوت سان
ذات زور آور، توبہ توبہ!

ڪجھ نہ ڪمايم ڪڏهن
خرچ نہ ڪنيم، توبہ توبہ!

رهبر رسجان راھ ۾
واٽ اويڙي، توبہ توبہ!

جاڻڻ چن جون زاريون
قبول وجهندين توبہ توبہ

## ڪافي

### تون ئي تون

"مون" نہ هجان شال "مان" نہ هجي
تُون هُجين مهديا تون

"مان" ۽ "مون" کي مار تون مولي!
سرڪار تنهنجي آهي بالا
بي چان نڪي هجي چون
تون هجين مهديا تون

"مان" ۽ "مون"، جنهن وٽ آئي
ڪتيل بازي تنهن آ هارائي
تن جون جايون ڏٺيون سين سڃون
تون هجين مهديا تون

Gul Hayat Institute

اول بہ تون آن، آخر بہ تون آن
باطن بہ تون آن، ظاهر بہ تون آن
هِتي بہ تون، هُتي بہ تون
تون هجين مهدي! تون

جانڻ چن تنهنجا ڳڻ تو ڳائي
پاڻکي ڪڏهن ڪين پڏائي
شال وحدت منجھ وچون
تون هجين مهدي! تون

**بيت**

**پاڪ، پليت**

صغير هئين تہ "پاڪ"، ڪبير ٿيئين تہ "پليت"
ڪلھ هئن اڄ هيئن، اها ڪهڙي آهي ريت؟
آهين سر ساڳو تون، ڪڏهن ناهين پليت
"مُوتُو قَبَل اَنت مُوتُو"، رکيئي نہ سيت
جانڻ چن چوي منهنجي پئي وڃي نيت
توکي وڏائي آهي پليت ڪيو

**نظم**

**پاڪستان**

پاڪستان چوي توکي ايوب صدر
"پڏ منهنجي خبر"
"علامہ اقبال" اپاءُ ڪيو
تنهن تي "قائداعظم" آهي عمل ڪيو
مون کي جوان جناح "پاڪستان" ڪيو
ورتو ملڪ "مستر"

Gul Hayat Institute

"لياقت علي" ٻہ لائق هو
منهنجو دوست دلي مون تي شائق هو
فرمانبردار ڏاڍو فائق هو
هو نيڪ نظر

بعد انهن جي مون آيرو هئس
ڏاڍو ڏکن ۾ ڏيرو هئس
سواءِ پردي جي پڌرو هئس
هو غم سان گذر

"جاگيرون ختم"، قائداعظم چيو
تنهن کي ختم اڄ توئي ڪيو
بي رياءَ نہ تو ڪنهن جو رايو ڪيو
پڳوئي ڪوٽ ڪفر

پاڪستان آهيان، مون پاڪ حرم
هڪڙو تو ماري مون کي شرم
تنهنجي هوندي رشوت جي آ بازار گرم
ڪڍي صاف تون ڪر

رشوت جي مردي کي .ڪر تون دفن
پاڪ ٿئي منهنجو سارو صحن
راشين جو بند ٿئي دست دهن
اڄ تون اقرار ڪر

جي پورو منهنجو فرمان ڪندين
پوءِ دنيا سڄي حيران ڪندين
هندستان کي ٻہ پاڪستان ڪندين
هڻ نعرو تون نر

Gul Hayat Institute

باقي رهي آ مون ۾ هڪڙي خلت
منهنجي شان سان جنهن جي ناهي ملت
تڙي ڇڏ تنهن کي، ٿئي مون کي صحت
وڃي مرض مگر

مون جيڪو جانڻ چن آهيان
مون اهوئي پاڪستان آهيان
"جناح" آهيان "اقبال" . آهيان
اعتبار تون ڪر

بيت

## پاڻ

1

جانب انهيءَ جوءِ جو ڏاتر ڏنم ڏس
'اَلانسان سَرِي وَانا سَرهُ'، ڳاروڙي ويا هي ڳس
پيهي ڏس تون پاڻ ۾ پاڻئون پرين پس
جانڻ چن چوي رس، پنهنجو اٿئي پاڻ ۾

2

پاڻ کي پاسي ڪيان، ڪين پنهنجو ڄاڻان پاڻ؟
"اَلانسان سِرَي وَاَنا سِرهُ"، لاشڪ آهيون پاڻ
پولا سڀ پڇي ويا، انهيءَ آيت ساڻ
"وَفِي اَنفسڪُم افلا تَبصرُون"، اسين ڄاڻي وياسين ڄاڻ
"وَنَحن اَقَرب اَلَيہ منَ حَبَل اَلوَرِيد"، اها ثابوتي اٿئون ساڻ
ويساهہ جن ويهي ويو تن کي ڏينهنڪ مليا ڏاڻ
جنهن جا ڳولا آهيون، اهي آهيون اسان پاڻ
جانڻ چن پڪ ڄاڻ، صحيح سڄاتاسين سپرين

Gul Hayat Institute

3

ترڪ دنيا ترڪ عقبيٰ، ترڪ ترڪ و ترڪ
جن سڃاتو پاڻ کي، تن ڪيو موليٰ ترڪ
ڀوتو ڀيائي جو پٽيائون، پاڻ ۾ پنهنجي پرڪ
چن جانڻ ڇئي غرق، اهي پالها ناهن پاڻ ڪئون

## ڪافيون

### ڪافي 1

”وَفِي اَنفسڪُمر“ سچ!
پاڻئون لڌم پئي پڪ
وچي هڪ سان ٿياسين هڪ

ملان قاضي پڙهي ڀڏائن
ويساهہ تنهن تي تر جو نہ آين
لهي ڀيا اٿن ڪڪ

مسجد مندر منهنجو ڇا هي
ڪين وڃان مون اوڏانهن ڪاهي
شرڪ ويا سڀ شڪ

مکو آهيان مدينو آهيان
گنگا جمنا سمندر آهيان
هتڙي ليي پيو حق

”مهدي“ هادي جام پياريو
جيئي جهانيان آهي جيئاريو
موکيءَ ڀاريو مچ

ساقي اها تا سرڪ پيارن
ورهين جا تا مئل جيئارن
جانڻ چن چوي اچ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

پاڻ کي صحيحي سڃاڻم، پل لهي پيو پولو
پسيم صورت پنهنجي، جنهن جو هيس ڳولو

’مَن عَرَفَ نَفَسه فَقَد عَرَفَ رَبَه‘
ڏٺم ته الله آهيان، آدم جو اٿم ولو!

هت اچان ها ڪينڪي، پر ذوق ضرورت ڪئي
پنهنجي حسن پاڻ ڪي، شوق ڏنم شعلو

ڪل تي آهيان قادر، زابرن تي زابر
صبر ڪم ٻه منهنجو توريم ماسو تولو

هر جاءِ هڪو آهيان، ڪاٿهين نه ٻِڪو آهيان
تي جانڻ چن لِڪو آهيان، آهيان غلام گولو

## ڪافي 3

پاڻ کي ڏاٺم اور نهڻ لاءِ، ٻهي ٿيس سبحان!
”مان ۽ مون“، جڏهن مون وٽ هئي
تون ئي تون، تڏهين مون وٽ نه هئي
تڏهين هيس نادان
جتي آ لاهه اتي نه آبادي
لاهن ۾ آ وڏي بربادي
اتي آهي ويران
لوڏي پنهنجو لاهه ڪڍيو مون
مون وٽ آئي، تون ئي تون تون
پوءِ ٿيس سلطان
وڏائي پنهنجي کي ماري مڃايم
’وَفِي اَنفُسَڪُم‘، سيني سمايم
پوءِ جانڻ چن ٿيس جوان

## ڪافي 4

پاڻ وڃايم پاڻ ۾، تڏهن پاڻئون لڌم پاڻ، وو يار
پاڻئون سوا مون ڪين لڀان تو ٻي نہ ڪنهن سان ٻاڻ، وو يار

”مان ۽ مون“ جڏهن مون وڃان وئي
پاڻ تي نظر تڏهن پئي
ديوار دوئي جي ڳم تي وئي
ڏاڻ ۾ ڏٺم پاڻ، وويار

دوزخ، بهشت ڪي ترڪ ڪيوسي
حورون جو نہ درڪ پيوسي
پنهنجي وصال جو ورق ورپوسي
ڪا نہ رهي آ ڪاڻ، وو يار

پاڻ سڃاتم وئي گمراهي
منهنجو ناهي باپ نہ مائي
ڪانہ ڪپي تي ٻي همراهي
پاڻ سان آهيان ساڻ، وو يار

جاڻ چن پنهنجو نام ڏاريم
بشري بوتو بيک بنايم
پنهجي لاءِ محلات ٺاهيم
ماپيس ٻئي نہ ماڻ، وو يار

## ڪافي 5

پاڻ ڪي ڍاهي پاڻ ڪي ٺاهيم
پاڻ سان لاٿم نيهن

”لا اِلہ“ جي ڪين چوان ها
”اِلا الله“ ڪين هجان ها
ميم ۾ آيس هيئن

Gul Hayat Institute

نفي منجهان اثبات تي آيس
هر صورت ۾ تڏهن سمايس
محبت وسايو مينهن

'فِيهِ مِن رُوحِي' جي رمز رلايم
آدم کي تڏهن سجدو ڪرايم
اتي آهيان مون شينهن

فنا بقا جو سير سمورو
جاڻ چن ۾ ڪري پورو
رهان ٿو راتيان ڏينهن

ڪافي6

"ونحن اقرب" ويٺو آهيان
پاڻ ٿو ٻوليان پاڻ ٻڌايان

ٻاهر شيشو اندر شمع هان
پاڻ تي مست پاڻ همه هان
پاڻ سان پاڻ ٿو رمز رلايان

پاڻ هان سلطان پاڻ سڪندر
پاڻ سپاهي پاڻ گداگر
پاڻ ٿو عشق جي ڇير وڄايان

پاڻ هان احد پاڻ هان احمد
پاڻ هان موسيٰ طور ڪيان پنڌ
پاڻ تي حاڪم حڪم هلايان

پاڻ هان مطلوب، پاڻ هان طالب
پاڻ هاڻ خلق، پاڻ هان غالب
پاڻ ٿو جاڻ چن سڏائيان

Gul Hayat Institute

## ڪافي 7

پاڻ ڏئي تو پاڻ وٺي تو
پاڻ چوي تو "آهي الله"

پنهنجي اثباتي، پنهنجي ٻولي
سنتُ ڪو سمجهي، ساڌو پيرولي
'قُل هُو الله اَحد الله، پاڻ چوي تو "آهي الله"

الله اچي ڪئي پنهنجي اثباتي
موسيٰ اها رمز نہ ڄاتي
"لن تراني" چيس الله، پاڻ چوي تو "آهي الله"

"ڪل شيءِ محيط "آهي مرڪز موليٰ
شاهد سندس ڪلام الله
عشق ڏني اتس اها صلاح، پاڻ چوي تو "آهي الله"

پاڻ پاسينگر، پاڻ آهي ٻيڙو
پاڻ سان پاڻ ئي آهي پيڙو
پاڻ سمندر پاڻ ملاح، پاڻ چوي تو "آهي الله"

جاڻ چن آهي صاف سڄاتو
فيض فنا مؤن آهي پاتو
"مهدي" ٻڌايم تاج ڪلاهہ پاڻ چوي تو "آهي الله"

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### ٻاند

لڳو اٿم ساڻ ٻاند ٻڪن
آئون تہ ڪچي آهيان ڪميٽي

ـ مون منجهہ لک مدايون، ٻلا ٻلايون ٿا ڪن
ـ هٿ "مهدي" جي هٿ ۾، ننگ نباهيو ٿا نين

- 'فاذڪروني' مون ڪيو 'اذڪرڪم' ڪيو انهن
- گونگو ٻوڙو نہ ڪپي، تنهن ڪي ڏيان مون ٻن
- سارو ساٿ جانڻ چن جو پرين پار ٽا ڪن

## سرائڪي ڏوهيڙو

**ٻنڻ**

مذهب والا تون ڪيون پيا پٽيندائين؟ اها عشق گهتي هي بازي
ذات پنج تن دي ناهين سڃاتئي، اها هي ذات خدا دي
الله ڪڏانهن بہ ناهين مردا، تون الاهيت ڪنون ٽيئين باغي
حد دي وچ پيا غوطي کاوندائين، حد لاحد لنگهہ ڳئي غازي
"من راني فَقَد راء الحَق"، هوڪا هلايا هادي
آکي جانڻ چن مذهب مرڻا چوڙ ڏي، اصلي اها هي ڦکي فسادي!

## ڪافي

**پرايو**

تون پاڻ پرايو آهين
پراين ڪي چو پنهنجو ڪرين ٿو

پٽ پرايو زال پرائي، مال عيال اٿئي مالي پرائي
ٽانو ٽپو ٽئي ٽالهي پرائي، ڪجهہ نہ هلندئي ساڻ
مفت اجايو ڪنهن لاءِ مرين ٿو

حرس وڌيئي ٿو عمر ڪٽي ٿي، ڏينهون ڏينهن پوئتي هٽي ٿي
قبر تو لاءِ وات پٽي ٿي، غفلت ۾ آن غلطان
ڏيان نہ تنهن جو ڪو تون ڌرين ٿو

هٽ پرائو هٽي پرائي، سودو سود سٽي پرائي
منڊل مانڊاٽو مٽي پرائي، "فاذڪروني" فرمان
ساجهر اوڏانهين چو نہ سِرين ٿو؟

Gul Hayat Institute

جاڻ چن ڪر فهم فڪر تون، ورد وجود ۾ چوري ڪر تون
ڪسيل ڪوٺاري ڪر اوجر، تون تي نفي اثبات
گهير انهيءَ ۾ چو نہ گهڙين تو؟

**بيت**

**پري**

پري چاڻن پاڻ ڪئن، ڪن وات پٽي واڪا
پري سڏ سيڪا ڪري، ڏئي ويجهو ڪن ڪا ڪا
گهر ۾ وينو گهوٽ آ، ٻاهر ڪن ٻاڪا
وِٽي ناهي وار جي، سمجهي تي سا ڪا
جاڻ چن چئي جهاڪا، اسان لنگهي وياسين لِڪيون

**بيت**

**پَسَڻَ پِرَ ڪي**

1

پسڻو هجيئي پِرَ ڪي، تہ من محراب تون ڻاهہ
نشاني نرڙ جي، داغ انهيءَ ڪي ڊاهہ
ظاهر تو ذهد ڪرين، مٺهو ميڻائڻ لاءِ
تہ ڏسن پلي ڏيهہ ۾، 'هي بہ بزرگ آهہ!'
لڪيل جيڪو لوڪ ڪئون، تون اهو ڪم ڪماءِ
تنهنجو ڪم ڪريم سان، تنهنجو تو منجهہ آهہ
جيڪي جو ڪجهہ تون ڪرين، ڳجهو هن ڪئون ناهہ
"وَفِي اَنفُسَكُم اَفَلا تُبصِرُون". جوڙيو وينو آ جاءِ
جاڻ چن چئي جنهين، اُتي ڪئي آ نرت نگاهہ
اهي وڏي ساڻ ويساهہ، گُر سان گاروڙي گڏيا

2

پسڻو هجيئي پِرَ ڪي، تہ نفي ناد وڄاءِ
هٿن گوڏن موت نہ آ، نڪي نرڙ گساءِ

Gul Hayat Institute

’ڪُل نَفُس ذائِقَتَ الموت‘، تنهن کي ڪم ڪراءِ
”قالوُ ابليٰ“ جي قول ڏي، انهيءَ وعدي ڏي واجهاءِ
”مُوتُو قَبَلِ اَنتَ مُوتُو“، مانجهي مرد ملهاءِ
جانڻ چن هن راهه، گُرَ سَان گاروڙي گڏيا

3

پسٽو هجيئي پِرَ کي، ته ملهه وڏي ڪي مار
سندرو ٻڌ صبر جو توحيدي تلوار
مٿو تنهن مُئي جو ڪٽي ڇڏ ڪاپار
فڪر جي ڦرهيءَ کي، نڪي ويل وسار
جانڻ چن هن پار، گُرَ سان گاروڙي گڏيا

4

پسٽو هجيئي پِرَ کي، ته هنبارن ۾ هڻ
تو ۾ خزاني ڪاڻ آ، وڃ نه ٻئي آتڻ
اِيئن چرخو چور تون، چپ نه ڪن چڻ پڻ
اَنئي پهر عجيب جي، اندر ۾ اُڻ ٽُڻ
وڃي ڇڏ وجود مان، وڏائي جو وڻ
جانڻ چن چوي هيئن پڻ، پوءِ گُرَ سان گاروڙي گڏيا

5

پسٽو هجيئي پِرَ کي، ته ڏي دين دنيا کي ڌِڪو
ٻاهر ”ڪافر“ ڪوٺنئي، اندر سونو سِڪو
ڪڻ ملامت مرد ٿي، لوڪ ۾ لِڪو لِڪو
مٽائينءَ کي ماتِ ڪري، ٿي وڃ جهڪو جهڪو
تون کي چون ”ڦوت“، تون ٻولِ نه ٻاڙو ڦِڪو
جانڻ چن چئي جنهين وٽ آهِڪو اهي گُرَ سان گاروڙي گڏيا

6

پسٽو هجيئي پِرَ کي، ته ذڪر ڇڏ زبان
چڱي طرح چوري ڪر، پڇاءِ پهلوان
بدمعاشي برهه جي، آڻي رک اعوان

Gul Hayat Institute

سڙا سئو ڏهين جي، سهائج سڄان
ياءِ سڳي جي مارڻ جو خوني ٻڄ خان
تارون وٽ تنبور جون، ڏيئي ڇڏ فرقان
دم جي دنبوري سان، تندون وهائج تان
ماڻهو چوڻئي ملڪ جا، "ڪيئن تيئن ڪفران؟"
ٻاهر ٻنهي جهانن کان، نڪري تي نشان
اهڙيون ڏارين عادتون، تڏهن تيئن جوان
جانڻ چن چوي تڏهن مليئي ماڻُ محبوبن جي مجلس ۾

## سرائڪي ڏوهيڙو

'رَحمَتُ العلِمين' ذات پنج تن دي، باقي ڪهڙا شڪ اي
"اَنا اَحمَدَ بِلا مِيم" احد، احمد، هڪ اي
"محمد" بن ڪي اتڙي آيا، ميم دا ڪرڪي لِڪ اي
"مَن رانِي فقد راء الحَق"، حق اهو ئي "حق" اي
اهو جنهن ڪون اعتبار نهين، اهو ڪافر سو مشرڪ اي
گونگا ٻوڙا الله مين چوڙيا، ڪن نہ جنهن ڪون اک اي
هٿ نہ پير جنهن ڪون جلوه، جنهن وچ ڪونهي ڪک اي
اهو نڪوئي هي نڪو ليسئي، تنهن ڪون ڳولڻ جک اي
آکي جانڻ چن مين مول نہ مڙسان، ميڏي "عربي" ڍول تي پڪ اي

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

### پنج تن پاڪ

### ڪافي 1

پياري حسن حسين امير ڏونهين
جيڪي ساري امت دي پير ڏونهين

ميڪون حب تہ هميشه حيدر دي
متي محمد دي برادر دي
مينڪون سڪڙي تسان دي سير ڏونهين

نبي هڪ هڪ انگل منيندا هي
اپڻي سر تي قدم ڏرا ويندا هي
ڪيتس هٿ هٿ وچ شبير ڏونهين

ڪتي "شمرا" هي ڪتي شان ويکو
اهڙي طاقت ہيا ڪيڏا پيار ويکو
آئي قتل قضا تقدير ڏونهين

اهو داغ تہ دل ڪون دردان دا
صدقا ڪون چاتا مين امامان دا
جانڻ چن ماتم ڪر معصومان دا
اکيان روز روئن پلي نير ڏونهين

### ڪافي 2

واهہ واهہ پنج تن دين سڪايا
مومنان دي لاءِ اهو رستا بنايا

پنج تن دا اي سردار عالي
پاڪ محمد دوجگ والي
گهر دشمن دي پڇڻ هي آيا
واهہ واهہ پنج تن دين سڪايا

هر مظهر دا مالڪ حيدر
سوالي آوي ول وڃي نہ ہي در
شربت قاتل ڪون هي پلايا
واهہ واهہ پنج تن دين سڪايا

Gul Hayat Institute

پاڪ بتول دي ويکو شفقت
باري بلاشڪ سندس رحمت
جنهن "شمر يزيد" ڪون پھلي چڙايا
واھ واھ پنج تن دين سکايا

حسن ڏي آيا، جام زھر دا
ساڙڻ والا بر بحر دا
زھر الايا، تب نہ ولايا
واھ واھ پنج تن دين سکايا

حسينڻ ڪيتي ڪربل تياري
سختي ڪربل مينگھ ملھاري
دين محمد دا ديرا ڇمايا
واھ واھ پنج تن دين سکايا

اھا رمز ھي التي، الٽ ڪو ڄاڻي
بن رهبر ٻيا ڪونہ پڇاڻي
"مھدي" اسان ڪون ملڪ گھمايا
واھ واھ پنج تن دين سکايا

چوڏانھن طبق چڪر ڦريوسي
ھر جاء پنج تن پاڪ ڏٺوسي
جاڻ چن ھي اُلٽ سمايا
واھ واھ پنج تن دين سکايا

Gul Hayat Institute

### ڪافي 3

مذھب وارن ميان! پنج تن ناھي سڃاتو
اھا مام آھي مخفي، ڳجھو راز ڪين ڄاتو

گمراهہ ٿاهہ ٿا ٿاهن، عالي شان ٿا جهڪائن
جيئن چتن جا نالا، پاڪن جا ٿا ٻڌائن
حسين رنج آهي، مون کي پيو آ پتو

ناجائز شعر ٿاهن، پنج تن پاڪ رنج آهن
مون کي قسم خدا جو مالڪ نٿا پيا چاهن
سمنڊ بيڪنارو فاسقن نہ فيض پاتو

قصو هي ڪربلا جو رندن پروڙيو آهي
اهو ڪم هئو ڏٽين جو "شمر" "يزيد" چاهي!
مالڪن انهيءَ مزي کي، ڪيو خريد ڪاتو

'عَلِيٌ العَظِيم' علي، خالق خود آ جلي
شريعت بنايو احمد، پنج تن پاڪ هڪ رلي
صوفي لنگهي ويا لاحد، انهيءَ پڙ ۾ پير پاتو

ٻڌو حديث آهي، 'لحَمڪ لحمي' ٻڌاءِ
'دَمَڪ دَمِي' چيو دلبر، 'رُوحَڪَ رُوحِي' رلاءِ
"جِسمَڪ جِسمِي" جدا ناهي هڪ آ بدن بوتو

'انا احمد' آهي، 'بلاميم' ٻڌاءِ
اسم ذات آهي هڪڙي، تنهن ۾ ڪو شڪ ناهي
جاڻ چن پنهنجي، خالق سان نيهن لاتو

Gul Hayat Institute

### ڪافي 4

سچا اٿم اباڻا، سنياريائون وطن کي
اميرن پنهنجي، پاڙيو آ سخن کي

'ڪنف' ڪان اڳئي، وچن هو ويڙيچن
ڪيائون قول پورو طاقت چا ڪوفين کي

ويل سي وهي ويا موٽي ماڳ پنهنجي
ڪري دين سان ويا، پرتو گهرن ڪي

مون بہ اج سياڻي، ويڙيچن ڏي ويندس
چوندس اتي نيئي، مرحبا ادن ڪي

ميندي موڙ ڳانا، ڌرئون هٿا ڏٽين ڪي
اچا تائين اها اٽن، لالائي لڳن ڪي

پرين پاڪ پنج تن، هت بہ رهن ٿا
اچن ڪين ٿا پيا، نظر بي نظر ڪي

جانڻ چن چئي مخفي، ڪي رند راز ڄاڻن
ڪل عام ڪهڙي، خبر بي خبر ڪي؟

## ڪافي ۽

جن ڪي پنج تن پاڪ جي ناهي سڃاڻ
”جانوءَ“ ڪي تن جي، ڪانهي ڪا ڪاڻ

”شاھ“ سڏاءِ توڙي ”سڪندر“
ملان قاضي توڙي تونگر
بيائي جو جن ڪي لڳي ويو ٻاڻ

اِسم الله، جسم پنج تن
دائم قائم واحد آدم
قلندري آهي اهوئي چاڻ

معشوق هو عرش تي، عاشق اتي هئا
آيو معشوق فرش تي، عاشق اچي ويا
قلندرن وچي ڏنو وٽاڻ

Gul Hayat Institute

وحدت ڪثرت آهي واحد
"ڪُلَ شيءِ مُحِيط" فرقان شاهد
مذهبن ملڪ ۾ وڏو مانڊاڻ

مذهبن وڌو آ خلق ۾ خلل
هر گهر ۾ آهي دوئي ڪي دخل
گمراهيءَ جو پيٽئون سيباڻ

"لا فرقو بين" فرقان چڏي ويا
ڪاذب ڪوڙ جا اڏا اڏي ويا
باغين جي آهي بنا حق تاڻ

ڪلمون توحيد جو عام نہ پڙهيو
الف وساري لام ڏي لڙيو
ڪلمي جي تن ڪئي نہ پڇاڻ

"مهدي" امام الف پڙهايم
جانڻ چن چئي سيني سمايم
جانو آ سگ، شل وڃيو ويندا ساڻ

**بيت**

**پنهل**

1

تون پارس پنهل ڪيچ ڌڻي، مان لانگوٽي لوٽي
مان فنا تون بقا، تنهنجي قائم آ چوٽي
ٻاجهہ مٿائون ٻاجهہ ڪرين، موهن تون موٽي
ڏسي جانڻ چن وٺ ڪوٺي، مٿان مون ڪان منهن مٽين

2

تون پارس پنهل ڪيچ ڌڻي، مان لُنڍي مَنجهائون لوڪ
ڪوجهي آهيان ڪملي، توڪون ڪري لوڪ

ٻاجھارل ٻاجھہ ڪرين، واھہ واھہ ڪري لوڪ
جانب جاڻ چن جي، سبز ڪرين تون سوڪ
متان ڏسي ٺوڪون لوڪ، مون ڪان منھن مٺيين

3

تون پارس پنھل ڪيچ ڏڻي، مان پنيوري پولي
رھبر اتي رسين، جتي ڇوھہ وڏي ڇولي
تون آھين 'رحمت العالمين'، مون جھلي آ جھولي
انگ نہ اٿم اوڇرو، اٿم چاڪن سان چولي
مان ٻانھي تون آن سائين، تنھن جي گولن جي گولي
جانب جاڻ چن جي، توسان ٻانھپ جي ٻولي
ڏسي ڏوھہ پري ڏولي، متان مون ڪان منھن مٺين

4

تون پارس پنھل ڪيچ ڏڻي، مون ڪکي ڪٺياڻي
اوکي ويل اچي ٿيئن، جاڻ چن سان ساڻي
ڏسي عيبن هاڻي، متان مون ڪان منھن مٺين

5

تون پارس پنھل ڪيچ ڏڻي، مون ڪميڻي ڪمذات
آڻ سرندي سيڪو ٿري، تنھنجي سرندي ٿري ذات
جاڻ چن جي گناھن جي، بيحد آھي بات
متان ڏسي ٻوڙي ذات، مون ڪان منھن مٺين

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

ڪيچي مون سان قول ڪري ويو
ڪاڏي ويو ڪوھيارل ڪاڏي ويو ڪوھيارل، الا ھي الا
اتر ذڪڻ مون ڳوليان، ڪين اولھہ ۽ اوير

ڳوليان ڳوٺ گليون گليون، مون سينَ هٽان در در الاهي الا

لولي سورن جي ڙي سرتيون، مون کي ڏني مادر
روئيندي، پڙهندي وتان مان، دردن جو دفتر، الاهي الا

جانڻ چن نماڻيءَ جي توکي، پارت آهي پنهل
دير نہ ڪر دلگير سان، سگهو ويچاري ڏي ور الاهي الا

## ڪافي 2

آيو ڪيچ ڏٽي، ڪيڏو ملڪ هٽي
قربان ٿيان!
آيو ملڪ جو مالڪ ڪا ڳالھ ڳٽي
پيٽيءَ پاڻيڻ لاءِ، پيتو لاٽا لٽي
ڏسو سسئي لاءِ تو ڏوہي بٽي
سر ساھ ڏيان

ڪئي سسيون پنهل تو لاءِ سِڪنديون وتن
وچڙئي ڍور جيئان، اهي ڍِڪنديون وتن
تو ڏي لِئي پائڻ لاءِ لڪنديون وتن
ڪئي راتيان ڏينهان

ڇڏي سسئي پنهل کي ننڊ ڇو ٿي سُتي
آندو عشق اڳڻ نہ هئين جوڙ جتي
ڦريون ڦر وڃاءِ پوءِ اُٿي
جيڪر زهر پيان

جانڻ چن پنهل ڪر ووڙڻ وس
تون آن لوھ لڙهيل وڃي پارس پس
ڏسيو "مهدي" تو کي گهوٽ جو گس
اها جُوءِ ميان!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

آيو ڪيچان پنهل، لُٽِي سسئي جي دل
تڏهن ٿي دانهون ڪيان

آندو عشق ذري، ايڏو قصد ڪري
ڪيڏو ڪيچ پري، آيو ساٿ پري
ورتا سور سسئي واپار ڪري
تڏهن ٿي آهون ڪيان

نہ ڪر جاڙ جبل، آهيان ڏاڍي ڏڏل
وڃان پنيان پنهل، آهيان ٻولين ٻڏل
ميثاقي مهل، اتم قول تيل
تڏهن ٿي ڪاهون ڪيان

ٻي ترس ڏونگر، نتو منٿ مڃي
ملندو نيٺ پنهل، ڪنديسانءِ پورا پيچي
ڪندو ڪانڌ ڪمينيءَ سان نيٺ چڱي
ٿي الاهون ڪيان

جانڻ چن صبر، پنهل ئي ورڙ نہ ٽر
آهي تنهنجي اندر، ويهي ڳول مگر
انهيءَ ويڙ وجودي پنهنجي ڇاتي اندر
ٿي نگاهون ڪيان

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

پنهل وئيو ٿي اڇان، تڏهن ٿي مان نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

نشو ڪيو اتم نيهن جو الوڙي ميان
ڏينهون ڏينهن ٿي مچان! تڏهن ٿي مان نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

شرابڻ آهيان شوق جي، الوڙي ميان
برهه سان تي بچان! تڏهن تي مون نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

ديوار پڳي اٿم دوئيءَ جي، الوڙي ميان
وِتي وئي آ وِچان! تڏهن تي مون نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

آهي جس جتن ڪي، الوڙي ميان
مون مئون ڪڍيون اٿن ڪچان! تڏهن تي مون نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

عشق جي آڙاهہ ۾ الوڙي ميان
پتنگ جيئان تي پچان! تڏهن تي مون نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

رمز رندي جانڻ چن چوي، الوڙي ميان
راز انهيءَ تي رچان! تڏهن تي مون نچان!
جيڏيون! مون سان پنهل پاڻ بہ نچي ٿو!

## بيت

### ڦهرو

ڦهرو بيهارين پاڻ تي، توکي ڊوهڙ آهي ڊَپُ
نيتَ تنهنجي نانگ آ، سيني سريئي تو سَپُ
"اِنَ اَولياءَ الله لاخَوفَ عَلَيهِم وَلاهُم يَحزَنُون"، شرڪ نہ تنين کي شڪُ
جانڻ چن چوي جن کي مليو حق، خوف نہ خطرو تن کي

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### ڦريون مومن

ڦريون مومن ڪير آ، جيڪو عشق جي سوليءَ چڙهيو؟
پاڻ کي فدا ڪري آڙ ڪنهن نہ اڙيو

توريت ڪلهہ، زبور ڪلهہ، انجيل ڪلهہ، فرقان ڪلهہ
پنجون ڪتاب اولين آ، جنهن ساڻ هي آ دوجڳ جڙيو

"پنج تن" پنج، "رڪن" پنج، "ڪعبا" پنج، "ڪتاب" پنج
پنجن جي جن پرکا نہ ڪئي، تڏهن اٿن دوئيءَ جو دڙو

جيڪو "في لوح محفوظ" ٿيو اتي پاتو وڃي مون لِيئو
پنجون ڪتاب معلوم ٿيو تڏهن پاتو آهي مون چڙو

هي خاص خاصن جي خبر، مذهب انهيءَ ڪان بي خبر
عشق جي تکي تبر، جوئي وڍيو سوئي وڙيو

هي جانڻ چن اثبات ڪئي، ڏسي لاهوتيءَ لات ڪئي
پنهنجي تن اندر تجلات ڪئي آهي موج "مهدي" جي مڙهيو

## نظم

### پيٽ

لٿي پيٽ جي مون ڪي، ڪا ڳڻتي نہ آهي
جنهن ڏاريو آ مون کي، سو چاريندو آهي

نڪو بهشت گهران، نہ حوران قصوران
دوزخ جي ڪا مون کي پرواهہ ناهي

گهران ڪين دولت، زماني جي عظمت
باقي "طالب المولىٰ" هي واپار آهي

Gul Hayat Institute

مليو مون سان "مهدي" منهنجو آهي هادي
ڏني آ ڏات ڏاتر، هو ڏاتار آهي

باقي آهي بهانو رياضت جو خانو
جانڻ چن کي ڏاڍو قرار آهي

## ڪافي

**پيچر واهه**

ٻڌ چيف صاحب پيچر تو پڪاري
آهي اپيل منهنجي ڏک تو آزاري

ايڪڙ هزارين غير آباد ٿي ويا
مال ۽ ماڻهو تاراج ٿي ويا
هوندي سوندي مون کي ميار ٿي ماري

منهنجو نام "پيچر"، پيچرن مون پياريان
انبار ان جا، موتي، لعل ڏاريان
ڇڏيان ڇو نه جيڪر مرده جيئاري

فقيري اميري ڏني توکي "مهدي"
شاخ ۽ منهنجي ڪري ڇڏ شادي
ملي پاڻ ۾ ٻئي، ڇڏيون اجارا پياري

پاڻي ٿئي سجايو وهي تو اجايو
ڪنهن ڪم نه آيو
ڏنڊين منجهه تو ڏاري

چوڏهين سن ۾ يار، رک يادگار
سگهو جاڳ جاني
ڇڏين مت وساري

Gul Hayat Institute

رياضت راھ عبادت ڪيڍي آ
سدائين جواني ڪڏهن نہ پڍي آ
ٿين بر بهاريون، عالم چڏ اوجاري

مون آهيان دادو ضلعو ڪرڪو منهنجو بلو
ڪم آ آبادي، ايئن پيو نہ ضلعو
ٿيان سبز سائو، شڪر گذاري

اهڙي اسڪيم ٺاهيائون، مون کي مٽايائون
مون پٽ درياءَ جو مون کي ڍهتو بنايائون
ڪيائون نار نالي، منهنجو حق ماري

"جهانيان" جهان جو "مهدي" آهي والي
ڏنائين پاڻي هٿ تنهنجي، "جانڻ چن" آ مالهي
ڪري عرض آرائين، ڪويل تي تنواري

## بيت

پيري بزرگي شاهي، مخدومي، شيخي

پيريءَ ڪئون پري ٿي، بزرگي ڪئون بيزار
شيخ شيوخي لقب کي، هڪارئون هار
ميجوتي ماڻهن جي، بيحد اٿئي بيڪار
"دوزخي" دنيا ۾، چوندي مر چوڌار
جانڻ چن چوي جڳ ۾، اهڙا ڏاڍا ڏار
پوءِ عاشق انهيءَ پار، اوڏو ٿيئين الله کي

## ڪافيون

### ڪافي 1

پيري، مخدومي برباد ڪري پوءِ عشق جي چاڙهي تي چڙهٽو آ
شيخي مشائخي شو ڇڏي، بدمعاش برھ جو بڻٽو آ

منجهان منجهہ ميدان جو آهي
ڪاهي چڙهہ تون ڪنڌار تي ڪاهي
سورهيہ سان ڪر سندرو ساهي
جوان جوڏي سان لڙڻو آ

علم عقل اتي ٿيندئي نہ رهبر
پاڻي ولوڙڻ مکڻ نہ آکر
عشق سوا برباد عمر
آڙ ڪنهن نہ اڙڻو آ

طالب موليٰ جو سڏائڻ سوکو
مرد ٿيڻ آهي اهينجو ۽ اوکو
مادي ڪڪڙ جي بانگ بيڪار
ڪم رنداڻو ڪرڻو آ

مرشد ڪان وٺ سرڪي سوائي
پير مغان ڪئي آ بالا پلائي
صورت سيني منجهہ سمائي
پيو پنو نہ پڙهڻو آ

جاڻ چن ڪئي آ حق جي ٻولي
"مهدي" جي آهيان پنگهياڻي پولي
مرشد ڪنئي آ ٻالي گولي
لعنت ڪان نہ لڙڻو آ

Gul Hayat Institute

### ڪافي 2

ٽياسين شاهيءَ پيريءَ ڪان پري
بزرگيءَ مان بيزار ٽياسين

شاهي پيري ڇڏيا راڄ رلائي، بزرگي بيحد ٻلائي
انهيءَ مذهبن ڪري، لامذهب منظور ڪيوسي

امُر اَخواني پڄي پيو پولو رولن تنهن ۾ وڏو آ رولو
’مُوتُو قَبَل‘ مري، فنا بقا جي ملڪ وياسي

’رب العالمين‘ ناهي نڪتڙيو باقي آهي ڇاتي بڪيڙو
اهو خلل پيو اڇي کهڙو رندن جي اسان راهه وياسي

ڪنهن کي چئون مومن، ڪنهن کي چئون ڪافر
ڪنهن کي چئون شيعو ڪنهن کي چئون سني
’ڪُل شيءِ مُحِيط‘ ميلو وحدت جو واپار ڪيوسي

جاڻ چن چوي وحدت وائي، وحدت ڪثرت حق هيڪڙائي
اسان کي الف چڙيو آ پري، اهو سمنڊ سارو هڪ سرڪ ڪيوسي

**بيت**

### جاڳ

1

نفل ننڊ جن جي سجاڳي آ سنت
ويهي وحدت ۾ رهيا، اشراقي عادت
طبع تعجد تن جي، فڪر ٿين فرحت
پڙهيائون فرض فنا جو ڪيائون سجدو کي صورت
آڙاهه عشق مچايا، روئڻ ٿين راحت
جاڻ چن چئي اهڙي ساڻ الفت، سامين سمهڻ مؤن لڏو

2

سامي سمهن مر اهي، ننڊ نه جن جي جاڳ
دم نه خالي دوست کئون، اهو وڏين آ ويراڳ
سامين سڳ چني چڏيا، لاهي ڇڏيائون لاڳ
’مُوتُو! قَبَل اَنتَ مُوتُو‘ اها ڪتيائون آڳ
اهڙي طرح انهن کي، ستي مليو سهاڳ
جاڻ چن چوي پيو جاڳ، متان ريس ڪندي رهجي وڃي

3

اهي جاڳن نہ جاڳن، جيڪي آهن عبادت
پليتي ڪئون پاڪ ٿيا، وجودي وحدت
جانڻ چن چئي انهن جي، ازلي آ عادت
سامين سان صحبت، ڪري ڏسين تہ ڪل پوئي

4

اهي جاڳن نہ جاڳن جيڪي آهن جونجهاري
ويٺي، بيٺي، هلندي، وجهن نہ گهاري
ستي ننڊ سجاڳ ۾، جوڳيڙا جاري
کهہ ڪٿون ڪيائون، خونچا وهاٽا واري
آين پيٽ برهہ جي، بار ڳرو باري
سڄي عمر ساري، چن جانڻ جس انهن کي

5

اهي جاڳن نہ جاڳن، جن سولي تاهي سيج
جيئن پاٽي پوڪ کي، ائين رحمت ريج
بيراڳين تي برهہ جي، بوند اُتِي آ پيچ
سولي جن جي سيج، چن جانڻ جس انهن کي

6

اهي جاڳن نہ جاڳن، جيڪي آهن اوجاڳو
ستي ننڊ سجاڳ ۾، سارن پيا ساڳو
پري وڃن نہ پاڻ ڪئون، جاڳن نہ جاڳو
'فَاذِكُرُونِي آذكُركُمر'، واڳي ۾ واڳو
معرفت ماڳو، چن جانڻ چئي جوڳين کي مليو

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

اُٿي ستا تون جاڳ
ڇڏ تون ويسر رات ويهاڻي

صبح ٿيو بازار ڪلي وئي
لعل موتين جي هاڪ هلي وئي
توکي ننڊ جو آهي نياڳ

بازار انهيءَ ۾ سودو هزارين
هڪ ٿو جيتي ٻيو ٿو هاري
جنهن جو پڙائي ڀاڳ

جاڻڻ چن تون دوڙج دم ۾
اور اسم کي جيءَ جسم ۾
اهو رڳن منجهه راڳ

### ڪافي 2

جاڳي ٿو جاڳي، الله ٿو جاڳي
الله ڪري ننڊ، ته ڪانه ٻچي ڪا ڪنڊ

اها ڪل انهيءَ کي، برهه جنهن جي ڀاڳين
جاڳي ٿو جاڳي الله ٿو جاڳي

’فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ‘، واڳي ۾ واڳي
جاڳي ٿو جاڳي، الله ٿو جاڳي

همذات هڪ ٿيو سرت ڏني آ ساڳي
جاڳي ٿو جاڳي، الله ٿو جاڳي

سولي سيج انهيءَ جي، درد جنهن کي داڳي
جاڳي ٿو جاڳي، الله ٿو جاڳي

Gul Hayat Institute

جانڻ چن ڪي "مهدي امام" پهچايو ماڳين
جاڳي تو جاڳي، الله تو جاڳي

## سرائڪي ڏوهيڙو

### جانڻ چن

"جانڻ چن" ڪنون اهو برتن پليرا، جيڪا ڪتيان دي چٽ اي
تنهن ڪنون گهٽ اي

"جانڻ چن" ڪنون اها پٽي پليري، جيڪا پڏيندي ڦٽ اي
تنهن ڪنون گهٽ اي

"جانڻ چن" ڪنون اهو پتر پليرا، جيڪو ڪريندي وٽ اي
تنهن ڪنون گهٽ اي

آکي جانڻ چن مين ڪنون اهو لتر پليرا، جيڪو پيران ڪون ڍڪ اي
تنهن ڪنون گهٽ اي

## ڪافي

### جٽيو

آئون ڳُڻَ تو ڳايان تنِ، سائين! جٽيو پارايو جنِ
پاڪن مون کي پاڪ ڪيو، ميري ڏوتي آتنِ

- چني چوري ڳنڍيائون، گڏون گڏيو اتن
- رنگي رنگ لائيم، تلڪ لڳايو اتم
- ڪنيم گام گروءَ ڏي، چيريون چم چم ڪن
- سنيالي سنيار وڏائون، چڙا تا چونگارن
- عشق انعام ڏنائون، بيحد بخشيو اتن
- 'فَاذِڪُرُونِي اَذڪُرڪُم'، قرب ڪيو اتن
- جسو جيءُ جانڻ چن جو، "مهدي" "مهدي" ڪن

Gul Hayat Institute

# ڪافيون

## سنڌي/هندي

### جوڳي

### ڪافي 1

جوڳي هتي هن، سامي هتي هن
پنڌ ڏسين ٿا پورب جو پيا ٿا رنگ رنگيڻ

- جيتر دنيا جوڳي هوندا، پيا ٿا اچن وڃن
- سامين کي سڀ ڪو سڃاڻي، اولي عام آهن
- رحمت رب جي ڪان ڪٿي آ، چمڙا ڪين ڏسن
- پنڌ نه آهي پيرن جو ”ونحن“ ويڙ وڃن
- جانڻ چن کي مرشد ”مهدي“ پهچايو پرين

### ڪافي 2

جوڳيئڙا ٿا جڳت نيائن، ساميئڙا ٿا سنگ ٺاهن -
نال نفي دي آون جاون، جيتي ئي مرجاون، آڏوتي سي آهن
اخفا اخفي اٿن اوتارا، ناميا نر هٿن ٿا نعرا
ظاهر ۾ آهن ڪافر ڪارا، طالب تلڪ لڳائن
مسجد مندر پاپ پيالي، جيڪي وڃن موٽن خالي
صوفي پي ٿيا مست موالي، پاڻ ۾ جهاتي پائن
’فَاذكُرُونِي‘ پيتائون پيالو ”اَذكُرُكُمُ“ ٿيو قرب ڪمالو
واهه واهه محب مليو متوالو، چن جانڻ جاڳائن

### ڪافي 3

عشق شاهنشاهه ماريا نعرا
جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

Gul Hayat Institute

مسجد مندر مين نا جائون، مڪي ڪڎهن پير نا پائون
من مدينا آئون جائون، گهر وچ ڍريم ڍارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

جوڳي ڪهاوي جڳت نہ جاني، جوڳي نهين سو جوڳي
ڪام ڪروڌ تڪر توڳي، نفس امارا نا مارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

ڪنتي، ڪلابي، ڪنگڻيان، بگلي، آپ ڪهاوي "بابو"
دوئي دراز دل وچ هوئي، جوتا پنڌ پسارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

طرلا، شملا، پٽڪا نا پڳڙي، تاءِ نا ٽوپي، نا روڳي نا رگڙي
سرئون ننگي هن جٽ ڦٽ ڦڪڙي اهو ملڪ همارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

جڳ ڪنون جدا هي ميڏي چالي عشق دا هان مين مست موالي
برهہ بهادر ميڏي مالي اسڪا ڪونهي ڪنارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

"مهدي" مولي جوڳ ڪمائي، لامذهب دي بين بجائي
اي جڳ او جڳ اسڪي وائي صوفيان دا سردارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

سامي "ناهہ" وچ قلم ترينڊي "ڪين" ۽ "لا" دي ڪلمي پريندي
سارا سمندر تارو ترينڊي اهو جانڻ چن دا چارا

جوڳي ذات نيارا، سامي ذات نيارا

**بيت**

## جهانيان

جهانيان مالڪ جهان جو ٻيا سڀ نوڪر
"مهدي" "محمد" هڪڙو عالم جي آڌر

Gul Hayat Institute

لَحمَڪَ لَحمِي جِسمَڪَ جِسمِي، دَمَڪَ دَمِي رُوحَڪَ رُوحِي
هڪڙو موليٰ عليءَ جو سر
حسن حسين هڪڙو وائي جو آ ور
جاڻن چن ان پَرِ، آسري انهيءَ جي

**بيت**

### جيئري مرڻ

1

جيڪي مرن جيئري، تن جو مذڪور
سنياسي سبحان لءِ، ويراڳي وهلور
ڇنڊي چاڙهيائون جيءَ ۾، قلب ساڻ ڪلور
آڙاهہ عشق مچايو تپاين تنور
ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري، اندر چڪنا چور
صورت سور مچايو گهايو وجهي گهور
جاڻن چن چوي هن دستور فنا مؤن بقا ٿيا

2

جيڪي مرن جيئري، هميشہ حيات
رکيائون سر اڏيءَ تي، ڪڍيو ڪلالن ڪات
ٻولي ٻولن ٻي نہ ڪا، ٻڪن هڪڙي بات
جاڻن چن سوغات، آين عشق اندر ۾

3

جيڪي مرن جيئري، مرڻ تن تان معاف
نفي واري ناد سان، سينو ڪيائون صاف
گهوٽ ملين گهر ۾، تن ۾ ڪيائون طواف
جاڻن چن چوي قاف، انهن ڪري گذاريو اڳهين

Gul Hayat Institute

4

جيڪي مرن جيئري، وري ڪين مرن
وحدت جي درياءَ ۾، تارو تڪ ترن
اونهان هلن عجيب ڏي، نڪي چپ چرن
آئي پهر الله ڏي، ساميئڙا سرن
دنيا ۽ عقبيٰ ڪي، گاروڙي نہ گهرن
’طالب المولیٰ مذڪر‘، هڪڙي لاءِ هرن
جهونا ڳڙهہ جهرن، جانڻ چن چئي جيءَ ۾

5

جيڪي مرن جيئري، سي سدا حياتي
پائي ڏنائون پاڻ ۾، جيءَ اندر جهاتي
ڪڙڪائي قلوب تي، ڪلالن ڪاتي
جهنگ ويو جاءِ تي، صورت سجاتي
’وَمَن عَرَف نَفَسه فَقَد عَرَفَ رَبَه‘ ظاهر ٿيو ذاتي
جانڻ چن چوي ياتي، پنهنجو لڌو سي پاڻ ۾

6

جيڪي مرن جيئري، بنا شڪ بقا
مرڻ تن تان معاف ٿيو لٿن ڏوڙ ڏڪا
وحدت جي درياءَ ۾، ڏنائون لهر لقا
جانڻ چن پڪا، ’قالوُ ابليٰ‘ جي قول سان

7

جيڪي مرن جيئري، سيئي جڳ جين
واڍوڙيا ورهہ جو پرٿيو جام پين
”لَن تَنَالُوالبِر حَتي تَنفِقُوا مِمَا تُحِبُونَ“، لاهيو لحم ڏين
جانڻ چن چوي ٿين، پاٽان سونهان پر سان

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

جيئري مرڻ قيمتي، پويون لهي نہ .پائي
"مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو"، امر تيو آ الاهي

سر ڏي تان سر مليئي، تي وريتي ور مليئي
گهوٽ سهڻو گهر مليئي، لوڪ ڏيئي واڌائي

تي نفي اثبات تون، ڪرڻ اها درجات تون
ڪر اهڙي همات تون، بسم ڪر وڌائي

وڃ عشق وارن جي تڏي ڪنيو ڪات ڪاسائي توسڏي
رک ڪنڌ عشق جي اڏي، سودو صفن صفائي

جاڻ چن چئي ڏس مري، تي مرڻ کان واندو وري
اها خبر آڻيندي ڪري، جيڪا وحيءَ ڪل نہ ڪائي

### ڪافي 2

مرڻو آهين تہ جيئري مر، پويون مرڻ بيڪار آ
'مُوتُو' واري مام تي، ڪيو اڏوتن اقرار آ

'ملهہ' ڪي هڻ 'ملهہ' تي، مرد هي مهل اٿئي
اوڪو پوندئي ڳل تي، هو ڏاڍو هنردار آ

ير نہ ڏيس ڍاري ويندئي، مونڙيون ڏيئي ماري ويندئي
ڪلر منجهہ ڪيري ويندئي، خام خبردار آ

خيال ڪي هوشيار ڪر، پاڻ تنهن تي سوار ڪر
ويريءَ اُتي وار ڪر، نفي جي تلوار آ

جاڻ چن چئي جوان تي، 'مُوتُو قبل' مري جي
آب حيات جو پيالو پي، جو فنا سو بقادار آ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

جيئڙي مرڻ ڏاڍو مزو، ڪٿي ڪو جنگ اڪبري
آب حيات ڪو پئي، وحدت جي واديءَ ۾ گهڙي
اوڏڙ اڳيون آهي نہ ڪو، سورهيہ سينو ڏاڍَ ڪڻِ
وک وک اچن وڌندا تيئن، اها طالبن ڪي آ تونگري
ٻين لڙاين ۾ ڪروڙين، ڪٽڪ ٽا ڪاهيو پون
هن برهہ جي پڙتيءَ ۾، سورهيہ ايندو ڪو سنبري
هڪ ڏينهن جو ناهي ڪسڻ، نت روز آهي ڪاتي ڏسڻ
آهي ترارن تي ترڻ، پوڳ چرچو ناهي مسخري
ڪيچن، ڪسن تب نہ مُڙن، جڏهن چاڙهہ تي عاشق چڙهن
'نَصرٌ مِنَ اللهِ' ٽا پڙهن، ڪوري ڪلهن ڪئون ڏين سري
ڪفر سان اسلام سان، ڇاهي منهنجو ايمان سان
اسان ويٺا آهيون عشق امام سان چن جانڻ چوي آهيون هري

**بيت**

### چار

چار عناصر، چار ئي دفتر، عرش جا پاوا چار
چار مذاهب، چار مصلا، ڪرسي ڪي پاوا چار
چار طريقا، چار قبلا، ڪعبيٰ بہ آهن چار
ابوبڪر، فاروق عمر، عثمان، علي سائين، يار حضور جا چار
چار ڪنڊون آسمان زمين ڪي، ڏينهن رات جا پهر بہ چار
پير، امير، عالم، جاهل، دنيا ۾ دڪان بہ چار
شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت، ملڪ ماهيءَ جا چار
ڇئني ۾ مظهر ذاتي، ڇئني ۾ هڪ ئي يار
ڇئني ۾ جيڪي ماهر ٿي ويا، تن لڌو دلدار
جانڻ چن چوي جڏهن "مهدي" مليو واقف ٿيم اسرار
تڏهن ٿيو آهيان تيار، منصر ٿا موج تي

## ڪافي

**چارڻسُر سورٺ**

چارڻ لاتي چوٽ
راءِ ڏياچ ڪي رمز لڳي وئي

چارڻ وينو چنگ کي چوري
راءِ ڏياچ پيو سرڙو گهوري
چوٽ ۾ پئي نہ ڪوٽ

سورٺ ڪري پئي آزي نيازي
چارڻ بند ڪر اها تون بازي
چارڻ ڇڏي نہ چوٽ

ڪڻ سيئي مال خزانا
بند ڪر بازي ڇڏي بهانا
منهنجو گهاءِ نہ گهوٽ

جانڻ چن چوي عشق اڙانگو
ساهہ ۽ سر جو رکي نہ سانگو
اصلي آ اٽموٽ

## ڪافي

**چن**

شاهہ نہ پير مين نا بزرگ، نا ڪوئي ميڪون مني
’چن‘ بلايم چاهہ ڪنون، هٽي چن دي هان مين چني

نامين مومن نامين ڪافر، نامين شيعا نامين سني
آڻ مين ٻٽيس وچ دي مني، مين نال ڪو آ ڪني

چوڏهين پنڌرين چن ٿيا روشن، حضرت عشق دا پڪڙيم دامن
علم اهو ڪو جاڻيّ ٻاونهہ، ميڏي ڳجهارت ڀني

Gul Hayat Institute

ملڪ ميڏي دا انت نہ ڪوئي، لا مذهب دي حد نہ ڪائي
عشق شاهنشاهہ ڏتي اوگاهي، سيئي پڳي مين ٻني

هٽي رهيا ميڪون غرض نہ ڪوئي، روزي نماز دا فرض نہ ڪوئي
سڀ ڪجهہ چوڙيم سڀ سيوئي، هڪ "مهدي" ميڪون مني

مين هاڻ چن دا چن هي ميڏا، "جانڻ" "جانو" فن هي ميڏا
ملهہ مهانگا ڏن هي ميڏا، رند ميڪون ڪو گهني

بيت

چوڏهون سنہ هجري

1

چوڏهون سنہ آ چوڏهين، چوڏهون ناهي چوڙ
چوڏهين تي چٽرون ڪرين، غافل ڇڏ تون گوڙ
وهي فيض فراق سان، تون آوندي ڪي لوڙ
ڏاڍي مئي مهراڻ ڪي، آهي ٻاٽڙ ٻوڙ
وحدت جي واديءَ جي، جاءِ اندر ۾ جوڙ
چوري ڏس تون چنگ ڪي، ويهي وجود ۾ ووڙ
جانڻ چن چوي جيءَ ۾، خاصا خيما کوڙ
چوڏهين ۾ الله پهرين اوڙ اڳي سال ٿيندا هئا سِڪندي

2

چوڏهين ۾ چپ چون، اُهي آهن اکين ڪور
ڏسن پسن ڪينڪي، چمڙي وانگر ڪور
گمراهہ پاڻ غافل ٿيا، چوڏهين سنہ تي شور
جانڻ چن چوي لغور، چوڏهين تي چٽرون ڪندا

3

چوڏهون سنہ چٽو اِئين، جيئن چوڏهين رات
ڏورڻ وارن آ ڏٺو اُتي آڌيءَ رات

پاتائون منهن مؤنن ۾ ظاهر ڏٺائون ذات
الله آهي اُتاهين، ڪانهي ڪا صفات
جاني چن چوي ذات، لوچڻ وارن آ لڌي

4

پڇيئي نہ پاڳل پاڻ کؤن ڪرين چوڏهين سنہ تي چٽر
رحمت جي درياهہ کي، ڪنڌي ناهي ڪر
جر وهي تو جوش کؤن، هوندن ۾ هونگر
الجال اُيو وهي، چاتون ڪيو چر
جاني چن چوي اڏيو مٿئون گهر، اوڳا تو اُجَ مرين!

5

چوڏهين سنہ تي چٽرون، نہ ڪر اوڳا تون اڄاڻ
گاروڙي تي گام تي، وڃي ڏس تون وٽاڻ
چٽا چوڏهين سنہ ۾ ياڳين جا آهن ياڻ
اهي پاٽئون پسن پاڻ ۾ خود پاڻئون آهن پاڻ
"مهدي" جهڙي مرد سان، ڪر تون روح رهاڻ
"شاهپور" ۾ شوق سان، ويٺو آ رنگڻ ڪاڻ
رنگيا وچن تا ڪيترا، ڏينهن هڪ وٺيو ڏاڻ
جاني چن چوي سباڻ، مرشد واري مرد ڪيا

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

ڪري ڏس تون روح رهاڻ
چوڏهون سنہ اٿئي سچو چانداڻ

پاڻ ۾ پاڻهين گم تي غازي
برهہ جي وجهي ڏس تون بازي
تون منجهہ تون آن، پاڻئون پاڻ

ويهه تون هڪ جاءِ وچ نہ ڪاڏهين
ڳولِ نہ ڀئي هنڌ، ڪونهي اوڏانهين
ڦر نہ ڏڳن جيئان ڪاءِ نہ پاڻ

'وَنَحَن اَقَرب' وعدو آهي
اعتبار ڪر تون تو منجهہ آهي
مسجد مندر ڏي نہ تاڻ

"مهدي" مليو سڏ پئي ساري
'جاڻ چن' جو ڀاڳ ٿيو ڀاري
جيئي جهانيان مليو مهراڻ

## ڪافي 2

چوڏهون سنہ چٽو ٿيو پنڌرين ڪيُ پڙهايو
چوڏهين جهڙو علم ڪنهن ڪي نہ آيو

چوڏهين روشنائي، صبح شام تائين
اونداهي نہ آئي، وڏا وڏ سوابو

آهن پنج، ٻارهن، چوڏهن چٽا ٿيا
انڌن لاءِ اونداهي ٿي چمڙن چوايو

اڪر عربي ٿيهہ، سيپارا بہ ٿيهہ
صديون بہ ٿيهہ، اڏ ۾ آ آيو

چوڏهون سنہ آ چقمق، صدين جو آ نڪ
ظاهر ٿيو باطل، حق، لڪ نہ لڪايو

جاڻ چن چوي پنڌران نہ ويهہ صديون ٿيهہ
پوءِ بہ جيڪي، رب جو رايو

Gul Hayat Institute

## بيت

### چوري

1

ساڌ ٿيئن تہ ساڌو نہ مليئي، ڪر چوراڻي ڪار
سڄو ڏرڻ ڏکي وڃ هڪ نہ پهرو ٽار
مرون جي مارڻ جا، دام تون پختا ڏار
ائي پهر الله جا، اهو شوق شڪار
مرئون ڪائي مست ٿي، وڃ دوستاڻي دربار
چڏ تون هير حلال جي، تڌهن وڃي هن پار
جانڻ چن چوي گهار گهرو انهيءَ گام ۾

2

چوري ڪيئي چور ڪري نہ جاتئي
هنيئي نہ هنبارن ۾، سيٽ نہ سڃاتئي
ڊڊا ڊاڪر ڪاهيئي، موتي نہ چاتئي
محبوب جي محلات ۾، جهاتي نہ پاتئي
جتي هيون لاٽون لعل جون، تالو نہ لاٿئي
باقي جانڻ چن چوي ڪاٽئي، گڏهہ گمراهيءَ جو

3

چوري ڪر الله جي، ٻيا ياڳيا ڏي ٻن
بيهي ڏس تون پاڻ ۾، مالي پئي اٿئي من
جانڻ چن چوي رندن، ڏوري ڏٿو پاڻ

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

ڏاڍي اوکي الله جي چوري آهي
انهيءَ ڪڙهہ تي ويندو ڪو رند ڪاهي
سَڏَڙِين سال لنگهيا، پيا تا ڳيتيون ڳٽن
نہ سرتئون سانگو ڪٽن، نہ هنباري هٽن
اهڙا چور پوتار ڪي ڪين وٽن
چور جانيوءَ جي اُتي جاءِ ناهي

بيٺي پهري تي آهي فوج ڏاڍي
دارين ڪئون آهي مالي وڏي
ڪٽي دنيا، عقبيٰ تئون هٿ جڏين
تڏهن پوءِ انهيءَ جو اُتي داءُ آهي

جانڻ چن ويو پيچ پيچ ڪري
پائي چيريون، چڙا، ڏما ڏم ڪري
چڙهيو عشق جو لشڪر تي فوج پري
پوءِ مون کي پاڳئي چيو هي تنهنجي مالي آهي

ڪافي 2

الله جي گهر کي مون ڪاٺ هنيو
ٽجوڙ منجهائون وچي لعل ڪنيو

چوري پنهنجي مون کي پاڻ ڏسيائين
مون نہ ڏوهہ ڪيو مون کي پاڻ بچيائين
رمبو ڪاٺ وارو مون کي پاڻ آڇيائين
متان پوءِ ڪرين تون ارمان پيو!

مون کي پاڳئي چيو: گهر ۾ آءُ گهڙي
جي تون عاشق آن، لاهہ سانگ سري
آيو ڪڙهہ تي آن، هاڻي وچ نہ وري
جي توکي عشق منهنجي آهي تاب تيو

گهڻ گهير ڏسئينءَ، "هلندو آءُ اڳي"
"ٽجوڙ پئي اتئي پاسي ڪبي"
تنهنجو ويري بيٺو تو وچ تي وڳي
تنهن تي توحيد جو مون وار ڪيو

Gul Hayat Institute

چوري ڪندڙ ڪرائيندڙ چور ٿئي
هڪ حال ٿيو وڃئون وٽ وئي
رهيو چور ڀاڳئي ۾ فرق نه ڪوئي
ملي "هي" ۽ "هو" وڃي هڪڙو ٿيو

ڀاڳئي چور سڃاڻي، مون کي وڏو آ چڙو
مون به ماليءَ تي، آهيان مست ڪڙو
وڃين 'وَنَحن اَقرب' لاٿم ڪڙو
جانڻ چن انهيءَ محلات پيو

## ڪافي 3

الله جي گهر جو مون چور آهيان
بدمعاش برهه جو شهزور آهيان

محلات پهتس وڃي رمز انهي
مون کي ڪنهن نه ڏٺو ڳجهي سرنگ سنهي
گهر وينئي منهنجي ديد پني
هاڻي چورن مٿئون مون مور آهيان

چوري جي ڪو چور ڪري
ڪري لعل ڪٺي، نه مالي مري نه خزانو ڪٺي
جيئن ڀاڳيو به وري منهن نه مٺي
ٻڌندو ٻانديو ڏڱو نه مون ڏور آهيان

سر گهر ڦرائي هاڻي مون تو ڦريان ڀاڳيو
راضي ٿيو آ، تو سراهيون پريان
هاڻي سڏڙين لاءِ پيو رستو گهڙيان
مثل منصور جي مون گور آهيان

Gul Hayat Institute

ٻين جا ٽپڙ ويا سڀ چور ڪٽي
مون رند آهيان، ڪيم هنڌ هٽي
مرشد "مهدي" ڪي، منهنجي چوري وٽي
تڏهن جانڻ چن تيو تڪ تور آهيان

## ڪافي4

چور آهيان مون چور
حرام ڪائيان ٿو چوري ڪيان ٿو

عشق اسان جو ڪافر آهي
زابرن مٿئون زابر آهي
پيچي ڪيو اٿئين پور

عشق جي فوج اچي ٿي فالم
بدنام چوي ٿو سارو عالم
لوڪ ڪري هور هور

عشق آ پنهنجي مرضيءَ وارو
ڪونہ چلي ٿو تنهن سان چارو
سرڪش آ شهزور

عشق اچي ڪئي پنهنجي پڇاڻي
پٽر پڳهاري ڪيو ٽئين پاڻي
'چن جانڻ' جو سر گهور

Gul Hayat Institute

## بيت

### چلو

چلو نہ هو چيچ نہ هئي، نہ هو اڪيلو
نہ خلق هئي، نہ خالق هو گُر نڪي چيلو
نہ ڏڻ هو نہ ڏٽي هو چيلو نہ ليلو

نڪي عرش هو نڪي فرش، هو نڪي تنبيلو
نہ ڏينهن هو نہ رات هئي، وقت نڪي ويلو
نہ شجر هو نہ هجر هو ميوو نہ ڪيلو
نہ بر هو نہ بحر هو پيٽ نڪي ڀيلو
نہ ڪچو هو نہ پڪو هو پڳو نڪي پيلو
نہ مهر هئي نہ محبت هئي، نڪي پيار نڪي ٽيلهو
نڪي رنگ هو نڪي روپ هو نہ ڳاڙهو نہ پيلو
چلو چيچ هڪ ٽيا، متو پوءِ ميلو!
ڳولي لهي هن ڳالهہ کي، ڪو ڳهلن جو ڳهيلو
جاڻ چن چوي جيڪو ٽئي ڀالن جو ڀالو سوماٽي انهيءَ ملڪ کي

## ڪافي

چلو آ ڪهي جو سچي ڪين پائيان
قيمت چلي جي، دو جڳ نہ پائئيان

چلو جنهن ڏنو آ، وينجهر پلو آ
موتي لعل جنهن ۾، ڪيو تنهن رلو آ
سچي جا سونارا، مون گهوري گهمائيان
قيمت چلي جي دوجڳ نہ پائئيان

”چلو چيچ“ چا هي؟ اهو ڪو ٻڌائي
خاصن جي خاص کي، اها خبر آهي
چلو جي چون ٽا، تو تن چتائيان
قيمت چلي جي دو جڳ نہ پائئيان

چلو نہ هجي ها، نہ دنيا هجي ها
نہ توريت، زبور، نہ انجيل هجي ها
نہ فرقان حديث، سچ تو سڻائيان
قيمت چلي جي دو جڳ نہ پائئيان

جانڻ چن سان ڪيون ڳجهيون عشق ڳالهيون
چاليون نراليون، مون سيني ۾ پاليون
تڏهن ڏينهون ڏينهن، مون قدم ٿو وڌائيان
قيمت چلي جي دو جڳ نہ پائيان

## سرائڪي ڏوهيڙو

### حاجي

هزارين ميل ڪريندي حاجي، "محمد" ڪيون نهين ملينڊا
هڪڙي ويندي واپار دي سانگي، اُتهين سودا سستا ملينڊا
هڪڙي ويندي بيک بکيا لاءِ، پن ڪي پيٽ پلينڊا
هڪڙي ويندي ڪاڻ مزوري، جنب اُتاهين جالينڊا
هڪڙي ويندي عيش عياش لاءِ، دنيا دوُر ڪرينڊا
هڪڙي ويندي شوق اهين نال، اٿان "حاجي" لوڪ سڏيندا
جيسين نفس خبيث نا مارين حاجي! "عربي" ڍول نہ ملدا
سچا حاجي اُهين ڪون آکيجي آکي جانڻ چن،
جنهن ڪون گهر ويني گهوٽ پيا مِلينڊا

## بيت

انڌا عربستان ويا، سڄن ڏٺو هِتِ
انڌن پنڌ اجايا، نہ ڏٺائون هِتِ نہ هُتِ
جانڻ چن چوي مَتِ، موڳن ڪان منجهي وئي

Gul Hayat Institute

## ڪافي

مسجد الحرام ڪان اُتي، مسجد العقصيٰ تي ويس
ڏيل پنهنجي ۾ ڏٺم، ثابت سچو حاجي ٿيس
هُئي حاجران تلاش ۾، پاڻيءَ جي پياس ۾
جتي ٻوڙيس مون وجي، حضور ۾ حاضر ٿيس

جتي طالبن طواف آ، حجاب نہ اُتِ غلاف آ
صِراط المستَقِيم رستي مليو انهيءَ پنڌ سان پهچي ويس

پنهنجي نفس کي اضحيٰ ڪيم، مينا مري وري جيم
ٻئي کي گهڻ قهر آ، انهيءَ ظلم کان بچي ويس

دم دما دم جام آ، آڌوتن انجام آ
عمر جو احرام آ، ضمير ۾ ظاهر ٿيس

”مهدي“ مليو مون کي يڪو جانڻ چن سان پڪو
اُتي لڳو منهنجو ڇڪو ڪامل جي ڪُٽي پيس

## سرائڪي ڏوهيڙا

### حسن ۽ مجاز

1

سهڻا سائين سيني لاوين،عرض لاچار دا سڻ تہ سهي
محبت تيڏي چا ماتم لايا، درد نادار دا سڻ تہ سهي
دردان واليان دانهان دلبر، سور بيمار دا سڻ تہ سهي
ڏتوئي دل ڪون داغ جدائي والا، عرض آزار دا سڻ تہ سهي
هڪ وار سڄڻ گهر گهار ميڏي، ڪيتم عرض هزار سڻ تہ سهي
جانڻ چن درويش دا دلبر، عرض بيڪار دا سڻ تہ سهي

2

دلدار ميڏي دل تنگ ٿيا، ڪري ناهہ نڳي دا جلدي
تير ماريس اڪثير والا، لنگهہ پار پيا هي جلدي
ڏڪ دي نال ڏٻڪ پيوسي، ڪرِ ڊهہ پيس مين جلدي
پيچ ٻڪ آئي مٽ مائٽ مٽئون، ”ڪر ڳالهہ اسان نال جلدي“
”ڪر حال سارا ڪيها ڪال ٿيا؟ ڪير مارگيا تيڪون جلدي؟“
ميڪون ڏڪ سڄڻ دي زخم ڪيتا، ڪيوين ڳالهہ ڪران مين جلدي

Gul Hayat Institute

گفتار سهڻي يار جي، گويا ڪيو گوهر صحن
لعل لالائي لبن جي ڪي ڏسي پيا هن چپي
لعل ٿا جيڪي ٻجهن، سي لعل ٿا هن ڪي چون
دلربا ويو باغ ۾، ماهه لقا منهنجو صنم
گل گلابن جا ڏسي، محبوب منهنجي جي ڳلن
سڀ سڄڻ جي سامهون، سي نياز سان پيا ٿا نمن
نرگس، چنبيلي ناز سان، ڇهه ڇهه چمن ۾ ٿي ڪئي
جلوو جانب جو ڏسي، سورج پيا سختيون سهن!
قيد ڪاڪل ۾ ٿيا، ڪيئي لاڏلا لڙڪيا پون
سنبل پيچي پورا ڪيا، ڪونڌ ٿا ڪڙڪيا پون
ناز مان اکڙيون کڻي تو جانِ من مون ڏي ڏسي
تئي تو جگر مان خون جاري، جيئن ڪا سائي پهرو ڪهن
وئي لڳي جانا جي مون کي، تيز مان ترڇي نظر
”چن جانڻ“! تون بہ هڪڙو سور ٿا ڪيئي سهن

7

هي تاب آ سهڻل جي اکڙين جو نہ پانئج سي آ
ويو هٽي هلندي مونکي، سو نوڪ نيڻن جي آ
اوچتو اکيون کنيئين، تہ تہ تکاون تي ويا
ريفلون سهڻل جي اکڙين ۾، پانئيان سنگين آ
ڪڪر تيرن جو وسي پيو جيئن سانوڻ مينهن آ
تو اصيلن کي آزاري، اهڙو نادر نينهن آ
”چن جانڻ“ جن لڳي تن کي خبر، نينهن اهڙو شينهن آ

## ڪافيون

### ڪافي 1

مٺا سائين تنهنجن ماڻن، مون کي ماري مچايو آ
ڏکي تون منهن مونکي نہ کڻُهه، ڇا ڪاڻ رخ تو لِڪايو آ

آئين جڏهن خلق ۾ ڪاهي، دنيا ۾ هل هي آهي
چون گهل گهل "قمر چا هي! شمس تابان آيو آ"

حسن جي تاب جون لاٽون، عشاقن جون سريون ڪاٽيون
قتل جي خون جون ڇاٽون، تبر ابرن وهايو آ

ڪوليو بجلي تہ تئي تجلي، ڪُهي مر خلق اڪ ڪجلي
وجي دنيا ۾ مر هُلي، "قتل اڪرين ڪمايو آ"

اصل ايڏو ڪرين ماٺو تہ بہ ڏيڍي اڪ ساڻ ڏس مون ڏي
سمورو گهُنبُ نہ هڻ گوهر، "جانڻ چن" تو سِڪايو آ

## ڪافي 2

سڄڻ تو ڇڏيو سڪائي سڪائي
سهڻي صورت پنهنجي لڪائي لڪائي

سرندي پنهنجي جا، مون کي ڏي نہ صدمہ
ٻاريو برهہ باهيون، ڏئي عشق اڌما
مون کي مار نہ تون چڪائي چڪائي

ببر برهہ آيو ڏئي داٻ دڙڪا
نيهن جي شينهن ڪاڙم، هڏ ماس ڪڙڪا
ڏنم طعام تنهن کي ٽڪائي ٽڪائي

تنهنجو ڏوهہ ناهي، ستو شينهن جاڳايم
پاڻئون ڏاڍي سان، ناتو نينهن لايم
"جانڻ چن" ڏنو سر وڪائي وڪائي!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

چوڙي زلف زنگي دلڙي يار ونگي
ڪيفي نيڻ سڄڻ تنهنجا ناز ننگي

سهڻا نيڻ ڪٺي تفنگي تير هٽي
الله پاڪ ڄاڻي، نٿو قياس آٽي
اهڙي ڪل نہ پئي، بي پرواهہ ٻٽي
تنهنجي عشق منهنجي جند جان انگي

ڏسي قطار دندن، رخ روءِ سندن
مون کي مست ڪيو تنهنجي لعل لبن
پسي هاڪ حسن، جي مرجان ڪنبن
تنهنجي نور ٽلڻ، ڪيا رنگ رنگي

لعل عقيق، مرجان ڪجا؟
خوشبوءِ مشق عطر، عنبير ڪجا؟
روشن دار بدن، بجلي باهہ ڪجا؟
نہ ڪر دير ملڻ ۾ دوست دنگي

مرڻ ڪونہ ٿيو اجا پئي ٿي جيان
ڳولي يار لهان، نہ تہ زهر پيئان
پنهنجي ڪانڌي تئون قربان ٿيا
مون کي روئندي رڙندي هي رات لنگهي

تنهنجي عشق ۾ چيم هي شعر سارو
ڪٺي آءَ قدم هٽي نينهن نعارو
تنهنجي عشق پارايم ويس ڳاڙو
ڇڏ تو "جانڻ چن" سان جنگ جنگي

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

اڪڙيون مينگهه ملهار
پرون تنهنجون آهن بحري

جاڙا نيڻ جاڙ ڪري ويا
دل منهنجي سان ڏاڙ ڪري ويا
ريءِ ڪجل جي ڏار
پنبڻين ساڻ وينيون پهري

ڪاڪل بند ڪمند وڏا
رهزن ويهي رند وڏا
ڪن ٿا ڪاريهر جي ڪار
زلف زنگي تنهنجا آهن زهري

وهه وهه چالي، لبن جي لالي
خون ڪان نہ آهن ڪڏهن خالي
سرخيءَ ريءَ سينگار
ڪونہ ڏٺم ٻيو ڪو اهڙو سحري

ڏار دندن جي دوست دهن ۾
لالان لڙيون محب موهن ۾
چوڏاري چمڪار
چوڏهين رات ڪان زياده ڇهري

ماري مسافر مار ڪيائون
"جاڻ چن" کي شڪار ڪيائون
آين پوءِ آرام
ٿاڪ تي تڏهن وينيون ٺهري

Gul Hayat Institute

## ڪافي 5

مون شڪار تون توبچي ڪڻ اکيون فائرنگ ٿئي!

مون کي پلي جان مار تون، ٻي طرف نہ نهار تون
مون نہ ڏسان ڪو ٻيو رنگ بيرنگي جيئن

شوقين تون شڪار جو مون نشان وار جو
جڏهن تو اکڙيون ڪٿي، مينهن تيرن جو جيئن

بيشڪ تون اسرار آن، صورت ڄڃو سردار آن
غم ۾ آن غمخار آن، هوري لاتي ٿئي هيئن

گهر ويٺي شڪار ڪيئي، ٻيو نہ هٿيار ڪنيئي
نوڪ نيڻن جي هنيئي، جان "جاڻ" جي نيئي

## ڪافي 6

دلڙي يار ڪسئي ڪري زوري زبر
اکڙيون عين ڪٿي نازڪ ساڻ نظر

سکيئي دل جي ڪسڻ جو علم ڪاٿئون،
يانئيان ويو آ پڙهي افلاطون اتائون
اهڙو پاس ڪيو ٿئي،ڪاليج ڪاٿئون
پوي تنهنجي هنر جي ٿي ڪانہ خبر

ماري نازن سان ڪيئي نرهہ سڄڻ
مون کي باري بچايو ٿئي برهہ سڄڻ
لُدني علم اٿئي، ڪين سحر سڄڻ؟
اهڙيون ڪا ٿئون پڙهيو آهين زيرون زبر

گونا گون عقل تنهنجو آهي اصل
امتحان پڪل پنو پاس ٿيل
هي اهوجهہ عقل ڪري ڪهڙو دخل
ٻڌ "جاڻ چن" جي بات بحر

Gul Hayat Institute

## ڪافي7

توکي چاهي مِٺا جيڪا مونکي خبر
ڪسي دوست وئن دلڪري زوري زبر

تون آن منهنجو هڪڙو تنهنجا ٻيا ٻہ گهڻا
ٻين کي وٽا نہ وٽا، هُجي تنهنجي نظر

پهريان پيار ڪري، پوءِ نٿي يار پري
ڏسي ڏوهہ منهنجا، نہ ڪر مون تي ڏمر

"جاڻ چن" گدا، آ تنهنجي در تي سدا
لڳم عشق تنهنجو ڪانهي ڪاڻ قبر

## ڪافي8

منهنجي دل کي دلبر، تون ڏاڍو وٽي وئين
منهنجي دل سموري، سڄڻ تون ڪٽي وئين

جا ڪئون جدا ٿئين، مون کي چين ناهي
افلاطون جو تون استاد آهين
ڪيئي سحر مون سان، تون جادو هٽي وئين

وير ناٿ وڻ تي، تي ليلان گهرايئي
مون کي رمز سان تو اک چنپ اٿائي
ٻالا علم تنهنجو تون ٻالم ٻٽي وئين

جادوگر سيئي، تو وٽ جهڪي ويا
علم سين جا، تو وٽ مڪي ويا
مُٺِ ڪئون مٽي تون، لاب لٽي وئين

Gul Hayat Institute

"ٻقلمن" ڄادوگر، تنهنجو سپاهي
سپيئي پيش تنهنجي، سپنن جو تون سائين
سپنن جو تون صاحب، سپنن کان چڙهي وئين

تون ڏاڍن کان ڏاڍو مون آهيان اٻوجهه
منهنجو توتي پوندو ڪهڙو هي بوجهه
مهر ٿو منگا مون هزن ۾ هٽي وئين

"جاڻ چن" کي آ آزي نيازي
بيرنگ جي تو وڏي آهي بازي
راتيان ڏينهان اڻ تڻ، تندن کي ٽٽي وئين

## ڪافي9

مون دل توکي ڏني، تون ڏيئين نه ڏيئين
مون تنهنجي آهيان، منهنجو ٿيئين نه ٿيئن

محبت آهي مٺي، پر اهو آهي زهر
مٺي محبت جو اهو آهي اثر
ٻاري برهه ٻنا، ڪري هل حشر
مون اهو زهر پيتو تون پيئين نه پيئن

تنهنجي محبت جي، ماريو موت مون کي
ٿي آسوب تنهنجي، ڪن ٿا وهه وَهه توکي
ڏسي سوب پنهنجي، ٿي راضي مونتي
مون ماڳ مران، تون سدا پيو جيئين

تنهنجي عشق جو هٽ، تو آڙاهه مچي
روز روز تنهن ۾، تو پتنگ پچي
"جاڻ چن" جي اندر تو نينهن نچي
اچي محب ملاءِ منهنجي هينئين سان هينئين

Gul Hayat Institute

## ڪافي 10

هت جو منهنجو دلبر آيو ڪاڏي ويو دلدار
او پرديسي يار

محبت ڏيئي مخمور ڪري ويو
دلڙي چڪنا چور ڪري ويو
سارو سينو سور ڪري ويو
پوري جو پوتار او پرديسي يار!

ڪائڻ پيئڻ آرام ڦٽي ويو
سرمون سينڌ سينگار ڇٽي ويو
سرخي، پان، مساڳ ڪٽي ويو
زهر ٿيو چندن هار او پرديسي يار!

ميخ محبت جي هنئي جا حبيبن
جوڙي جيءُ ۾ مون کي عجيبن
ناهي ڇٽڻ جي جاءِ نہ طبيبن
جگرئون جاري پار او پرديسي يار!

دل جو سودو ڪٽي ويو سراسر
ڇوٽين پتي آئي نہ منهنجي گهر
جانڻ چن هاٽي صبر ڪٽي ڪر
ڏاڍو هو قابل ڪار او پرديسي يار!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 11

مون کي پنهنجي دلبر جو ارمان آ
جسو جيءُ سارو پريشان آ

ديدار ڪارڻ ٿي دانهون ڪيان
ساري رات روئي الاهون ڪيان
ٻڌي ڪين ٿو پيو ڏاڍو جوان آ

هڪ دل ويئي ڦرجي ڀيو دلبر پري
اکيون روز روئن ٿيون سڏڪا ڀري
دلاسو ڏي ڀانئيان احسان آ

”جانڻ چن“ جهڙا گداگر گهڻا
ڦرن ٿا واپاري سوداگر گهڻا
جنهن کي دل ڏئي هو خاني خان آ!

## ڪافي 12

دردي دانهون ٻڌي دل کي ڌڪ ٿا لڳن
جيئن ڪرٽ کهاڙا وڻ ٿا وڍن

مون سريتي آهيان، ڀين جا سور ٻڌي
اٿن سور منهنجا، وڃان ٿي مون ٻڏي
منهنجا سور چون، ”هاٽي وئي آ لڏي“
منهنجا سور مون لاءِ بيٺا پار ڪڍن

اهو تنهنجو رسڻ آهي مون لاءِ مرڻ
تنهنجو ڪم آهي مون تي رحم ڪرڻ
توکي ناهي مناسب قهر ڪرڻ
گهوڙا! گهوڙا! ڪيان آهون عرش وڃن!

ماري ماري مون کي، وري جيارين نٿو
ڪيل قول پنهنجا پرين پاڙين نٿو
مون کي دل ۾ دلبر واڙين نٿو
پوندو ترس توکي ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن

مون چاڳل چريءَ سان، تو پيار ڪيو
پهريون پيار ڪري، وري ڌار ڪيو
”جانڻ چن“ نماٽي سان، تو سحر ڪيو
تنهنجا منڊ مون تان، اهي ٿا ڪين لهن

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

رس نہ سهڻا رسڻ گهوريو رسڻ تنهنجي روئاريو آ
اُتِي برسات ڳوڙن جي، ڪڪر ڪنجرو ڏوئاريو آ

رسي وئين ڏينهن جنهن لا ڪئون ڦٽي هينئڙو ٽيو ڦاڪون
ڏنا ٽئي چيهہ سان چاڪون، اندر سوداءَ ڳاريو آ

گهرين جيڪي ڪيان حاضر، ناهيان نابر منهنجا دلبر
گهوريان گهر تر توتئون سر زر مون ڪي نوڪر تو ڏاريو آ

جنهن رنگ ۾ تئين راضي، بنايان مون اها بازي
"جاڻ چن" ڪئي توکي آزي، اکين مئون آب هاريو آ

## ڪافي 14

ڪانگل ڪن ڏيئي ٻُڌ، منهنجون آهون ادا
منهنجي دوست اڳيان، ڪجان ڏانهون ادا

روئجان يار اڳيان، جيئن مون تي روئان
روئي پلئو ڳوڙن سان، جيئن مون تي ڏوئان
وچ نام خدا، توکي پيرين پوان
لهي آ خبر ڪا اوڏانهون ادا

پاءِ پاند ڳچي نوڙي نياز ڪجان
شتاب زبان دراز ڪجان
اتي دانهون وڏيون آواز ڪجان
من ڪو قياس ڪري ٻڌجان ٻانهون ادا

مون ڪي درد وڏو آ دلگير ڪري
وڏو سور سڄڻ جي راهگير ڪري
منهنجي دل ڦري ويو فقير ڪري
ايندو يار ڪڏهن ڪهڙون راهون ادا

چئجان دلبر کي تون هيئن وڃي:
تنهنجي برهہ ڪيو مون کي پور پڃي
سواءِ تنهنجي سڄڻ آهي سيج سڃي
ڪر تون ”جاڻ چن“ تي نگاهون ادا

## ڪافي 15

نٿو يار لهي، منهنجي دل تان گهڙي
روئي واٽون نهاريان، بيٺي خوب ڪڙي

آهيان بيوس مون، اٿم ٻاڻ لڳل
منڊ، منتر، جادو پائيان رمل
مون سان سحر ڪري ويو منهنجو سڄڻ
پائيان تنهنجي اٿر، منهنجي جان جڙي

بي پرواهہ سان دل کي اڙايو مون
پنهنجي ننڊ آرام ڦٽايو مون
سارو ساٿ دلين جو لٽايو مون
ويو اٿم جان جگر، سينو سوز سڙي

ڪهڙي طرفئون ايندو انهيءَ طرف ڏسان
”جاڻ چن“ سڄڻ جو ديدار پسان
ايندو يار جڏهن، ٿيندي عيد اسان
ڏيندو ڏيهہ مبارڪ، مون کي لوڪ لڙي

## ڪافي 16

ڪڏهن ملندين يار
سڄڻ توکي منهنجو ساهہ ٿو ساري

توکئون سواءِ ٿيون ڪاٺن جهوڪون
سڪ جون سيني ۾ چيڪن چوڪون

نيڻ نسارا، وهن ٿيون موکون
چشم ٿيا ٿمٽار

ٿيندي اسان جي عيد تڏاهين
جنهن ڏينهن ايندين يار جڏاهين
ساهيون ڏيندو سور تڏاهين
برهه وڌو ٿم بار

تون ٿو رسين، تب مون ٿو مُسجان
جي مون ٿو رسان، تب مون ٿو مُسجان
جاڏنهن ڪاڏنهن مون ٿو ڪسجان
تکي خنجر جي ڌار

دلين جو ڌاڙو دوست هٽي وئين
ٻئي دليون تون يار ڪٽي وئين
ڪيئن ڪيان تون مون کي وٽي وئين
ڏکيو ڪيم واپار

جاڻ چن سان ڪر نه جدائي
هوندين خوش تون سهڻا سدائين
ٻَلن ڪئون ٿيندي آهي ٻلائي
اسان هتي تون آن پار

## ڪافي 17

منهنجي محب ڪيو آهي مون سان ماٺو
منهنجي دل ۾ گهمي رهيو آهي گهاٽو

جيئن مشن پيڙي، ڪري پاهه سرنهه
تنهن کان وڌ ڪئي آهه مون سان ورهه
مون تي بار وڌو آهي باري برهه
من ميدو ٿيو منهنجي دل جو ڏاٽو

Gul Hayat Institute

مون منجهه غمن ٻڌايو گوندر آ
جنهن کي جام چوڏاري سئو در آ
ڏاڍو عشق جو اوکو اوہر آ
سڏڪا سخت پري ٿيو تم ساهه ساٿو

هڪ هڪ سور اٿي هٿي تير پري
مون منجهه سورن لڏي آ جاگير ڪري
لڳن واند جڏهن، ٿيو پيارو پري
مون کي ائين ٽا ڦرن جيئن چور وراٿيو

"جاڻ چن" سان ايڏو تون ماٺو نہ ڪر
تون آن ڏاڍو هيڻن تي هتڙو ڏر
ڏس توري تڪي، مون سان ڪيڏي آ پر
منهنجي عشق اندر ۾ ڪيو آ ٽاٽو

## ڪافي 18

نہ آرام اچي نہ قرار اچي
نتو تو ڪئون چنڻ ڪو فرار اچي

مون سان گڏجي گذار تي نہ ڏار گهڙي
تنهنجي قرب وڏي آهي قابو ڪڙي
اچي دردن لاتي آهي، ڏم ڏڙي
توسان گڏجي رهڻ ڪو برار اچي

موڳو مست ٿيو تو هلندو وتان
تنهنجي جانب جدائيءَ ۾ تو جلندو وتان
تنهنجي پورن تي تو پلندو وتان
منهنجي آب اکين مئون تو نار اچي

Gul Hayat Institute

تنهنجي عشق جو مون کي سور وٺي
نہ تي حور وٺي، نہ قصور وٺي
تنهنجي عشق جي منڙي گهور وٺي
تنهنجو ياد مون کي تو پيار اڇي

پنهنجي عاشق تي ڪر قرب عطا
مون "جانڻ چن" کي وسارين متان
منهنجي دارون دوا آهي تنهنجي هٿان
پنهنجي برهہ جو ڏس تون بيمار اڇي

### ڪافي 19

آهي الاءِ ڪير؟
جنهن منهنجو آرام ڦٽايو

رنگ نہ روپ قد نہ مد
مومن نہ ڪافر نيڪ نہ بد
سيد ناهي پير
ڏاڍو پنهنجو پاڻ لڪايو

ڪوري نہ موچي لنگهو نہ لورو
ماءُ نہ پي چنو نہ چورو
ناهي هو دلگير
ڪوين جو جنهن ڪنڌ ڪپايو

تير تفنگ نہ پڙڇي نہ پالو
لڙڻ هُن جو آهي نرالو
سوا ڪاتيءَ وجهي سير
"نانهن" منجهائون "آنهن" تي آيو

Gul Hayat Institute

نشاني هن جي دم دم دانهون
اٿندي ويهندي نڪرن آهون
تو رت روئاري نير
فقيري جوُ خرقو پايو

"جانڻ چن" چوي ٻارڻ ٻاري
هستي مستي ساڙ گذاري
ماري تو مهمير
علم عقل جو خيمو ڦٽايو

**ڪافي 20**

مون کي يار ڪري ويو دلگير اديون
منهنجي دل تہ ڦري ويو فقير اديون

نہ گهر ٻار وٽي نہ سينگار وٽي
نتو سون جواهر جو هار وٽي
نڪي ڪاڻ خوشي خوراڪ وٽي
اونڌي ڪنڌ وهن نيٽين نير اديون

نڪي وِهنجي وار ڳُنڌائيندس
نڪي سرتيون سيند چٽائيندس
ڪٽي خاڪ لڱن کي لائيندس
پيچان ڪين سجڻ جو سير اديون

بيشڪ يار منهنجو تہ امير آهي
چوي ڪير "گداگر" مهمير آهي
سو گفتار سهٽي شڪر شير آهي
وجهو ڦڪ ٿيون مون کي پچندؤ پير اديون

Gul Hayat Institute

جانڻ چن مون نينهن نيائيندس
برسر بار برهہ جو وسائيندس
روئي حال سڄڻ کي ٻڌائيندس
ڪندم ساهہ اڇي پوءِ سڏير اديون

## ڪافي 21

ڳولي ملڪ سڄي ۾ يار بي پرواهہ ڪيو اٿم
سوگهو ساهہ ڪيو اٿم

بي غرض کي ڪهڙي غرض منهنجي درد دکن جي
حسن ۽ ناز سندو پار درياءَ ڪيو اٿم
سوگهو ساهہ ڪيو اٿم

جلوو جانب جو ڏسي حيران ٿيون حوران
قصوران ڪري پٺ تي، پيون واهہ جو ڪيو اٿم
سوگهو ساهہ ڪيو اٿم

جهڙو يار تنهنجو "چن جانڻ"، اهڙو بي ڪنهنجو ناهي
قبر قيامت لاءِ سو همراهہ ڪيو اٿم
سوگهو ساهہ ڪيو اٿم

## ڪافي 22

پنهنجي يار سهڻي سنهڙي جي آهيان
صفا صاف ظاهر هوڪو پئي هلائيان

ٻڌي لوڪ، تئي شوخ، پرواهہ ناهي،
پنهنجو يار تونگر، لوڪئون ڇو لڪائيان

آهيان يار جنهنجي، مون ۾ دعوي تنهنجي
ماءُ پيءُ جو ڇا هي عزيزن جي ناهيان

Gul Hayat Institute

ننگي سِر نزواري، برهه باهه ٻاري
ملامت ملهاري ڇپر ڇانوَ پانئيان

چمڪن ڇيريون، وڄن بگل پيريون
ڇڙن جون ڇونگارون، ٺورو ڪين لاهيان

ڏاڍا سهڻا زيور، وڏا گهوٽ مون کي
ور ڪي جو وٽيا "جاڻڻ چن" مون پائيان

## ڪافي 23

تو ۾ محب مٺا اسرار ڏٺم
سينگار بنا سينگار ڏٺم

پنيا وار تنهنجا آهن سون سيا
ور واسينگ وجهن، وڏئون واٽ وهيا
تنهنجي زلف زهريلن، ڪيڏا ڪيس ڪيا
مٺان ڪارو ڪڪر ڪارونڀار ڏٺم

سنهيون سهڻيون اکيون، ڇيروين چاڪ ڪيا
ڦٽي ڦٽ اندر ۾ فراق ڪيا
منهنجا جيرا جگر، بي چاڪ ڪيا
تنهنجي جاڙي پرون جي جهڪار ڏٺم

ڪلڻ مرڪڻ تنهنجو کير کنڊ آهي
ويتر ناز نرالا، جادو منڊ آهي
تنهنجي صورت مٺ، نڪي چنڊ آهي
ڪرندي لعل لبن تان گفتار ڏٺم

پاڻ گب گب جي تون آئين هسي
ڏسي تنهنجي هسي پوءِ ناهيائون هسي
توڙي سون جواهر جي ناهيائون هسي
وڏ تنهنجي هسيءَ جو چمڪار ڏٺم

Gul Hayat Institute

تنهنجي ٿور جهڙي نہ ڪنهنجي ٿور آهي
تنهنجي ٿور جي مٺ نڪي مور آهي
نڪا ڏيل، ڪبڪ نہ چڪور آهي
تنهنجي سڀ ڪان سهڻي رفتار ڏنم

اچي ويهہ اکين ۾، مون ڏکيان اکيون،
تو کي پيو نہ ڏسي، ڏسن منهنجون اکيون
تنهنجيون غير ڏسڻ ڪان، آهن پاڪ اکيون،
توکي خواب ۾ بہ ستردار ڏنم

”جانڻ چن“ تي ڪئي تنهنجي حسن هلا
چاڙهي فوج فراق جي ڪري حملا
خيما عشق ڪوڙيا اچي قابو قلعا
تنهنجي حسن جي سخت سرڪار ڏنم

## غزلَ

### غزل 1

اهي اکڙيون تنهنجون سهڻا، گهڻا مهمير مارنديون
ڪنڍين پنبڻن جي ڦاهي ۾، چاڙهي تختي بيهارينديون

اچين بازار ۾ جڏهين، ڏکيو منهنڙو هليو وڃجان
لاٿئي جي منهن مٿان پردو سوين سِريون اڏارينديون

اهڙو اسرار ٿو ڏسجي، اکين تنهنجين ۾ اي سهڻا!
اشاري سان مُقامن مان، مُئل مُردا اٿارينديون

”جانڻ چن“ ڇا هي؟ ڪئي سڪندر ڪهن زوري وٺي زابر
ڏارن در تي ڪئي نوڪر، وٺيون وهہ جون پيارينديون

Gul Hayat Institute

## غزل 2

خط اچي تو دوست دلبر، درد جو دفتر پريو
پڙهي پنو تون پاس ڪر، مون وري وري آهيان وريو

اول زليخان ٿي چري، پوءِ يوسف ٿيو چريو
تڏهن ملي همدم ٿيا، جڏهن ڏيل ٻنهي جو ڏريو

سسئي مومل، هير، سهڻي ڪيئن نڀايو نينهن کي
مارئي وئي ڪيت ڏي، جنهن پير نہ پوئتي ڌريو

قيس قابل هو مگر، عشق آ مجنون ڪيو
لاڏ سڀ ليلا ڇڏيا، سر تي آهي سر ڌريو

مون کي عام ٿا ماڻهو چون، ”تون موڳو مستان آن“
تنهنجي منهنجي توکي خبر، عشق جو آڙاهہ ٻريو

اڳي هڪڙي حال محرم، ڏس ڏنو دل سان لڳو
”هِي روڊ ٿئي هو ٿئي ”گدو“، جي ٿيو آهين چريو!“

ناتو نڀائڻ فرض آ، مون پنهنجو پورو ڪيان
تون رضا جو آهين راڻو تون آن سريو مون اڻ سريو

ڀهريائون ڀهريائون پيار ۾، تو دادلو مون کي چيو
ساڳيو جانڻ چن آهيان، دل جو مون تي هٿ ڌريو

Gul Hayat Institute

## غزل 3

مون کي منا تو ماري ڇڏيو اٿئي
ڳٽين ۾ هئي هئي، ڳاري ڇڏيو اٿئي!

ڪانگل نہ قاصد ڪنهن کي مُنجان مون
ڪيان زور زاريون ٻاري ڇڏيو اٿئي

- گهر ٻار زهر ڪم ڪار تي ويو
ڏيهه ڏکن جو ڏيکاري چڙهيو اٿئي

- دل جي ڪسڻ لاءِ ڏيئي پيار پيارا
"جانڻ چن" کي روئاري چڙهيو اٿئي

**غزل 4**

نظر دوست تي ڪيئن پوي ديدار ذري جي
هڪ پردي ڍڪيل پوش ستر، ٻيو آ ديد پري جي

ويو ڦٿي آرام آ، ڪيئن پلا هاڻي ڪيان
ٻڌي دانهن اچي من دلربا مجنون چري جي!

تي وجي جيڪر سڄو يا خدا مطلب منهنجو
هجان دز يار جي پيزار سچيءَ سيم پري جي

جوش "جانڻ چن" کي، من اندر موجود آ
بوسو بوتل ٻئي ملڻ شراب نري جي!

**غزل 5**

ڪيان مون ڪيئن سڄڻ سائين، لڳي وئي بي قراري آ
علم تنهنجي عشق آ ڪوڙيو برهه تنهنجي باهه ٻاري آ

نرهه نازن تنهنجن مون کي ڪيو ماري متا سائين
ڪبڪ جان ٽور تنهنجي آ، مور ڏني مون کي ڏيکاري آ

پلي پيا پنور پرون تي، چون، "سورج گل ساڳيو !"
چتون، چيها لڙي آيا، ڪئي بلبل بهاري آ

ڏسي خمار اکڙين جو ڪري دانهون چيم سر ويو
ڪنيا جڏهن نيڻ تو خوني، ڪيڏيئي سرڙي ڪٽاري آ

Gul Hayat Institute

جڏهن ڪاڪل ڇڏيئي ڇوڙي، ڏنگي تلوار ٿو ٿوڙين
"جانڻ چن" ڪيئن ڪنڌ موڙي، سوليءَ تي سر سواري آ

## ڪافي

### حق

توکي جو لڌو اٿم، ڪيئن مون لڪايان
جي ٿو لڪايان، تہ مشرڪ آهيان
وري جي ٿو پڌائيان، تہ ڪافر آهيان

اڃي ٻئي بار پيا مون تي، مون کهڙو ڪٽا
ڪارو ٿيان ڪافر، من توکي وٽا
پلي ٿيان مون ڪافر مشرڪ ناهيان

دوزخ جي دڙي تي ٿو بانگون ڇوان
ممبر انهيءَ تئون ڪڏهن نہ لهان
جماعت پنهنجي اتي ٿو بنائيان

اڃي گهر اتي جو ٿو آ اڏيو
طوبي بهشت حورون، تڏهن مون ڇڏيو
جتي تون اتي مون ٿو ناتو نيائيان

ڏسي باهہ کي ويون پنيوريون پڇي
پتنگ پروانا اُتي پُرِ ٿيا پُڇي
تڏهن جام وحدت جو ٿو مون ورائيان

تو کي "عبد" چون، نٿي دل سهي
جانڻ چن تو کي، احد ٿو چوي
چوين ٿو تون "چؤ" پوءِ مون ڪيئن نہ پڌائيان

Gul Hayat Institute

## ڪافي

جاتي ڪاتي تون آن، مون مُنيون ڪنهن سان ميان
مومن ڪافر گهر آ تنهنجو پيش مون سڀ جي پٽي هان

تون "رب العالمين" ناهين نڪتڙيو تنهنجو ڪنهن سان سنڌو نه سيڙهو
باقي آهي ڇاتي جهيڙو ٻوتا لاٽيون لئيان!

آدم حوا شيش ٻه تون، نوح ٻه تون طوفان ٻه تون
يوسف يونس ۾ ذڪريا، يحييٰ يار ٻه تون آن!

"رب ارني" تو پاڻ ڳالهايو "لنُ تراني" لِڪڙو لڪايو
طور تي نور جو بار وسايو ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي آ!

ابراهيم ٻه تون آڙاهه ٻه تون، اتي ناز ۾ راز گماز ٻه تون
باهه منجهان باغ ٻه تون، اهي نينهن جون چاليون نيان

نيل فرعون جي تو ٻي وهائي، تنهن منجهه تون هئين تو نه سڪائي
پنهنجو عرض پاڻ اگهائيئي، سمجهن ڪي ڪي سئيان!

قدسي ڪعبو آدم بنايئي، تنهن منجهه ويهي واعظ ٻڌايئي
"ونحن اقرب" چٽو چتايئي، پڪ مون ڪي پئي آ!

"اَلانسانُ سِرِي وَ اَنا سِرَهُ". شاهد حديث قرآن صحو
راز ڳجهي ۾ تياسي وَهُو ڳالهه پڌر اچي پئي آ

"جاڻ چن" ٿيو تنهنجو ڳولو "ان القلب الله" پڇي پيو پولو
هر جاءِ آهي تو سان ميلو جاتي تو ليئو پائيان!

## ڪافي

### خداءِ خودي

خدا خوديءَ کي ڇڏي فقير بنجي ويو
خودي وئي خبر پئي ڪشمير بنجي ويو

خدا خودي گڏ هئا سراسر سچ هئي،
عشق اچي امداد ڪيو اڪثير بنجي ويو

لطف ڪيس "لا اله"، "الاالله" تڏهن ٿيو
نفي مؤن نهال ٿي مهمير بنجي ويو

ناسوت ۾ اچي اڏايو گهر الله
ڪين ۾ ڪاهي پيو پوءِ ڪير بنجي ويو

خدا خوديءَ جو اچي عشق مٽايو آستان،
نياز سڪيو نينهن ڪئون ڪنڌ ڪير بنجي ويو

'شاھ' 'پير' 'بزرگ' چن جانڻ چوي ٿيو پري
رندن واري راھ ڪان گهگير بنجي ويو

**بيت**

**خلق ۽ خلقڻهار**

مون نہ هجان خلق، تہ تون نہ خلقڻهار
مون نہ هجان پينو تہ تون نہ سخادار
مون نہ هجان بڪيو تہ تون نہ پالڻهار
مون نہ هجان اگهاڙو تہ تون نہ ڍڪڻهار
مون نہ هجان بيمار تہ تون نہ شفادار
مون نہ هجان گناهگار تہ تون نہ بخشڻهار
مون نہ هجان عاشق، تہ تون نہ ماڻيدار!
اهي ڏنم پاور توکي، تہ تڏهن ٿيئن اظهار
هاڻي تنهنجي عشق جو گهُرجي ٿو آزار
درڪار آ ديدار جي، ڏاتر تون ڏيڪار
بهشت ۾ جي تون نہ هجين، اها جنت نہ درڪار
پلو بهشتئون پائيان، جي دوزخ ملين يار
"جانڻ چن" کي تنهنجي رڳي آ درڪار
جي تون ملين يار مون کي سڀ ڪجهہ ئي مليو

## نظم

ڏسو پيدا ڪري دنيا، خدا قدرت بنائي آ
سڄي مخلوق حيرت ۾، ٿيو سيڪو ثنائي آ

پنهنجو ٿو پاڻ کي چاڻي خدا جي ڪل نہ ڪائي آ
الاءِ ڇا ۾ آهي راضي خدا عبرت بنائي آ،

راضي باطن ۾ بيحد، ظاهر ڪيئي قتل ٿي ويا
سڪندر کي گدا گر ڪيائين، اها سندس وڏائي آ

ڏسو آدم کي ڏاڻي ڪان آندائين بهشت مان تڪڙو
[illegible] آدمي، [illegible] خدا! اٿڪال بنائي آ

اڙايئين ٻن بلائن سان بندو بيوس بشر هڪڙو
بچائي پاڻ کي جيڪو خدا ڪثرت بنائي آ،

آهين ڇا تون؟ آهين ڪاڻي؟ آهين رڳو خاڪ جو پتلو
شاعر ٿي شعر ٿو ناهين خدا حڪمت بنائي آ

شڪر ڪر چن جانڻ تون آهين امتي "محمد" جو
ڪيو آ قرب هي قادر، خدا رحمت بنائي آ

## بيت

### درويش

هڪڙا سچا درويش پيا دلريش، ٿيان آهن رڳو ويس
آئون انهن منجهه آهيان، لُنڊي لوڪ لبيس
اجهو نہ اٿم اوچرو نڪي ڏاريم ڪيس
پر 'لاَتَقنَطُو مِن رَحمَتُ الله'. منهنجو رهبر آهي رئيس
جانڻ چن چوي پرويش پرورش، پيادي جي ڪندو

## ڪافي

### دڳ

هنيم الله جو اڳ، ملي ويم دڳ
جيڏيون! ڪيو آ مون حاڪم هٽيڪو

حيدرين جا هل ٿيا، الوڙي ميان
لڏو نيئي ماڳ مڳن، سونهان دڳن
جيڏيون اهو هم توڙئون طريقو

عشق اچي امداد ڪيو الوڙي ميان
وري آيم وڳ پاءِ پهڳ
جيڏيون مون ڪنيو آهي عشق جو ٽيڪو

جيڪي پنئيون لڳاسي نہ پنا، الوڙي ميان
پلي ويو سارو جڳ، لڏئون نہ دڳ
جيڏيون مون تہ لنگهي ويس ليڪو

’جانڻ چن‘ جائي چوي الوڙي ميان
”مهدي“ جو آهيان سڳ، تنهنجي آ لڳ پڳ
جيڏيون ناهيان مون پاڻ وسيڪو

## ڪافيون

### دل

#### ڪافي 1

جتي منهنجا پرين رهن، دل ٿي رهي انهي پار ۾
دل ٿي رهي انهي پار ۾، اکيون بہ رهن انهي پار ۾

منهنجي جهلي نہ جهلي، مون کان ڪڏهن نہ پلي
زوران زوي ويئي هلي، ڪم نہ بي آ ڪار ۾

Gul Hayat Institute

مون کي چيائين ڪلمر ڪليو "تو اجايو تي مون کي جهليو"
"هاڻي اسان جو هل هليو تون پئو وڃي پلي سرڪار ۾"!

"جاڻ چن" ڪٽي چُپ ڪئي، وس ڪئون ڳالھ آهي وئي
ڏيهين سان مليا نيئي ڏيهي، توڪل تاريو انهيءَ تار ۾

## ڪافي 2

اي دل! اهڙي همت ڪر دلبر مچائجان
هن زندگي جو پورهيو تون نہ وڃائجان

- اي دل! آهين تون شيشو لڙي پٿر سان پئو
توڪل پٿر پگهاري، سرڙو نوائجان
- توڪل ٻڌي تون ترهو ٻڌ يار جي پٺيان
پوندئي ليي سگهوئي، وڪڙي وڏائجان
- ملڻو اٿئي تہ هٿ مل، اتي ڪينڪي ملندئي
اڄ کي نہ ڪر سياڻئون، وڃ تي نہ ويهجان
- "جاڻ چن" کي جاڪئون لڳو عشق سڄڻ جو تاڪئون
ڦٽي هيانو تيو آ ڦاڪئون ٻئي ڳچ ڳنڊائجان

# ڪافيون

## سنڌي/سرائڪي

### دم

### ڪافي 1

ٻيو ڪونہ ڪيو سين ڪار ۽ ڪم
رڳو دم دم آهي دم اسم

روزي نماز کي ترڪ ڪيوسين
دين ڪفر ۾ نہ فرق ڪيوسين
رمز انهيءَ ۾ غرق ٿياسين
پاڻ ۾ پنهنجو ٿياسين گم

Gul Hayat Institute

ڪفر ڪي منظور ڪيوسين
دين ايمان ڪان دور ٿياسين
حاصل پوءِ حضور ٿيوسين
گهوٽ جو گهر ٿيو هڪڙو قدم

عام جي ليکي غافل آهيون
ننڊ سجاڳ ۾ شاغل آهيون
وحدت ڪثرت ڪامل آهيون
”هُو هُو“ آهي سارو جسم

جوش جنون جلال آهيون
نہ حرام آهيون، نہ حلال آهيون
قادر ڪُل ۾ ڪمال آهيون
اهو سارو قرآن آ منهنجو نظم

”جاڻ چن“ تي آيس بهانو
هر جاءِ آهي منهنجو خانو
جهنگل توڙي آبادي ويرانو
سڀ ۾ تو سونهان سهڻو صنم!

## ڪافي 2

دم اسم ذاڙو هڻي، اغوا ڪيم الله کي

چڻيم ٿي چوغان ۾، برهہ جي بارود سان
جيتيم جوڙي کي وجي، سوگهو ڪيو اٺم ساهہ کي

ملڪ ’مُوتُو‘ جي ويس، ’اَنتَ مُوتُو‘ پوءِ ٿيس
فرمان مجيم فرقان جو، ونيو ويس ويساهہ کي

شريعت طريقت جي تڏي، هينئون حقيقت سان گڏي
معرفت جو گهر اڏي، ويهاريم الله کي

Gul Hayat Institute

لک ڏين تب نہ ڏيانءِ، توڙي ڪوڙيون ڪروڙن جون ڏين
”جاڻ چن“ چوي جوش سان، ساڙيان انهيءَ صلاح کي

## ڪافي 3

شال ڪين قضا تين، دم جون گهڙيون
جيڪي دم ڪان غافل، سي ڪرمن سڙيون

آهي دم جي حڪومت دم تو هلي
اهي ڏک سک بہ دم تو جهلي
انهيءَ ساڳي سمنڊ سان دم تو رلي
جيڪي دم ڪان ڳسيون، سي توڙئون تڙيون

دم دم ساڻ دلبر آ
اهو دم ”الله هو اڪبر“ آ
اهو دم آهي هادي، دم رهبر آ
انهيءَ دم دم سان آهن ديدار جهڙيون

دم دم ساڻ نظارو آ
اهو دم دنيا جو سهارو آ
انهيءَ دم تي دنيا جو ڪاروبار آ
اهو دم نہ هجي هجن ڪين گهڙيون

جيڪي ”جاڻ چن“ اهو آهي دم
هاڻي دوجڳ ۾ مون کي ڪونهي غم
انهيءَ دم ڪان سواءِ ٻيو ڪونهي ڪم
اچي درد سڪاريم دم جون ڏڙيون

## ڪافي 4

جو دم جيوين چور پچور
چاڙهہ هنڌي تون ڪاني سور

Gul Hayat Institute

ويسلي ٿيسين ليٿيسن ڪوئي،
طعام تي ويسئي چوئي چوئي
سُمسئي ڪني چلھ وچ چوئي
گدلي تي نہ مارنگ پوڙ

چلدي ڪون ہالين، ڦوڪا نہ ٽالين
ہيان سپ چوڙين سيئي ڳالهين
توڪل دي نال طعام ڳُون ڳالين
ڏوئي ڍڪڻ گھہ تيسئي پوڙا

منڍيڙا هٿ وچ قابو چاوين
ڪانو ڪٽر متان هنڊي وچاوئي
مرشد ڍول ڍڪڻ ٿيوئي
همت دا تون هٿ نہ چوڙ

گهتِ ڳُني وچ ذاتي مسالا
”صمٌ بکمٌ“ ہي سپ خيالا
سهاڳڻ ٿيسين انشاءَ الله تعاليٰ
ٻِس سهري دي ٿيسيءِ نہ سِوڙھ

پچي ور ڪون لڳسين پياري
گھر دي ڏياٽي سڄي ساري
وينگس ٿيسين ڳوري ٻاري
ڏير مبارڪ ڏيسن ڪوڙ

”جانڻ چن“ اهو راھ حقيقي
ڳئي تقليدي آئي تحقيقي
ڳئي سپ شڪ شڪوڪ شڪيڪي
عشق دا ترها ترسئي توڙ

Gul Hayat Institute

## ڪافي ۶

آني 'الله' جاني 'هُو' نا قضا هون نا فارغ هون

"هُدًي المُتَقِين" ڪم همارا
"صِراطَ المُستَقِيم" پڪڙيم چارا
دم دي ڏمال وڃيندي هون

روحي سري سير همارا
نفي خفي دا لٿا خسارا
وچ آسيرا آندي هون

اخفيٰ اخفِي مرا ٽڪاٽا
ڪين ولايت دي وچ ٽاٽا
قلبي ڪاج هليندي هون

الٽ سماوڻ اُلٽي ٻولي
ڪيا ڪجھ ڄاڻي خلقت پولي
ڳڻ مهدي دي ڳائندي هون

'لااِله' ڪنون ڪيم ڪنارا
"الا الله" وچ ٿيا ميم دا ديدارا
"چن جاڻ" نام ٻُليندي هون

Gul Hayat Institute

### بيت

دُور

مون ٿي پانئيون دور پر ڏاڍو لڌم ويجهڙو
پير مغان جي پاس سان، مون ڪي ڪيائون منظور
دم دم ديدار ٿيو حاصل ٿيم حضور
نينان نينن سان لڳيون، نظر آيم نور
اندر عشق جلايو جيئن جلايو ڪوھ طور
"جاڻ چن" دلبر ناهي دور ثابت سڪ سچي هجي

## بيت

### دوزخ

1

دوزخ جي دڙي تي، اڏيو گهر الله
رند ويندا انهيءَ راهہ سان، سڀ ڪنهن ناهي ساهہ
پنڌ اڙانگو پٽيون، ڪنڍي ناهي ڪاءِ
اُتائون مانجهي مڱ هليا ويا، ٻاونهہ هنيو ٻانهہ
"جاڻ چن" چوي لاهہ، لاهُوتي لنگهي ويا

2

دوزخ قيمت دُرهي، بهشت سستي بئي
داناءِ دوزخ ڏي ويا، سر جو سودو ري
سستو جن وهائيو حيف تنين کي هي
"جاڻ چن" چوي مئي، پيتائون نہ پريت جي

3

دوزخ جي دڙي کي، ڪيوسي منظور
"اَلعشقُ نارَيَحرکُم"، بِرهہ ڪيو پرپور
اڙاهہ عشق مچايو تہ حاصل ٿيم حضور
"جاڻ چن" چوي هن دستور وڃي مليا سين محبوب سان

4

دوزخ جي دڙي جي، چڙهياسين چوٽي
مانجهين ماڳ اتي ڪيو مُور نہ پيا موٽي
چاڙهي انهيءَ سي نہ چڙهيا، نيت جنين کوٽي
"جاڻ چن" چوي تن هوٽي، هُت بہ ناهي ڪرِ ڪريم کي

5

دوزخ جي دڙي تي، اڏي سي اوطاق
ڏاڍو قرب قرار ٿيو ورڻ نہ ٿيو سي واڪ
اٿڻ تنهن اوطاق تان، سامين ڪنئي آ ساک

Gul Hayat Institute

ملياسين محبوب سان، هاڙي ۾ پئي هاڪ
"ونحن اقرب" وعدو هن ٻه پاڙيو پنهنجو پاڪ
"جانڻ چن" اوطاق، اڏي انهيءَ جاءِ تي

6

دوزخ جي دڙي تي، ڏاڍو مزو آهه
آئي بهشت صدقي ڪيان، جنت اهڙو ناهه
حوران طوبيٰ ترڪ ڪري، اتي اڏيسي جاءِ
"طالب موليٰ مذڪر"، سامين چڪيو ساءِ
"جانڻ چن" چوي جس تن آهِ جيڪي مانجهي گهڙيا مچ ۾

7

عشق ڪيوسين اڳ ۾ رهبر ڏسيو راهه
ڏسيائين دڳ دوزخ جو ته ڪئي سون ڪاهو ڪاهه
مانجهي گهڙِيا مچ ۾ صدقو ڪري ساهه
چڙهياسي جڏهن چوٽ، ته اتي تي آگاهه
"احد" "احمد" هڪڙو وچي سجاتوسين الله
"جانڻ چن" صلاح، اها عام نه ورتي عشق جي

**شعر**

**دين**

دين ڪفر درڪار ناهي، مذهبن سان منهنجو ڇا؟
عشق نعمت آ نهايت، ٻي نه آهي طلب ڪا
هاتڪ حقيقت ۾ هلن، سي معرفت ماڻن مزا
طالب طريقت جا تمام، شامل شريعت سان ٿيا
پاڻ ڳولي پاڻ ۾ سي، پاڻ ٿيا قاضي قضا
حرام ڪائي حق سان مليا، ڏني سالڪن سڳ ڪي سزا
"هو" ۾ هڪ ٿيا "هي" وڃي، رهيا راض ۾ راضي رضا
"چن جانڻ" چوي جن گام انهيءَ ۾! آهي غزا!

Gul Hayat Institute

## سرائڪي ڏوهيڙا

1

اهو دين اسان ڪون درڪار نهين، جيڪو دين پيا دين نال لڙدا
اُهين دين ڪنون اهو ڪفر ڀلا، جيڪو سڀ صورت ڪون پيا نوڙدا
اُهين دين ڪنهان ڪون رول ڇوڙيا، جيئن جهنگل ڍور پيا وڙدا
اُهين دين والا آکي "جانڻ چن"، عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهدا

2

لوڪ منگيندي دين ايمان، اسان دين ايمان ڪون ڇوڙ ڏتا
لڄ شرم درڪار نهين، اسان ننگ ناموس ڪون ٻوڙ ڏتا
لمبيان تسبيان ليکي واليان، اسان ظاهر ذڪر ڪون توڙ ڏتا
مسجد مندر مول نہ ويسان، عشق هي ڪعبي جوڙ ڏتا
"جانڻ چن" ڪون مرشد مهدي، عشق دا ترها توڙ ڏتا

## ڪافي سرائڪي

عشق اسان ڏا دين ايمان اي، برهہ دا عاليشان ميان
عشق انجيل، توريت، زبور اي، عشق آندا فرقان، ميان

ملائڪان ڪيتا معبود جنهين ڪون
ميڏا ٻہ هي سجود اهين ڪون
عشق وڪايا ڪعبا اسان ڪون
صورت سر و سلام، ميان

لوڪ ويندي هن ڪعبي خليلي
ماڳ اسان ڏا ڪعبا جليلي
سٺ ٻيان ڳالهيان ڇوڙ دليلي
عرش مٿي آستان، ميان

Gul Hayat Institute

جانڻ چن هي ڪعبا مڪا
يار لڏو سين پڪا پڪا
"ونحن اقرب" واهه جو چڪا
مرد ڪٽن ميدان، ميان

## ڪافي

### ڊاڙو

ڏينهن ڏني ڊاڙو هنيم
وچي فوج واريءَ ڪئمپ ۾

وٺ وٺ، چڙهه چڙهه ٿي وئي، تر نه ترسيس پوئتي
نينهن جو نعرو هڻي، وڃي ملڪ جو مالڪ ڪنيم

فوج تي فائرنگ ڪئي، ۽ برهه جو پيي بم ڇٽو
ڊاڙيل ڪي سيني ڏنو فالم تي فتح ڪيم

وائرليسون ڪل ڪٽي، ٽنيا ۽ تارون سڀ پٽي
فوج جون راهون لٽي، محبوب سان ملاقات ڪيم

اندريان ٻاهريان سڀ اٿيا، "جانڻ چن" جا نه بج ڪٿا
"مهدي" ويو مون ڪي ملي، شڪر وڏا شڪران ڪيم

Gul Hayat Institute

## بيت

### ڍاڪا

ڍاڪئي ڏور ٿيا، ٿيها چاليها ئي چٽ
لکن هزارن مؤن نه لڏئون، ناحق ٿيا نپٽ
"جانڻ چن" هٽي جهٽ، هڪڙي مؤن حاصل ڪيو

## ڪافي

ڏنگ رکي آيو ڏول
”ٿسان ٿرمون کي هٿ ڪير تو سڃاڻي!“

ظاهر باطن رنگ رکيائين
ڳولڻ وارن کي پرکيائين
اَنا اَحمَد بِلا مِيم
ٻولي ٻڌايائين ٻول

حد لنگهي ٿيا عاشق ڳولا
اولي منجهائون پڳائون پولا
لاحد ۾ ٿيا محب سان ميلا
پري ڏنائين جهول

صوفين سوجهي صاف سڃاتو
من منجهه ماڻڪ پارس پاتو
نينهن نباهيو نانگن ناتو
وٺي ويهاريائين ڪول

رمز اها ڪو رند پڇاڻي
مامَ انهيءَ کي ڪو مانجهي ماڻي
”جانڻ چن“ پيتو چاڻي چاڻي
تولا ماسا تول

## ڪافي

سرائڪي

ذات

ـ مين هان ذات جل جلال، ميڪون عشق فراق ڏتا!
عشق تپايم تنور، ڪيتم آدم وچ ظهور
مين هان حقيقي نور، ڪيتم خاڪ منظور
ڪونهي عشق دا مذهب دين
ميڪون عشق ٻهڙ نہ ڏتا

تاهيم شريعت دا ڪوٽ، ڪيتم لڪڻ ڪيتي اوٽ
ڏاڍي عشق ڏنم چوٽ، جيڪو اصل ها اٽموٽ
ڪيتس طالبان ڪون تيار
ميڪون عشق لکڻ نہ ڏتا

ڪيتس ڪرسي ڪنون بيزار آکيس "غيب دي ديس نہ گهار"
آيم آدم وچ قرار، ڪيتم هر شيءِ ڳون نہ عار
گهميس ڪئي ڳليان بازار
ميڪون عشق آندا هي اِتان

شريعت بہ مين هان طريقت بہ مين ها
حقيقت بہ مين هان معرفت بہ مين هان
دين بہ مين ها ڪفر بہ مين
هر مظهر جتان ڪتان!

احد بہ مين هان، احمد بہ مين
رسول بہ مين هان ول "عبد" بہ مين
اهوو اهہ جو وٽيو وهنوار
مين شوق شراب ڏتا

مليا مهدي مهندار تيم آپ تي اعتبار
جنهن ڪون پي ڳوليم، سو پيا نهين يار
پڇي آپ وچ ٿيس گم گار
"جاڻ چن" نہ ڏنم اتان

## ڪافي

ذڪر

مون الله جو ذڪر ڪيان تو الله منهنجو ذڪر ڪري تو
وعدو سندس آهي سچو "فاذڪروني آذڪرڪم"

منڪر اها ڳالهه نہ مڃن ٿا، تحت الثراءِ ۾ توڙي وڃن ٿا
”حَاسِدِ اِذَا حَسَدَ“ ڪين مڃين ٿا، سارو سمورو مون سچ چوان ٿو

مون آهيان دم مون تي اسم، منهنجو آهي ذاتي جسم
نفي اثبات آ منهنجو ڪم، تڏهن پاڻئون پاڻ پسان ٿو

جاڏي بہ مون منهن ڪيان ٿو ڪعبو اوڏانهن ڦري اچي ٿو
ڪعبو مون کي طواف ڪري ٿو تڏهن نانگو نينهن نچان ٿو

”رَضِيَ اللهُ عَنهُم وَرَضُوا عنهُ“ محبوب جوڙيو مون منجهہ مَنهُ
راضي ٿيو آ سهڻو صنم، شڪر وڏا شڪران ڪيان ٿو

”جاڻ“ ”جانو“ ڪونہ پڇاڻي، رمز انهيءَ کي رند ڪو ڄاڻي
خلقت پولي ڪين سڃاڻي، فنا بقا جو مزو وٺان ٿو

**نظم**

**ذوالفقار علي ڀٽو ۽ گهاڙ واهہ**

هي گهاڙ غريب فرياد ڪري!
ڏسي واهہ وزير، سان حال ڪري

چوي گهاڙ ستم مون تي ڪافي آ
ٺيڪيدار ڪامورو راشي آ
منهنجو ماءُ نہ پي نہ ماسي آ
هٿ راشين آهيان، ڪاٽي ڪير ڪري

ٺيڪيدار اچي منهنجو ٺيڪو کڻن
انجنيئر، ايس ڊي او کي پئسا ڏين
مٿانهيون منهنجيون گهڙي پيا هيٺاهينءَ ۾ وجهن
منهنجو تاس سمورو منهنجي پيو آ تري

Gul Hayat Institute

ڪونهي ٽانءُ مون ڪي ڇا ۾ پاڻي جهليان
اِهي راتيان ڏينهان پيو ٽلون ٽليان
ڪُنو ڪارنهن جو ڪنهن ڪنهن ڪي مليان
ڳن ڪين پريو پڇڙي پئي آ پري

وزير صاحب منهنجي پٽ تون پر
منهنجي مشينن سان تون ڪاٽي ڪر
پوءِ ڏس موج منهنجي تون هي، هو پر
ڳن پڇڙيءَ جون ڏيان ميريون پري

ٻين ناڻن تي ساريون هن
اڃا خاڪ ۾ منهنجون ٻاريون هن
ڏاڍيون واري ونڊي تي گاريون هن
وڙهيو هاري پون، پيو ٽن پٽڪو پري

ڪيڏو نانءُ منهنجو ! ڇا ٽانءُ منهنجو
ذوالفقار! ڪولي ڏس هيانءُ منهنجو
جن ڪيو آ نانءُ بد نام منهنجو
شال تن ڪي هدايت هادي ڪري

فصل بنا بي باقي ٻٽي
منهنجي ڪاتيدارن ڪي آ موت ڦٽي
ڍڳا ڍور ڍلن ۾ وڃن هٽي
مجبور آهيان پيو تو ڏيل ڏري

پٽا صاحب! مون سان هٿ تون ملاءِ
هن راشين مان منهنجي جند ڇڏاءِ
وقت ڪاٽيءَ جي مون تي ڪئمپ تون لاءِ
ڪاتيدار هاري توکي دعائون ڪري

Gul Hayat Institute

جي آهي پئسو ته ناهي ڏکو
جي ناهي پئسو ته ڏکي تي ڏکو
منهنجي ڪاتيدارن وٽ ڪونهي سِڪو
انب آڏي جي پوري ڪير ڪري

اچي تنهنجي ڪورٽ منجهه اپيل ڪيم
”جانڻ چن“ خيراتي وڪيل ڪيم
پاڻ کي تنهنجو اصيل ڪيم.
جيڪو راهِ خدا ٿو تقرير ڪري

## نظم

ذوالفقار به تون، آهين وار به تون، سرڪار به تون!
توکي شوق آهي خاص خدمت جو
تنهنجي من ۾ موتي محبت جو
توکي عشق آ پاڪ پاڪستان جو خود پيار به تون!

عظمت ڏانهن توکي اعليٰ چوان
خدمت ڏانهن توکي ادنيٰ چوان
جيڪو اعليٰ ٿئي ادنيٰ تنهن جو انصاف ڇا، مختيار به تون

مرڪز به تون، صوبا به تون
جنت عوام لاءِ طوبيٰ به تون
آب حيات آئين به تون، اقتدار به تون

سٺئي ميل ٿو گهاٽ مشينون گهري
مٿاهين هيٺاهين ڪان ويندي تري
هڪ ڏينهن ڪم ڪر عمر جي ڪري، ٿمتار به تون

Gul Hayat Institute

اهو آهي طريقو نبي پاڪ ﷺ جو
ويٺو خدمت ڪري مالڪ لولاڪ جو
توکي آهي سبق انهيءَ استاد جو عملدار بہ تون

"ڪشمير" فتح آ تنهنجي هٿان
تون "ذوالفقار"، علي آ تنهنجي مٿان
يارت کي بعيت جون ڏينديون رٿان، سالار بہ تون

مون کي پڪو پيو آهي پتو
چنڊ جهوليءَ تنهنجي آهي لٿو
مرشد "مهديٰ" آ "جاڻ چن" کي هٿ ڀرهٿيو گلزار بہ تون

## ڪافي

مستر پتو آهي حق جي حمايت
خلاف تنهنجي آ ملن جي جماعت

ذوالفقار علي تجار آهي
مجاهد ٿيو دولت کان بيزار آهي
سچو دين تنهن جو سائين آ سلامت

محمد چيو سرمائيداري نہ ڏاريو
غريبن يتيمن کيَ وراهئي چاريو
تڏهن بہ اتي پئي انهن ڪئي شرارت

ارڙهن هزار ناظران ٿي سئوسٽ حافظ هئا قاري
حسين پاڪ کان ٿيا باغي بيزاري
يزيد وٽ ڪاڏي وڃي دنبن دعوت

"اِنماالمومنين آخواةٌ"، امر يار آهي
هنن جو ڏسو تان جهڳو ڏار آهي
مٿي تي مڪاڻ ڪنئي آ ملامت

مسٽر پڻو تو چوي هيڪڙائي
ملن کي چڏيو آ ٻوڙي ٻيائي
ڪوڙا ٿا سچي تي مڙهن ڪوڙي تهمت

ڏيئي ديني دلبو دوکو ٿا پهچائين
خدا جي خلق کي، بيحد ٿا پلائن
باطل جي بيڪارن ڪئي آ دلالت

ذوالفقار علي، ”علي سيف“ آهي
دشمن تنهنجو شڪي حيف آهي
اهو آ عذابي سدائين قيامت

پٽي ڪان جو پليو سو آخر رليو
جيئن ڪوٺو ڏوکڻ هر جاءِ چليو
ڏسو ڪيئن ”ايوب“ تي اچي وئي قصورت

جو پلي پاڻ آيو سو ٻه نه پُليو
حق کي سڃاڻي، حق ساڻ هليو
آخر ”حُرَ“ وانگر داخل ٿيو رحمت

”جاڻ چن“ چوي مون، حق تو ٻڌائيان
جي حق تو لڪائيان، ته مشرڪ آهيان
فرمان فرقان ۾ آئي آهي آيت

Gul Hayat Institute

## سرائڪي ڏوهيڙا

### راڳ

1

عشق ميڪون هڪ رمز سکائي، واهه جو رهبر راهه بتايا
چوڙ نماز ته راڳ ڪيتو سين، واهه راڳ وچون جهوٽا آيا

خيال ٻيا اُڏر مُلڪ اُهين تي، جتان "وحي" نہ پيرا پائيا
زلف غلاف سجڻ دي ويکيم، اُتّئين مين چڪر طواف دا لائيا
عشق اُتاهين امام ٿيوسين، سهجئون سجدا پايا
"جانڻ چن" گُون سر سمجهايا، ميڪون راڳ هي رب ملايا

2

راڳ ٻولين تہ رب لهين، ڳُجها راز هي راڳ خدا دا
اُلتي عاشق ڏس ٻئي ني، هي التا پنڌ خدا دا
عام آوڻ دي اٿ جاءِ نهين، ڪو آسي رند خدا دا
ڪفُر ڪماوين مطلب پاوين، منگ نہ بهشت خدا دا
بهشت منگڻ والي زالين جاڻي، مردان منگيا عشق خدا دا
عشقئون مُول نہ مُڙسان "جانڻ چن"، جنهن ڏسيا راهہ خدا دا

بيت

رحمت

جي تو ڏسان پنهنجي ڏوهن ڏي، تہ منهنجا ٿقڙ ٿا ڦڙڪن
جي تو پر وري ڏسان تنهنجي رحمت ڏي، تہ منهنجا ميرا ٿا مُرڪن
"لاتَقَنطُومِن رَحمَتُ اللّٰه"، جُوٺا ٿا جرڪن
جائي جانڻ چن چوي جي والي ٿا وڙڪن، پوءِ ٻانهي ٻانهہ سيراندي

Gul Hayat Institute

بيت

رنڊي ۽ ڪيري

رنڊيون لک ڪروڙين، ڪيري آهي ڪا
جنهن جو پيوند پرين سان، ڪيري ٿيندي سا
"جانڻ چن" چوي توهان ۽ اسان، هلو تڪيا پسون تنهنجا

2

رنڊي رنڊجي رهجي وئي، ڪيري لنگهي وئي پار
رنڊي ڪي لالچ رنڊايو شيطان مٿان ٽيس سوار
ڪيري ڪنهن ڏانهن نہ نهاريو پهچي وئي دربار
"جانڻ چن" چوي جنهنجا اهڙا پار، هلو تڪيا پسون تنهنجا

3

رنڊي پاڻ تہ رنڊي، پيا بہ رنڊايا
ڪيري ڪاهو ڪاهہ ڪئي، پيا نہ ڪي ڪاهيا
"جانڻ چن" چوي آئون تنهنجي جُتي جوڙ ناهيان۔
تڏهن تو چاهيان، هلو تڪيا پسون تنهنجا

4

رنڊي ٿي منڊي، اها ڪيئن نچي؟
ڪيري لوها لڱ ٿيا نچي پئي مچي!
وحدت جي دريا ۾ وڃي پئي اچي
"جانڻ چن" چوي سچي، هلو تڪيا پسون تنهنجا

## سرائڪي ڏوهيڙو

### روپ هزار

ساري جڳ وچ دلبر هڪڙا، اُهندي روپ هزارين
ڪتي سپاهي ڪتي جمعدار ڪتان صاحب صوبيدار اي
ڪتان منشي ڪتان ڪلارڪ، ڪتان شوقئون شستيدار اي
ڪتان ننڍا جيلر ڪتان وڏا جيلر، ڪتان جيل دا ڊپٽي مختيار اي
ڪتان ڪمپائونڊر ڪتان ميڊيڪل، ڪتان دردان دا ڊاڪٽار اي
ڪتان سپريڊنٽ ڪتان ڊي آء جي، ڪتان آء جي عملدار اي
ڪتان گورنر ڪتان جرنل، ڪتان جرنل دا سردار اي
ڪتان مقدم ڪتان واچ مين، ڪتان ٻيڙي وچ بهار اي

Gul Hayat Institute

ڪٿان سي ڪلاس ميڏا سهڻل سائين! ڪٿان بي ڪلاس دار اي
اندر آيا سير ڪرڻ، هڻ نڪرڻ ڪاڻ بہ تيار اي
پر امر اپڻي وچ آپ ڪڙا هي! نہ تہ سينٽر دي ڪيا ديوار اي
’خير هي و شر هي‘ اهو صوفي ڪون اعتبار اي
صوفي جيڪا ڳالهہ سُڻائي، سا سچي سمجهو يار اي
”اَلانسانُ سِرِي وَاَنا سِرهُ“ آکيا رب غفار اي
صدقي ويحان ”جانڻ چن“ حضرت عشق اتئون جنهن ميڪون ڳجهي گهمائي بازار اي

## ڪافيون

### ڪافي 1

هر رنگ ۾ تون رُل مل تي وئين، عام ڪي ناهي پڇاڻ
اسان ڄاڻي وياسين ڄاڻ!

ڪاٿهين حاڪم حُڪم هلائين، ڪاٿهين تو مسڪين سڏائين
پاڻ ٻُڌين تو پاڻ ٻڌائين، ڪاٿهين نہ ڪنهن جي اٿئي ڪاڻ

جي تو ٻُڌائيان ڪافر آهيان، ڪين ٻُڌائيان مشرڪ آهيان
حق جي موج ۾ حق تو ٻُڌائيان، ”الانسانُ“ اُڄاڻ!

ڏسي ڏُکن ڪي چو گهبرائيان، پوئتي ڪڏهن پير نہ پائيان
ڏينهؤن ڏينهن تو وک وڌائيان، جو تو سان پريل تم پاڻ

صوفي خيال ڪي خيال سڃاڻي، رمز رندن جي رند پڇاڻي
ملان قاضي ڪين تو ڄاڻي، ڪونهيس عشق سڃاڻ

”جانڻ چن“ جڏهن جهاتي پاتي، پاڻ ۾ پنهنجي ذات سڃاتي
ذات صفات سان لئون آ لاتي، ڪئي سين روح رهاڻ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

ڪاٿھين ٻہ گھر ٺاھين، محبوب منھنجو آھين
شمس الحق جيئان ڪلڙي منھنجي، توڙي چم لھائين!
تب محبوب منھنجو آھين!

شيعن ۾ تون سُنين ۾ تون
بر بحر ۽ رُجن ۾ تون
ڏاون ٻُڪين اُڃين ۾ تون
توڙي سُڃ وسائين
تب محبوب منھنجو آھين!

مسجد ۾ تون مندر ۾ تون
ظاھر باطن، اندر ۾ تون
برھ جي بيشڪ بندر ۾ تون
سوين ٿو سُور سھائين
تب محبوب منھنجو آھين!

ڪاٿي رحيم ڪريم سڏائين
ڪاٿي لڇمڻ رام سڏائين
ڪاٿي احد الله سڏائين
ميم جو گھونگھٽ پائين
تب محبوب منھنجو آھين!

باغ ۾ تون، بستان ۾ تون
حور پري، غلمان ۾ تون
سڪر ۾ تون، سڪران ۾ تون
اھي دڙڪا ڏيئي ٿو ڏيائين
تب محبوب منھنجو آھين!

Gul Hayat Institute

جمعادات ۾ تون، نباتات ۾ تون
هر صورت ۾، هر بات ۾ تون
بي مثليءَ جون ڏيئي لغاتون
ڇو تو پاڻ لڪائين؟
تون محبوب منهنجو آهين

ڪاٿهين ابا بڪر، عمر، عثمان بڻي
ڪاٿي اسد الله تي نعرو هڻي
ڪاٿي حسن حُسين تي بار ڪڻي
يزيد ڏانهن پيو بگل وڄائين
تب محبوب منهنجو آهين

عاشق معشوق پاڻ تون عادل
پاڻ شهيد، پاڻ تون قاتل
حق آ حق، ناهي باطل
توکي صوفي سڃاتو آهي
تون محبوب منهنجو آهين

"احمد" بنجي ڪيئي هدايت
احديت ڏانهون نڪا عداوت
ابوجهل تي رُڳي آ ملامت
سڀ ڪجهه تو ڪيو آهي
تون محبوب منهنجو آهين

ڪاٿهين صوفي رند سڏائين
"انا الحق" پيو پاڻ الائين
سُوليءَ تي پيو پاڻ چڙهائين
عشق جا گيت تو ڳائين
تون محبوب منهنجو آهين

Gul Hayat Institute

ڪاٿهين جوان جهانيان آهين
"شاهپور" ۾ پيو قرب ڪمائين
"مهدي" تي تو مُلڪ نوائين
فيض جو فاضل آهين
تون محبوب منهنجو آهين

هر مظهر ۾ توکي ڄاتم
تنهنجو پيد صحُو مون سڃاتم
"جاڻڻ چن" ۾ جهاتي پاتم
اتي ٻه ويٺو آهين
تون محبوب منهنجو آهين

بيت

روزو ۽ رمضان

1

روزا ۽ نماز پڙهين، هوڏانهن ڪرين ڏوهه!
کهڙي ڏنئي ڪتاب ۾، ٻوهڙ اهڙو ٻوهه
"مَڪرُ و مَڪرالله وَ الله خيرُ الماڪِرِيْن"، تيئن وڌيئي تو ڏوهه
مالڪن مان نه چاڙهيو تو وڏو آ مانهه اوهه
فرض "فنا في الله" جو ٿا رند ڪمائن روهه
"مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو". ڪاف لنگهي ويا ڪوهه
"جاڻڻ چن" ڏوهه، جيڪي مڪر تون ڪرين

2

يارهن مهينا يل چرين، ٻارهين مهيني روزا رکين تيهه
تنهن ۾ ٻوٿ ٻڌل، نفس ڇُڙيل، اها ٻه چار سئو ويهه
ڪاٿي ڏنئي قرآن ۾، ته نفس جو طالب ٿيءُ
وساري ڇڏيئي ور کي، لڄ نه توکي ليءَ
"جاڻڻ چن" اهو ڏينهن، پورب ٿيندئي پڌرو

Gul Hayat Institute

3

جنهن کي ٿو روزو چئجي، اهو روزو رک
"مُوتُو قَبلَ اَنتَ مُوتُو"، ريت رندن جي سک
"جانڻ چن" جيئري، ڪاءِ هڏن جي مک
پوءِ لالائي جي لک، لڪجيئي لاهُوت ۾

4

جنهن کي هيوئي روزو رکائڻو تنهن کي ڇڏيو اٿئي ڇيڪ
سکڻو ٻڏيو ٻوٽ کي، پاڻ سڏائين نيڪ
مالڪ کي معلوم ٿيو ٻُڇڙا تنهنجو ٻيڪ
"جانڻ چن" ڏيک، تنهنجو مڪر ئي معلوم ٿيو

5

ٻڌ نه پنهنجي ٻوٽ کي، هڻ خبيث کي خاب
جاڏي پنڌ انهيءَ جو تاڏئون ڏيس جواب
وحدت جو وجود ۾، رڳن منجهه رباب
"جانڻ چن" پوءِ ڪونهي ڏوهه حساب، هِن ۽ هُن جهان ۾

## ڪافي

هڪ مهينو ناهي، نادان! زندگي رمضان ٿئي
سانپير آيئي سچ اُپريو قبر تائين قائم ٿئي

هٿن ۽ پيرن کي روزو، ڪنن ۽ اکين کي روزو
زبان کي روزو دل کي روزو فرمايو فرقان ٿئي

فرقان آيو رمضان ۾، عمر جو روزو ڪٽي
واحد قائم اَمُر ڪيائين، شاهد قرآن ٿئي

ماه رمضان بيشڪ شريف، ٻيا ٻين ماهن کي ڇا چئون؟
سڀ ماهه شريف. سڀ سال شريف، ڀلو ٻرو ڪردار ٿئي

هڪ مهينو يارهن جي ڪاتي هلي پوري ڪندو
تارازي ۾ ترَ ٽُرن تا، عمر جو احرام ٿئي

رات ڪائي وئي ڏينهن ڪي، ڪٿر ڪا ڪان پئي
پنڌ نہ نبريو ڪين پهتين، باري اهو بمبال ٿئي!

آن پاڻي آهي حلال، حرام ڪرڻ اٿئي گناهہ
گناهن ۾ تون غرق آهين، هي بنايو مڪر ٿئي

"جاڻ چن" چوي مرشد مليو سُڌ مون کي پئي آ ساري
آڏو اٿئي بار باري، "مهدي" اُتي مهندار ٿئي

## بيت

### زاهد

ضايع عمر زاهد جي، ناحق ٽيس نپٽ
جي تو روڪي ريهہ کي، مري تو اُٿٽ
نٿو روڪي ريهہ کي، وضوع نماز چٽ
مسئلن، مونجهايو اچي ڦاٿو آهي ڄٽ
"جاڻ چن" چوي ڄٽ ۾ ڦٽ، ٻئي ٻڏا يلا

## سرائڪي ڪافي

### سر جو سودو

- سرڙا ڏي پچي سرڙا گهن گهن، زاري دا ڪيا ضرور؟

اٿڪل نال الله نہ ملسئي
طلسم والي نہ توبہ چلسئي
چوڙ وڏائي غرور

ڏي دلبر ڪون دل نذرانا
چوڙ سيئي شوق شهانا
حاصل ٿيئي حضور

Gul Hayat Institute

هڪڙي ڏينهن چا توبہ ڪر تون
گرهہ گرهہ تي نہ ڪلمين پر تون
اهو ناهين رندي دستور

”جاڻ چن“ هي سردي بازي
روزي نمازان اٽڪل بازي
تي وچ چڪنا چُور

## بيت

1

سر گُهري سر ڏئي، آيو واپاري
مون نماڻي نصيب تي، مُهل موچاري
سليم سودو سر جو ڪيائين ڪٽاري
چيم، هڻ، هوتن کي ڏنم اختياري
تريو هٿ حبيب جو تي بيحد بهاري
سر مليو سر کي، سُڌِ پئي ساري
هرجاءِ ڏنم هيڪڙو ڪمري نہ ڪاري
”وَاللهُ بِڪُل شيءِ مُحِيطِ“، نوري نہ ناري
”جاڻ چن“ چوي جاري، تي ويو فيض فضل سان

2

سر گُهري سر ڏئي، اچي ڏنائين ڏاهہ
ڪي ڪي آيا ڪاپڙي، صدقي ڪري ساهہ
”الست ارواحن“ کي، اکِين هُئي آگاهہ
”قالُو ابليٰ“ جي قول تي، ڪيائون ڪاهو ڪاهہ
”جاڻ چن“ چوي لاهہ. لاهُوتي لنگهي ويا

3

سر گُهري سر ڏئي، پرين پُڪاري
”فَاذڪُرُونِي اِذڪُر ڪُم“، ڏسي ڏيکاري

Gul Hayat Institute

سڀاجهن سڏن سان، محبتي ماري
وحدت جي درياءَ ۾، طالب ٽو تاري
”جاڻ چن“ چوي ساري، ساريندڙن کي سپرين

## ڪافي

وڪامي وياسين، دلبر جي در تي
ڪندو قرب پنهنجو پاڻهي جي گهر تي

منهنجي يار جو آهي ملڻ مهانگو
مشڪل ملي ٿو سستو نہ سهانگو
گهري سر ڏئي سر، سودو آهي سر تي

”مُوتُو قبل“ جو ڏنائين هوڪو
انهي پڙيءَ تي، آيو آهِ ڪو ڪو
اندر آبادي، ظاهر آ بَرَ تي

منهنجو يار آهي، سهڻو واپاري
ٺڳي نہ ٺڳاءِ، آهي پيٽ ڀاري
سودو سڄڻ جو ناهي ڪو اِرَ تي

”چن جاڻ“ گهوري، ڏنو سر آ سوري
اُچليائين اڏيءَ تي، تڪي نڪي توري
اٿم اميدون هوندم قبر تي

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### سسئي ۽ سُور

### ڪافي 1

سسئي ساجهر جاڳي ننڊ مئون، ڪري ريهان روئاري پئي
سيئي سرتيون سڏي سياڻي، روئي رندڙا ڏيکاري پئي

”ڪٽو هٿڙا گهرو دعائون“، ”وڃان ٿي مون پنهل ڏانهون“،
ڳراٽيون پائي هر هڪ سان، موڪلائڻ ساڻ ماري پئي

پنهل جو ڏوهه پڪ ناهي، ڏيرن جو به چوان مون نه
پنهل کي متان پاراتو ڏيو“، ائين چئي ڏيهه ڏاري پئي

اُڪيليئين وار ويهي ڇڏيائين عطر ۽ مينديون
لاهي پئي سينڌ ڦل ڇوٽيون، ڇني هارن کي هاري پئي

”جانڻ چن“ جان جانب ٽئون، ڪيان سؤوار مون صدقي
سسئي ڏس ڪيئن سنياسڻ ٿي، ڏونگر منجهه ڏينهن گهاري پئي!

### ڪافي 2

ڪيڏي ڳيا پنُهل پيارا پيارا
سسئي نماڻي دا؟

ننڊڙي وهايم، پنهل وڃايم
بي بختي ڪون سختي چايم
ڀاڳ نه ڏتم وارا وارا

ننڊ وڇون اٿدي ڳئي آهان ڪردي
سڏڪي پردي، ڪُوڪان ڪردي
راهه نهاري پئي چارا چارا

بنسر، بولا، ڪنگڻ، ڪڙيان
ٻانهيان ٻيڙي، چندن گهڙيان
سينگار ڳيا هي سڀ سارا سارا

”جانڻ چن“ اميد اهائي
ڪيچ ڏي ويسان ٻنيور ڪون ٻاهي
من ڪو ڍري ڍارا ڍارا

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

ناهيان مون پاڻ چڱي ناهي ڏوهہ توڏي
هجان هان جي چڱي تون مون کي ڪين ڇڏين

ڀيريان ڪان وٺي هئس پوٽي مون
آهن اوگڻ مون ۾ اوٽي مون
بچڙي بيحد پيٽي چوٽي مون
اچي پيش پيس پنهل تنهنجي تڏي

جنهن سيرَ لنگهين، اُهي سير ڇُما
جنهن واٽ وئين، گهٽ گهير ڇُما
جنهن لڪ تان لنگهين، اُهي سير ڇُما
مون کي گُوندر منجهہ وئين پنهل گڏي

هن بچڙي سان ڪر پلا پلي
رهہ "جاڻن چن" سان محب ملي
هاڻ دم تو ٿُتي، پُج دوست دلي
سڀ ڳالهہ مچيم، آهي مهڙ مون ڏي

## ڪافي 4

ڪٺي پئي پير پنهل جا رندن تي ريهون، ووپار!

- پينر ڪاڻ بلوچ جي، اِلوڙي ميان او
ڪري پيئي پيهون، ووپار!
- لُڇندي ۽ پُڇندي وتي، الوڙي ميان او
ڇاتي ٽيس ڇيهون، ووپار!
- ڪاهيو وڃي پئي ڪيچ ڏي، الوڙي ميان او
ور پُڇيو ويهون، ووپار!
- "جاڻن چن" جي جيءَ ۾ الوڙي ميان او
پنهل جون پيهون، ووپار!

Gul Hayat Institute

## ڪافي

منهنجا خان پنُهل پلي ڏي تون ڏک
اهي تنهنجا ڏک ٿري ٿيندم سُک

تنهنجا سُک پلا, تنهنجا سور پلا
تنهنجا ڏک پلا, تنهنجا پُور پلا
ڪيا عشق اندر اهي ناسُور پلا
دل تانگهه تانگهي مون کي تنهنجي آ بُک

تنهنجي سُورن سان پرُنوش آهيان
مدهوش آهيان, مون خاموش آهيان
تنهنجي دردن ڪيو درويش آهيان
منهنجو ساهه سوگهو ٿيو تو سان سُڳ

جيتر تون نه ورين, تيتر ڪيچ پري
ڪيچي ڪيچ ڏانهون, اچ قرب ڪري
سسئي روهه جبل ۾, ٿي ريهون ڪري
ڪيم ننڊ نڊر, اها منهنجي آ چُڪ

سسئي مهڙ مچي, تنهن تي ميار ناهي
چا ٻانپڙ ٻيٺي, چا تڪرار آهي
لائبو زور وارن سان زور آهي
مون هيٺي کي ڏين تو دلبر ڌڪ

تنهنجا سُور مون کي, تو کي ويجهو ٿا ڪن
ٽيليفون ناهيو ٿا, لين ڳنڍين
بي رنگ جي تار ۾ اچن وڃن
"جاڻ چن" پنهل تو سان, ملي ويو پڪ

Gul Hayat Institute

## بيت

1

سُور مڙئي سُور، مون وٽ سُور نہ سُورن جهڙا
وٽي نٿا ڏين وار جي، من ماريس سورن گهور
لکن مٿان لٽڪي وڃان، مون سان سونهان ٿيئڙم سُور
”جانڻ چن“ پنهل جا، مون کي پرٿيا پون پُور
دل منجهہ عشق انگور، دردن وڃي درخت ڪيا

2

سُکن ڪئون سئو وار مون، تہ شابس سُورن کي ڪيان
هڏ نہ ڇڏيائون هيڪلي، مون سان سُور هليا هم ساڻ
جانڻ چن جبل ۾ مون سان، ڪيائون رُوح رهاڻ
جڏهن پنهل پسايو پاڻ، تڏهن سور ڦري وري سُکَ ٿيا

3

ٺَڪرَ شال ٺُڪريون ٿئين! تو کي گهير نڪي آ گس
ووڙيان پير پنهل جا، ڏونگر ڏيم ڪو ڏس
ڏاڍا تو ڏاڍايون ڪرين تو کي تِرُ نہ آهي ترس
ويندس، رهندس ڪينڪي، ووڙي ڪندس وس
”جانڻ چن“ پس، پارس پاڪ پنهل کي

4

ٺَڪرَ شال ٺُڪريون ٿئين! توکي واڍوڙيا تہ وڍن
ڏند نہ بچيئي ڏاٽ ڪا، تنهنجي ڪوٽي پاڙ ڪڍن
ڇيتيون ڪني ڇيٽين سان، تنهنجو لاهي ڇوهہ ڇڏن
”جانڻ چن“ شال آڏِن، پڪا ڪيچي ويجهڙا

5

ٺَڪرَ شال ٺُڪريون ٿئين! تنهنجا ڊاهي ڇڏن ڍير
وڍنئي واڍوڙيا اچي، تو مئون سڏا ناهن سير

اڇٽ وچان اوڏانهين شال، مون کي ٽئي نہ اوير
”جاڻ چن“ سوير، پس پارس پاڪ پنهل کي

6

ڏونگر ڏور نہ سسئي! نڪي جبل سان جهيڙ
پنڌ ڇڏي ڏي پيچرا، ڪيٿ نہ ٻيا تون ڪيڙ
گهر ۾ ڳولج گهوٽ کي ننڊ اکين جي ڦيڙ
”ونحن اقرب“ واعدو، ڳول وجودي ويڙ
”جاڻ چن“ نہ ميڙ، مٿئون ماٿهو پنهنجي

## بيت

### سڪ ۽ درد

1

هئي! هئي! ڪيان هنيانءَ ٽري، لهي ڪس قلب تؤن ڪور
اِئين ڊِڪان ڊِول لاءِ، جيئن ڊِڪن ڊِور!
ڇُٽان وينئي ڇُپ ۾، جيئي چوري ڪن ٽا چور
”جاڻ چن“ چوي پور، ڪيان سڪ سڄڻ جي

2

هئي! هئي! ڪيان هنيانءَ ٽري، وڏي ٽو ورهہ
مون کي تات پرين جي، آهي شام پرهہ
جيئن ساريان سڄڻ کي، تيئن نينهن ڪيم نرهہ
”جاڻ چن“ برهہ، باري بار وسايو

3

هئي! هئي! ڪيان هنيانءَ ٽري، سڪ نہ ڏي ساهيون
وڏن ٽيون وجود ۾، ورهہ سنديون وايون
آٽي، عشق اڏايون، جيءَ اندر جايون

Gul Hayat Institute

ناتي نينهن پرين جي، لاتيون لڙايون
ڏونهان درد ڏکن ٿا، پڙڪن ٿيون باهيون
”جانڻ چن“ لايون، ڏيدون پنهنجي دوست سان

4

محبت جو منهنجا پرين، تو وڌو آ واڙو
سانت نہ اچي ساهہ کي، جيئن قبر ۾ ڪاڙو
جوشن جي جلايو سوز گهڻو ساڙو
مستي ۾ منهنجا پرين، تن سُڪِي ٿيو تاڙو
ڦڪيون ڏينم فرق جون، ڪو قرب [illegible] و ڪاڙو
”جانڻ چن“ نماڻو گهائي گهوٽ ڦٽي ڪيو!

5

گهائيئي، گهارڻ تنهن سان، توکي واجب آهي ورِي
ڏس هندائي هوش سان، تہ منهنجي ڪانہ سري
ملامت مٿي تي ڪنئي، آ چُست چري
”جانڻ چن“ دري، ڪئي آ دردن دل کي

6

دلبر تنهنجي درد ۾، مون کي سورن ڏني آ سٽ
ٻيهان تہ ٻيهڻ نہ اچي، ويهان تہ پون وٽ
سمهان تہ سمهڻ نہ اچي، ڪائڻ اچي ٿي ڪٽ
ڳوڙا ڳلن تئون ڪريا، پون مٿاهون پٽ
دلبر دل ڪٽي وئين، جهام ڏيئي جهٽ
”جانڻ چن“ اُڪٿ، آهي مارڻ محبوبن جو

## سرائڪي ڏوهيڙو

يار دي سڪ وچ روئڻ، ميڪون ڏاڍي راحت آئي
ڳالهہ اولڙي امان ميڏي، ميڪون ياد هي آئي

Gul Hayat Institute

شاهه جهانيان "شاهپور" وچ، اها ساڳي صورت وڪائي
ڪيتم سجود پڙهه شڪرانا، موليٰ مورت ملائي!
پيڻ پراوان جهيڙا لاتا، لوڻي! "لڄ وڃائي"
ٽان ياڃائيان پڇديان آئيان، "ڪهڙا لقب لڳائيئي؟"
ٻي پلي جهيڙن امان ميڏي، تون نہ جهٽڪم آئي!
ڪونہ مُڙسان ڳالهہ اِهين ڪون، توڙي چاڙهن ڦاهي
مرشد مليا، آپ سڃاتم، مين نہ ٿسا ڏي ڄائي
قُلزم دي وچ ٽٻي ماريم ساڳي سمنڊ وچ آئي
"جانڻ چن" دا پولا پڄ پيا، امان ميڪون ملِ ڳيا ماهي ماهي!

## ڪافي

سنڌ

هندستان بنگال بہ جوڙ
مهدي! سنڌ ڏي پاٽيءَ کي لوڙ

اولهہ، اوير، اُتر، ڏکڻ
چارئي قبلا ماڪي مکڻ
هر جاءِ هر جي اوڙ

ڇهون، ستون، اٺون، نائون
سڳداسي ٿيو پُر پنجاهون
انبار انن جا ڪوڙ

ڦنيون ڦريون، ڪمند جوئرون
خشڪ وارن جون وڏن واڙيون
ڪٽڪون انب ڪيلا ڪوڙ

بلوچستان ۽ سرحد ساوا ڍاوا
پُر ٿين سپ لنجها لاوا
پوي نہ ڪنهن کي لوڙ

تون آن "مهدي" ٻارهُون امام
جهان جهانيان! تنهنجي سام
تنهنجي آهي امن امان
قيامت تائين توڙ

دنيا ساري ڌرم هجي
تنهنجو سب سان ڪرم هجي
بخشي ڏي تون پرم هجي
صوفي وحدت ووڙ

چاليهہ تنهنجا دنيا تي ڏاريل
ڇهل ابدال آهن واريل
"جانڻ چن" ڪي آهن ساريل
تنهنجا ڪرم ڪروڙ

## ڪافي

**سني ۽ وهابي**

سُني سجڻ ڪئون، وهابي پلو آ
دوست دشمن ڪئون دشمن پلو آ

ظاهر باطن دُشمن هو آهي
ڪري "سائين" سُني چورايو گلو آ

چوي "نور آهي"، "احد نہ آهي"
ڪري ٻہ زبانون تڪر تلو آ

چوي "آهيان عاشق"، پڙهي "عبد" ڪلمو
منافق جو تنهن ڪي درجو مليو آ

مجنون هو عاشق، چيائين "ليلا مولي"
هي ڪري ٿو ڪوڙي دعوي مڪر مُلو آ

Gul Hayat Institute

دشمن، دوست ڪڏهن تي ٻه ويندو
جي دوست ٿئي دشمن وري نه رليو آ

جن آ سچاتو تن فيض پاتو
"جانڻ چن" تن کي نه جهولو جُهلو آ!

**بيت**

1

سجڻ سندا سُور توکي، ماڻهو ٿا پڙن ته "مر"
مون وٽ ٻارڻ ٻار تون، سُڄ جو آهين ثمر
مون آهيان مهماني تنهنجي، تون هڏا ماس پيو چر
مون پلي جان خاڪ ٿيان، تون سهنجو ٿي سبر
تو آئي آبادي ٿي، وسي پيو اتم گهر
اونداهي مان سُجهندو ٿي پيو ويجهو ڏنم ور
"جانڻ چن" چوي سامي سي سڌر جن وٽ سُور سڄڻ جو

2

سڄڻ سندي سور، وڃي سڻائو ڪيم سات
پيهي ڏنم پاڻ ۾، نظر آيو نات
الله ڏنم اورتي، اڳتي پاتم جهات
حيرت ۾ حيران ٿيس ته ڪاڏي وئي صفات؟
اُتي ٻه نظر آيو نيهن آ اڳتي اورتي ذات
وڃي ذات سان ملي ذات، "جانڻ چن" چوي قرار ٿيو

3

سڄڻ سندي سڪ مون کي، سُورن ڏنو آ ساءُ
سڄڻ سُورن جهڙو پيڻ نڪي اتم ياءُ
مٺي مونجهه پرين جي، اهڙي مٺي نه ماءُ
سُورن مان سُڌ پئي، ڏاڍو لڳم داءُ
"جانڻ چن" منجهاءُ، مون کي سُورن سهڻو ڪيو

Gul Hayat Institute

4

سُورن ئي سهڻو ڪيو پُورن ڏنم پير
اُتي هليس اڳتي، جاچيم گهٽيون گهير
سُورن مان سُجهندو ٿيو سوجهي لڌم سير
ديهي ۾ ديدار ٿيو ويا وهم وڃي وير
تي ”جاڻ چن“ دلير، دائم ڪاهج دم ڪي

5

جي مون وٽان وڃڻ واريون تون ڪرين، توکي وڃڻ نہ ڏيان مون سُور!
منٿون ميڙيون توکي ڪيان، ميڙِيان پير فقير،
تون جُڪ سدائين جان ۾، تو تو سان وڃي تنبوُر
جتي آڏاٽا تو اڏيا، اهو هنڌ حضُور
جتي ويلو تو نہ ڪيو دلبر تن کان دوُر
مون سان سنگتي ساڻ هج، قبر تائين سُور
مُنڪر نڪير توکي ڏسي، ڏکي بيهندا ڏُور
دوزخ ڏسي دانهون ڪندو چوندو ”رب غفُور!“
”اهو مون ڏي آڻيو ڪينڪي، مون کي ساڙيندو سُور“
”جاڻ چن“ چوي پرپُور شال هُجان سجڻ جي سُور سان

## ڪافيون

سُور

ڪافي ١

سڄڻ سور اُهي ڏي جيڪي ساھ سهي
هت غمن جو تو پيو ڳاھ ڳهي

لڳو عشق جو ڏک مون کي باري آ
ٿيو خون جگر مئون جاري آ
منهنجي توبه توبه زاري آ
اکيون رت ٽيون روئن پيو تو واھ وهي

Gul Hayat Institute

اچي درد اُنا، ٿيا سُور ڪنا
ٻاريا برهه بنا، سي مون سر تي سنا
منهنجا ڪرم مُنا، ڪئي آ ڏُکن جتا
تو ريءَ بار غمن جو تو ڪين لهي

”جاڻڻ چن“ صنم، ڪري پنهنجو ڪرم
وڃي سارو وهم، تي فرق فهم
ڏيان لاهي لحم، ڪيان دير نه دم
جڏهن محب اچي مون وٽ رات رهي

## ڪافي[2]

سور سڄڻ جو آيم ڪهي
مون وٽ پيو آ راتيون رهي

ننڊڙي لاڪئون نينهن سڄڻ جو
ويٺي پاليان شينهن سڄڻ جو
جوڀن جواني ڪائي ويو وهي

سوغاتون سُوکڙيون سُور تي سمجهان
توشه تحفو پُور تي سمجهان
اکڙين ۾ ڏيان جايون ٿهي

نت نت نئون ڪيو تنهن کي نهاريان
”جاڻڻ چن“ تي سور سينگاريان
ٿلون ڪيان تي وڃي نه ٿهي

## ڪافي[3]

سورن مون کي سانت ڏنو
مون سورن کي چو چڙيان، الاهي الا

- سُورن سڄڻ ملايو مون
ڪُک جي نہ ڪاڻ ڪڍيان الا هي الا

- ماڙي ماڙي جي مٿان
مون عشق جي ڇو نہ اڏيان الا هي الا

- سُورن ريشم روح ڪيو
مون تڏيون ڪين تڏيان الا هي الا

- ”جانڻ چن“ چوي حد لاحد
اورتي ٻئي هن مون ڇڏيا الا اهي الا

## ڪافي 4

سُورُ پلي تنهنجا ساڻ هُجين
مون سان تون بہ ساڻ هجين، الا هي الا

- نہ سُور وڃن نہ تون وڃي
منهنجو پريل ڇاڻ هُجي، الا هي الا

- روئڻ تنهنجي عشق ۾
مون کي اها تان هجي، الا هي الا

- ”فاذڪروني اِذ ڪُرڪُم“
مون کي اهو ڏاڻ هُجي، الا هي الا

Gul Hayat Institute

- اندر ٻاهر تو کي ڏسان
شال پنهنجو نہ پاڻ هُجي،ا لا هي الا

- ناهي ”جانڻ“ جوڙ جُتي
مون کي اهو ڇاڻ هُجي، الا هي الا

## ڪافي ۶

-سُور پنهنجا سينو پنهنجو پاڻ ٿو پنهنجا سهان

مُڪيم ملائڪن ڏي ذري، بيزار ٿيا باغي بري
پنهنجي ڪنيم پاڻيئي پري، پنهنجو ڪيو پاڻهين لهان

بار برهه جو ڏسي، پٿر پيا آهن پُسي
طُور ڪان صحت ڪسي، اُتي "لَن ترانِي" پيو ڪهان

"الف" هئس آرام هو "ميم" ۾ آيس جهيڙو متو
جنهن سچاتو سو رتو دم بدم تنهن سان رهان

برهه جو جڏهن بار پيو قلم ڏري پوءِ ڏار ٿيو
اهڙو ورهه وار ڪيو اُتي "جان محمد" پيو ٿهان

**بيت**

### سهڻي ميهار

1

"اُتي آڏي رات جو ٿي سهڻي لنگهي سير
نہ ٿي ڏر ڏم جو توکي تڪا هڻندو تير
ڪاهيو ڪُنن ۾ پوين، سُرڪي ڪارڻ ڪير!
نانگي وچائي ٻنگ کي، پُڄندئي وڏا پير"
جن کي "جاڻ چن" اُڪير، سي تانگهي نہ ڏسن تار کي

2

"بيهودي بس ڪر تون، ڏاموهڙ ٿي ڏنگين
پُٺ وراءِ ڏس پنهنجي، رڳو دانگوڙي ٿي دنگين
هڪ ڳالهائين بي ڳڻو بيو کوڙ بيٺي ڪنگهين
ڪاهيو ڪنير ڏي وڃي، لوڙها وڃي ٿي لنگهين
ڏکي اُتي آن ڏانگ تي، تون تہ مار بيٺي ٿي منگين
ڪيان ٿي خوف خُدا جو نہ تہ سس جيڪر تون سنگين

Gul Hayat Institute

مون ڪي ميهر يار جي، ٻاڻ وڏو آ ٻنگي
”جاڻ چن“ ٽِنگي، مون ڪي وڏو سڪ ساهڻ جي

3

لپ لپ سُورن سپ ڪنهن مون وٽ هَن پليون
رمزون ميهر يار جون ڪري روٺ رليون
مارڻ خاطر منهنجي جهوئي يار جهليون
سڏڙيا لڪائن سر ڪي، مرُ هٽن گهُور گهليون
سامان لٽيائون ساهہ جو ويون ڪسي دل پليون
جاڻ چن ٻگليون، مون ڪي ٻولهڻ آئيون

4

لپ لپ سورن سيڪا، مون ڏي چڙيا هن چانگ
محبت آ مستان ڪيو مون ڪي مجني وانگ
ويهي ويم وجود ۾ برهہ ڏني آ بانگ
اُلٽي بازي عشق جي، نينهن نسورو آ نانگ
سهڻي ڪي ميهر ڪارڻ، مَڇ ڪائي ويا مانگهہ
رانجهن خاطر هير جي، تخت ڇڏيا سپ تانگهہ
مجني ڪارڻ ليلا جي، سُج ۾ ڪيا سانگهہ
مومل ڪي ماتم هيو ڏاهي جوڙايو ڏاگهہ
سسئي ڪي سور ٿيا، دل اندر ۾ داگ
”جاڻ چن“ ڪي تانگهہ، طلب ڪٽي تاراج ڪيو

Gul Hayat Institute

## ڪافي

سهڻي سمجهي وچ پار درياءَ وهي ٿو پيو تار
مُٺي! ميهر وسار دل گهر ساڻ لاءِ

سس ساتين تہ تون سات
مَ تہ ڪُچين ڪا بات
ويندس ميهر ڏي رات
مولي ميهر ملاءِ!

ساهڙ جي ٿم ساهه ڪي لوري
جي اندر ۾ آئون جنهن جي جهوري
لنگهي ويندس مون سير، پار پهچائيندو فقير
جاڻي جهوڪ ڏساءِ

حق جو بارو هادي جاڻي
حق، ناحق تون ڪين سڃاڻي
سهڻي ڏم نه ڏڪاءِ
مارِي پڇندئي خدا

دوستي ڏنار جي مئون ڇا هٿ آيئي!
جي جهنگل سان ڪيئن ڦاسايئي؟
ڇو ٿي جان جلائين؟
تڪي دوزخ جي باهه

سس بيلي ۾ آهي بازار
پاڪ پنجتن جي آ دربار
مِٺي ميهر جي گفتار
گهوريو گهر ٿو پيو ڪاءِ

ميهر سان مون نڪاح، موليٰ علي پڙهيو هم
پاڪ پنج تن ڏانهون ڏاج مليو هوم
ڏيندس ڏم تي مون ڏانهن جهلي پرائي ٿئين ٻانهن
"جانڻ چن" چوي گناهه مورئون مون تي ناهه

**بيت**

**شريعت**

شريعت مثل ڌوٻي، ڌوئي ڪري پاڪ
"لا اِلَهَ اِلا اللهُ مُحمَدٌ رَسُولُ الله"، اوَل نفي پوءِ اثبات
اول فنا پوءِ بقا، چارئي پلو پاڪ

Gul Hayat Institute

”مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو“. سامين سچي ساک
”جانڻ چن“ چوي سُتري ناهي مذاق، جو سيڪو شريعت تي اچي

## ڪافي

شريعت چيز آ اهڙي، موليٰ ساڻ ملائي
مليو جنهن سان ناهي موليٰ، شريعت تي اهو ناهي

شريعت جو پائي بُرقعو ڪري آيو اهو خرقو
سُڃاڻي يار جو سرڪو شريعت کئون جُدا ناهي

پيڙي شريعت درياءِ وحدت، سڙهه طريقت حقيقت ونجهه
معرفت محب منهنجي هنج، ظاهر باطن ٻُڌائي

نفي اثبات ٿيا نانگا، لاٿائون ساهه جا سانگا
”مُوتُو قبل“ لنگهيا لانگها، شريعت شيءِ اها آهي

”مُوتُو قَبَلِ“ جي ڪاتيءَ سان ڪُسي جلال ٿيا هاتڪ
مُئو جو موت پوئين سان، مري مُردار ٿيو آهي

اُهي ٿيندا اُتي ظاهر، جيڪي هن نفس سان ماهر
اندر ڪارو نڱي ٻاهر، شريعت کي لقب لائي

شريعت آ اُها هستي، جنهن ۾ الله جي مستي
مهانگي آ ناهي سستي، ”جانڻ چن“ ڪن جو ڪم آهي

Gul Hayat Institute

## سرائڪي ڪافي

### شعر

ذاتي صفاتي هي شعر اسان ڏا، قلبي ذڪر ڪميندي هُون
”ونحن اقرب“ وبجها ٿيوسي، روحي رمز رليندي هُون

محبت مست و مست بنايا، دوُنهان درد ڏکيندي هُون
تن وچ تاران ڪرن پچاران، وحدت نال وڃيندي هُون

ڇاتي دي وچ جهاتي پاڪي، سجدا سيس نويندي هُون
من محراب ٽيو سين مسجد، هُو هُو دم هليندي هُون

جوئي مرڻا سو ئي مرسي، اسان ڪونہ قبر وچ آندي هُون
”قالُو ابليٰ“ جو قول ڪيتوسين، ناتا نينهن نبهيندي هُون

ڄاڻڻ والي انهي راز ڪون ڄاتا، لوڪان ڏي نہ واجهيندي هُون
ڦٽ ڦڪڙي هي ڏاج اسان ڏا، عام لاءِ ڪفر ڪميندي هُون

جنهن وقت اسان ڏا شعر شروع هي، مُلڪ فناٗ وچ رهندي هُون
دو جڳ ياد نہ ”جانڻ چن“ ڪون، سارا وجود وڃيندي هُون

## ڪافي

### شهباز قلندر رحہ

۔ سيوهڻ جا شهباز قلندر توکي ملي سنڌ ساري

”سيوو“ مان تو سيوهڻ تاهيو
تيلي منجهائون تنب بنايو
سيوءَ سيوا مئون فيض آ پايو
تو تنهنجي ڪئي اظهاري

واهہ واهہ سيوو واهہ واهہ سيوهڻ
واهہ واهہ! تون آن مست قلندر
سيوو ڪي ڏنا ڏاج تو ڏيوڻ
روزان روز بهاري

سيوو اهڙو قدم وڌايو
ٻي ڪنهن اتي پير نہ پايو
تو پاڻ سيوهڻ جو آ سڏايو
سيوهڻ جو ڀاڳ باري

Gul Hayat Institute

سنڌ تي تنهنجي تون ٽئين سيوهڻ جو
سيڪو چوي تو آهي، سيوهڻ جو
سيوهڻ کي هاڻي خوف نہ ڪنهن جو
سيوو جي آ ساري

"جاڻ چن" چوي جهان جي مالڪ
تنهنجو شان وڏايو خالق
"احمد" "محمد" " علي" "مهدي"
تو سان ڪئي آ ستاري

## سرائڪي ڏوهيڙا

### شهر شاهاڻي

شهر شاهاڻي ڪعبي جاتم، دوُنهين دلبر دي تي حج اي
"شاهپور" سمجهو "بيت المقدس"، ظاهر پيالا مچ اي
"جاڻ چن" ڪر مُرشد ڪون سجدا، ميڏي "مهدي" پلينداَ لج اي

بخت بلند شاهاڻيان دا جت آپ خدا دي جهوڪ اي
ڪري ريس جو هيس شاهاڻيان نال، اُهو سمجهو ڪملا لوڪ اي
محبوب ميڏي جٿ پير هي پاتا، سبز ٿيا سپ سوڪ اي
"جاڻ چن" ڪون جام پلايا مُرشد مهدي، عشق دا پر پر موڪ اي

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### شير علي جهانيان رحہ

"شير علي" شهنشاه پڳدار آيو
پلا پاڳ منهنجا سردار آيو

- مخدوم مطلوب ساري دنيا جو
جهانيان جهان جو آڌار آيو

- شريعت، طريقت، حقيقت جو مالڪ،
معرفت جو مقصد اچي يار پايو

- "احد" "احمد" اهوئي آ "محمد"
برهہ آهي بيحد ساڳوئي سمايو

- هر شيءِ اتي آ پنج تن، ڪاڏي ويو؟
"پنج تن" جهانيان جو القاب پايو

- ڏسو ساڳيون وصفون وڏائي نہ آهي
محبت جو مرڪز ڏينهون ڏينهن سوايو

- لا مذهب صوفي مذهب نہ آهي
ظاهر ذهد تسبيح کي ترڪ ڪرايو

- رمزون روحاني وڃن عرش معليٰ
لڪيل ڪم دما دم "هُو" جو هُل هلايو

- "جانڻ چن" سگن سگ اڃا بہ تهان سگ
ڪري قرب "مهدي" انهيءَ رستي لايو

**بيت**

**شينهن شوق ۾ شڪار**

1

ڪيهر جاڳيو ڪهڙ ۾، شوق منجهئون شير
مرون مهاڙي مئون پڳا، پٽ نہ لڳن پير
مورا سيئي مرض جا، فنا ڪيائين قير
راڪس رڃ هليا ويا، ڪپي چڏيائين ڪير
لڪ لٿو لهڙو ويو، پولن پڳو پير
گدڙ اوناءِ گم ٿي، ٻريا شمع چُڳير
جڏهن واندو ٿيس وجود ڪئون، گهري ڏنم گهير

Gul Hayat Institute

”وَنَحن اَقَرب اَلَيہ مَن اَلحَبل اَلوَرِيد“، جنهن جو آهي شعر
”جانڻ چن“ چوي ٻيو ڪير، وچي اُهو ڏنم اُتهين

2

ٻوڙو خالي ڪونہ ڪو سڀ ۾ آهي شينهن
موڳن پنهنجي مروڻءَ جي، رات وڃايو ڏينهن
پيتي ٻوڙ پُلائو تي، لايو وتن لِيءَ
ڦڪوڙائي پري رهيا، غافل سکٽي گيهہ
سامين سهائي سر ڪي، نالو ڳڏو نينهن
آڏوتن اُتاريو تہ نهي اُتيو تينهن
وڏئين هٿ هيبت وئي، محبت اُتو مينهن
”جانڻ چن“ ڪي شينهن، ڪائي ٻلي خوش ٿئي

3

لونبڙ جي لت ڪئون، شينهن ٻلي ڪائي!
شينهن جي شڪار ڪي، جوکو ئي ناهي
شينهن شڪاري شائق جو ڳوپن تي ڪاهي
لونبڙ پُٺي لالچين جي، پُورو پُلائي
شينهن پنهنجي شڪار ڪي، مولي ملائي
لونبڙ لامارو ڏيئي، گپ ۾ گڇائي
”جانڻ چن“ آهي، قُوت ڪيهر شينهن جو

4

شينهن ساٿي شائق جو اتي شائق پائي ٿو پير
ٻئي مليا پاڻ ۾، ٻيو ڪاهي اڃي ڪير
لڳي جنگ ڄُلو تي، بگل وڳو پير
گرگ، گدڙ ٻولڙا، شڪ ڪڍيا سڀ شير
لونبڙ لنب هليو ويو وڃئون ويو وير
شينهن شائق هڪ ٿيا، ڪونہ رهيو ٻيو ڪير

Gul Hayat Institute

اونهي هن اسرار جو صوفيءَ ڪيو سير
نڪي مومن، نڪي ڪافر، نڪي آهي جهيڙ
نڪي شيعا نڪي سُني، نڪي آهي مير
"والله بِڪُلِ شيءِ محُيط"، ڪُل ۾ فرق نڪي آهي ڦير
"جانڻ چن" چوي چٹوڦير، مون هادي ڏٺو هڪڙو

5

شينهن چڙهائي سرڪش تي، جو پاڻ ٻہ آ اڙٻنگ
اڻ ڍنگن کي ڍنگ وجهي، وجهي واڍوڙين کي ونگ
چوري ويتا چت ۾، چوري، چاڙهي چنگ
حد، لاحد لنگهي ويا، دوئيءَ وارو دنگ
"جانڻ چن" چوي رنگ، لاتن عشق الله جي

## ڪافي

شينهن شوريل شوق جو هت عشق تي آيو آهيان!

پهريون جلايم پاڻ کي راض ۾ راضي رهي
قائم تيس ڪُل ۾، سڀ ۾ سمايو آهيان

صورت جي سامان سان، جسم ۽ جان سان
پمبڻين جي پيڪان ٽسان، قتل ڪمايو آهيان!

جنهن کي هٽا اک جي اٿي، پٽر دليون ڪيان پٽي
گهرج اتم اها گهٽي، برهہ بُڪايو آهيان

لشڪر منهنجو تو لڙي، فائرنگ ڪري نہ ڪٽي
ڏاڙا دلين جا هٽي، ڪونڌ ڪُهايو آهيان

مون کي عام تا "آدم" چون، "ٻانهو" ۽ "خادم" چون
"جانڻ چن" جي مظهر سُرت موٌن سايو آهيان

## بيت

### صلوات ۽ زڪوات

"وَاَقِيمو الصلَواتُ وَاَتُو الزَاڪواتُ"، آهن نمازي نانگا
سجدو صورت کي ڪيائون، نفي ٿيا نانگا
سامين زڪوات سر جي، لاٿا سڀ سانگا
جي مال ڏنو تن کي موٽي مال مليو اهي لنگهيا نہ لانگها
جن سر ڏنو تن سر ورتو اُهي چڙهي ويا چانگا
مليا وڃي محبوب سان، اُهي برهہ جا بانگا
سامين اُتي سڏ ڪيا، پر ڪين آيا ڪانگا
"جاڻ چن" وانگا، ڪي ڪي آيا ڪاپڙي

## ڪافيون

### صورت

### ڪافي 1

رستو صورت جو ڏاڍو سچو ٿي،
ٻيا سڀ چارا ڀنڊ ڪچو ٿي

مستقيم رستي محب سان ملندين،
چاري ڪچي سان روهہ ۾ رُلندين،
مذهب وارو ڏاڍو ڏچو ٿي!

"اَلانسانُ" ڪولي ٻڌايائين
"وَنَحن اَقرب" چئو چيائين
واٽ انهي سان رنگ رچيو ٿي!

مسجد مندر تون تو ناهين
اها مخلوق تون خالق آهين
"وَفِي اَنفُسَڪُم" تو ۾ ڪنو ٿي

Gul Hayat Institute

اول، آخر، ظاهر، باطن
جوئي باطن، سوئي ظاهر
رُل نہ اجايو ظاهر چٺو تي

"جاڻ چن" جي مندر ماهي
پاڻ ويٺو تو ڏي اوگاهي
روحي قلبي مچڙو مچيو تي!

### ڪافي 2

ڪُجھ نہ ڪتيم ڪين ڪمايم
باقي صورت اٿم ساڻ

"نقشبندي" نقاشي آهيان
چِشت پچايم "چِشتي" آهيان
ڪم آ قادر "قادري" آهيان
ٻيو نہ ڄاڻان ڄاڻ

سُرخ پوش "سُهروردي" آهيان
"الحيدري" جو هُل تو هُلايان
ٻيو نڪي آهي، ٻيو نڪي ڄاڻان
تنهن سان پريل اٿم ماڻ

پنجن طريقن ۾ آهيان پُختو
هڪڙو آهي اهوئي نقطو
مهانگو وهايم ناهي سستو
ڪيڏان چو ڪنهن جي ڪاڻ!

اڻ ڏٺي ڏيھ تي آهي وچٿو
ڪم انهيءَ لاءِ آهي ڪرٽو
دم صورت سان آهي پرٽو
چٽن نہ ڄاتو ڄاڻ

"مهدي امام" الف پڙهايم
جانڻ چن چوي چِت سان لائيم
"مان" ۽ "مون" جو ورق ورق وڃايم
پوءِ تي روح رهاڻ

**بيت**

## صوفي

1

"صوفي" آهي "سچ" لکن ۾ ليي ڪونہ ڪروڙن ڪو
"مُوتُو قَبلَ اَنتَ مُوتُو"، جوڳي جو تيو
"جانڻ چن" چوي سچو صوفي سو، مرڻا اڳي جو مُئو

2

"صوفي" ڪوڻائين تہ صفا تي، نہ تہ ميان! ڪر تون معاف
صوفين صحن صفا ڪيا، سامين صافا صاف
تون رکيو گند گهر ۾ لمبي هٽي تو لاف
دُوئي جي دل ۾ پالين وينو تو پوراف
"لَعنَتُ الله عَلِي الكاذِبِين"، اهو ڪُوڙن تي آ قاف
"جانڻ چن" نٿو چوي، چيو موليٰ منجهه مصحف
هر ڪو ڄاڻي آپ، تون ڪک نہ رکجا گندہ ۾

3

سڏاءِ "صوفي" مذهب رکي من، اُهو ڪاذب آ ڪُوفي
چمچي بازي چِت ۾ لُڳڙ آ لُوسي
"جانڻ چن" چوي لامذهب صُوفي، ڪروڙن ۾ ڪو ليي

4

هڪڙا سچا صُوفي، پيا ڦُوسي، تيئان آهن ٺُوشي
آئون انهن منجهه آهيان، پنگياٽي بونسي
"جانڻ چن" پنهنجي جيءَ ۾، وڃي تيو آ جاسُوسي
ڪُوءِ جيڪا خاصي، سان مون ڪي منجهان معلوم تي

Gul Hayat Institute

## ڪافي

صوفي صادق قرآن جا آهيون،
تڏهن عرش معليٰ تي ويا هيون

جڏهن ”ونحن“ واعدو ٻڌوسين
گهڙي غار انهيءَ ۾ وياسين
وچي پنهنجو يار لڌوسين
چڙهي اخفا اخفي وياهيون

اعتبار اسان کي اُڏاريو
اهو مخفي سير ڪرايو
ويساهہ جنين کي نہ آيو
تا تن لاءِ ڪُفر ڪمايون

اڇي عشق ڪئي اظهاري
اها جانب جُوءِ ڏيکاري
ٿيو سجهندو وئي انڌاري
هاٿي کهڙا لڪڙا لڪايون!

مون کي ”مهدي“ سُرڪي پياري
مُئي دل مرشد جياري
ڪئي ”جانڻ چن“ تياري
گهر گهوٽ جو قدم ٽا پائيون!

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### طوطو

### ڪافي ١

طوطو هٿن مون ويو هليو دل جي ڦاسايو هئم دام ۾
هجر مون.سان هيئن ڪيو دل اچي وئي قيام ۾

پرت جي پڃري ۾ ويھي، ٻوليون ٻوليائين تي مٺيون
ٻول ٻهڳڻ جا ٻُڌي، دلڙي هئي آرام ۾

ڪل ڦهر جي ڪانھ پئي، مون ڪان مٺو ويندو هليو
ڪري قدمن تي پوان هان، گڏ هجان ها گام ۾

پرين پکي پرديس ويو يا الاهي! امن ڏي،
بَرن مٿون باري بچائج، آ سيد! تنهنجي سام ۾

"لاتَقَنطُو" جو آسرو پروسو بالا مون کي
جلدي "جاڻ چن" سان، مولي! ملائي هڪ جهام ۾

### ڪافي 2

گڏ گوڏي ويهي ٻول طوطا، ساھ ٿئي منهنجو سُڌير
دنيا ساري ليون ٻوڙا، ثابت تو سان منهنجو سير

ياد ڪريءِ هن ڏينهن کي، هُئين گڏ ڪشتيءَ ۾ ڪٿو
فائرنگ تو ڪئي پار پهچايا تو تير

پيار تنهنجي کي مون پاليو خون جگر جو ڏيئي
چاڪ ٿا چُڪن اُهي، وهن نيڻن مون ٿا نير

"فَاِذڪُرونُي" فرض منهنجو آهي سدائين دم بہ دم
واند ناهي ڪا وٽي، ضايع ناهي منهنجو ضمير

قيد ڪاٽيم ڪيترا، قيد ڪرڙو آ تنهنجو بي
"جاڻ چن" چوي آهيان، عشق تنهنجي جو اسير

Gul Hayat Institute

## بيت

### ظاهر ذڪر ۽ ذهد

1

ڏاڍيان ذڪر ذات جو هُل نہ ڪر هاڀا
مچائڻ ماڻهن لاءِ، تاهہ نہ تون ڳاٻا
اِئين اور عجيب سان، ٻُڌنئي نہ ٻاپا
ظاهر ڳڌُر غفلت جو اندر اوجاڳا
ٻُڌين ٻوڙا ڪينڪي، واحد جا واڳا
”وَفِي اَنفُسَڪُم“ وعدا، سچاڻج ساڳا
”جانڻ چن“ چوي جهاڳا، اسين آهيون انهي جوءِ جا

2

ڏاڍيان سڏين سهڪين چو تو مُلان! الله ناهي ٻوڙو
هُو تہ سُنب سُٽي ڪيولين جا، جيئن ڀنر ۾ گهوڙو
تون ڏاڍيان تو ڏاڪڙ ڪرين، جيئن جنب تي آهوڙو
ڳجهو ڳول عجيب ڪي، ڪونهي وڇوڙو
”والله بِڪُل شيءِ مُحِيط“، ساهہ ڪئون وڌ سوڙو
”جانڻ چن“ چوي لوڙهو لنگهي لاهُوتي ويا

3

هلاءِ ڪين هٿن ڪي، نڪي چورج چپ
زبان ذاتي نہ چُريئي، ماري ويهج مپ
پنڌ نہ ڪر پيرن سان، تي نہ اجايو هڇ
سُرڪيو وڃ سپ جيئان، اندرئون اندر پڇ
”ڪراماً ڪاتبين“ بہ سوچي نہ سگهن سچ
واچي سگهن ڪينڪي، اتس ڳجها موتي ڳچ!
ديهي ۾ ديدار ڪيو اخفا اخفي اچ
مڙوئي مُلڪ آ تنهنجو هُت ڦُتي هِت مچ
”جانڻ چن“ چوي رچ، ريڌو انهيءَ رمز سان

Gul Hayat Institute

4

ظاهر پنڌ پرينءَ ڏي، ڪڻ نہ هڪڙي گام
اونهو هل عجيب ڏي، ظاهر تي نہ زبان
ڪاهوڙي تي خام، جو ماري ڇڏ مروان
پوءِ "جاڻڻ چن" جوان، سڏجين ساميڻن ۾

## ڪافي

ڪم اُهو تون ڪار ڪر، تو ڪي نہ ڪو ڪوئي ڏسي
وچ لڪي هن لوڪ ڪان، ڏسڻ وارو تو ڏسي

ذهد ظاهر ڪي ڇڏي، پيهي وچ تو پاڻ ۾
"وَنحَن اَقَرب" وينو اتئي، پاڻ مئون پرين پسين

ذهد ظاهر تو ڪرين، "ماڻهو پلي مون ڪي مڃن"
"نيڪ بخت نروار ٿيان!"، من ميجوتي لاءِ مُسين

زاهدا! ضايع عمر، ناحق تو برباد ڪئي
"الف" واري اوڙ ڪئون لالچي غافل گُسين

"جاڻڻ چن" چوي وچ هلي، عاشقن جي در گلي
ٿيندين ولايت جو ولي، "مُوتُو قَبَل" سان ڪُسي

## بيت

### عاشق

1

جيڪي گھرن الله، تن ڪي اُج نہ بُکَ
نڪي سي سياري، نڪي سانوڻ لُکَ
دوئي وڃي دوُر ڪيائون، رندو ڇاڙهيئون رُڳَ
ٻولي ٻولن ٻي نڪا، هيڪڙائي ۾ هڪ
"جاڻڻ چن" چوي پڪ، گاروڙي گم ٿيا

Gul Hayat Institute

2

جيئن سارن تئين سڪن، سڪ نہ ڏي سنڌو
جيئن ٿين فنا تئين ٿين بقا، جيئن ٿين ميرا تيئن مزو
سامين انهيءَ سُرت مئون، لوچي لعل لڌو
”جانڻ چن“ ٻڌو ”قالُو ابليٰ“ جي قول سان

3

عشق جي آڙاهہ ۾، پچي ٿيا لعل
مخفي سڀ معلوم ٿين، حقيقت جو حال
سڌڙين ڪي سڌون ڪندي، گذري ويئڙن سال
وينا آهن واٽ تي، ڪنيو ڪات ڪلال
اچي ڪو اڏيءَ تي، هڪدم ٿئي حلال
سر ڏيو سر وٺي، وحدتي وصال
وهائڻ وارا ويسلا، مٺين پيو آ مال
پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو، ڪونهي تن ڪال
”جانڻ چن“ نهال، نانگا پنهنجي نينهن سان

4

نڪي ويا مسجد ڏي، نڪي ويا مندر
سامين ويهي سڪ سان، اوريو عشق اندر
آڏوُتي ايندا ڏسي، دلبر ڪوليو در
”جانڻ چن“ هن پر، گُرَ سان مليا ڪاپڙي

5

”ڪثيماً جثيماً نَسيماً“، ڏٺو جن ڏوري
باڪا ويا باهرن ۾، سمرٽيون سوري
ڏنائون سر اڏيءَ تي، ڪُلهن ڪئون ڪوري
”چوي چن“ جانڻ تر توري، نو ڪنڊ ناٿ لنگهي ويا

Gul Hayat Institute

6

پيري بُزرگي پوئتي، رهجي رڻ ويا
غوثي، قُطبي اورتي، عاشق اڳتي ويا
لکن ڪوهن پنڌ ڪي، تن هڪڙو قدم ڪيا
سڄاتائون صورت ڪي لهي لِڪ پيا
لت ڏيئي نفس جي نڙِي تي، لاحد ڪئون لنگهيا
”جانڻ چن“ چوي ڪيا، تن منڊل نيئي محبوبن سان

7

عاشق ويا اوڏانهين، جتي ڪجھ نہ ڪاٻارو
نڪي عرش زمين اُتي، نڪي آ تارو
نڪي سج چنڊ اُتي، نڪي اُونداهہ انڌارو
نڪي مَلڪ فَلڪ اُتي نڪي آ چارو
نڪي سمنڊ درياءَ اُتي، بيٺ نڪي ٻارو
نڪي بهشت دوزخ اُتي، پئو نہ پُلڪارو
نڪي روزو نماز اُتي، نڪي نفل دوبارو
نڪي ڏوهہ ثواب اُتي، نڪي قانون ئي ڪارو
اتي آديسين وڃي، نينهن هنيو نعرو
”جانڻ چن“ چوي اُتي وڃي، ڪيو نانگن نظارو
”هي“ ”هُو“ هڪ ٿيو لٿو مونجهارو
برهہ سندو ٻارو، سامين ڪنيو سر تي

8

عاشق ويا اوڏنهين، جت ناهي هُل حُجاج
نڪي پيرين پنڌ ڪيائون، نڪي چڙهيا منجھ جَهاج
سامين ويهي سُڄ ۾، ڪاملن ڪيو ڪاج
سوُجهي سُڄَ سِڏا ٿيا ڏاتر ڏنن ڏاج
سُڃاتائون صورت ڪي، ڪن موُنن ۾ معراج

Gul Hayat Institute

”فَاَذْڪُرُونِي اذڪُرڪُمْ“. اهو تين علاج
”جانڻ چن“ ڪي ”مهدي“ جي، طلب ڪيو تاراج
جڏهن مرشد ڪيم پاڄهہ تہ منجهان ئي معلوم ٿيو

## ڪافي

اغوا الله مئون عاشق جاڻن، جت ڦت جي هت جاءِ ناهي

بارُوُد برهہ جو نفي نياري،
نانهہ ۽ ناسُوت ۾ ثابت سواري
ڪر ڪوٽِ جي بات ناهي

”لا اِلہ“ ڪان لنگهي آڳاهون
”اِلاالله“ ڏي ڪيون سين ڪاهون
دم اسم سان جار آهي

عشق، وڏائيءَ جي لڳي وئي لڙائي
”دڪا دڪا“ صفن صفائي
جيڪو جنگ ڪٽي سو جوان آهي

معشوق هليو پويون لڳاسين
دم دم رف رف رَليا وياسين
اُتي ”مهدي“ ٿيو مهندار آهي
لامڪان تي جڏهن پهتاسين
”محمدﷺ“ سو الله ڏٺوسين
”چن جانڻ“ ٿيو معراج آهي

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### عاشق ۽ معشوق

### ڪافي 1

عاشق ساجد آهي اصل، معشوق سجدو نہ ڪندو
اهو عشق جو دستورُ آ، ڏسو مجنيَ ليلا جو ڏنڊو

هڻ ٿُبي تون پاڻ ۾، "ونحن" واري وڻاڻ ۾
ڏاتر ملندئي ڏاڻ ۾، تو منجھ آهي خداوندو

هن برھ اُونهيءَ بحر ڪي، ڪن ڪروڙن ۾ لڌو
عام ڪي مذهب پڌو، مذهب ڪيو اونڌو انڌو

مسجد ۽ مندر رُلين، ناحق تون ٻي در ڀُلين
برباد ٿي ويجي ٻرَ ڇُلين، هاڻي ڏس کُهيلَ پنهنجو ڪندو

عالم عاشق عشق جا، معرفت ماڻن مزو
ويجي عارفن ڏنو اُتي، معشوق جو عاشق بندو

هي "جاڻ چن" اثبات ڪئي، ڏسي لاهوتيءَ لات ڪئي
پنهنجي اندر ۾ جهات ڪئي، "وَفِي اَنفُسِڪُم" ناهي سنڌو

### ڪافي 2

"الله" عاشق، معشوق "محمد"، محتاج ڪير آ؟
معشوق پنهنجيءَ مرضيءَ وارو عاشق زير آ

- الله آهي ميزبان، محمد مهمان ٿيو
خدمت ڪري پيو ميزبان، ڏسيو خادم ڪير آ؟

- جُتيءَ محمد جي عزت بخشي عرش ڪي
انتظار آهي الله ڪي، بيٺو اُيي پير آ

- "ا ل م ذالِڪَ الڪِتابُ" آ
"لاريب فِيہ" آهي خيال منهنجو نہ مثقال غير آ

Gul Hayat Institute

گڏجي ملائڪن سان دُرُود پڙهي تو ڏٺي الله
الله "عابد" معبود "محمد"، سچو هي شعر آ
مُنڪر منُافق تا چون، "پير ويندا هئس سڄي"
ڪاذب ظالم هن اُهي، وڏو ولهن وير آ
۔ آهيان مون اُمي ويهي سُمهي آيس گُهمي عرش ڪي
اڪين ڏٺيون ڳالهيون مٺيون، قريل لاءِ "قير" آ
۔ هيٺ مٿي چئو طرف "جانڻ چن" آ ڏٺو
سڀ ڪجهہ سهي تو معشوق لاءِ الله ڍير آ

**بيت**

### عالم

1

عالم چئجي اُن ڪي، جيڪو علمئون ڪڍي عرق
عملِ ڪري عرق تي، پيا ويڙهي رکي ورق
دنيا ۽ عقبي جو دل مئون ڪڍي درڪ
"طالب المولیٰ مُذڪر"، غازي ٿئي غرق
مذهب ڪڍي من سان، هر جاءِ ڏسي حق
"جانڻ چن" چوي پڪ، پوءِ عالم چئجي اُن ڪي

2

عالم نہ چئبو اُن ڪي، جيڪو رُڳا پڙهي اکر
ڪوڙيون قرآنن جون، جي هجن پُٺي مٿان ڪر
گڏهہ گابو نہ ٿئي، ڪر اهوئي ڪر
گڏهہ مٿ گهوڙي تان، تب ٿئي خچر
سمنڊ جو ساموندي نہ ٿئي، ڪڏهن نہ پاءِ پر
"جانڻ چن" چوي اڪر، اهي واڳو ٿيندا ويڙهہ ۾

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### عبرت ۽ حيرت

### ڪافي 1

عرش چڙي ڪيئن فرش تي آئين
ڪهڙي هي توکي ڪاڻ، وو يار؟

اصلئون هُئين تون لامڪاني
مڪان ناهي تيئين مڪاني
عرش ۽ ڪُرسي چڙيئي آشيانو-
اصل وارو وٽاڻ، وو يار

مٽي سان اچي پاڻ ملايئي
"اَسَجدُو الآدم" ويهي ٻُڌايئي
مذهب ڪي اهو ويساهه ناهي-
رندن جاتو جاڻ، وو يار

احد تون آن احمد تون آن
محمد تون آن مهدي تون آن
"عَلِيِ اَلعَظِيم " الله بہ تون آن-
پرين ڏني تو پچاڻ، وو يار

شريعت طريقت حقيقت معرفت
اول آخر باطن ظاهر زيارت
عشق اڏي اچي اها امارت-
ڪيئي پوءِ روح رهاڻ، وو يار

پاڻ ۾ جهاتي جڏهن پاتم
"وَفِي اَنفُسَڪُمُ" صاف سُڃاتم
"جاڻ چن" تي ناتو لاتم-
پنهنجو پاڻ سان ساڻ، وو يار

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

عبرت ۾ تيون راتيون گذرن، حيرت ۾ سڄا ڏينهن
سائين منهنجا آيو آن هتڙي ڪيئن؟

آدم اولو خاڪي چولو
بيک بنائيي، بشري پولو
رمز انهيءَ ۾، تيس مون ڳولو
توکي لڌو تم هيئن
حيرت ۾ سڄا ڏينهن

پڪ مئون تنهنجو پير ڪنيوسين
"وَنَحن اَقرَب" رند لڌوسين
غار انهيءَ منجهه گهڙي وياسين
شوق ڏيکاريو شينهن
حيرت ۾ سڄا ڏينهن

دم دم سان قدم هلايم
لاحد ڪان وچي اڳتي وڌايم
اخفا اخفي جايون اڏايم
محبت وسايم مينهن
حيرت ۾ سڄا ڏينهن

ماءُ نہ پي نہ سس نہ سهرو
بنا دولت مال جي ڳورو
سوا سڳڻ جي عشق آ نهرو
نواءِ آنديئين هت نينهن
حيرت ۾ سڄا ڏينهن

"جاڻ" ناهيان "چن" بہ ناهيان
"آدم" ناهيان "الله" بہ ناهيان
ڪير تو بوليان، ڪير تو ٻڌايان
اهو آهيان مون نينهن
حيرت ۾ سڄا ڏينهن

Gul Hayat Institute

## بيت

### عدالت

اَمامت وئي عدالت ۾ انهن ججن کي آ جس
ڪسوٽي هنيائون ڪُوڙن کي، مُلا، قاضي ڪس
"جاڻ چن" چوي ججن کي ڏوُرئون پيو ڏس، وسَ کي ويجها ٿيا

## سرائڪي ڏوهيڙو

### عربي

اول عربي آخر عربي، ظاهر باطن عربي
عرش تي عربي فرش تي عربي، دوجڳ دي وچ عربي
لوح وچ عربي قلم وچ عربي، ڪُرسي دي وچ عربي
شمس وچ عربي قمر وچ عربي وچ ستاران عربي
جن ملائڪ حُوران پريان، آدم دي وچ عربي
مسجد، مندر دير دئاُرا، بندرابن وچ عربي
لڇمڻ، رام، بيد، بياس، گنگا جمنا عربي
شجر وچ عربي حجر وچ عربي، بر بحر وچ عربي
چوڏانهن طبق يار دي ٿاٽي، عرب عجم وچ عربي
جنهن ڪون پڪڙي جنهن ڪون ڇوڙي مرضي والاعربي
نور حضوردا سڀ وچ آيا، سڀ چوڙيسين عربي
"جاڻ چن" ڪون ورد هميشہ اندر ٻاهر عربي

## بيت

اديون عربي ڏول جي، جڏهن آيس عشق اري
"احد" "احمد" هڪڙو ڏٺم گامُ پري
هي مُلان مذهب وارا ٿا چون، "تون ڪافر آن، ويندي دوزخ جي تريٖ"
الله ڪري تہ عشق جي پئي، مون وٽ ٻاهہ ٻري

اهو ڪُورو ڪامي ڪينڪي، شل قيامت تائين نہ ترءِ
پوءِ دوزخ ويهي درد مان، ڪندس آهہ پرءِ
باهہ منجهان بهشت ٿئي وري دوزخ ڪين ٻرءِ
”جانڻ چن“ تنهن ڪري، دوزخ نيندا ئي ڪينڪي

## ڪافي

فرقان آ اُنهيءَ جو جنهن کي زبان آهي
فرقان ناهي تنهن جو جنهن کي زبان ناهي

”سميعُ بصير“ آهي، ڪن ءِ اکيون ٿيون ثابت
ڪُليل هٿ جنهن جا، فرقان تنهن جو شاهد
الله آهي ”عربي“ مذهبن ڇڏيو ڀُلائي

اول آخر، آهي باطن، آيو ٿي ظاهر
عاشق سڄڻ جي سيني، ڏُرئون آيا ٿي ماهر
هر شيءِ ڪيو آ سجدو اجان پيو ڪو آهي؟

”جابر“ جا پُٽ جيئاريائين، مُردا مُثل اٺاريائين
عالم کي الاهيت، قدرت پنهنجي ڏيکاريائين
آڱر جي اشاري ٿو چنڊ کي لهائي

مُنڪرن تڏهن ٻہ نہ مڃيو چون پيا ”جادُوگر“
اڄ تائين ٻچ انهن جو الاهيت ڪٿون آهي نابر
تڏهن پُڇا آهي اڳيان ”تنهنجو رب ڪير آهي؟“

جنهن کي زبان ناهي، اهو ڪيئن ڳالهائي؟
ٿيهئي سيپارا شاهد عربي جي ٻولي آهي
پندرهين ۾ پڙائي ٿو ”جانڻ چن“ ٻُڌائي

بيت

## عزازيل

1

استاد عاشقن جو عاشق عزازيل
لعنت ڪٺي لعل ٿيو ڪيائين تلقين
"جانڻ چن" چوي اصيل، ڪنيو بار برهہ جو

2

عزازيل جي ايئن نہ ڪري، تہ ڦورجي ڪيئن ڦورو
اثبات ڪيائين الله کي، ڪٺي ٻُلڪارئون ٻورو
عزازيل عالم تي، ڪيو آ ٿورو
"جانڻ چن" چوي جورو ڏسندو ڏينهن قيامت جي

3

عزازيل عالم کي چيو "منهنجي ٿيو اُبتڙ"
"سڏو پنڌ صورت جو ٿيو سڄڻ کي سبُتڙ"
عاشقن کي اعتبار ٿيو ويا نہ تنهن جي تڙ
پيهي ويا پاڻ ۾، ڳُجهو پنڌ ڳُجهڙ
"جانڻ چن" چوي، جيڪا هُئي "مهدي" ۾ مڻ۔
ساتہ مون کي عزازيل آگاهہ ڪئي

ڪافي

Gul Hayat Institute

عزازيل جي سياڻپ، سمجهي ويس مون ساري
اهڙو نہ ڪنهن ٻي ڪنيو برهہ جو بار باري

لعنت جو طوق پائي، ويو پاڻ کي اگهائي
لغلن جو لعل آهي، بقا ٿيو بهاري

پاڻ کي ڪس لائي، ٻين کي سمجهائي
اهڙو تہ پلو آهي، جو سڀ سان ڪيئن ستاري

ٻڌي ڦتڪاريون پاڳون، ڪٽي ويو هي آڳون
پوءِ الله ڏنس واڳون، تہ قادر تي پيو ڦهاري

”جانڻ چن“ چوي ڳُڻ ڳائيان، ٿورو ڪين لاهيان
جيڪا هُئي مڻ ”مهدي“ ۾، سا مون کي عزازيل ڏيکاري

## نظم

### عشق

1

عاشق جو معشوق تي عاشق ٿيو سو ڇا ڏنائين؟ ڇا جي ڪري؟
انجيل ۽ فرقان ڇو پيدا ڪيائين، ڇا جي ڪري؟

عشق عاشق جي اندر ۾ وينو اچي تي بي ريا
محبت ڏنائين معشوق تي، عاشق ٿيو تنهنجي ڪري

انجيل ۽ فرقان ۾ سهڻي صنم جي ڪيئين ثنا
توريت ۽ زبور بہ پيدا ڪيئين تنهنجي ڪري

ڪنهن جي خبر ڪنهن کي نہ هئي، اچي عشق ظاهر ڪيو الله
بيبي حُوا آدم پوءِ پيدا ڪيئين تنهنجي ڪري

عشق جو ٿورو دوجگ تي، ”چن جاڻن“ ٿو چوان
بئي جهان پيدا ڪيائين پوءِ عشق جي اچڻ ڪري

2

دلُربا محبوب منهنجو سنگدل ٿي ويو آهي جُدا
سڪ منجهئون سڏڙا ڪري ٿي، جان منهنجي وئي فدا

محبوب جي بي غرض آ، تون تہ منهنجو آن خدا
ميڻ دل ڪر دلربا جي، هي منهنجي آ صدا

طلب ۾ بيتاب دل آ، طلب ۾ آهي تباهہ
مون عاشق آهيان، معشوق تنهنجي تي هُدا

Gul Hayat Institute

ٻيا ٿا ڪن ڪعبي کي سجدو مون رخ يار جي ڪيو ادا
ٻيا پڙهن ظاهر نمازون، اسين قلب ۾ ناهيون قضا

ذاتي صفاتي پاڻي جهاتي، لعل هن رندن لڌا
اُڻ تُڻ اهائي راتيان ڏينهان، چنگ تن چوري ٻڌا

عشق بخشي ڏي خدايا، ڇا ڪندس مون ٻيا ڏنڌا
”چن جانڻ“ آهي سوالي، دائما تو در گدا

3

يا خدا تون عشق پنهنجي ۾ مون کي پرپوُر ڪر
خيال تي هڪ حال سان، روشن قلب کي نُور ڪر

مون هجان مجنون مثل، توتي خدا تنهنجو بندو
عرض منهنجو هي ٻُڌي، درگاهہ ۾ منظور ڪر

انهيءَ بهشت ڏي مون کي نہ نيئن، جاتي نہ تنهنجو ڪو ضرور
دوزخ پلو مون ڪاڻ اهو جاتي سيئي ڏک دوُر ڪر

رحم جي مون تي نظر صدقي پنهنجي حُضُور ڪر
چن جانڻ سان اهڙو سرڪار ڪو دستُور ڪر

## بيت

Gul Hayat Institute

1

عشق هجين آباد، ڪري مون ڏي آئين ور
قُربدار قرب ڪيئي، ساڳو سجائي گهر
اڳي بہ اڱڻ اسان جي آئين، هُئين بابا سائين جي سِر
هاڻي بہ پارت اٿئي، پوين تائين پر
رهہ اسان وٽ راتيون، هي ُياڻ نہ خالي ڪر
”جانڻ چن“ تو در، تو گهريون غلاميون ڏئي

2

عشق هجين آباد، سدائين سائو
اندر ڇرين عاشقن، تون ڏول سدا ڏائو
جگر جيرا ٻُڪيون، منهنجون ڪان پلي ڪائو
تو تان سر صديقي ڪيان، منهنجي هميش هائو
تنهنجي پناري آهيان، لنهو ڪي لائو
"جانڻ چن" وٽ ڪائو ڪڏهن نہ ڏيئجا قرب جو

3

عشق هجين آباد، سدائين سڏر
جهوڪون منهنجي جيءَ ۾، بنائيي بندر
سيئي آنديون سُوکڙيون، جيڪي هيون هُن پر
"ڪُن فَيڪُون" ڪئون اڳ جون، ڏنئي خان خبر
جيڪي ڳُجهيون ڳالهيون، سي پيون سڀ پڌر
تورو لاهي نہ سگهان، آهيان نماڻي نڌر
"جانڻ چن" تو در، تو گهريون غلاميون ڏئي

4

عشق هجين آباد، تون سدائين سيٺ
مٿائين جي ملڪ تان، مون لاهي آندئي هيٺ
ڪڍيئي ڪورٽ قلوب مئون، منهنجي من ۾ آندئي ميٺ
منهنجي محبوبن سان، تو ڏينهنڪ ڪئي ڏيٺ
"جانڻ چن" ڪي چيٺ، چاڪن اٿم چاڪ ڪيو

5

عشق ناهي ڇَرچو هن جو مهانگو آ مُلهہ
ملي نٿو مال سان، سر جو سودو سَل
ڪڻ ملامت مرد تي، هانگامو ۾ هُل
ٻاري ڪڻ مٿي تي، اهو ڪفر وارو ڪُل

”جانڻ چن“ چوي، پوءِ اهو ٿيندئي مُلهہ
جو قيمت پائي ڪونہ سگهي!

## سرائڪي ڏوهيڙو

1

الله عشق نصيب ڪرئي، اي ملان تڏهن الله سڃاڻي
عشق هي دُور تہ الله بہ دُور، مخفي راز نہ ماڻي
حضرت عشق جي هادي ٿيويئي هڪڙا قدم تون چاڻي
آکي ”جانڻ چن“ سوا عشق ٻاجهئون، هن ٻي سب ڪم اَجائي

2

عشق سوا هي عِلم اروڻا، سانڪون ڦڪي علم گنون بس اي
عشق هي هادي عشق هدايت، عشق قرآن دي مک اي
اها مک موجود هي موج اسان ڪون ”جانڻ چن“ ڪيون پڙهي! ڪيون لکي

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

ڪافي 1

بسم الله ٻلي عشق تون آئين
قرب ڪيئي قربدار الا

عشق اندر ۾ ڏم مچائي
طالب تنور ڪئون زياده تپائي
واندي ناهان وار الا

ننيڙي لاڪون ٻانهپ ٻولي
ڳالهہ انهيءَ جي مون هُيس ڳولي
جئري لڌئي سار الا

Gul Hayat Institute

"الست بربڪم" جڏهن پڌو سين
"قالو ابليٰ" تڏهن قول ڪيوسين
ياد ڏيارئي اقرار الا

مرشد مهدي جام پياريو
مٿل جسم کي جانب جٺاريو
ٿورا مون تي هزار الا

جاڻ چن آ نڌر نماڻي
قرب ڪيو تو ڄاڻي سڃاڻي
برهہ تون باغ بهار الا

## ڪافي 2

آيو عشق جڏهن، زمانو ٿيو ويسر
سڄڻ ڏي وڃڻ ۾، ڪيم ڪانہ گيسر

لاهي سر جو سانگو نسري ٿيس مون نانگو
لنگهي ويس لانگهو ٿيس مون بيسر

واٽ تي نانگ نيلا، ڪيئون مون سان حيلا
کي ساوا کي پيلا، اُتي ور ڪئي هم ور

سمنڊ ڏي پيو چوليون، هڪلون ۽ هوليون
ٻولي پيو ٻوليون، "سر سهائي گهر"

سر کي سهائي، اُتي چيَم "آهي"
"چن جاڻ" جان چاهي، "مهدي" آ حق منور

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

اچي نيهن هنيو آ نعرو
جذبي جوش جلالي وارو

مون کي محبت جي ميغ لڳي وئي
يا تہ وڏندي وڏي وئي
مون کي عشق جي آگ لڳي وئي
جيئن ساڙي اکن کي تو پارو

جنهن وٽ عشق خيمي کي کوڙي
تنهنجي سيج سُولي تي تو جوڙي
دين ڪفر کي تو توڙي
اهو پنڌ ڪرائي پسارو

طالبن کي ترڪ ڪرائي
پڇي هستي مٺي سان ملائي
ظاهر ۾ خلق ڪلائي
باطن ۾ عرش اوتارو

’ڪُن فيڪُون‘ تہ ڪلهہ هئو
تنهن ڪئون ”جاڻ چن“ اول هئو
نڪي آدم حوا جبل هئو
تڏهن سمنڊ هئس مون سارو

## ڪافي 4

اديون عشق مون وٽ اچي ڪئمپ لائي
هڏا ماس منهنجا ويو آ شينهن کائي

خيمو عشق کوڙي، چڏيو آ نهوڙي
وڏائي کي ٻوڙي، مٺي سان ملائي

Gul Hayat Institute

- مت هوش منهنجي علم ۽ عقل کي
چڙيو شير پوري، پيلي کي پيلائي

- شهگوش سرڪش، ڪائي خون کي ويو
جگر جوش جيرا، بڪي نہ بچائي

- "جانڻ چن" چوي، بهادر ببر اچي ويو
پولا سڀ پچي ويا، چيتي ڪٽي چٽائي

### ڪافي 5

جند جان منهنجي جيڏيون، عشق جي ڪم آئي
ننڍڙي لاڪون پيريءَ تائين، عمر تيم سجائي
محبوب جڏهن وٺ وراهيو، عشق ڪٽي منهنجي ۾ آيو
برهہ ڪنيو باهہ آيو اچي آڳ لڳائي
سُور صحت ڪنيو آيو، ڏک ۽ سُک وٺيو آيو
چُمي سر تي مون چايو ڏک ۽ سُک مٽائي
برهہ جاتي باهہ پري، ميوات اتي باغ قري
مٿي تنهن جي مان ڪري، خلقت نينهن نوائي
اندر وينو ڪپي ڪوري، دوئي کي وينو پچي پوري
رڳ رڳ منجهہ چنگ چوري، سجدي منجهہ سدائين
مرڻ واري کي اڳي ماري، تار تاگها سيئي تاري
"جانڻ چن" کي حرام چاري، برهہ ڪيو بقائي

### ڪافي 6

اچي مون کي عشق اُٿاريو تہ" اُٿي ڳول الله "الا
هٿڙي آئين پر لاءِ پيهي
ڪين وسارج ور کي ويهي
ڏنم عشق صلاح، الا

عشق تيو اڳ ۾ لڳڙيس پويون
پري ڏنائين ڏاڻ جون ڏويون
ڪفر جو ويو ڪلاهه الا

عشق وٺي ويو ملڪ انهيءَ تي
جن ملائڪ ناهي جاءِ جنهن تي
رندن وارو راهه الا

مسجد مندر منهن نہ ڪيوسين
"وَفِي اَنفُسَڪُم" وادي وياسين
ڏاهي ڏنم ڏاهه الا

"جانڻ چن" آ الُٽ سمايو
سارو سمنڊ پاڻ ۾ پايو
اُتي آ پاڻ ملاح الا

## ڪافي 7

اديون عشق الله ملائيندو آهي
ڪنهن سان ناحق نيهن نہ ڪندو آهي

ڪن نينهن ندا، ڪيائون نہ سر فدا
مون کي قسم خدا، ڪئي آ عشق اداءَ
سر عاشقن بہ ڪيو آهي فدا
عشق عاشقن جو تہ امام آهي

نينهن نواب کي شينهن ڏنم
جنهن سر آيو سو بہ شينهن ڏنم
پوءِ رات بہ تنهنجو ڏينهن ڏنم
نينهن اهڙو رنگ لائيندو آهي

نينهن مورک جي لاءِ آهي، ڏچو

Gul Hayat Institute

ڪري نيهن ندا آهي پاڻ ڪچو
نينهن جهڙو ڪو پيو ناهي سچو
تنهن سان "جانڻ چن" جي راند آهي

## ڪافي 8

عشق مون وٽ اديون، دلال ٿي آيو
برهه مون کي پينر! محبوب ملايو

مون پي چيو ته مون آهيان، پر هُو به هُو آ
پردو ڪنيو پرين ڏٺم هُو ڀهُو آ
پوءِ گوري منهنجي ڪانه چلي نينهن نوايو

عشق آڏو ڪير پيو هستي هلائي
جنهن تي ڪري ڪاهه پيون واڳون وڃائي
ملهه کي هٽي ڍهه جيئن تاڪ وڄايو

شمس جهڙا شاهه تو منصور مارائي
سرمد جهڙن سالڪن جا ڪنڌ ڪپائي
برهه بلاول کي گهاڻي پيڙايو

صنعان جهڙي سر ڪشن کي تلڪ لڳائي
جٽيو پارائي جوش ٻان مصلو ڇڏائي
عشق "جانڻ چن" کي آ چڙو پارايو

## ڪافي 9

Gul Hayat Instutute

پيو ٿم عشق ڪٺي، نه گهر ٻار وٽي
منهنجي دل کي لڳي ويا جهوراٽا، هاءِ جهوراٽا!!
جيتر ڪنف نه هو ته قرار هو
جڏهن ڪنف چيو ته قرار ويو
ڪيو آ ڪنف جدا، ملي شال خدا
وڃي ڳُل ۾ ڳڏ ٿيون سڀ داٽا

آهي روز ازل جو هي انگ لکيل
اهو "قالو ابليٰ" وارو قول ٽيل
نٿو دل تان لهي، نيٽين نير وهي
مون کي پُور پون ٿا پُراڻا

ڄمندي وقت مون کي بانگي بانگ ڏني
تنهن وقت کيم پنهنجا سڄڻ صحيح
"لا اِله" چيم، "اِلا الله" کهي
پاتئين ميم جو برقعو پئي سُڃاڻا

آهي ڏاج ڏکن جو تورڙئون مليل
ويتر "جانڻ چن" ڪيو تنهن تي عمل
پائي امڙ جهولي ڏني مون کي لولي
ڏنئين سُورن جا مون کي اوراڻا!

## ڪافي10

منهنجو عشق ڦٽايو آرام آ،
ڪي ڪيئن ٿا چون، ڪي ڪيئن ٿا چون

ڪي ٿا چون، "ڪيو ڍنگ اٿئين"!
ڪي ٿا چون، "ڪيو رنگ اٿئين"
ڪي ٿا چون، "پيتي ڀنگ اٿئين"
ڪي ٿا چون، "اهو اسلام آ"

ڪي ٿا چون، "تيو ڪافر آهي"
ڪي ٿا چون، "تيو صابر آهي"
ڪي ٿا چون، "قلبي ذاڪر آهي"
ڪي ٿا چون، "اهو خام آ"

Gul Hayat Institute

ڪي تا چون، ”سوداءُ اٿس“
ڪي تا چون، ”لڳو داءُ اٿس“
ڪي تا چون، ”ماريو ياءُ اٿس“
ڪي تا چون، ”اهو حرام آ“

عاشقن جي عجب چال اها هي
چوندن ڪي چون ڪين ورائي
برهہ ملامت سر تي چائي
تن جو ”جانڻ چن“ هي غلام آ

## ڪافي 11

مچ عشق اچي آ مچايو جيڏيون
مون ڪي برهہ اچي آ بچايو
سر تيون ڪيئن وٺان مون سمجهہ توهان جي

الست وارو آواز ٻڌوسين
”قالُو ابلٰيٰ“ وارو قول ڪيوسين
سر جو سودو صاف ڪيوسين
جيڏيون مون ڪي خبر آهي منهنجي

لائڻ سوکو نڀائڻ اوکو
پير ٽڪائي ڪروڙن ۾ ڪوکو
سُٽ يقين جي پير ڪي ڏڪو
اهو پاڻهين خبر ڪندو پنهنجي

چير پيرن ۾ عشق پارايم
ڳاٽا چڙن جا ڳچي لائيم
لوڪ ملامت سر تي چائيم
جيڏيون ڪاڻ ناهي مون ڪي ڪنهنجي

Gul Hayat Institute

”جانڻ چن“ جو جهانيان جاني،
مهدي محمد واحد باني
هتي هُتي اٿم اها پاڪ پيشاني
رات ڏينهن آهي تات تنهنجي

**ڪافي 12**

عشق تون ڏس تان ڇا هٿ آيئي
ماري ماري مون کي مچايئي

مون چڙي آهيان، تون باز آن بحري
ڇائي چنبن ۾ ڪست مون ٿهري
مون تي ملامت آنديئي گهري
ڪرفيو آرڊر مون تي لڳايئي

تون شير ببر آن، مون آهيان سهاڙي
ماريو ٿو مارين، مون کي ڏيهاڙي
اندر منهنجو ڪيئي، چاڪ ڇهاڙي
مون لاءِ مرڻ تو راند بنائي

تون شهنشاهه، مون آهيان گولي
تون ملڪ جو مالڪ، مون آهيان پولي
ڇولي ڇولي، وري تو ڇولي
ڳوڙن ڳلين ۾ مون کي نچايئي

تنهنجو ”مارڻ“، منهنجو آ ”جيئڻ“
مون وٽان ٿئي، شال نہ تنهنجو وڃڻ
تون آن منهنجو تنهنجو آ ”چن جانڻ“
”مُوتُو قَبَل“ جو مقصد پايئي

Gul Hayat Institute

## ڪافي 13

عشق اسان کي ماريو تو ماري
ماري ماري وري تو جيئاري

عشق انهيءَ تئون سرڙو مون گهوريان
ڪات ڏي ڪنڌ کي مون سوريو سوريان
ڪپجي ٽڪجي وري مورجي تو موريان
تار انهيءَ ۾ تڏهن تو تاري

عشق جون ارٿون اوکا انگل هن
جن ڪيا پورا تاتي منگل هن
پوءِ بر بحر آباد جهنگل هن
پوءِ انهن سان تو گڏجي گذاري

عشق جو آهي اهڙو ماٽو
جيئن سرهين کي پيڙي گهاٽو
پيڙي پيڙي پوءِ ڪري راٽو
عاشقن کي نيئن عرش اوتاري

عشق جي آهي اهڙي وڏائي
داناهه ديوانا ڪري سودائي
"چن جانڻ" جهڙا لکين سپاهي
بردا در تي نوڪر ڏاري

## ڪافي 14

Gul Hayat Institute

عشق اسان ڏي آنديون سوغاتون
مصري نہ اهڙي، نہ مٺيون نباتون

روئڻ راحت نياز ۽ نوڙت
اندر ٻاهر هڪڙي آ عادت
ورد وجود آهي وحدت
ظاهر ٿيئڙيون لکيل لغاتون

واٺون نهارڻ سجڻ ڪي سارڻ
نہ ڪنهن دم ۾ دوست وسارڻ
عشق اندر ۾ ٻاريو آ ٻارڻ
پنڌ پرينءَ ڏي چُپ چُپاتون

اوچتو آهُون دم دم دانهُون
دل مون ٽيون نڪرن ٽديون ساهون
پار پرين جي نرت نگاهون
سڪ جون سيني ۾ ڪورن ڪاتيون

حيرت عبرت مست محويت
عاشق ڪن ٿا فڪر ۾ فرحت
منهن مُونن ۾ وڃن ولايت
"جاڻ چن" ڏنيون برھ براتيون

**ڪافي 15**

عشق بنا ٻي راھ نہ ڄاڻان
عشق جو آهيان غلام

عشق اولڙو آيم ڪاهي
سر جو سانگو ڇڏيم لاهي
آيم سخت ڪمام

روئڻ پٽڻ آ شادي اسان جي
درد آهي آبادي اسان جي
غم صحت سُور آرام

مونجھ مونجهارو روح ڪي راحت
برھ ملامت عشق سلامت
غم ڪي پانئيون طعام

Gul Hayat Institute

عشق بنا ٻي ڪار نہ ڪائي
مرشد مهدي ڪئي آ پلائي
ٺنائين "جانڻ چن" کي جام

## ڪافي 16

بنا عشق جي عبادت حرام
توڙي لک نمازون پڙهين

سڄاڻي نہ الله، اهي ڇڏ لکي جا ناهہ
آهي مولي بي پرواهہ اتي ڪنهنجي ڪان نہ ڪا
ڪيئي نہ عشق امام!

آهي عشق ثمر، آهي عشق تمر
وٺي عشق وڃي ٿو لاحد جي اندر
ايڏو پنڌ سڄو آ هڪ گام

آهي عشق فرقان، آهي عشق جهان
آهي عشق دين، آهي عشق ايمان
آهي عشق صلوات آهي عشق اسلام

آهي عشق نماز آهي عشق نياز
اهو عشق اندر ۾ آ مولي جو آواز
اهو عشق آ ساقي جيڪو ساري ٿو جام

سوا عشق جي فيض ملندو ڪين
"مڪي" "مديني" مرين، توڙ ي مرين مين
توڙي "شاهہ نجف" مرين "شام"!

ڇڏي مذهب جو شور، ويهي عشق سان اور
تون تہ ائين وينو اور جيئن چوري ڪري چور
ويهي روح ۾ ريجهائج رام

Gul Hayat Institute

ظاهر عبادت نہ ڪار، ڪين ماڻهن کي ڏيکار
اندر "هُو هُو" جي هُونگار، ٻاهر هُج تون بيڪار
پوءِ تون هڻ "همہ اوست" جيْ هام!

"جاڻ چن" غلام، آهي عشق جي سام
جيڪا "مهدي" ڏني مام، عشق سمجهايم آسان
ڇا تا عشق مان ڄاڻن هي عام!

### ڪافي 17

رستو هن جو آهي جُدا
عشق ڇا ڄاڻي سائين! مذهب ملت؟
- صنعان ٿي چاڪ پي وڃڙا چاريا
دين ايمان ڪيائين فدا
- عشق جون خبرون عاشق ڄاڻن
صورت ۾ ڪن فرض ادا
- "اَلستُ بِرَبّڪُم" چئو چيائين
اسين "قالو ابليٰ" هون ٻول ٻڌا
- چيو "جاڻ چن" کي مرشد "مهدي"
مام انهيءَ ۾ ڳول خدا

Gul Hayat Institute

### ڪافي 18

عشق اسانکون علم پڙهايا، راز رندي دستور، ميان
دينَ ڪفر ڪنون دور ٿيوسي، برهہ ڪيتا پرپور، ميان

مسجد مندر نظر نہ آيا، سانگ سفر دا پنڌ اجايا
'وَنَحن اَقرَبَ' يار سمايا، ٻول اٿهين نهين ڏورُ ميان

افضل عشق دي منزل اعليٰ، برهه بهادر سڀ کئون بالا
دين ايمان کون خبر نہ ڪائي، جتان عشق ويندا شهزور ميان

عشق ويندا هي گهن اتاهين، توڪل نا تقدير جتاهين
”عيسيٰ“ ”موسيٰ“، بہ اوري رهہ ڳئي، ملڪ فقيران دا اور ميان!

مذهب والا پڳوسين لوڙها، ”جانڻ چن“ مليا ڏاڻ هي ڏوڙا
”مومن“ ”ڪافر“ ڪونهي نکڙيا، هر جاءِ هڪ حضور ميان!

## ڪافي19

- واهہ! گروهر نام اسانون عشق پڙهايا هي

ساڌو ميڪون سُرڪي پلائي
گُم تي ٻيائي آئي هيڪڙائي
اُلٽا امتحان آڌو عشق ڪڙايا هي

آيا نات گُرو گِرناري
هردا هل ڳيا، تي ڳيا جاري
ٻاجهہ تؤن ٿيوان ٻلهار طالب تلڪ لڳايا هي

”موسيٰ“ ”فرعون“، فرق نہ ڪوئي
رمز اهين ڪون جاڻي ڪوئي!
هر جاءِ هڪڙا يار جڻيا عشق جڙايا هي

”ابو جهل“ ”احمد“ صورت سائي
هڪو هڪ نظر هي آئي
اهوهي ڪنهن دا ڪام سولي عشق چڙهايا هي

”اسدالله“ اُتاهين آيا
قاتل دي وچ آپ سمايا
پيتس آپي جام اپ ڪون آپ ڇڙايا هي

Gul Hayat Institute

"خلق الله آدم اعليٰ صورت"
جوئي ٻولي سوئي خالق
"جاڻ چن" انعام ميڪون محب مڙهايا هي

### ڪافي 20

عشق اصل ڪئون ارڏو آهي، ڳُوپن جي سر ڪاهي تو
سُولي اورو سبق پڙهائي، "انا لاحق" الائي تو

"خلق الله آدم اعليٰ صورت"، نقش نقاش ، اهائي مورت
صورت معنيٰ، معنيٰ صورت، جاڻ سيئي ڄاڻي تو

"اذني" وارو حُڪم هلائي، مُرده ڪي تو زنده بنائي
ويرانا آباد ڪرائي، "شمس" جي ڪل ڪلائي تو

"احد" "احمد" عشق اهوئي، آهي هڪڙو ناهي ٻيو ئي
جنهن وٽ آيو ڄاڻي سوئي، ميم جو گونگهٽ پائي تو

ڪير تو ٻولي اهڙيون ٻوليون، پاڻ ڪري تو پنهنجون ڳالهيون
لعل اوڳاڇي ڏيئي چوليون، "ونحن" ويهي ورائي تو

"جاڻ چن" وٽ آيو جهاڳي، ڪئي داناءِ آيو آ داڳي
ملڪ سُڄاڻي آيو ماڳين، در در نينهن نچائي تو

### ڪافي 21

ڏاڍو عشق اديون! زبردست آهي
اڇي سر عُشاقن ڳُوپا تو ڳهائي!

ڳُهري سر ڏي سر، ڪري سر جو سودو
اڏي ڪات هٿ ۾ تو خنجر ڪنوائي!

آڻ ڏينگ ڪي ڏينگ اڙٻنگ وجهي تو
نوائي ناٿن ڪي ڪونتل تو ڳُڏائي

Gul Hayat Institute

دليرن سان دل ٿس، سورهيہ سر ساهي
سوار سرڪشن تي ڪنڌارن تي ڪاهي

تڙي تونگرن ڪان ڪڍي گهہ ۾ گوهيون
وڏيو ڏي واڌايون، لاحد ڪان ٿپائي

"جانڻ چن" ڏي آيو "مهدي" ملايو
لايو تيم سجايو، تومٿيءَ سان ملائي

### ڪافي 22

واهہ! عشق شهنشاهہ تو حڪومت ڇمائي
"منصور" جهڙي مرد جو سُولي تي سر چڙهايئي

"ڪنف" تنهنجي حُڪم سان آواز الستي تيو
سنسار دوجهان جو هڪ لفظ ۾ بنايئي!

آدم حوا ڪي اڇي تو بهشت مؤن لوڏايو
فراق ۾ فنا ڪري، "عرفات" تي ملايئي

آواز "اذني" جو ڪري، "شمس" ڪي شڪار ڪيئي!
معجزو مشهور ڪري شاهہ جي ڪل ڪلايئي!

"صنعان" ڪي ستي وڏئي، مشائخي مٿي وڏئي
بزرگي لٿي وڏئي، اُتي ڪفر تي ڪمايئي!

ذوق "زليخا" ڪي ڪيو بيحد هو بيران
لڇندي ۽ پڇندي وتي، سَتُر ڪي ٽوڙايئي

"قيسَ" قابلِ ڪي تو "ليلا" ۾ ڏيڪاريو لقاءَ
برن ۾ بيهي ويو "مجنون" پي نام ڌرايئي

تخت "رانجهن" ڪئون ڇڏايئي، سسئي ڪي سُور ٿيا
هٺي جو سُڪ ڦٽايئي لهرن ۾ لوڙهايئي

حملو ڪيئي "ڪاڪ" تي، "مومل" جي اوطاق تي
مچ ٻاريئي محلات تي، مومل مُرلي چائي

عاشق سيئي هئا، پر حُسين جا نہ همسر
پيا هئا سيئي سروسر، سارو سات ئي گھائيي

"جاڻ چن" ۾ وستي، تنهنجي آ موج مستي
آهي اصل الستي، نانگو ڪري نچائيي

## ڪافي 23

عشق نسورو آهي نانگ!
خبر تن کي جيڪي ڪاڏيون

راز اهو ڇا ڄاڻن ڄڻيون
قلب جن جو ڪارهئون ڪٽيون
ڪين ولوڙن من جون مٽيون
طلب نہ جن کي تانگھ

نينهن نهوڙي عشق اوجاريون
ڳُجهيون ڪن پيون پر جون پچارون
منهن مُونن ۾ وجهن ويچاريون
برهہ ڏني تن بانگ

اُٿندي ويهندي ڪن پيون آهُون
دم دم سان ڪن دل ۾ دانهون
برهہ تن کي ٻاريون ٻاهيون
سر جو لاٿئون سانگ

ڄُٽ ڦٽ ڦڪڙي لوڪ ملامت
ثابت تن جو صدق سلامت
"جاڻ چن" ماريو نفس آ آفت!
ورائي وينس لانگ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 24

اوڪي عشق جي آڳ، اجهامي نٿي
هاڻي ڪيئن وسائيان! وسامي نٿي

جا ڀڙڪڻ ٻاري، سا ڪيئن ٺري
جڏهن محب ملي، تڏهن مات ڪري
ڏينهن و ڏينهن تي زورا زبر ڪري
نٿي واند ڏي، هي ولهامي نٿي

پاڻي ٻاهه تي پوي، ويندي آ ٺري
وسن بادل اڪين جا، تيئن تئي تي ڳري
ويتر برهه جي بجلي، تئي تي چري
ڪوٽيون ڪوزتيون ڪن، ته به ڪامي نٿي!

جيئن وڌ ڦڙو تو واڪا ڪري
تيئن برهه جي ٻاهه تي زور پري
وسن ڪڪر اکين جا ڪارونيار ڪري
نٿي واند ڏي هي وهامي نٿي

"جانڻ چن" چوي ڪيا عشق اوتر
مون منجهه پرتي وڏا آهن برهه بحر
وڳو نينهن نغارو ٿيا هُل حشر
منهنجو جيءُ جُسو منهنجي جامي نٿي

## ڪافي 25

عاشقن کي سدائين آهي، ماتام عشق جو
اهو عشق پاڪ آهي، "پنجتن" پاڪ جو

ڏاڍي عشق ۾ آ شيرين، ڪٺ خاڪ اميري
وئندي نٿو مون ڏاپان، منو نام عشق جو

Gul Hayat Institute

روزي نماز فرض ڪي ، ليڪ ڏنئون قرض ڪي
ويجها نہ وڃن مرض ڪي، احرام عشق جو

پڙ پٽي بي نا وڃن، اندر ۾ گهاٽا گهمن
سڪ ۾ سدائين پيا سڪن، پيتئون جام عشق جو

اهو عشق آهي هادي، مون سان ملايائين "مهدي"
ويران مئون آبادي، "اسلام" عشق جو

"ڪن فيڪون" ڪئون اڳي، "احد" اهوئي هو
ميم سان ٿيو "احمد" اهو ڪم عشق جو

جيڪو ڏنو هو مون اُتي، اُهوئي آيو آ هتي
"جانڻ چن" سان هو انجام عشق جو

## ڪافي 26

عشق مولي جي ڪيو ٿمثار
روزي نماز جي ناهي درڪار

ڳپيري جو پير ڪنيوسين
صورت جو ديدار ڪيوسين
ڪين مڙون توڙي چاڙهن دار

چاتيءَ اندر ۾، پاتي سين جهاتي
ذات ڏٺي سين گم ٿي صفاتي
باقي اسان کي ڪهڙو لاچار!

ڪاءِ حرام ڪر تون چوري
برهہ جي رک تون بدمعاشي پوري
"ساڌ" نہ بڻج ٿي نہ خوار!

Gul Hayat Institute

دين ڌرم ۾ ڪرم ڪئون نڪري
"جانڻ چن" ٿيو نانگو نسري
عام چون "ڪافر ڪارا"

## ڪافي 27

اڏيا عشق وارن دل ۾ ديرا
اندر روشن ٻاهر ميرا
نفي، خفي مان نانگا ڇاٽن
روحي سِرِي، صاف سچاٽن
"قلبي" ڪن. تا قلندر پيرا
"اخفا، اخفي" مُلڪ جنين جو
آهي اسيرا خُلق تنين جو
ڏڄن تنين ڪان مُنڪر نڪيرا
اوکو راهہ رندن جو آهي
ڪي ڪي آيا ڪُوپا ڪاهي
جي تنين جا "چن جانڻ" جيرا

## ڪافي 28

وڃي عشق وارن سان اوريو اوريان
جند جان تنين تؤن گهوريو گهوريان
عشق وارا آباد هُجن شال
مون کي هميشہ ياد هُجن شال
پيو نہ ڇپ مون چوريان چوريان
عشق وارن جي جهليان مهماني
ڏڻ سر، دلڙي رکان نذراني
لحم لڱن تئون ڪوريو ڪوريان

Gul Hayat Institute

عشق وارن جون ڳُجهڙيون ڳالهيون
راز "لُدني" چاليون نراليون
تر تر ڪيو ويئي توريان توريان

عشق سوا آهي عمر اجائي
شيعن سُنين مُفت وڃائي
"جاڻ چن" چوي، جيءَ کي جهوريو جهوريان

## ڪافي 29

ڪيان عشق وارن سان ڳُجهڙيون ڳالهيون
نيهن وارن جون هن چاليون نراليون

بي دردن کي باهه ڏيئي ساڙيان
ماهه مقرو ڪين مون چاڙهيان
برهه وارن سان پالڙا پاليون

يار ڳُجهي جو ڳُجهه نه ٻڌايائيان
ڪين لڪي تو توڙي لڪائيان
ماپن ڪين تيون من ۾ ماليون

جنهن دم مون وٽ دوست اچي ٿو
تنهن دم مون وٽ مال مچي ٿو
ڏينهن ڏين تا مون کي ڏاليون

دوست نه ڪنهن جو ڏار ٿئي
شال يار نه ڪنهن کان بيزار ٿئي،
شال "چن جاڻ" هر دم گڏجي جاليون

Gul Hayat Institute

## ڪافي 30

خود خُدا پاڻ ٻه، عشق جي آيو ارِي
عشق آفت آ اهڙي جو قياس نه ڪنهن جو ڪري

ذوق مولئ جو ڏسي، ملائڪ سڀ ماندا ٿيا
پهه پڇايئون پاڻ ۾، "آدم ٿو پيدا ڪري!"

ملائڪ سڀ موجود ٿي هيئن خداوند کي چيو:
"آهيون عبادت لاءِ اسان توکي ميون ٿا خدا ڪري"

گويا خداوند جو ٻُڌي ٻين سيني "آمين" ڪيو
ويا بچائي پاڻ کي، "عزازيل" پيو دوزخ تري

عشق بخشي ڏي خدايا هي عرض "جانڻ چن" جو
ويجهو "وريد"ڪئون تون آن ناهين جُدا ناهين پري

## ڪافي 31

هي حقيقت حق ڪري ڄاڻو
عشق آهيان مون پاڪ

"عشق، الله" ۾ فرق نه ڪوئي
"احمد" "محمد" آهيان سوئي
اها ڪيان ٿو ساک

"الانسان" ڪولي ٻڌايم
پنهنجو پاڻ ڪين لڪايم
اچي هُلايم هاڪ

"وَفِي اَنفُسِڪُم" قول قرآني
مُنهنجو ناهي ڪ ڪو ثاني
متان ٻلو بيباڪ!

Gul Hayat Institute

ميم جو گونگهٽ برقعو پايم
"جانڻ چن" اچي پاڻ سڏايم
پاڻ "ڏٽي"، پاڻ "چاڪ!"

## بيت

### عشق ۽ عقل

عشق، عقل، اٽڪل، ٽيئي پنڌ پيا، ڏسو تنهي جي ڪار
عقل اٽڪل اڌ نه ٽپيا، عشق لنگهي ويو پار
"جانڻ چن" چوي عقل اٽڪل بيڪار، پار پهچائڻ ڪينڪي

## ڏوهيڙو

### عشق مجازي

"مجازي عشق" آ رهبر، خدا جو راهه ڏيکاري
"حقيقت" جي آهي ڏاڪڻ، "مجازي" عشق تو چاڙهي
چوي جو بن مجازي جي، اجائي لاف تو ماري
اچي انسان ۾ جڏهن، اندر تو صاف اوجاري
اندر ۾ آگ "جانڻ چن"! برهه جي باهه تو ٻاري

### ڪافي 1

عشق اچي جهڙي ڳالهه ٻڌائي
علم، عقل اهڙي اڳ نه ٻڌائي

عشق جي جيڪو مدرسي آيو
راز "لُدني" عشق پڙهايو
"ڪن فيڪون" ڪئون اڳ جي اوگاهي

جي تو ٻڌائيان ڪافر آهيان
ڪين ٻڌائيان مشرڪ آهيان
ڪنهن ڪنهن کي هي سمجهه ۾ آئي!

Gul Hayat Institute

عشق آ "هدايت"، عشق آ "هادي"
عشق اچي ڪئي آهي آبادي
"جاڻ چن" سان رمز رَلائي

### ڪافي 2

آيو عشق اگھڻ پئي خبر سڄي
چيو علم عقل کي "هلئون ڀڄي!"

عقل چيس، "ڪجھ ويڙ تہ ڪر"
چيائين، "ڀڄ تہ ڀڄون، ناهي پيٽي پر"
"بيهندو ڪين مڪر، پئي آ ڳالھ پڌر"!
"ناحق وات وڃائي، تيندا سين لڄي!"

عقل چيس "ڀڄون ڪاڏي يلا؟
هاڻي ڪيئن ڪيون؟ آئي باري بلا!
هلي ڪاٿي لڪون؟ علم ڏي ڪا صلاح!
اچي آفت وئي، ويا وڻ تہ وڃي!"

علم چيو "سر سهايون ڪٽي
اهو عشق آهي اهو آهي ڏٽي"
اچي "مُوٺو قَبَل" باب ٻٽي
ويو فخر وڏائي سڀ خاني ڪڇي

علم، عقل ٻئي زير ٿيا
مڃيئون عشق جي بعيت، ٻئي پيش پيا
ڏسي "جاڻ چن"، پوءِ نظم چيا
ڪيئي مير ويا انهيءَ حال هڄي!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

عشق، عقل جو جهيڙو ڇڙي ويو
ڏاڍي عقل کي ملهه هٽي ويو

عقل چوي، "تيون عزت وارا"
عشق چوي "ڪڙ بَدِين جا بارا"
عشق عقل کي پٽ تي هٽي ويو

عقل چوي، "ويهيون طول وهاٽا"
عشق چوي، "لائيون ڏوڙ تي ٽاٽا"
عشق جو مون کي رنگ وٽي ويو

عقل چوي "تيون عالم يگانا"
عشق چوي، "ٻڌون ڇيريون ڳانا"
برهه ملامت دُرس ڏُٽي ويو

عقل ڪيو وڃي علم کي شامل
برهه بهادر هيڪل ڪامل
مٺ کان متي هو لاب لُٽي ويو!

عشق جي آتش اُبرن ڪُورا
علم عقل ٿئي پيڙا نہ پُورا
عشق جي اڳيان پاگل ٻٽي ويو

"جاڻ چن" وٺ ڪيائون نبيرو
عشق، عقل جو ڏاڍو آکيرو
عقل پنهنجا ٽپڙ ڪٽي ويو

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### علي ع

### ڪافي 1

منو نام علي جو مني ٻولي آ
مذهبن لاءِ چڙ گولي آ!

ذڪر علي جو فرقان ۾ آ
”توريت“ ”انجيل“ ”زبور“ ۾ آ
”مظهر العجائب“ ظهور ۾ آ
هي لڳا ڪنهن جي پويان! ڪهڙي ٽولي آ؟

”لحمڪ لحمي“ فرمان ٿيو
”جسمڪ جسمي“ هڪڙو ٿيو
اڄي ڪال مذهبن ۾ ڪاڏانهون پيو
ڏسو ڪيڏي تن جي ڀُل ڀولي آ

”جانڻ چن“ علي جو آهي بندو
جيڪو آهي نسوري ٻيو ور نہ ڪندو
اهو نام ”علي“ جو آ منهنجو ڏنڊو
شال پنهنجو ڪندو جهلي مون جهولي آ

### ڪافي 2

ڪاوان علي جو مون ڳائيان عليءَ جو
ٻانهو عبد، بندو مون آهيان علي جو

- ”علي العظيم“ سڀ ڪئون آهي اعليٰ
”قلم“، ”لوح“، ”ڪرسي“ آهي عليءَ جو
- ”علي العليم“ سيئي علم ڄاڻي
”الله“ نالو بہ آهي عليءَ جو

Gul Hayat Institute

- سو "الف" صوفين سچاتو
فرقان شاهد آهي عليءَ جو

- مظهرالعجائب" هر جاءِ آهي اهوئي
ڪيئن نہ چوان؟ عرش ۽ فرش آهي عليءَ جو

- "مهدي"، "محمد" آهي اهوئي
اهو جسم ساڳو آهي، عليءَ جو

- "لحمڪ لحمي جسمڪ جسمي"
چيو مصطفيٰ مون آهيان سر عليءَ جو

- چون شيعا سُني "دوزخ ڏي تون ويندين"
"چن جاڻ" ناهي اُڪو مون آهيان عليءَ جو

## ڪافي 3

هي مظهر سچو آ عليءَ جو
شير ببر آ جليءَ جو

لاخوف تي مون چوان تو
الله "علي" ڪي چوان تو
دوزخ ڪڏهن نہ پوان تو
آهيان بندو مون عليءَ جو

الست جڏهن پُڏوسين
تڏهن اتي نيئن رهياسين
پنهنجي موليٰ علي سان ملياسين
ڪولي ڇڏيائين در ڳليءَ جو

هر هر نسوري ڪي ماري
ماري مازي وري تو جيئاري
اهو خدا خدائي پيو ڏيکاري
اهو بہ ڪم آ عليءَ جو

Gul Hayat Institute

"مهدي"، "محمد" هڪ آ
تِرِ جو نہ تنهن ۾ ڪو شڪ آ
جانڻ چن! پڪ آهي پڪ آ
اهو اسم جسم آ عليءَ جو

## ڪافي

### علي بحر واهہ

"علي بحر" آيو "چنگاٽي" چڙهي ويا!
ڳين مهر موليٰ مهديءَ سان مڙهي ويا

محبت ۾ موجون، گهر گهر ۾ عيدون
رکي رب ۾ ديدون، لاحد ڏي لڙي ويا

فقير پاتو پيرو ڏنو ياڳ پيرو
دنيا، دين ديرو خوشي سان ڪٽي ويا

غريبن جي گر وئي، سيئي ٽيا سکيا
ڏک ڪين ڏسندا، سندن غم لهي ويا

ڪڏهن ڪين آهنجا، سدا هوندا سهنجا
ويو دام دوئيءَ جو ڪڏهن نہ اڙي ويا

"جانڻ چن" فقير، دنيا جو دعاڳو
مشرق مغرب سڀ جو سهاڳو
فرمايو "مهدي" ٻول پڙهي ويا

## بيت

### عيب ۽ ڏوهہ

1

پائي آيس پاند ۾، ڪٽي پنهنجا ڏوهہ
باري ٻارُ مٿي تي، ڪشال ٿم ڪوهہ

Gul Hayat Institute

پاڙيان ويٺي پنهنجا، جيڪي لکيم ”لوح“
آهيان تنهنجي آسري، تاري تنهنجي توهه
”جانڻ چن“ جي گناهن جي، سائين ڪر نه سموهه
منهنجا مون تئون ڏوهه، معاف ڪر منهنجا ڏٽي!

2

پائي آيس پاند ۾، مڙيئي ميرا
ڪٽي سگهان ڪينڪي، ڏُنڌ وڏا ڏيرا
بار ڳرو پنڌ ڏرو، پٺون تيم پيرا
معلوم تي منهنجا پرين! منهنجا تيرا ۽ ميرا
اُلڪي ماري آهيان، ڏنگا تم ڏيرا
”جانڻ چن“ سان ڦيرا، ڪندين شال فضل جا!

3

پائي آيس پاند ۾، مڙيئي مدايون
ڪٽي سگهان ڪينڪي، تم ڳُلهن ۾ ڪايون
تنهنجي ٿهاري ڪئون، ڪنبن ٻاڪارن ٻايون
”لاتقنطُو مِن رحمتَ الله“، ڏنئي واڌايون
دلبر ڏنئي دل سان، دل کي دلجايون
”جانڻ چن“ جايون، اٿم هنڌ حضور ۾

## ڪافيون

### ڪافي 1

مون شال توکي وڻان، تنهنجو جوڙ ناهيان
هڪ جيڏين ۾ مون ڪوجهي آهيان

سهڻيون سيئي، سينگار ٿيون ڪن
مون آهيان ڪوجهي، ٿا ڪين ٿهن
ناهي گهگرو گلن، نه سينڌل پيرن
ننگي سر نڌر مون بيڪار آهيان

Gul Hayat Institute

تون مون کي وٽيئن، توکي وٽا نہ وٽا
پنهنجي نينهن نيائڻ جا ٿي قدم ڪٽا
گندي گدلي آهيان، کهڙي هام هٽا
توڙي لائق نہ آهيان تب تنهنجي آهيان

پلا ڪيئن ڪيان حُسن مون ڪاڏانهون آڻيان
جيڪي مون کي مليو مون سوئي ٿي ماڻيان
تنهنجي يار ريجهائڻ جا وجهہ ٿي تاڙيان
سڀ عيب مون ۾ توڏي ڪين پائيان

تون پاڻ ڏي ڏس، مون ڏي ڪين تون ڏس
مون آهيان ڪسي، توکي ڪانهي ڪا ڪس!
”جانڻ چن“ ڪيو آهي پنهنجو وس
ٻڌي ٻاهون ٻئي، ٻچيءَ پانڌ پائيان

## ڪافي 2

تون آن وفا مون آهيان خطا
مون کي معاف ڪر منهنجا مٺا

تُون آن پلو مون آهيان ڪسو
تون مون ڏي نہ ڏس، توهان پاڻ ڏي ڏسو
باقي هڪڙي ڳالهڙي ٻڌو
اٿئي برهہ جا مون وٽ ٻنا!

راتيان ڏينهان دل توڏي تانگهي
ساهہ سڄڻ سائين! تنهنجي سانگي
نيڻ وهن ٿا واهہ وانگي
برسات جا بادل اُنا

Gul Hayat Institute

باهه برهه جي تي پڙڪي جهڙڪي
نينهن جو شينهن ٿو هڏ کي رڙڪي
ماريو جدائي جي آ دڙڪي
سُور مون سانديان سُتا!

ڪانگل قاصد توڏي آيا
تن جون پلايون پال مون پانئيان
جن تنهنجي اڱڻ تي پير گهمايا
قدم چميا تن جا مون چتا

نينهن جي نوبت طبل وڄايو
عشق سر تان سانگو لاهيو
"جاڻ چن" آ ڇايو ڳايو
پڙهي ڏسو منهنجا چتا

**ڪافي 3**

منهنجا تا ڏوهه ڏکن، الا الا!
پرين شال پنهنجو ڪن!

- جيڪي ڪيو مون جهان ۾، او! سيئي تا پيا سُجهن، الا الا!
- ڪوجهان ڪم مون ڪيا، او! اهي پرين نہ پُڇن، الا الا!
- خوف اُميد جي وچ تي، او! تُرها شال ترن! الا الا!
- "جاڻ چن" جون زاريون، او! آزيون شال اگهن، الا الا!

Gul Hayat Institute

**ڪافي 4**

قرب ڪر قربدار الا!
مون منجهه عيب هزار

- لوڪ سڄي ۾ مون هڪ لُنڊي، تون آهين بخشڻهار
- مون منجهه مدايون تي مٽي، بيحد بي شمار

- خاطئي جو ڪم آهي خطائون، تون آن بخشڻهار
- عشق پنهنجي جو امداد ڪر، منهنجي ٻڌي پڪار
- "جانڻ چن" آ تنهنجو توڙي گنهگار!

## ڪافي

### عيد

- روز عيد آ عاشقن جي، دوست تا دم ڏسن

موسيٰ وجي جڏ "طور" تي، اُتي ٻڌي آواز نئي
عاشق پنهنجو پاڻ ۾، پاڪ پرين تا پسن
حاجي رهيا ارمان ۾، گمراهه ٿيا گمان ۾
توڙي وڃن حرمين ۾، ڪجهه نه ٻڌن ڪجهه نه ڏسن
مسجد ۽ مندر ويا، پنهنجي نه سي اندر ويا
ناحق سي ٻي در ويا، مفت موڳا تا مُسن
پيئين عيد"پلاءَ" تي، "سئين" ۽ "ڪباب" تي
فطرن واري خواب تي، ناحق نرڙ تا گسن
"مُوٺُو" سان جيڪي مات ٿيا، سي وري حيات ٿيا
اُهي ڪلالي ڪات ٿيا، پنهنجي نفس دشمن ڪي دسن
"وَفِي اَنفُسِڪُمۡ" واعدو، اتئون پيو ٿن فائدو
قانون پڪو قائدو "چن" جوان، "جانڻ"! تا ڏسن

## سرائيڪي ڏوهيڙا

### غم

1

لوڪان ڪيتي "غم" مصيبت! غم روز اساڏي عيد اي
غم وڇڙيا يار ملاوي جلدي، ملي دوست دي ديد نال ديد اي
غم عين ثواب هي سيان! غم والا روز شهيد اي
آکي "جانڻ چن" هووي حيف تنهان نون، جنهان ڪيتا نه غم خريد اِي

Gul Hayat Institute

2

گهول گهتان اهين خوشيان نون، اهي خوشيان ڪيهي ڪم د يان!
جنهان خوشيان دور ڪيتا هي دلبر، ٿيا يار پري بي غم دا
آکي "جانڻ چن"، انهي خوشيان تون اهي غم ڀلا،
جيڪي دوست ميلن دم دم ديان

3

غم دي نال گذارڻ سيان! ميڪون آئي ڏاڍي چس اي
حضرت عشق جو آندا غم ڪون، هُڻ ميڏا کهڙا وس اي!
منظور ڪيتا مين دل نال غم ڪون، ميڪون غم وچون آئي رس اي
بيزار هان بيحد پيهان خوشيان ڪنون، ميڪون خوشيان ڪنون بس اي
غم سوز فراق سڄڻ دا، سيان! اهو گهوٽ دي گهر دا گس اي
اها ريت سڪائي "جانڻ چن" ڪن مرشد "مهدي"، ميڪون ڏتا رهبر ڏس اي

4

ميڏي سوڙهي مٿي غم نال سيان! مين نال غم ڄاوا هي گڏ جاڙا
مونجهه مونجهاري دائي ميڏي، سڪ سُور وڍيا هم ناڙا
درد فراق دي ٻڌڻ ٻڌيوني، ڏتا عشق ميڪون اوراڙا
غم دي مٿي مول نه ڇوڙان، توڙي روز مارينداهيم ڌاڙا
ميڏي پيري آڳئي، تب ٿيا نه غم ڪُراڙا
آکي "جانڻ چن" جيئندي مرندي، هووي حضرت عشق دا پاڙا

Gul Hayat Institute

## ڪافي

منهنجو ساهه نٿو پيو سهي!
ايڏو بار غمن جو ڪين ٻچاءِ

خبر ناهي الائي ڇاهي حياتي
پارس پائي وچ جيئري جهاتي
ڪاهوڙي تو کهي

سُتي سيج مٿائون عشق آٿاري
ٻارڻ ٻاري چڙهائيون چوڏاري
واهه اڪين مؤن ٿو وهي

"جاڻ چن" چوي تنهن ڪي چُپ ڪيئن اچي؟
جن جي محبت من ۾، ٿو مچ مچي
تن جي عشق اگڻ ٿو رهي

## نظم

### فرقا

عام ڪي تنهنجو ناهي پتو اي منهنجا خدا! تنهنجي آ ڪن ڪن خبر
وِڙهيا "شيعا" "سني"، منزل نه پُني! هڪ ٻي تي ڪن ٿا تيز تبر

ڏندريا دل ۾ "وهابي" وتن، "قادياني" ٻيا ٿا ڪاوڙون سٽن!
اهل حديثن الرون ٿا ڪن، اجا ٻه ٻيا اهڙا آهن اپر

"هندو" "ٻانيڻ" " سامي سُتريا "، اُهي چون، "منجهه مندر آ"
هر هڪ مذهب ۾ تي فرقا پيا، پئي آ ڪاهي ڪدورت خلق اندر

سڏائي "شيعا" وري "رافضي" ٿيا، ٻيا ٿا رفض بڪن، آهن تنهن ۾ تر
ڪلمو به هڪ قرآن به هڪ، آهين تون الله به هڪ
اولي "احمد" جي آن برحق، باقي خلق وڙهي تي ڪهڙي اکر؟

ڦڪي فساد ۾ ڦاسي پيا هون، سڪٽا سينا پيا ٿا ساهيون
جهڙا آهيون تهڙا ناهيون، راهه سچو تون ڏس رهبر

صوفين توکي ڪيو آ صحيح، تون گهٽوئي لڪين تو ڪي وڏئون لهي
هنن تنهنجو رند ڪنيو آ سوجهي صحيح، ٻين سڪٽي ٻڌي آهي ٽر ٽر!

"جاڻ چن" تي صوفي صفا، نوڙت ۾ اٿئي سيئي نفا
ٻيون واٽون سيئي تي خالي خفا، انهيءَ دڳ ۾ سان دوست اٿئي دِلبر

## بيت

### فقير

1

هڪڙا سچا فقير، ٻيا "فقير"، ٽيئان آهن "ڦڪڙي"
آئون انهن منجهه آهيان، چري ڄنگهه چڙهي
پُورپ ٽيندا پڌرا، تور جتي تڪڙي
مونکي انهيءَ ڏينهن لاءِ، آهي موت ڦٽي
ڏوهن ڏيل ڏڪايو مون منجهه گهٽ گهٽي
"وَحدَهُ لا شرِيڪ لهُ" لمبي آ لڪڙي
"جانڻ چن" چوي چڪڙي، شال اُتي قادر ڪنهن کي نہ وجهي!

2

ڪم ڪرين مڪارن جو سڏائين "فقير"
آڪڙ بي انت آ، وڏائي جو تون وير
ٿم ڪيو تي ٽاٽي ۾، جيئن ڪُڏڙي ۾ خنزير
"جانڻ چن" چوي جنجير، پوندا ڏينهن قيامت جي

3

فقير ڪوٺائين فنا تي، ڦٽي ڪر تون فند
نڪر، پيٽر، نولڙا، توڙي وجهنئي گند
سپ سهائي سِر تي، ٿي هيٺائين جو هنڌ
اهو ناز پرين جو هٽي ڏسندئي رند
"جانڻ چن" چوي ٿي چند، پرين نيندئي پاڻ سان

4

اچي عشق الله جي، ڪيا فقير فنا
اُٿي آڌي رات جو، وبهي رت رُنا
ڪاپڙين قلوب ۾، چاڙهيا ڪُوپ ڪُنا
ساريندي سبحان کي، سامي ڪين سُنا

Gul Hayat Institute

جيئن سارن تيئن سڪن، جوڳي تيا نہ جُهنا
آڏيا ارڏن پاڻ ۾، بيراڳين ٻُنا
”جانڻ چن“ چوي تنان، ڏاتر مليو ڏاڻ ۾

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

#### ڪافي 1

”فقير“ ڪوٺائين، تي ”فقير“
فنا نہ ٿئين متان، ”فقير“ لڄائين!

فنا بنا آهي، ڪهڙي فقيري
جنهن منجهہ جهڳڙو تيري مٺيري!
اها فقيري آهي، ”هُش ٻلي ڪيري!
ميائون“ ڇيڇڙي يا لءِ ڪير
باسڻ نوسي متان ويساهہ وڃائين

ڪنٺا، ڪولابا، ڪنگٽيون پائڻ
سٽايون آهن نفليون وڃائڻ
اوڪو آهي نفس ڪي مارڻ
خاڪ ۾ تي وچ خاڪ
سِڃجي متان تون پاڻ سڃائين

مُلان، مشائخ، سهٽيون پوشاڪون
فخر وڏائي سان پڙهين ٿو نمازون
پلنگ وڇاڻا نفس ڪي لذتون
بزرگ بڻجي وئين پِير!
پاڻ تہ رُلين متان ٻين ڪي رُلائين

Gul Hayat Institute

گار ڪي ”جي“ چئو جوان تڏهن آن
”جانڻ چن“ چوي، شينهن تڏهن آن
رحمت وارو مينهن تڏهن آن
پارس تي اڪثير
لوهہ ڪي پوءِ تون لال بڻائين

## ڪافي 2

روندي ني رت دي ڳوڙهي، جيڪي فقيران ڦٽيان
راز ڳُجها ميڏي مرشد دا، ڄاڻن ڪيا اي چٽيان

عشق دي نانگ ڪاڏم، نيهن نشا خُماري
زخم نهين پيا ڇٽدا، ٻڌ ٻڌ ٽڪيان پٽيان

مڙ ڪر آئي ني ماندي، پوپي، جوڳي ڦوڳي
زهر نهين پيا هٽدا، پرٽ گهتينس وٽيان

هٿ، پير دا اي ڏنگ نهين، ڪاڏس جگر دا جيرا
پلني ڪاوي لک پيرا، چوڙ ڳيا تہ مين مُني هان

ڪر ڪر آئي ني ميڙين، پاجائيان، پرا ءِ پيٽين
”تي نہ چَرِي سِڪ سياٽي“، ڪيوين ڪران جو مين لُٽي هان!

ڏنگ لاوي، چڇلاوي، ڦوڪي ڏيوي پيا ڪاوي
ميڏي من ڪون پيا پانوي، ”جانڻ چن“ مين هُڻ اُٺي هان!

## ڪافي 3

جيڪو حڪم ڪيتا هي قرآن، اهو ڪم فقير ڪريندي
ـ جيڪو حڪم ڪيتا هي قرآن، اهو ڪم فقير ڪريندي

”فاذڪروني“ قرب ڪماون ”مُوتُو قَبل“ مرد ملهائن
نال نفي دي آون جاون، توحيدي تلوار
محد مجُوسي ڪون مرد مارينديو!

Gul Hayat Institute

”اِن الله“ ٿيا امر الاهي، ”بقا بِالله“ دي ملي هي واڌائي
بَسم ٿي هستي مستي آئي، محو ٿيا مست خيال
هُو وچ گُم ٿي غازي گهاريندي

”الانسان“ سر ڪون سجود اي، ظاهر باطن اهوئي معبود اي
صوفي سڃاتي رمز ربُوب اي، ڪفر نڪو اسلام
”ڪُل شيءِ مُحِيط“، ويساهه ڪريندي

”جانڻ چن“ پاتي آپ وچ جهاتي، جيڪا هي ذات اهائي صفاتي
مُليان دي ڳئي مُنجهه مصلحاتي، عُمر پڙهيو ني قرآن
اکر نه هڪ اعتبار ڌريندي

## نظم

1

آهي فقير مالڪ مُلڪ جو، جي فقير نه هُجي:
مون کي قسم انهيءَ فقير جو نه دنيا هُجي

فقير سڀ ڪجهه ڏيئي ڇڏيو ڏيئي پوءِ تو گهري
جي نه گهري هان اگر، ”آهي الله؟“ نه هجي

وٺي هڪ ڏئي آسِي، اهڙو پيو ڪونهيوَ سخي!
اهو جي سودو نه هجي، واپار نه هجي

جيڪو ڏنئي هٿ سان هتي، سوئي ملندئي اُتي
اڳ ڪاڏي ڪاٿئون پري، جي بچت نه هجي

”اَلفَقَر فَخرِي“، چيو مالڪ مُلڪ جي
جوئي آ مالڪ سوئي آ ”فقير“، تنهن ۾ شڪ نه هجي

فقير ئي آهي ”اولين“، فقير ئي آهي ”مُرسلين“
جوهي ”اولين“ سوئي ”مُرسلين“ ”چن جانڻ“ پڪ هُجي

Gul Hayat Institute

2

فقير جو منُڪر الله جو منُڪر!

فقير اولين فقير مُرسلين!

”لااله“ نفي آ ”الا الله“ الف اثبات آ، فقير اولين فقير مُرسلين!
فقير ”بلال“فقير آ بانگو فقير اولين فقير مُرسلين!
فقير سڏي تو ڏسي ڏيکاري، فقير اولين فقير مُرسلين!
”الفَقَر فَخِري وَاَنا فَخَر هُو“، فقير اولين فقير مُرسلين!
”موسيٰ“ جي دعوت تي فقير آيو! فقير اولين فقير مُرسلين!
نماز فقير جي ظاهر کي سجدو، فقير اولين فقير مُرسلين!
روزو فقير جو قائم فقير جو فقير اولين فقير مُرسلين!
حج فقير جو عرفات فقير جو، فقير اولين فقير مُرسلين!
احرام فقير جو عمل فقير جو، فقير اولين فقير مُرسلين!
مينا فقير جو نفس اُضحيٰ فقير جو فقير اولين فقير مُرسلين!
زڪوات فقير جي، خيرات فقير جي، فقير اولين فقير مُرسلين!
”جانو“ فقير جو ”چڻ“ فقير جو فقير اولين فقير مُرسلين!

## ڪافي

**”فنا جو فرض“**

فنا جو فرض پڙهہ مُلان! تئين پوءِ لعل لاثاني!
سوا فرض فنائيءَ جي، پيو ڪسب سيئي ڪاني

لنگهي وڃ حد لاحد ٻئي، وڃي ڏس مُلڪ وحدت جو
”مُوتُو قَبَل وَ اَنتَ مُوتُو“ ڪري ڇڏ نفس قرباني

ذهد ۾ تيئي عمر ضايع، ليکي سان ڪينڪي ليندئي
الف کي اور اندر ۾، ڪرين پوءِ سير سلطاني

قضا، فارغ ۾ ڪجهہ ناهي، تئي تو قرب قائم سان
اُها جي هٿ نہ آيئي، هتي هُتي پريشاني!

بيت

## قرآن

1

پڙهه تورو ڪڙهه گهڻو ڪر نه ڪڪ قرآن
هڪڙي اور "الف" سان، ساڻ اٿئي سبحان
پڙهڻ، ڪڙهڻ ڪينڪي، اٿئي ذهد زيان
پنا ٿو پُرزا ڪرين، فيل اٿئي فرقان!
"جاڻ چن" چوي نقصان، بنا عمل جي علم اٿئي

2

بنا عمل "علم" ائين جيئن، سُڪي وڻ جي ڪاٺي
نڪو پن نڪا ڇانو نڪي بُور نڪا ٻاٽي
نڪي ٿر نڪي ڦُل، جيئن بنا شمع جاٽي
نڪي جر نڪي تڙ، جيئن کُوهه بنا ڪاٺي
"جاڻ چن" چوي اعتبار سان، پاتي جن جهاتي
تني ڪي ذاتي، هڪڙي "الف" ئي اڏي ڇڏيو

3

پڙهي .جن پروڙيو، پوءِ وري نه پڙهيائون
"مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو"، امُر مڃيائون
"فَاذڪُرونِي اَذڪُرڪُم"، وٽ نه وڏائون
"وَنَحنُ اَقرب اَليہِ مِن حَبِلِ اَلوَرِيد"، لوچي لڌائون
"وَفِي اَنفُسِڪُم اَفَلا تَبصَرُون"، ڇتو ڏٺائون
"وَاللهُ بِڪُلِ شَيءِ مُحِيطِ"، ڪُل ۾ وبساهه ڪيائون
جن پڙهي پُرجهيو ڪينڪي، ته ڪفر ڪيائون
پڙهيائون زبان سان، پر دل نه لاتائون
هِن ڳن جو هُن مان، ڪڏي ڇڏيائون
"جاڻ چن" چوي، قرآن پڙهيو نه پڙهيائون
باقي اُٿلائي اُٿلائي، انهن ناحق پنا پُرا ڪيا

Gul Hayat Institute

4

هوندي قرآن ڳالهين ڪي، مليو ڪين الله
روز ڏسن روز پڙهن، ڪيائون نہ اوڏانهن ڪاهہ
"فَدَمَ دَمَ عَلیھِم رَبھُمُ"، اھو رڙهي ورتائون نہ راهہ
امر مجيائون نہ آڳي جو اٿن نفس ساڻ نڪاح
"جانڻ چن" چوي پساهہ، پاڙيائون ڪين پرين سان

5

ملان ۽ ذاڪر قرآن ڪئون، اُتي روز پُڇن
جيڪي فرمايو فرقان، سو ڪٿو ڪم نہ ڪن
ڏين زور پڙهڻ ۽ پُڇڻ تي، سوچيو ڪين سُجن
ماٺهن ليکي مولوي، "هي عامل ڪامل هن"!
ڏاڙو هنيائون دين کي، نڳيو مُلڪ ٺلهن
"اِنَمَاالمُومنِين اَخَواۃ"، هي وجهيو وير وتن
"جانڻ چن" چوي سڙهين، روز روز ڪيو ڪڪ قرآن کي

6

هيڪر پُڇ قرآن ڪئون، ٻيهر وري نہ پُڇ
عمل ڪر اَمُرَ تي اهو سارو اٿئي سچ
جائي "جانڻ چن"، چوي وري وري نہ پُڇ
طلاق ڏيئي نہ تڙي ڇڏڻي!

7

صُوفين قرآن ڪئون، پُڇيو دفعو هِڪ
"مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو"، چاهہ رکيائون چِڪ
"اَلانسانُ سِرِي وَاَنا سِرَھُ"، لهي پيا لڪ
"خَلَق الادم اَعليٰ صوُرتَ"، ويا شڪ شِرڪ
"اللهُ بِڪُلِ شَيءِ مُحِيطِ"، هر جاءِ ڏٺائون حق
وسوسا ويا هليا، پئجي وئي اتن پڪ
"جانڻ چن" چوي سبق، هڪڙي مان ئي حضور ٿيو

Gul Hayat Institute

8

قياسي معني قرآن مان، ڪڍي مُلا ڪن
پنهنجي مطلب جي معنيٰ تي، مومن ويڙهائن
قُدسي معنيٰ قرآن مان، لڌي فقيرن
صوفين سُک ڦٽي ڪيو ڏُک بہ ڪين ڏسن
نمايو نفس جو ڪوڏيا ڪنڌ ڪپن
توحيد جي تلوار سان، مُلحد کي مارن
"الحُب الله وَالبُغضُ الله"، ڪم اهوئي ڪن
جانڻ چن چوي اٿن، دم دم جوش جهاد جو

9

سارو عرق قرآن جو صُوفين پيتو سُڌ
مکڻ ڪٽي ويا ماکٽي، مُلن پيتو ڏُڌ
"جانڻ چن" چوي نہ ٻُڌ، مسئلا مُلن جا!

## بيت

### قضاءِ فارغ

قضا بہ تي قضاڪي، فارغ بہ ٿيو دوُر
ٿئي پاسا حرج ۾، مُنو آ معذوُر
الله "قائم" چئي قرآن ۾، هي ڪيڏو آ ڪلُور
"جانڻ چن" چوي مُور مليو ڪين مُنن کي

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### قلب

ٺاهي قلب قدسي ڪعبو آدم منجهہ آبو
"سِرِي وَآنَا سِرِهُو"، سر پاڻ بنجي آيو
ملائڪن ڏنو "معبود آ"، تڏهن ڪيو سجود آ
انهي رمز ۾ ربُوب آ، عزازيل کي تڙايو

لڳو هو ذوق ذات ڪي، پسند ڪيائين صفات ڪي
سهڻو ناهيائين محلات ڪي، انهيءَ گهور ساڻ گهايو

ڏسو عشق جون هي چاليون، نت نت آهن نراليون
ڳجهيون عشق ڪري تو ڳالهيون، "انا الحق" الايو!

"جانڻ چن" تي غازي، ڪٿ عشق جي تون بازي
جيتر دم نہ ٿئي پروازي، انهي دم سان دلڙي لائيو

**بيت**

### ڪانڌ

1

سڀ سڏائين تنهنجون، منهنجو بہ آن تُون
ٻيون سڀ سهڻيون، ڪوجهي آهيان مون
ٻيون سڀ سڦريون، لانجهي آهيان مُون
ٻيون سڀ تڪڙيون، ڍري آهيان مُون
جانب! "جانڻ چن" سان، قُرب ڪندين شال تُون
ماندي آهيان مُون تہ تون ڪانڌ الائي ڪنهن جو ٿيئين!

2

تنهنجون ٻيون سڀ گهڻ گهريون، تن مئون هڪڙي مون ڪمذات
ٻيون سڀ ڳتڙ واريون، مون ڏنگي ڏينهان رات
جانب! "جانڻ چن" جي، ڀُئوٽي آهي ذات
مون ڪي تڏهن آ هيهات، تہ تون ڪانڌ الائي ڪنهنجو ٿيئين!

**بيت**

### ڪربلا

1

عام "دشمن" عارفن، "دوست"ڪربلا آيو
"شمر" جي جامي، سچڻ سامايو

Gul Hayat Institute

مشڪل سمجهڻ مام آ، اوڪو تي آيو
"حُسين" ڏنو تہ "حق آ"، سرڙو نوايو
"پلي نري هٿ حبيب جوا"، ڪنڌ نہ ڪڍايو
"حُسينِ" هيڪڙائي جو پڪو ڪيو پائو
ڪربلا جي ميدان ۾، هٿ نہ هلايو
"جانڻ چن" گهُمايو مهديءَ انهيءَ مُلڪ ۾

2

ڪاتيون ڪُهڻ آيون، تي عاشق ڪي اظهار
عاشق سر اڏيءَ تي، نهدل ڪيو تيار
"جانڻ چن" جيءَ ۾، ڪري ڏٺم ويچار
تہ ڪاتيون پاڻ ڪُسي ويون

## ڪافيون

### سنڌي/سرائڪي

### ڪردار

### ڪافي 1

ڪم ڪُل ئي اهڙا منهنجا، لوڪ تي ناهي ميارا

ٻن ڪي ملايان، پڙوو آهيان
چوري ڪريان تو چور بہ آهيان
اهو آ منهنجو ڪردار، لوڪ تي ناهي ميارا

چوري ڪيان تو موٺائي نہ ڏيان تو
ٺڳ پروڙي ڪين وٺان تو
سر جو ڪيان واپارا لوڪ تي ناهي ميارا

واردات جو آهيان پڪو پُختو
ڪپُ ڪُپي ويس هڪڙو نقطو
ڏڙ سري ڪان ڏارا لوڪ تي ناهي ميارا

Gul Hayat Institute

اُلٽي ٻولي اُلٽي چالي
لامذهب جي اها پيرولي
کهڻي رهڻي آهي قرار لوڪ تي ناهي ميار!

ٻارهين امام جو طالب آهيان
باطل مٿان غالب آهيان
عاقل ناهيان عاشق آهيان
مهدي ٿيم مهندار لوڪ.تي ناهي ميار!

ڪي ”جان محمد جانڻ“ چون
ڪي تا مون کي ”تامڻ“ چون
ڪي ”برهه جو بادل ساوڻ“ چون
”جانو“ ٿيس اظهار! لوڪ تي ناهي ميار!

## ڪافي 2

دنيا چڱي هم خراب، جُٺ ڦٺ ڦڪڙي سر تي چايم
ور وچايم شرم حجاب! دنيا چڱي هم خراب!

عشق اڱڻ تي خيما کوڙيم، ننگ ناموس سيئي ڇوڙيم
شرم حيا کون لت ڏيئي لوڙيم، ڪڏهن نه ڪيتم ڪم ثواب!

عشق دي فوج امالڪ آئي، علم عقل ڳيا ٻُنڊ ٻڌائي
مذهب، ملت نا موڪلائي! آيا جڏهن نينهن نواب

گيڙو ڪپڙا گلابي رڱايم، فند فقيري مڪر بنايم!
”جانڻ چن فقير“ سڏايم! ڏيسان اتهين کهڙي جواب؟

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪعبو

### ڪافي 1

اصل ڪعبو وسايوسين، نقل ڪعبو ويو وسري
گهڙياسين گهير اُونهي ۾، روزا نمازون ويا وسري

نفي جو چنگ چوريوسين، مٿو ڏاڍي جو ڏاريوسين
ترارن ساڻ پوريوسين، مون ڪئون مرڻ ويو وسري!

ڇڏيوسين ڇپن چورڻ کي، هٿن پيرن جي توڙڻ کي
ڪياسين بند سڀ بازو، ذڪر ظاهر ويو وسري

"اَنا اَحمَد بِلا مِيم"، سڃاڻي ٿياسين آرامي
جنهن کي هٿ پيرنہ سر آ، اهو معبود ويو وسري

منجهيل ڦوري جو ور ڦولي، لڌوسين يار کي ڳولي
آيو "عربي" جي اولي، پيو الله ويو وسري

نڪي اڪيون نڪي ڪن آ، نڪي صورت نڪي من آ
اهو ناهيو مُلن "موليٰ"، "جاڻڻ چن" ڪان ويو وسري

### ڪافي 2

لنگهي ويا پير ڪعبي ڪئون، اڃا ڪعبو آهي اوري
سڌن کي جي سنگهوڙيان ٿو تيب ڪعبو آهي اوري

اولهہ ،اوڀر، اُتر، ڏکڻ، ڏگهيريا پير مون پنهنجا ٥
ڏنم چئو طرف چئوڏاري، الله جو گهر اڃا اوري!

شاهي، پيري بزرگي کئون، جڏهن بيزار ٿيئڙس مون
ٿيس فقير قائم ڪِيُر، ڏٺو وچي ڏيهہ مون ڏوري

ڪشف، ڪاني، ڪرامت ٻہ، اها هي راند ٻاراڻي
اُهو آ مرد سو غازي، ڏنو جنهن سرڙو سوري

ڪيو جڏهن ياڳ مون ڏي پيرو ڪُپيري جو لڌم پيرو
ڏنو نيئن دوست جو ديرو "جانڻ چن" چنگ ڪي چوري

## ڪافي 3

مون ڇو وڃان ڪعبي ڏي، ڪعبو آهيان جليلي
ڪعبو اڇي هُو مون ڏي، ڪعبو آ هُو خليلي!

"اَسۡجُد الآدَمَ" آهيان، ملائڪ جهُڪن تا مون ڪي
فرقان منهنجو شاهد، سڀ ڪجهہ سونهين تو مون ڪي
اڪين ڏنو چٽو هان متان پائنيو دليلي!

الانساني، آدم شاني! ناهي منهنجو هُو ثاني
اول، آخر، باطن ظاهر، آهيان مون باني
ارض سما ۽ ڪُرسي منهنجي سيئي آ مالي

مون منجهہ ٻولي ٻُڌائي، هُت آ چپ چپاتي
گوگاءِ هُتڙي ڪونهي، ڪونهيس گهر ۾ پاتي
"وَفِي اَنفُسِڪُمۡ" مون منجهہ پري ڏي تو جهولي

چوڏهين ۾ "مهدي" مليو پنڌرين ۾ تي پڌرائي
مون منجهہ مزو اڇي ويس صاحب رهيو سدائين
نفي ۽ اثابت جو هوڪو حلالي!

جيڪي آيا هن مون ڏي سيئي ونڌ وٺي ويا
مقصد معرفت جو ڪير ۽ ڪنڌ وٺي ويا
هُن ڏي ويا ڪروڙين، آيا سيئي خالي!

Gul Hayat Institute

ويساهه جن ڪي ناهي، تن سان منهنجو ڇا هي؟
"جاڻ چن" ٻڌايو گمراهه اڳتي ڪاهي
ٿيندو هي هُل حشر ۾ ظاهر ٿيندا ذليلي!

### ڪافي 4

ڪانهي ڪاڻ ڪعبي جي، مون هيان پاڻ ڪعبو
هُو هڪ هنڌ، مون هر جاءِ، مون هيان زنده ڪعبو

"سَميعٌ بَصِير"، ڏسان تو ٻُڌان تو
هٿ پير مون ڪي، ڏيان تو وٺان تو
گهمان تو ڦران تو اٿئي منهنجو هُل هاٻو

"الف" "ع" مخفي رمز رَلِي آ
صورت ۾ ثابت رب جَلِي آ
ميم "محمد" ثابت آهيان ساڳو

هُو ڪعبو خليلي، مون ڪعبو جليلي
منهنجو آ بنايل، منهنجو اٿئي ٻيلي
"اسجدو الآدم"، ڪونهي منهنجو بابو

ملائڪن جو معبود مڙيئي ٿيا مون کي ساجد
ڪيائون فرض پُورو مون ۾ هي واجب
مُنڪر آ منهنجو نصيبن نياڳو

"وَنِحَنُ اَقرَب" قول قرآني
"وَفِي اَنفُسِڪُمْ" آ جيءَ ۾ جاني
جيڪو نه ڪري ويساهه سو ڳنڍه کي آ ٽاٻو

ڄاڻائي علم لُدني، پڙهيو تو پڙهيائيان
ان مٺون عشق جي مون، لهر تو ٻڌائيان
مون ٻوليندڙ هُو چُپ ۾ هُو آ گُونگو ڪعبو

Gul Hayat Institute

”جان محمد“ باقي ڇا رهيو آ
”لَحَمَڪَ لَحِمي“ باقي ڇا بچيو آ
پوءِ ”چن جانڻ“ ٻڌجي، ڪيان ٿو واعظ واڳو

## ڪافي 5

مون هيان اصل قديمي ڪعبو جليل جو
مخلوق منهنجي آهي اهو ڪعبو خليل جو

جڏهن مونکي سجود هو تڏهن ڪعبو هو ڪٿي
ملائڪن ٿي سر جهُڪايو وڏي نياز سان مون کي
عزازيل کي مليو ڇا بُري دَليل جو!

مون کي سڃاتو آ تنين، جن عشق ٿيو امام
مون منجهه رحيم آهي، مون منجهه اُهوئي رام
مون کي سجود آهي مستن اُليل جو

ٿي آ عطا عنايت، ”پنج تن“ جي پار کان
تصوف طالبن کي، ”عربي“ آڌار کان
پيالو ”علي“ پياريو سيد سبيل جو

”جانڻ چن“ لڌو آ، ”ونحن“ جي ويڙهه کان،
ملان قاضي پري ويا، رهجي ويا راهه کان،
اچي ڪم پيو انڌن سان، فرقان فيل جو!

Gul Hayat Institute

**بيت**

### ڪلمو

جن ڪلمو پڙهيو زبان سين، تن وٽ آهي ڪال!
جن ڪلمو پريو قلب سين، اُهي مال و مال
ڪلمي جي الله کي، ڏني عشق صلاح

”نفي تي تہ اثبات ٿيئن، پوءِ ٿيئين الا الله“
”نانهہ“ منجهئون ”آنهہ“ تي، ظاهر ٿيو الله
”جاڻ چن“ چوءِ پائي تاج ڪُلاهہ مالڪ ٿيو مُلڪن جو!

## سرائڪي ڏوهيڙو

ڪلمي دي خبر اڳي نہ هيوسين، صحيح عشق ميڪون سمجهايا
صورت والي سوز اندر وچ، ”مهدي“ هي رنگ لايا
هڪ وچون جيڪو ڏوُن جاڻي، اُهين دوجڳ دين وڃايا
ميم دا اولا پيچ پيا پولا، جڏهن عشق اسان نون آيا
عشق دي توري ڪيوين لهسن ”جاڻ چن“، جنهن آڪي ايمان بچايا!

## ڪافيون

سنڌي/سرائڪي

### ڪافي 1

ڪلمو آهي نفي اثبات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات!

وڏائي الله جي عشق لڙي پيو
وڏائي هارايو عشق چڙهي ويو
”لااِله“ پوءِ تڏهن تي لات،
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات!

”لااِله“ سان رهيو. نہ لاڳاپو
”اِلا الله“ سان پيچ مون پاتو
”محمد رسول“ الله اثبات!
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

اول، آخر، باطن ظاهر
”ميم“، ”الف“ سان ٿيس مون ماهر
الف، ميم جي ويئو محلات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

Gul Hayat Institute

”ڪُن“ چيائين، هر شيءِ ٿي وئي
لفظ هڪ ۾ خُدائي بڻي وئي
ڳڪ پَنُ ۾ مون ڏٺي تجلات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

”ڪُن فيڪون“ تہ آهي ئي آهي
روز ٿو ٺاهي روز ٿو ڍاهي
قائم دائم آهي همذات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

هيڪل سگهيو اڳي بہ نہ ويهي
تڏهن بنائين منهنجي ديهي
ذات رهي ٿي منجهہ صِفات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

نفي اثبات جي ڳل نہ جنهن کي
آهي اُونداهي رات تنهن کي
اهو ناهي انسان آهي حيوانات!
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

”جاڻ چن“ چوي مرشد مليو ويو
بيشڪ منهنجو ڀاڳ کُلي ويو
ٿي ”مهدي محمد“ سان ملاقات
ڪلمي بنائي ساري ڪائنات

Gul Hayat Institute

## ڪافي [1]

هڪ ڏينهن مرشد ڪلما پڙهايا، ول ول ڪلما نہ پڙهسان
ڪائسان حرام، ڪريسان چوري، آڙ ڪنهين نہ اڙسان

چال چوراڻي مرشد پڙهائي، ياڻ ياڳئي دي تڙ ويسان!
چورائي سان گلا، تيسم پلا! چوٽ اِهين نال چڙهه ويسان

ياڻ ياڳئي دا ويڙهه وجودي، تيڙ تران تي نه رُلسان!
چوڙ ڪي مسجد، مندر مڙهيان، قلب اندر وچ ڪڙهسان

نابوُد "نفي" وچ"خفي" "روحُي"، "سري" "قلبي" ساز وڳا
صورت ثابت صحيح ڪيتوسي، ڳالهه اهين ڪنون نه مُڙسان

"ونحن اقرب" راز هي اوڪا، عشق بنا نهين سمجهڻ سوڪا
"جاڻ چن" ڳون "مهدي" موڪيا، عشق دي سُولي تي چڙهسان!

## ڪافي

ڪم الله جو

هِتڙي ملندئي الله
ڪم الله جو ڪر ميان!

- جنهن ڪم سان نتو ملي، اهو ڪم الله جو ناهه
- رڪت اوڏاريون ڪين ڪري، هتئون هٽ حق آهه
- الله وٽ انصاف آ،"وَمَن يَعمَل" مثقال آهه
- "موُتوُ قَبلَ" تي وڃ، پوءِ مرڻ توتي :اهه
- جاڻ چن جائي چوي، سهڻي آئي هيءَ صلاح

## بيت

ڪين

"موُتوُ قَبَل اَنَتَ موُتوُ"، ڪيو عاشقن آمين
"ڪين" ڪمايائون "ڪين" ٿيا، "ڪين" مرتي ويا "ڪين"
نانگن ڪي نفي جي برهه سيڪاري بين
چڙهي وينا چيني تي، زوري رکي زين
سوري مچائين سڌ تيو ڳُڏائي پيو ڪين

”فَاذڪُرُونِي اَذِڪُرڪُم“، دل سان مڃائين دين
هليو پاس حبيب جي، ڪٿائي پيو ڪين
نفي، خفي، روحي، قلبي، سري رنگ رنگين
اخفا اخفي اسيرا ۾ ويا، ڏس پين ڪي ڏين
لاهوتي لامڪان ۾، ويٺا ونڊ ونڊين
جوڳيئڙا جبرُوت ۾، ملڪُوتي ماڻين
ناسُوت ۽ ھاھُوت ۾، ”جانڻ چن“ چوي آمين
چوڏانھن طبق چڪر ۾، ڪيائون تڪمين
ارض ۽ اقليم، هڪ قدم انهن جو ڪين ٿيو!

## ڪافي

ڪين ۾ وياسين ڪين ٿياسين، ڪين جي ٻولي ڪين
مھراڻ ڪي موج ڏني سين، ڪين چوي پئي ڪين

غار انھيءَ ۾ گھڙندو ڪو غازي
پٽريل آھي اوکي بازي
ڪفر نڪي آھي دين!
ڪين جي ٻولي ڪين

ھيڏانھون ٻه وياسين، ھوڏانھون ٻه وياسين
پئي جھان ئي پڙ ڏناسين
ھندو نڪي مسلمين!
ڪين جي ٻولي ڪين

”سڪندر“ ڪيو ھو ڪين جو سايو
دھشت تنھن کي آھي دٻايو
ھٽ نه آيس ڪين!
ڪين جي ٻولي ڪين

Gul Hayat Institute

عاشق ڪين ۾ ترن اوپارا
اُلٽا قُلتا وڃن لهنوارا
برهه سٽائي آهين بين!

ڪين جي ٻولي ڪين

آب حيات ڪين ۾ آهي
"جاڻ چن" چوي ڪو سرڙو سهائي!
پاڻ ٿياسين آمين!

ڪين جي ٻولي ڪين!

## ڪافي

### گُم

رمز رنديءَ ۾ گُم ٿي وياهُون
اها ناهي خبر الاهي آهيون ناهيون!

نفل نمازون وسري ويوسين
فرض واجب وتر وياسي
وٽ نہ لڳي ٿي واندا ناهيُون

صابر آهيون الائي شاڪر آهيون
مومن آهيون الائي ڪافر آهيون
نوري آهيون الائي ناري آهيون

ٻلا آهيون الائي ٿلها آهيون
"الا" آهيون الائي "بلا" آهيون
دين الائي ڪفر ٿا ڪمايون

عرشي آهيون الائي فرشي آهيون
لوح قلم الائي ڪُرسي آهيون
قدرت آهيون الائي قرضي آهيون.

Gul Hayat Institute

پُرنوش آهيون، خاموش آهيون
نينهن نشي ۾ انوش آهيون
"جانڻ چن" چوي اسين خاڪ آهيون

## ڪافي

لا

"لا" دي ڪاتي نال ڪنڌ ڪپايم!
جوڳي تي مين منايم، سامي تي مين منايم!

ڏوتي ٻڌڪي جٽيا پايم
تازا تازا تلڪ لڳايم
ڪافر تي محبوب ريجهايم
"لا" دي بين بجايم

ساڌو ڪون مين سجدا ڪيتا
پُر ڪر پيالا پريم ڪا پيتا
"الله" جيڪو سُٹدي هاسي
"مهدي" نظر آيم

عشق گُرو دي ڏتا جهوٽا
دست ميڏي وچ گڏون موٽا
سر دي اوپر ٻڌم چوٽا
سيني هاتي چُپايم!

چير پيران وچ يڳتي بنيم
گهنڊ دا مُلڪ وچ هُل هُلايم
"تون هي تون" دي تار بجايم
لوڪئون آپ لڪايم

من منوتي نا ميڪون مانو
جان پڇان ٿيئڙس "جانو"
شاهہ نہ پير، نا مين خانو
فيض فنان وچون پايم

Gul Hayat Institute

## ڏوهيڙو

### لا مذهب

وٺ راهہ رندي ٿي لا مذهب! ڇڏ پاسو مسجد مندر جو
تو منجهہ مسجد تو منجهہ مندر تو منجهہ ديرو دلبر جو
پاڻ گولج پاڻ سڃاڻج، نہ ٿي ڳيجهو ٻي در جو
صوم صلواتئون ٿي وڃ عاري، گهٽ لُوسي لُومبڙ اندر جو
عشق اصل ڪئون رهبر هادي، آهي رهبر رندن جو
صوفي "جاڻ چن" کي سبق پڙهايو پير مُغان اهو درس ڏنم دلبر جو

## بيت

### لڏ

1

جاڳيس نہ جار ڪري ڪس ڪمايم ڪوڙ
عيبن جا سر تي، بار وڏا پرپُور
لاهيندو "جاڻ چن" تان، لطف ساڻ غفور
موڳا ٿي نہ مغرور، پوندئي ڪم ڪريم سان

2

پوندئي ڪم ڪريم سان، هتئون ويندين هڪ
نصيحت پنهنجي نفس کي، سيکارج سخت
ڪيئي امير اُتي ويا، ڪاڏي ويا تخت!
"جاڻ چن" گوش ڪر، تنهنجو آهي گهٽو ست
متان پوءِ هٽي هٽ، جڏهن لڏين هن لوڪ مان

3

لڏڻ ڪئون اڳ ۾ غير غفلت ڇڏ
محبوب جي محبت، جو گهر اندر ۾ اڏ
هڏي ڇڏ هوڏ واري، هڏي نہ رک هڏ
ويهي اور الف سين، پاڻ ميم سين گڏ
"جاڻ چن" در محبوب جو نہ ڇڏ تہ ساٿي ٿيندو سڪرات ۾

Gul Hayat Institute

## ڪافي

وڃي اڳتي يار! اڏ تون
هتائون جا محلات ڍاهي

سڪندر سڏائي "والي"، ڪيو هٿ ويو آ خالي
سڀ ڪجھ اتي ڇڏيو ويو لشڪر خزانا مالي
تنهن ڪان اڳيئي هٽڙي، حِرص هَچارو ڇَڏ تون

ڪُرسيون ۽ ڪوچ بنگلا، گهڙي جو، گُذر تي
تنهنجو آ ڪم قبر سان، ڏاڍو لمبو سفر تي
ڏيئي طلاق تن کي، مِٽي سان پاڻ گڏ تون

مرڻئون اڳيئي مر تون، پوءِ آ تنهنجي حياتي
جيڪي مري ويا جٺري، مُورئون نٿن مماتي
"مُوتُو" واريَ اَمُر کي، سڏ ۾ ملائي سڏ تُون

"جانڻ چن" چوي عاشق، انهيءَ راھ سان رسي ويا
پنهنجو پرين پيارو پارس سي پسي ويا
ٻولي ويا ٻُڌائي، "لڏڻئون اڳيئي لڏ تون"!

## ڪافي

لعل

تو منجھ آهي لعل
چو تو پنهنجو وقت وڃائين

پُر خزانو تو منجھ آهي
جاءِ انهيءَ جو نٿو تالو لاهين
پاڻ ۾ جهاتي ڪين تو پائين
هوندي سوندي تي ڪال!

Gul Hayat Institute

موتي انهيءَ جو مُلهه نہ ڪو پائي
ٻئي جهان توڙي رَلائي
اهڙو قيمتي گوهر آهي
تون ڪڏهن ناهين ڪُلال

غازين ڪي وري ڪهڙو غم آ
گذر جن جو دلبر دم آ
اونڌي ڪنڌ اور اسم آ
نفي مئون تيا نهال

"جانڻ چن" چوي تون آ سمندر
تو منجهه مسجد تو منجهه مندر
تو ۾ مستي تون آ قلندر
تو منجهه جل جلال!

## سرائڪي ڏوهيڙو

### ليلا مجنون

لوڪ آکيا مجنون ڪون، "تيڏي ليلا دا رنگ ڪالا!"
مجنون انهي ڪون جواب ڏتا، "اهو هي ڪو راز نرالا!"
"ميڏي ليلا بہ ڪالي، غلاف بہ ڪالا، هي رنگ اڪر قرآن دا ڪالا"
"لوح بہ ڪالا قلم بہ ڪالا، هي رنگ آسمان دا بہ ڪالا"
"طُور بہ ڪالي سُرما بہ ڪالا، هي نوُر اکيان دا ڪالا"
آکي "جانڻ چن" اهين ڪالي رنگ وچون عاشق چاڻن۔
هي اندر جنين دا لعلا ٻاهر ڪالا!

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

ڏٺي مجني هُئي ليلا ۾ تجلي
پيا پيا ڇون "ڪاري گدِلي!"

چيو مجنون " اک نہ هلي ٿي"
"جيتر ليلا جي رنگ نہ ملي ٿي"
"منهنجي ليلا جي رنگ سان ڪلي ٿي"
"جڏهن ڪاري ٿئي ٿي هوءَ ڪجلي"

چيائون مجنونءَ کي، "ليلا مس آ!"
چيو مجنون تہ "مس منجھ چس آ!"
"ڏسو قرآن ۾ ڪيڏو رس آ!"
اُتي آئي آ ليلا جي بدلي"

انهيءَ رمز کي صُوفي سڃاڻن
سهٽي، ڪوجهي ۾ فرق نہ ڄاڻن
ڳُجهو راز رندي رند ڄاڻن
ڪولي ڇڏي عشق آ ڳلي

اڇي نيهن وڄايان نغارا
تنهن مئون ڄاڻن وحدت جا وينجهارا
"هم اوست" جا پنٿ نيارا!
هڪ ٿيو حرامي حلالي

توڙي ساري عُمر مون وڃائيان
ٿورو "مهديءَ" جو ڪين لاهيان
"جانڻ چن" مون سِيس ڪپائيان
ٻاري مُرشد مون ۾ آ بجلي

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

مجنون ليليٰ جي سجدي مئون عزت وارو ٿي ويو!
عزازيل جي انڪار ڪيو سزا دار ٿي ويو!

انهيءَ رمز کي پڇاڻج، پنهنجو تون پاڻ سُڃاڻج
شڪ ۽ شرڪ نہ آڻج، اظهار ٿي ويو

منصور ڪين مُڙيو توڙي سُوليءَ تي چڙهيو
عشق جي موج مڙهيو سنگسار ٿي ويو!

مُورک ٿو پاڻ رولي، ڳجھ جيئان ٿو ڍونڍي ڳولي
ڊرنگ لاءِ ڪُڪڙ جان ٻولي، پر ڪور ٿي ويو!

مُلن ترار ڪڙڪو سالڪ ڪڏهن نہ ڌڙڪو
هماءَ جان ڏيئي پڙڪو واپس تيار ٿي ويو

”جاڻ چن“ پاتي، پنهنجي اندر ۾ جهاتي
پنهنجي ذات آ سڃاتي، ٿمتار ٿي ويو!

## بيت

### مارئي

1

اڄ نہ ساريم سُومرا! پنهنجي مارن جا ماڳ
ڏٺ اباڻي ڏيهہ جو سيباٽا اٿم ساڳ
چڱي ڪري ”چن“ سان وطن واري واڳ
دل تي اٿم داڳ، ڪندون تنهنجون سُومرا!

2

عُمر! اشرافن سان، نہ ڪر ظالم! تون زورا
مارو منهنجا ملير ۾، اٿم ڪورا ئي ڪورا
نڪي عيب انهن ڪي مارو موچارا

Gul Hayat Institute

عمر اجڙوالن جا، اٺم جيءَ اندر جهورا
اهڙو حاڪم ٿي نہ هجي، جو ڪري ضعيفن سان زورا
موڪل ڏي تہ مُلڪ وڃان، جتي ڏار پڪا ڏڻرا
ڏيهين ڏاج سنباهيو جام مون لاءِ جورا
”جاڻڻ چن“ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا

3

عُمر آڇ نہ مون کي، هيرا، لعل هسيون
پلئون پيالن ۾ اسين، نڪي چين بسيون
نڪي ڪائون خُونچا، ياڳن وٽ لسيون
عُمر! اباڻي پار ڏي، ٿا پين پاڪ پسيون
جاڻڻ چن چوي تسيون، شال پياريندا پلڪ ۾

4

عُمر! آڇ نہ مون کي، ادا! ويس وڳا
مهڻا مارُن جا مون کي، تکا تير لڳا
سارن مون کي، سُومرا! سانگي مٺ سڳا
”جاڻڻ چن“ چوي قيدي ڪوٽ ڀڳا، مٿئين ملي مارئي

5

مران شال ملير ۾، پوان پيراندي پرين
مڙي اباڻا مُئيءَ کي، من سرس سينگارن
غُسل هن غريب جو من ڪوثر منجهئون ڪن!
چڱا چارئي يار اچي، ڪانڌي ڪلهو ڏين
جنازو مون جڏيءَ جو منجهان پرت پڙهن
لٽين لوڙهہ لُطف سان، ڪليو ختما ڏين
پنج تن جو غُلام، چاڪر ماڻ چون
”جاڻڻ چن“ جڏي کي، جنت جاءِ ڏين
اهڙا ڳڻ ڳنڍين، تہ چا هي قيامت چا ڪندي

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### ڪافي 1

منهنجي مارُن سان آهي جِيءَ جي جڙي
روئي سانگين لاءِ، ويو آ ساهه سڙي

پلي ڏڙ ڪئون سري لاهِ عمر!
جيڪا ڪرڻي تئي سا ڪاهِ عمر!
پلي لاهه اندر جي تون باهِ عمر!
قادر قيامت ۾ وجهندئي قيد ڪڙي

توڙي گهاتا ڏيئين تو تون غمڙا گهڻا
تب شڪر ڪيو پئي تي سر تي ڪٽا
آڏو مارُن ڪي شال ماڙ وٽا
اهو درد ويو تم چوٽ چڙهي

"جانڻ چن" ادا، ڪر صبر سدا
ڪندو ڪين خدا، مارُن ڪئون جدا
هي آ من جي مُدا، ڪيان روز گدا!
منهنجي مارُن سان تي مقام مڙهي

### ڪافي 2

Gul Hayat Institute

منهنجي پت پڙي سان پهنوار
عمر! موڪل ڏي تہ ملير ڏي ڪاهيان

مُلڪ مارن جو ٿُوهر تڏوئي
پلُو پسايم رت منجهه روئي
مون ڏي مارُن جي ميار
حرف هزارين لک تي پانئيان!

روز ڪيان آهُون، درد جون دانُهون
اتم اُميد ايندم اوڏانهُون
ستت لهندا سنڀار
روز مارن ڏي تي ڪانگ اڏائيان

”جانڻ چن“ ڪي وهم وڌو تيو
قسمت ڏس ڪٿي ڪِيس ڪيڏو ڪيو!
طلب مارن جي آهي تارئون تار
لوئي اباڻي ڪين لڄائيان!

## ڪافي 3

مارُو مُلڪ پنهنجي تي مير ادا!
سُڪيا سانگي پيِن ڪليو ڪير ادا!

موٽائي مُلڪ ڇڏين، پئي آهيان تُنهنجي تڏي
مارن سان نيئن گڏي، ڇڏيان آل اڏي
ٿيند ئي ڪجھ نہ ڪڏهن، ڏي تون روز ڇڏي
ڪيو تہ سِڪ سانگين جي زهگير ادا!

ائين دل تي چوئِ، گهاريان هت نہ گهڙي
منهنجو مارُن سان ٿئي مقام مڙهي
اچي درد لاتي آهي، دل تي ڏڙي
مون سان ڪيس ڪيو آ تقدير ادا

”جانڻ چن“، اميد نہ لاهيان مُون
توڙي سانگين کان جُدا آهيان مُون
راتيان ڏينهان ملير ڏي ڪاهيان مُون
عمر! نيٺين وهائيان تي نير ادا

Gul Hayat Institute

## ڪافي ٤

ڪانگل! وڃ تون مارُن ڏي، نياپو نماڻيءَ جو ڪٺي
نياپو نماڻيءَ جو ڪٺي، اجر ڏيندئي پاڪ ڌڻي!

هت جي منهنجو حال ڏسن، مارو مون سان ڪين رُسن
روئي ٿا نيڻ پُسن، تن لاءِ جن جي آهيان چٽي

پيش مارن جي پئجان، سارو منهنجو حال چئجان
سر قدمن تي ڌر جان، دانهُون ڪجا هتڙا هٽي

جهڙو ڪي تهڙو تن جو "جانڻ چن" ڳن پنهنجو
جن ري ضعيف حال منهنجو تن جي آ طلب گهڻي

## ڪافي ٥

ڪيت سان مارئي! ملير ۾ ملُ
پري ڪونہ سگهي، ڪنهن وٽ ڪونهي مُلھ

سرهون ساڳ تيا، پلا پاڳ تيا
هت ويڙهين منجھ ويراڳ تيا
تنهن جي ڪوٽ رهڻ دل تي داغ تيا
اهو ڪوٽ عمر تنهنجو ناهي ٿُل

ستي! ست تنهنجو شال ثابت ٿئي
جيڪو خواب ڏٺم سو سجايو ٿئي
اهو ساڙ عمر جو اجايو ٿئي
هت هٿ ۾ ڏيئي پنهنجي ور سان ڪل

تنهنجا مارو فقير، توکي ياد ٿا ڪن
سُڏڪا سخت پري، فرياد ٿا ڪن
اهي آهون عمر کي هدايت ڪن
تنهنجي جهوڪ جهنگل، تون پنهنجي جاءِ تي جهُل

Gul Hayat Institute

تنهنجون سرتيون توکي، هٿ سارين ٿيون
”ڪري مارئي! مارئي!“، پُڪارن ٿيون
اهو سڪ جو سڪو ڏيکارين ٿيون
تنهنجي سهڻي آ ٿور، اچي تن سان ٿُلَ

تون آهين ستي تنهنجي، سنگت ستي
تنهنجو غيرن ۾ رهڻ جائز نٿي
تو وٽ عشق هاديءَ جي موج متي
نڪري غيرن مئون، اچي ٿي تون گُل

تنهنجي سُوءَ ملير ۾ مارن کي
تون متان ڪوٽ عمر ۾ مينڌي مکين
تو لاءِ ڪيت جو پيو تو جيءُ جُکي
تنهنجو سهڻو سير، اهو آهي امُلهه

”جانڻ چن“ چوي، غم گُوندر ويا
اڄ يا سيائي ڏُک ڏونگر ويا
ڪيو پاڳ پيرو سڀ سهنج ٿيا
چيو سکن ڏکن کي، ”هل هل هل!“

## ڪافي6

لڳو مارئيءَ ڪيت جو ناتو
آهي مارئي ڪيت سڃاتو!

مارئي ملير ڏي آئي
روئي آب اکين ۾ آڻي
پلي مارئي ملير ماڻي
جنهن سينو صاف آ ڌوتو

Gul Hayat Institute

مارئي ملير ڏي آئي
ملي مارئي ڪي آ واڏائي
مارئي ’مرد‘ آهي ناهي ’مائي‘
جنهن سيني سير سماتو

اچي عشق ڪئي اظهاري
پنهنجي نينهن ڪئي نرواري
اها صورت جي آ ساري
جنهن هاديءَ ڪي حق ڄاتو

آهي ’عشق‘ عاشق جو سائين
ويندي قائم قيامت تائين
آهي ”مهدي“ حيات سدائين
اهو ”جاڻ چن“ موتي پاتو

## ڪافي

### مان

”ڪافر“ ٻي ڪنهن ڪي نه چوان، ”شداد“ به ”مان“ ”فرعون“ به ”مان“
عمر گذاريم غفلت ۾ سائين! آهيان ٻي فرمان به ”مان“

عزازيل آدم ڪئون منهن هو موڙيو قدرت تنهنجو عهدو ٽوڙيو
سون آدم کي ”مان“ آ ايذايو آهيان وڏو شيطان به ”مان“

جنهن نقل ڪعبي جي ڪئي هئي چڙهائي تنهن تي هلي آ ڪفر جي وائي
اصل ڪعبا ”مان“ ڪيئي ڊاٺا، ”ابرا“ ۽ ”هامان“ به ”مان“

ظاهر ”مومن“ ”باطن“ ”ڪافر“، دل ۾ دغائي ظالم زابر
ماڻهن جي منهن تي صابر شاڪر، آهيان وڏو مروان به ”مان“

”جاڻ چن!“ فقير سڏايم، ڏک ڏکڻ ۾ ٻُڏڻ نه آيم
عمر سڄي ”مان“ ڪوڙ ڪمايم، گند وڏو گهمسان به ”مان“

Gul Hayat Institute

## بيت

### مٺ

1

ڏسڻ ۾ ٿڌا مٺ، تن ۾ مئون لهي نه اُڃ
اندر دڦ دوئي جو، سانوڻ سياري سُڃ
جيڪي ويا انهيءَ ٿاڪ تي، سي رولي مار يا رُڃ
"جانڻ چن" ويا پٽ ڪان، رهندي وين مُڃ
هٿين سڪٽي ڪُڃ، بنا ور ۾ ولهي تي

2

ڏسڻ ۾ ٿڌا مٺ، اندر ۾ ڪوسا!
جيڪي پيين اٿئون ٿين، سرس تنهن ڪئون سوسا
دوئي جا دل ۾، وڌي وين ويساهه
"جانڻ چن" چوي تن ڪئون، پري ڪر پاسا
متان عمر جا اوسا، وڃيو وڃي پاڻ سان

3

ڏسڻ ۾ ميرا مٺ، پاڻي تن ۾ ڦور
جيڪي پيين اٿئون، مالي لهن مور
لعلن ۽ موتين جي، سامهيڙا ڪن سور
اڻ ڪُٿ خزاني ۾ ويا، تڪ نه جا تي تور
"جانڻ چن" سر گهور اهڙي ماڻ متن تئون

4

ڏسڻ ۾ ميرا مٺ، اندر ۾ اڪثير!
جيڪي پيين اٿئون، فنا ٿيا فقير
فنان مئون بقا ٿيا، ماٺيائون ملير
"جانڻ چن" انهن جو قدم ٿيو ڪشمير!
وڃي وينا وِير، ڪينجهر منجھ قرار سان

Gul Hayat Institute

## سرائڪي ڪافي

### مٽِي

مٽي دا آنا مٽي دا ڪانا
آني آني جهان!

مٽي هر جاءِ حُڪم هلاوي
سوا مٽي دي، ڪونہ سماوي
ويکو مٽي دا شان!

مس مٽي دي، قلم مٽي دا
صفحا، ورق، ڪاتب مٽي دا
مٽي هي فرقان!

مٽي هي مصري، مٽي هي ماکي
هر شيءِ ڏيندي، مٽي هي ساقي
مٽي هي سبحان!

تاج مٽي دا، تخت مٽي دا
”چن جاڻ“ بالا، بخت مٽي دا
مٽي هي سلطان!

Gul Hayat Institute

## سرائڪي ڏوهيڙا

### مذهب

مذهب ڪماوڻ ڊِيد ڪپا وڻ، اهو پير پُٽي نہ پَسي
ڊُوئي والي ديوار انڌاري، قلب انُهان دا ڪس اي
”عشق ڪماوين ديد وڌاوين“ ڏتا ”مهدي“ ڏس اي!
بِن عشق ٻاجهئون ”جاڻ چن“، وِچ ڪون خُدا وٹ رَسي

## ڪافي سرائڪي

مذهب ميڏا ڪيا پيا پُڇنديئين، مذهب مين نہ ڄاڻا
"مهدي" جڏهن موجود ڏٺو سين، يار دا پيد سُڃاڻا

عشق دي تات عشق دي بات، عشق هي طول وهاڻا
عشق هي هادي عشق هدايت، عشقئون خيال اُڏاڻا

عشق دا غم اسان ڏي عيد اي، ڪيتا دوست دي ديد خريد اي
عشق دا سُور تمام لذيذ اي، فرحت عشق دا گهاڻا

عشق دي چقمق چوٽ چڙهائي، دين ڪفر دي چوڙ لڙائي
محبت اسان ڏي دل مڙهائي، دونهان درد دُکاڻا

مذهب والا چيڙ ڇاڙا، يار دي نال سراسر جهيڙا
چوڙ اهو بيڪار بکيڙا، متان رُساوين راڻا

"جاڻ چن" عشق ڪماوين، "مومن" "ڪافر" ڪين سڏاوين
خالي دم نہ آوين جاوين، سيني يار سماڻا!

## بيت

### مرشد

1

اجايا هٿ آسمان ڏي، مُلان ! تون نہ ڪڻ
تو منجهہ ور وٽاڻ آ، تنهن ۾ ٽُٻي هڻ
ڏسين ڇو تو ڏور؟ تون ويجهو اڪيون ڪڻ
جي تون سڃاڻي صورت ڪي، تہ وِڪ بہ آهي گهڻ
"جاڻ چن" چوي مَڻ، مرشد بنا نہ ملئي

2

مرشد وٽ، مُلان! اهو جيڪو ڪارائي حرام!
هٿ نہ لائي حلال کي، ڪڻ تنهن جو قسم ڪلام
شيشا شرابن جا، دانهہ پي دُرام

اسم سان جسم کي، ڪوري ڪر قتلام
هيڪڙائي ۾ هڪ تي، ڪري عشق امام
دين، ڪفر ڪئون ڏار تي، تئي نانگا تنهنجو نام
صورت واري سوز کي، ويهي وڃائج وريام
پوءِ گهوٽ جو گهر هڪڙي گام "جاڻ چن" جائي چوي

3

جيتر مليئي نہ الله، تيتر مرشد وٽ
هڪڙي هنڌ انڌن جيئان، غافل تي نہ گهٽ
چو تہ سيني ناهي سُجندو، تي ٻري ڪنهن ڪنهن وٽ
ڪوڙي ڪلابات جا، حرسائيندي هٽ
سمجهي ڪجائين سودو متان متي لڳيئي مٽ
هڪلي وڃ انهن وٽ، خاڪ جنين جي ڪَٽ
پوءِ "جاڻ چن" چوي جهٽ پٽ، ساجن ملندئي سيڪهہ ۾

## سرائڪي ڏوهيڙا

1

مرشد ڪامل اهو آکيجي جيڪو گور ڪون ماري رسا!
لوهہ لڙيل ڪون لعل بناوي، ڏي پارس رمز دا گسا
جيئندي ماري مُئيءَ جيوائيءَ ڪونہ وڃي ڪو تسا
صدقي وڃان پاڪ مرشد "مهدي" تئون "جاڻ چن"
جنهن لاٿيان قلب تئون ڪسان

2

اهو مرشد کهڙي ڪم دا، جيڪو حد دي وچ ڪڙي،
لاحد ڏي نہ لڙي!

اهو مرشد کهڙي ڪم دا، جيڪو مذهب وچ اڙي،
لامذهب ڏي نہ چڙهي

Gul Hayat Institute

اهو مرشد ڪهڙي ڪم دا، جيڪو تسبيح دي مڻڪي ڳڻي
بي حساب نہ ڪڙهي

آکي "جانڻ چن" سر گهر صدقي ڪامل مرشد تئون،
جيڪو رب ملائي تڙي ڪڙي! ڪتان نہ اڙي!

3

مُرشد ميڪون اينوين فرمايا، "وچ تون ڪُفر ڪماوين"
"دين دنيا دي خبر نہ ڪائي، طالب تلڪ لڳاوين"
"آوين جاوين نال توحيد دي، تفي ناد وڄاوين"
"جوتين جنگ ميدان اهين وچ، پڇتي پير نہ پاوين"
"نَصَرَ مِن الله وَ فَتَحَ قَرِيبُ"، "اڳتي قدم وڌاوين"
"ويري اُتي وار ڪرين تون بارود برهہ دا چاوين"
"مَلهہ ڳون مَلهہ اُچل گهتين، پڇي "غازي" آپ سڏاوين"
چڙهہ ڪي عشق ڪي مِمبر اُوپر "انا احق" الاوين
"اها ڳالهہ اسان ڏي "جانڻ چن!"، "ڪنهن بي دردان ڪون نہ سڻاوين"

4

مرشد ميڪون اينوين فرمايا، "هڪ ميڪون ياد ڪرين پيا ٿونهين جهان ڇوڙين"
"اسلام ڪفر دي سُڌ نہ رکين، دين ايمان ڪونہ لوڙهين"
"روزي، نماز نال مُحب نہ ملسئي، واجب فرض چا ويڙهين "
"وڳ ڇوراوين وير نہ لاوين، هڪڙا ڍور نہ ڇوڙين"
"جيڏانهن اينوين ڪرين تون جانڻ چن! تڏهن الله پڇاڻي"

## ڪافيون

### ڪافي 1

الله ڏيڪارين تہ اڳ پر تي
نہ تہ رُلاءِ ڪين رذيل

مال ميڙهڻ لاءِ مڪر بنائين
ڇو تو خدا جي خلق ٻُلائين
پڇي وڃ تون بخيل

سبق اهو تون ڪين سيکارين
نفس طالب جو جنهن سان مارين
ڪڏيئي ڪين ڪٽيل

پاڻ اڃان تون پهتو ناهين
طالب مريد تو ڪيئن پهچائين؟
ٽيندين زور ذليل

مرشد ونجي تو مولئ ملڻ لاءِ
ٻي پلا کهڙي ڪيت ڪيرڻ لاءِ
اٿئي آڏو الله وڪيل

مهدي پلي جان طالب ڏاري،
هٿئون هٿ الله ڏيکاري،
جلدي ملاءِ جليل

دست مرشد جڏهن مون سان ملايو
سانگ "جاڻڻ چن" جو ٽيو سجايو
دوئيءَ جا ويا سي دليل

Gul Hayat Institute

### ڪافي 2

مرشد ڪري ياد، بيو سڀ مون وساريو
الله مون ڪي پوءِ، پنهنجو پاڻ ڏيکاريو!
موسئ سوا معرفت جي طُور جلائي
پاڻ بہ بيهوش ٿيو ويس سوال اڃائي
مون نہ بيهوش ٿيس، جو هُيم سهارو!

ڏسان بہ ٿو سڙان نٿو بيهوش بہ نہ آهيان!
دم قدم سان شاغل، غافل بہ نہ آهيان
سبب اهو ثابت ٿيو مرشد اوجاريو!

مخفي راز معرفت جو آيو آ ڇُپائي
آيو ڏول ڏيکجي، پاڻ کي لِڪائي
مُرشد مون کي معرفت جو پيالو پيارو

"ڪيف تَحُي الَموتيٰ" مون وٽ اچي آيو.
موسيٰ انهيءَ پڙ ۾ هو پير نہ پايو
"مهدي" مون تي ماڙڪئي "چن جاڻ" جيئاريو

## ڪافي 3

منهنجو مرشد آهي اهو
جيڪو سڀ جڳ ۾ آهي سارو

"مذهب" هجي يا "لامذهب"، تهدل تو تسليم ڪري
سيڪو چوي ٿو "مهديا مهديا" سڀ جو آهي سهارو

غوث هُجي توڙي قطب هجي، عاشق هُجي توڙي منست قلندر
سيني جو سردار سخي، ڳل ۾ آهي قرارو

علمُ اليَقِين، عَينُ اليَقِين، حَقُ اليَقِين، حق ڏٺو
هر گهڙيءَ هر جاءِ هميشہ، دوس ڏٺم ڏلارو

اول، آخر، ظاهر، باطن، آهي ئي آهي، هوندو ئي هوندو
"غار" جي بازي سمجهي ڪو گوهر، نر هنيو آ نعرو

"محمد" "مهدي" هڪ ڪري ڄاڻو حيات هميشہ ويساهہ آڻيو
شڪ ۽ شرڪ تنهن ۾ نہ آڻيو هئو "جبرائيل" کان اڳ تارو

Gul Hayat Institute

مطلوب طالب جاري آهي، ڏسو تہ ڪڏهن گهاري آهي؟
باقي سمجهڻ باري آهي، سمنڊ جو چمڪارو!

هِتي هُتي هاڻي خوف نہ ڪوئي، "مهدي" ڏانهن ملي آ واڌائي
"جانڻ چن" چوي تو جائي، "لا تَقنَطُو" اقرارو

## ڪافي

### مشين

مشين خالي تون ڪين وهاءِ پُڇا ٿيندي هُت پُرزن جي
ڏُوڙ ڪمايو تو ڏوڙ ڪمائين! مشين ملي ٿي موتين لاءِ

ريزڪي تو ڪي ڇڏيو رهائي، مچ چوپ واريءَ مزي مُنجهائي
هنبار هيري جو تو منجه آهي، اُڪرڙي ۾ پيو ان نہ ڪماءِ

دُرهو دم مشين جو آهي، دو جڳ تنهن جي قيمت ناهي
"وَفِي اَنفُسِڪُم" تو منجه آهي، لعل اندر ٿي جهاتي پاءِ!

پڻو پرين پاڻ لاءِ چاڙهيو، فَاذڪُرُونِي" امر ڪي پاڙيو
تيل اجايو تو آ ساڙيو " قالُو ابليٰ" وارو قول نباهِ

برهہ جي بهلر باهہ بدن ۾، عاشقن ڪي آ آڳ اندر ۾
من منجهہ ماڻڪ چُپ چپن ۾ ، پارس سان پيو پاڻ گساءِ

عاشق رستو راهہ ٻُڌائن، عام جي ليکي راڳ تا ڳائنِ
عالم، جاهل، شاهہ، گدائنِ، "جانڻ چن"! تون واعظ ٻُڌاءِ!

## ڪافي

### مصطفيٰ ﷺ

دنيا ۾ مصطفيٰ جو نہ جلوو نُما هُجي
مون کي قسم خدا جو نہ ظاهر خدا هجي

Gul Hayat Institute

شريعت جي مصلي تي  پهتس پڇي پيو پولو
جوئي "احد" سوئي "احمد"! ڏٺم خدا هجي
آيو "ميم" جي هٿ اولي، عالم ڏسو اوهين ڳولي
اِها شيءِ ٻي آ ڪهڙي جنهن  تئون فدا هُجي!
حق کي ڏٺم بُت ۾، بُت کي پائيو مون ڪعبو
مر جان کُهن قاضي، سند سند جُدا هجي
آهيان عشق جو مون ڪافر، بُت جو پوڄاري آهيان
پلي جان چون "پُليل آ"، منهنجي ندا هجي
"مهدي" مئون ٿيو معلوم، سينو صاف ٿيو سالم
مطلوب اهڙي در تي، طالب گدا هجي
نہ خاموش "جانڻ چن" ڪر، اسرار ظاهر پيو ڪر
پيو يار جي ثنا ڪر، تنهنجي صدا هجي

## ڪافي

**مظهر**

محبوب منهنجي جا آهن مظهر نوان نوان!
مثل بي مثال بہ نظارا نوان نوان!

گُل پاڻ بُلبُل پاڻ، چَمَن پاڻ مالهي بہ پاڻ
اهي اُتس پاڻ کي، سهارا نوان نوان!

عاشق پاڻ معشُوق پاڻ، درد پاڻ درمان پاڻ!
اهي آهن عشق جا، اوتارا نوان نوان!

معرفت واري مُلڪ تي وڃي ڪو ڏسي
ايندس پوءِ ڏسڻ ۾، ديدار نوان نوان!

عِلم پاڻ حِلم پاڻ، حال پاڻ خيال پاڻ
ٻوليون ٻولي ٿو ٻڌائي، هجي روان روان!

Gul Hayat Institute

صوفيءَ جي صحن ۾، ايندا ڪي مرد مٿير
ڪنڌار ڪاهيو ٿا پون، تونگر نوان نوان!

بدلي بدلي جي مٿان، آخر رٿائر
ويڻ اچڻ هن جو قلندر نوان نوان!

هيڪڙائي ۾ هڪ ٿيو "جاڻ چن" جڏهن
آيا پوءِ عميق مئون، بحر نوان نوان!

**بيت**

**معرفت ۽ ملاوٽ**

1

ملاوٽن مُلڪ ۾ ماٿهو مُنجهايا
"شاهي" "پيري" "بزرگي"، وري "صوفي" سڏايا!
"مَڪَرُو وَمَڪَرُالله والله خَيرُ المَاڪِرِين"، مڪر بنايا
"جاڻ چن" چوي اُهي ڪين آيا، معرفت واري ملڪ تي

2

معرفت واري ملڪ تي، ڪانهي ملاوٽ
نفل نمازون ترڪ ٿيا ذهد عبادت
"فَاذ ڪُرُوني آذڪُرِوڪُم"، تن ۾ تلاوت
ظاهر ڳُوجها ڪاپڙي، من اندر ملڪيت
"جاڻ چن" چوي سامين سان صُحبت، ڪري ڏسين تہ ڪل پوئي

3

معرفت واري ملڪ تي، رُڳي چُپ چُپاتِ
وهي ايٽ اندر ۾ سدا ڏينهان راتِ
"ڪراماً ڪاتِبِيَن" جي، رهجي وئي ڪاغذات
ڇا لکن ڇا پڙهن، وهي نہ قلمات
"جاڻ چن" چوي ساٿ، مُلڪ مڙوئي ماٿ جو

Gul Hayat Institute

4

معرفت واري مُلڪ تي، ڪانهي ڪن گوشي
نڪي اُٽ ويهه اُتي، پر نہ پرويشي
ناٿ لهي ويا نانهہ ۾، عاشق آديسي
”جانڻ چن“ چوي غواٺي، پيهي ويا پاتار ۾

5

پيهي ويا پاتار ۾، وجي عمل آندائون
هيرا لعل جواهر، پر ۾ پوتائون
”جانڻ چن“ چوي انهن سان، لڏيون مون لائون
تنين جو آئون، مُلڪ ڏِسيو تو اچان

6

ڏسي مُلڪ اُنهن جو تن جي ڳيم پَرِ
مندر مسيتون ترڪ ٿيا، گهوٽ ملي ويو گهر
”جانڻ چن“ چوي جيڪي ٿيا ”مهدي“ سان ماهر، اُونهو ڏيهہ اُنهن جو

7

اُونهو ڏيهہ اُنهن جو اُهي ڳُونا ڳُون
حد لاحد لنگهي ويا، آڏُوتي اَرغُون
”جانڻ چن“ چوي بيچون لاهُوتِن لڏو وڃي

## سرائڪي ڏوهيڙا

### ملان ۽ ذاڪر

1

ملان مٺا سائين ميڏا! تين يار وڃايا ڪتان؟
اول آخر، ظاهر باطن، دوست پڪا ڏس ڏتا
”ظاهر“ تي اعتبار نہ آيئي، يار ڳسا ڳيئي اِتان
چيہر دي وچ اُٹ لِڪايس! ويک سڄڻ ديان ڳهتان

Gul Hayat Institute

ظاهر پاوا چوڙ ڏتوئي، منهه پيائي ڊٽا
ٽوٽيان چار چوٽين نہ هووي؟ ٽئين دا ڪم بہ لٽا؟
سمجهہ سڄاڻ، ڄاڻ پڇاڻ، ويندا پيائي مٽا
صدقا وڃان پاڪ مرشد "مهدي" اُتئون! "جاڻ چن"
جنهن ميڪون پختا گهر اڏ ڏتا

2

ملان منا سائين ميڏا! اي مورک اکيان ڏار
عشق حڪيم هي اکيان دا، لنگهہ تنهن دي وچ دربار
نظر پچي تپ پار ويسئي، ملسئي ماهي يار
بن عشق پاجهئون اُونداهہ دوجگ، مفت نہ عمر گذار
آکي "جاڻ چن" عشق جهڙا پيا طبيب نہ ڪوئي،
اهڙا ملسئي نہ پيا حتار

## بيت

1

ملان! "مولانا" سڏائيي سڃاتئي نہ الله
عشق نہ ڪيئي اڳ ۾ جيڪو رهبر ڏسيئي راهہ
"اَنا اَحمد بِلا مِيمِ" اهو وينئي نہ ويساهہ
"اَلانسانُ سَرِي وَاَنا سِرَهُ" ڏاهي ڏنئي ڏاهہ
پڙهيئي، پُرجهيئي ڪينڪي چت نہ لاتئي چاهہ
وڙهين روز الله سين ڪڍيئي پنهنجو لاهہ
"جاڻ چن" چوي آءٌ، تہ صوفين مئون سُڌ پويئي

2

مومن! "ذاڪر" سڏائيي، ڪيئي ڪو نہ ذڪر
دم جي خبر ڪانہ ڪا، مطلب لاءِ مڪر!
ماٺهو منجهايئي مذهبين، پُڇندئي پَروَر!
آدم صورت تي ڪرين، سچو ڏينهن تبر

Gul Hayat Institute

"اَلانسانُ سَرِي وَاَنا سِرَهُ". ڪيئي ڏاڍو ٿهر
تعزيا تماشا ٿاهين، زيلون ڪرين لاءِ زر!
جن ڪي سڪ سڄڻ جي، سي ٿا غم سان ڪن گذر
اونڌي ڪنڌ آديسي، جام وهائين جر
تون پڻين پئسن تائين، پوءِ واجهائين نہ ور!
"جاڻ چن" صبر، تون دم ڪي ڪاهہ دلبر تي

3

ملان ۽ ذاڪر، الله جي گهر نہ پائن پير
"وَفِي اَنفُسِڪُم اَفلاتَبَصرُونَ". ايڏهين اير نہ پير!
ڪعبو ڏاهن قُدسي، واريو وتن وير
صوفين سوا پيو ڪير، "جاڻ چن" لهي انهيءَ جُوءِ کي

4

مُلن جي مصلحت ڪان، چڱو چورن ڏيان
ڪيئي چور چڙهي ويا، عرش مٿي آستان
نيهن بنا نادان، "جاڻ چن" چوي جڏا ٿيا

5

مُلان جي صحبت ڪئون، اٿئي چڱي صحبت چور
چور جي چڱي نہ ڪندئي، تہ ٻڏي ٻڏندئي ڏور!
مُلان جي محبت تئي ڪئنچي، ايمان جي ڪور
ويڙهائيندئي الله سان، ڪندئي ايمان کي پور
"جاڻ چن" چوي وير، اٿن اٿئي پهر الله سان

6

مُلن ۽ ذاڪرن ڪي، هٿ نہ آئي ذات
نفي ۽ اثبات جي، نڪا هات نہ تات
شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت جو ماٺيائون نہ محلات
"جاڻ چن" چوي اٿن ڪاري رات، رهجي ويا رڻ ۾

Gul Hayat Institute

## بيت

### ملان ۽ ماسٽر

مُلان وڪٽي ماسٽر چاريان، پر مُلن مُلهه حرام
مُلن جي مڪتب ۾ آهي، تڪبر جو طولان
ماسٽر جي اسڪول ۾، ادب آ انسان
پول بيت عاشقن جا، ڪورس منجهه قرآن
"جانڻ چن" چوي خام، پُورب ٿيندا پڌرا

## ڪافي

### ملائڪ

ملائڪ مون کان ڇا جو پُڇندا!
پُڇيائين تہ پُڇندو هادي

ملائڪ منهنجا اڳيئي ڏوهي
منهنجي اچڻ جي ڪيائون ٿي گوهي
ثابت ٿيندا فسادي

منهنجي تي توهين ڪيائون
دُور انديشي ڪين ڪيائون
تہ بنبي هيءَ ڪا گادي

هارُوت مارُوت جو ٿيو حالو
ڪين سڃاتائون راز نرالو
ڏسو تہ ڪيئن ٿين تادي!

عشق جو آهيان مرڪز مندر
"طالب المولىٰ" آهيان "مذڪر"
هُو نَر ناهن نڪِي مادِي!

Gul Hayat Institute

"جاڻ چن" ڪان پڇيو جي هادي
"منهنجو سجدو توکي آ مهدي!"
ڏي تو مبارڪبادي

## ڪافي

### ملهه

- پُختو پوئين ملهه تي ٿي، سوپ تي سارِي اُتي!-

مهڙين ملهه تون هين ماريو ڏٺي نه هو ڏاريو
هاڻي توکي وارث واريو برهه تي باري اُتي

سُورهيه بَڌ تون سندرو ساهي، لاڳاپا سيئي لاهي
پُختو پڙ ۾ پير پائي، چور تي چاري اُتي

"مهدي جو تون ملهه آن"، اهو هاڙي ۾ هُل آ
ميدان سارو گُل آ، تنهنجي توهه تي تاري اُتي

"جاڻ چن" غلام آ، محبت جي نه هام آ
سات سُوڌو سام آ، منهنجي زور آ زاري اُتي

## ڪافي

### موت

موت جي مارڻ جو ناهيان!
ويڇڻ رهڻ، منهنجي آ مرضي

- "مُوتُو قَبلَ اَنتَ مُوتُو"، اهو آڏُوتي آهيان
- عزرائيل ته سنگي ويو! طالب "مهدي" جو آهيان
- عشق اڳيئي ماري ڇڏيو شڪار شير جو آهيان
- اُتي الائي مون ڇا هُيس! هت "جاڻ چن" ٿو سڏائيان

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### مولا!

ٻين سان منهنجو ڇا هي، وو مولا!

تو سان ڇو نہ ڳالهائيان
جو سڀ کان ويجهو مون پائيان!

هلڻ بہ تو سان چلڻ بہ تو سان
مِلڻ بہ تو سان کِلڻ بہ توسان
خوشيون ڇو نہ ملهائيان!

پاڙو بہ تنهنجو ويڙهو بہ تنهنجو
ميڙو بہ تنهنجو ڀيڙو بہ تنهنجو
"وَنحن اَقرب" ڳائيان

ذڪر بہ تنهنجو فڪر بہ تنهنجو
وجود ۾ وکر بہ تنهنجو
قلبي ڪاج هلائيان

ڇئو پلا ڏس ٻيو ڪو آهي؟
"چن جانڻ" ڪين تو ڪُوڙ ڳالهائي
ٻيو ڪنهن کي سچڻ سهائيان

Gul Hayat Institute

## بيت

منهنجو سو مولا، جيڪو مذهبن انڪار
هن ۽ هُن جهان جو باري ڪنيم بار
ساٿي ٿئي سڪرات ۾ قبر ۾ ٻيهار
"منڪر" ۽ "نڪير" جا، ڪري وايون ولڙيون وار
"جلدي منجهہ جواب ڏيو ٻتت مون کي سوار"

”آدم جي اڇڻ جو چو تي ڪيو انڪار؟“
”اوهان چو آدم جي، تي پٺوڻي ڪئي پچار؟“
ڦاسايو فرشتن کي، مچائي مختيار
معافي وني موٽيا وچن انهيءَ صاحب ڪئون سردار
پياري پيو پياسن کي اهو ”ڪوثر“ ڦربدار
مشڪل ڪشا مهندار آ، ”حيدر ڪرار“
”لحمڪ لَحمي جِسمڪ جِسمي دَمڪ دَمي
رُوحڪ رُوحي“ سڏايو سردار
ٻولي ناهي ٻن جي، هڪڙو آهي يار
”جانڻ چن“ چوي جنين کي پڪو آ اعتبار
اُهي دم دم سان ديدار، عاشق ڪن عجيب جو

## ڪافيون

### مومل راڻو

### ڪافي 1

ڳل ڳچيءَ ۾ ڳاري آ
ٿون منهنجو ”راڻو“، ”مُون تنهنجي مُومل“

سُرخيون ۽ سينگار ويا، ٻانهيون ٻيڙا هار ويا
تي پنڌ مٿي جا وار ويا، آب اکين مئون جاري آ
راڇن جي هُيس راڻي مُون، سياڻن مان هُيس سياڻي مُون
اڄ اٻوجهه اياڻي مُون، ”ڪاڪ“ انذاري ڪاري آ
ڪاڪ جا ڳل ڪوماڻا هِن، پلنگ ويران وهاڻا هن
تو ڪئون سواءِ سُڄ ياڻا هِن، دلڙي ڏُکن ڏاري آ
جوڙ جُتي جو ناهيان مون، حُجت ڪهڙي هلائيان مون
ٻانهين جي آهيان ٻانهي مُون، ”جانڻ چن“ جي زاري آ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

چڏ تون رُساما راڻا، پلنگ ٿيا پُراڻا
زيور ٿيا ڳل ضايع ويس وڳا وِهه پائنيان

"ڏاگهل" جا پير ڏسي، اکين مان پيو مينهن وسي
روئي چيم "ويو يار رُسي"، سوڍل رِيءَ سُڃ پانئيا

ويو آ پرين بر ۾ چڙي، غمن ۾ ويو آ يار ڳڏي
ڇاڪئون ويو هي ڪاڪ ڇڏي، جنهن لاءِ جوڳياڻي آهيان

"جانڻ چن" پُڪاري، گهوٽ نہ وجهو گهاري
زور ناهي آهي زاري، پاند ڳچي ڳل پائيان

## ڪافي 3

چڏ رسامو ريجهه راڻا
مُئيءَ کي نہ مار ٿون

ننڊ ڦٽي آرام ويو ٻي مزو ٿي طعام ويو
پنهنجي غفلت جو گهٽوئي، موت ماڻيو آهي مُون

پاڻ لاءِ وهايم ڪاڪ ناهيم، پنهنجو ڪيو پاڻ پايم
مون رڙان ٿي ڪاڪ رڙي ٿي، ڪاڪ جي رڙي ٿي پُونءِ

ڪاڪ جا ڳُل ڦُل ٿيا جهُنا، ڪاڪ جون گهٽيون ٿيون جهنيون
ڪاڪ جون جايون رت رنيون، توسان هُئي ڏَم ڏام ڏوُن!

"جانڻ چن" اسم جسم آ، تنهن ۾ آهين ساهہ ٿُون
من جا هڪ هُجون شال، ڏسڻ ۾ اچون ڪين ڏوُن

Gul Hayat Institute

## ڪافي 4

سوڍل! تنھنجي عشق جو ھٽ ڪُورو تو ٻري
ڪُورو تو ٻري، شال اھو ڪِينَ ٺري!

ڏسان، سڪان، پيئان نہ ڍاپان ذري ۽ ذري
سڪ سنڌو ڏي ڪينڪي، ھي ماندي تي مري

تو وٽ لکين سوڍيُون، سوڍا تنھنجي تي سري
خوش ٻلي تون خان ھُجين، منھنجي نہ سري

قائم تنھنجي ڪلنگي، توسان ھمسري ڪير ڪري؟
اعليٰ افضل شان آ تنھنجو توسان ڪير ٺري؟

عشق تنھنجو آتشي، مون کي ويو اٿم ويڙھ ڪري
ھڏيون گڏيو ماھ منھنجو پيو تو چَم چَري

اھو ڪُورو وسامي ڪينڪي "چن جاڻ" عرض ڪري
ٻلي جان پڙڪي باھُيون، مون کي پريو پيو پري

**بيت**

### مھدي رخ

وِيٺو نينھن نواب ٿي، منھنجي اندر منجھ
ڪٺي حُورن حُب مئون، ڪيو جھولي منجھ
پيارن پيون پيار مئون، ڪيف ڪٽورن منجھ
پيتم ڪٽورا ڪيف جا، لَھَس نہ آيم لنجھ
حُورن کي حضور مئون، گوھر مليو آ گنج
ويا ڏينھن ڏُکن جا، سيئي ٿيا سھنج
"جاڻ چن" چوي ٻنھي جھانن منجھ "مھدي" ڪيم مالڪي

# ڪافيون

## سنڌي/سرائڪي

### ڪافي 1

ٿُون پاڻ ڏي ڏس، اٿئي پنهنجو قسم
مل منا سائين! مون ڏي نہ ڏس،

”وَنحن اقرب“ واعدو تنهنجو
دير نہ ڪر تون هڪڙو دم

تو ڪئون بنا ويران مون آهيان
توڙي ملي سارو عرب عجم

”جانڻ چن“ جو مُرشد ”مهدي“
مُثل جيئارو آ جسم

### ڪافي 2

يلا ياڳ پينر! ”مهدي“ مهندار آيو
ڪُفر مئون اڇي جنهن اسلام آ جاڳايو

اصل ذات ذاتي، آيو منجهہ صفاتي
ظاهر باطن لغاتي، ”آدم“ اڇي سڏايو

اڳي عدم ڪئون اعليٰ، ٿيا صفاتي نالا
بڙڇون ۾ بان يالا، جنهن عام کي هٽايو

اوڪو ميدان آهي، ڳُويا ايندا ڪي ڪاهي
سڀ ڪنهن جي جاءِ ناهي، سَڌڙين سِرُ لڪايو

”جانڻ چن“ گهوري، سرڙو ڏنائين سوري
ڏاتر اندر ڏوري، ميدان تنهن ملهايو

## ڪافي 3

مهدي مهندار آهين، صوفي سچو حسيني
تون ۾ آهي سِرُ سمايو صُورت آهين رباني

تنهنجو لقب "جهانيان"، جهان تنهنجو خادم
ٿُون آن ذاتي ظُهورو اولي آئين تي "آدم"
توکي صوفي سڃاڻن، جن جي نظر نوُراني

"لامڪان" ۾ وسين تو "لاهوت" ۾ لاثاني
"ملڪُوت" مُلڪ تنهنجو "جبرُوت" منجهه جاني
"ناسوت"، "هاهُوت" هر جاءِ، اخفا اسيرا باني

تو وٽ ٽڪيو ٿُون آهن، لاحد ۾ تيون پهچائن
پاسُون تنهنجون پيارا، پل پل پرين پسائن
تنهنجي آ طالبن تي، هر وقت مهرباني

"جاڻ چن" کي ساقي! وحدت جو جام پياريئي
مردا زندا ڪيا تو مُئل جسم جياريئي
عشق جي اچي وئي مون وٽ نئين جواني!

## ڪافي 4

مظهر ۾ تي آئين "مهدي"،
تون آن حقي حق هادي

نڪي بهشت کپي نڪي حوران
ناهي طلب طوبيٰ نہ قصوران
تنهنجي عشق جون منڙيون گهوران
مون کي کپي اها آبادي!

Gul Hayat Institute

آئين آدم جو پوش تون پائي
پرين پرڪا لاءِ لڪڙو لڪائي
انهيءَ جامي ۾ جهاتي ڪو پائي
آهي سماڏي ۾ وادي!

توکي سڄڻ مون سڃاتو
پُرجهي مون پير آ پاتو
مون سان نباهج ناتو .
توسان شڪر ٿيم شادي

تو سان حُجت منهنجي ناهي
توکي ٻانهي تي ٻاڏائي
جوڙ جُتي جو ناهي
قائم تون ڪر منهنجي گادي

"جانڻ چن" ڪئون سياڻا
تو در داناءَ وڪاڻا
قائم تون ڪر منهنجا پاڻا
مون کي ڏيو مبارڪبادي

ڪافي ۽

واه واه ڪامل "مهدي" مِيا
چور قطب آهن تو ڪِيا!

اول آخر تون منهِ
چوڏهين پنڌرين ٿيو آن چِٽو
تن کي خبر جن آ ڏٺو
پري گام گُر ۾ گُم تي ويا

Gul Hayat Institute

پنج، ٻارهان، چوڏانهن
ساڳو ظهورو ظاهر ٿيو
تو ساڻ جو ماهر ٿيو
شڪ ۽ شرڪ سڀ وهم ويا

"عشق" تون "ايمان" تون
"احد" تون "احمد" تون
"مهدي" بہ تون "محمد" بہ تون
سيئي اسم توتي پيا

"جاڻ چن" ٻانهي گولي
تنهنجي گولن جي آهيان گولي
ٻهاري دار ڀنگياڻي آهيان ڀولي
مون سان ڪرم تو وڏا ڪيا

## ڪافي 6

"مهدي امام" جو سنگ، مٿي اگهاڙا ملنگ
چوڏهين پنڌرين ۾ پڌرا ٿيا

_ ڪي مُڙيا سي ڪاپڙي، آڏُوتي اڙٻنگ
_سامي سنبري هليا، لاهُوتي لُنگبند!
_ نئو ڪنڊ ناٿ لنگهي ويا، دڙي رهيو نہ دنگ،
_ نفيءَ خفيءَ ڪئون نسري، ثابت پچائيون سنگ
_ "مهدي" ڪامل مليو، جهار رهيو نہ جهنگ
_ "فَاذكُرونِي اذكُركُم"، چوري چڙهيائون چنگ
_ "جاڻ چن" جائي چوي، ننگيءَ تي آهي ننگ

Gul Hayat Institute

## ڪافي 7

"موج درياءُ" مهراڻ، مهدي مئون آيو
ساقي آهي سرور، ساڳو سِر سمايو

جهانيان ڄجي گادي، سدائين آبادي
"موج درياءُ" مئون "مهدي"، وري اجهو چاڻ آيو

آهي پاڻ مئون پاڻ، اهو ڪو ڄاڻي چاڻ
مثل بي مثالي، پائي پوش آيو

"جهانيان" سمندر اهو آهي حيدر
"قطب"، "غوث"، "قلندر"، اتئون فيض پايو

قابل ڪي "قنڌاري"، ڪن "هنڌ" "سنڌ" سرداري
جهانيان جهان جو سرتاج پايو

"جاڻ چن" سپاهي، سائين در گدائي
ڪروڙن ڪيئي، ٻانهين تي ٻاڏايو

## ڪافي 8

چيئين جي چوايائين، اهو رنگ رچي ويو
"مهدي امام" اچي ويو اچي ويو!

پيشنگوئي تي پوري، سچي تي سموري
نہ تي دير ڏوري، ميڙو مچي ويو!
"مهدي امام" اچي ويو اچي ويو!

مٽايو هئين چولو ڀجي پيوسين پولو
نہ ٿيو اوٽ اولو سمورو سچي ويو!
"مهدي امام" اچي ويو اچي ويو!

Gul Hayat Institute

رُخ تي خال قمر، ساڳيو "مهدي" منور
خزانو خوشي جو نچي ويو نچي ويو
"مهدي امام" اچي ويو اچي ويو!

"جاڻ چن" عاشق "مهدي" جي ميلي
سچ ٿو چوان مون، ڏسو خيال کولي
بقا عشق منهنجو بچي ويو! بچي ويو!
"مهدي امام" اچي ويو اچي ويو!

## ڪافي ٩

تون ساڳيو آهين "مهدي"، ڪري آئين اولو
لاهي پُراڻو نئون پاتو اٿئي چولو

"ا ل م" تنهنجي آهي ٻولي
"ذَالِڪَ الڪِتابُ لاَ رَيبَ" جهولي
متقين سان تنهنجو دم دم سان ميلو

تون "اول"، تون "آخر"
تون "باطن" تون "ظاهر"
جنهن تہ سڃاتو اهو آهي پولو

جوئي "محمد" سوئي "مهدي"،
جوئي "مهدي"، سوئي آ "هادي"
توريم ماسو تولو

تون "احد" تون "احمد" تون "محمد"
تون "مهدي" تون "فقير" تون "موليٰ"
"صادق علي چن"، گولن جو گولو

Gul Hayat Institute

## ڪافي 10

آيو آ مهدي سائين،

منهنجو آيو آ مهدي سائين

اول، آخر، باطن، ظاهر، آيو آ مهدي سائين
"الف" پائي "ميم" جو برقعو پايو آ مهدي سائين

جهانيان جهان سڄي جو مالڪ، ٿاهيو آ مهدي سائين
عام چون ٿا "اچا پوءِ ايندو"، آيو آ مهدي سائين

"حيدرآباد" جي "ناري" ۾ نعرو هنيو آ مهدي سائين
"جانڻ چن" جو ساڻ سمورو ڪنيو آ مهدي سائين

## ڪافي 11

مهدي هُو مهدي هذا مهدي، خلق الله آدم اعليٰ صورت
"مڪو" تيرٿ بالا سرڪار آ مهدي،

جوئي "احد" سوئي "احمد"، جوئي "محمد" سوئي "مهدي"
مليو مونسان، ڪليو مونسان، ڪيو مون کي تيار آ مهدي

"شريعت" ۽ "طريقت" جو "حقيقت" ۽ "معرفت" جو
مليو مالڪ، حقي آ حق، تنهن ۾ نہ شڪ، مٺو مهندار آ مهدي

ڪثرت ۾ "پنج"، "ٻارهان"، چيا "چوڏانهن" وچن ٿا پيا
وحدت ۾ آهي واحد، فرقان شاهد، ٿيو اظهار آ مهدي

"مُحيط" مُلڪ آ تنهن جو ڏٺم هر جاءِ اهو هڪڙو
"گنگا جمنا"، "عربستان"، "بندرابن" ۾ اهو اسرار آ مهدي

گُهمايائين هر گهر مون کي، چڪر چوڏهن طبقن جو
لکين آتار، لکين پاتار، سارو سنسار آ مهدي

"جانڻ چن" چوي مليو مهدي، ويا سڀ خوف ۽ خطرا
هتي هُتڙي قبر، قيامت، ملي رحمت، معافي مختيار آ مهدي

## ڪافي 12

ـ دستگير پير منهنجو، آ دستگير

طاقت ناهي تومان ڪي ڪا عذاب جي
پسي ٿاب دهشت جناب جي
دامن مون ورتي آهي هتاب جي
دستگير پير منهنجو آ دستگير

ڪيائون خبر نئي خدا پاڪ سان
"اڙياهون زبردست اوشاق سان"
"تڙپائين اسان ڪي وڏي جوش سان
دستگير پير منهنجو آ دستگير

"جانڻ چن" چوي بيشڪ پلو آهي دستگير
پاڪ درجو آهي اهوئي وزير
قبر قيامت ۾ ڪندو دل سُڌير
دستگير پير منهنجو آ دستگير

## ڪافي 13

شڪر الحمد الله، "مهدي" مين گهر آيا
"مهدي" مين گهر آيا، "محمد" مين گهر آيا
ميڏا مُرشد مين گهر آيا،

ـ مين هان ڪوجهي ڪملي، پلي پال پلايا
ـ مين هان ٻانهيان دي ٻانهي، ٽيئڙم سانگ سجايا
ـ مين هان سگ سگان دي، مالڪ جهُل جهُلايا
ـ مين هان ڪم ڪنيزڪ، ڍولي ميڪون ڍڪايا
ـ "شاهپُور" مڪا مدينہ! ميگون حج ڪرايا
ـ "جانڻ چن" ڀنگياٽي، پرور هي پهرايا!

Gul Hayat Institute

## ڪافي 14

تيڏي مين هان ڀنگياڻي، ڀهاري دار ڀانهي
مين ڪنون منهن نہ مٿين، مهدي دِلبَر جاني!
منگسان مين نہ مزوري، تئين ڪنون ڏول! مهينا
تيڏي صورت ڪافي، ميڪون پاڪ پيشاني
تيڏي در تي جو آيا، خالي تيئن نہ ولايا
سارا مقصد پايا، لٿي هوري حيراني
تيڏي در تي پيان ڪيئي، لڪين جهاڙوُ جهڙيندِيان
”جانڻ چن“ هي تيڏي، ڀانهيان دي ڀانهي

## بيت

### نصيحت ۽ اميد

1

ويهي وقت گزاريم، بر جو ڪنيم ڪين ثمر
گدڙ ، بگهڙ پولڙا، ڀُجهن شينهن سڌر
نانگ بلائون ڪيترا، پيا ڪائيندڙ ڪپر
”جانڻ چن“ گوش ڪر، اٿئي وڏا هُل حشرَ

2

موڳا رول نہ پاڻ کي، اُٿي سخت وڏي سرڪار
ڏٺي جي دروازي تي، توبه ساڻ گذار
پايو پاند ڳچي ۾، تون آب اکين مئون هار
”جانڻ چن“ ور کي، وسئون ڪين وسار
چڱي چال سُڌار، من پرين پنهنجو ڪنئي!

3

پرين شال پنهنجو ڪندا، مون آهيان اُگهاڙي
عيب ڏسندم ڪينڪي، آهيان ڪني ۽ ڪوڙهي

ڏاڍو هُل سڪرات جو ہي سامي آ سوڙهي
”جانڻ چن“ ڏي ٻوڙي، شال لهي ايندا لحد ۾

4

لهي ايندا لحد ۾، ڪندو صاحب ستاري
دانهون هن دلگير جون، ٻُڌ ڏٽي زاري
”جانڻ چن“ ترڙيءَ ۾، تو تڳي تو تاري
قيامت موچاري، ڪندين شال تون ڪارٽي

5

نڪي ثمر ساڻ ٿمر نڪي ٿمر عمل
”چن“ جي پيٽي بات ناهي، پنهنجو ڪر فضل
قيامت سندا هُل، معافي تون مون تئون ڪرين

6

معافي تون مون تئون ڪرين، ڏاريءَ تئون دلدار
اجهو آهين . احمدا! آهيان تو آڌار
سڪ سدائين ”چن“ ڪي، تنهنجي آ سردار
ستت لهندين سار قيامت ۾ شال ڪانڌ تون

7

نباهيو مون سان پرين، پچاڙي ڪا پر
نڪي زور ضعيف ڪي، نڪي آهي زر
ڪٽي آءَ قرب جا، قدم منهنجي گهر
محبت تنهنجي مامري، مون ڪي تارئون وڏو آ تر
چن جانڻ! زاري ڪر، تہ پسين وچي پر ڪي

8

پسڻ جيڏيون پِر ڪي، مشڪل آهي بات
ڪائڻ چڏ خوشيءَ جو رَڙهہ تون ڏينهان رات
ڳولي لهہ سفري، سهٽي سچي ذات

Gul Hayat Institute

جند پنهنجي کي جنڙي، گنئو ڪري ڇڏ گهات
"وَحدَهٗ لاَ شَرِيکَ لَهٗ" وائي رک تون وات
"جاڻ چن" لات، لنوين پيو لاهُوتن جي

9

لاهُوتن جي لونءَ ۾، لڳي آهه لفار
چني ڇڏيندو ڪينڪي، ستت لهندو سار
حُجت ڪانهي هوت سان، آهيان تن آڌار
"جاڻ چن" وجود ۾، ويهي ڪر ويچار
انهن تي ڪلمو پڙهين نروار، سو ڪڏهن ڇڏيندو ڪينڪي

10

ڪڏهن ڇڏيندا ڪينڪي، چنئون هي چوري
لاهُوتن جي لونءَ ۾، لڳي آهي لوري
گهوريو گهر سڄڻ تان، گهوري هيءَ گهوري
پري آهيان پرينءَ کئون، تڏهن جهوري تي جهوري
جن جو پُڇين پنڌ ۾، سي اچا اڳتي آ گهاري
"جاڻ چن" جي ڳالهه هجي توري، تہ ڪانڌ هجي ها ڪڇ ۾

11

ڪانڌ ڪرڻ ڪڇ ۾، ڪن جو آهي ڪم
لاهي ڇڏ لباس جو، چري مٿائون چم
ڪاوڙ ۽ قصور جو گهڻو ڪائج غم
سنبريو بيٺو تي سِر تي، هوشياري سان حجم
اڄ سياڻي اوچتو لاهينديئي لحم
جاڻ چن غم، مون کي آهي آڏوتن جو

12

آڏُوتن لاءِ اڳتي، ڪاهيو مُٽي ڪاهہ
پسڻو اٿئي پر کي، تہ سانگو سر جو لاهہ

ٻولي ٻانهپ جي هجيئي، سينو نڪي ساھ
راتيان ڏينهان ڪاھ، تہ ”جانڻ چن“ جوڳين کي ملين

13

جوڳين سندي ٻُجهہ، جي پچائيان پيئي
وقت وڃائيئي ويسلي، اُجايو ويهي
ٻولي سمجهڻ ۾ نہ اچي، الائي بات ڪهن ڪيهي
سيد سختيءَ ۾ اچو! مون آهيان پرڏيهي
جيهي ڪي تيهي، آهيان ”جانڻ چن“ انهن جي

14

آئون تہ چوان انهن جي، شال اڳيون پنهنجو ڪن
گوليءَ کي تہ گداءَ ۾ وٺيو نال نين
”ڏاري وتي سين ڏن ڏيئي“، ايئين مان تہ چون
پرت منجهئون حضرت سان، منهنجو نڪاح پڙهن
دهُل دماما ڏُومچا، نانگا مر نچن
”جانڻ چن“ چوي جي اهي ٻول پڙهن، تون جائي جنت ۾ وڃي!

15

جهڙي آيس جڳ ۾، تهڙي تون موٽاءِ
سڀ ڪجهہ تنهن جي هٿ ۾، منهنجي هٿ ۾ ڇاھِ
”وتعزمن تشاء وتذل من تشاءُ“، مون کي ويساھ آھِ
”جانڻ چن“ ڪجهہ ناھِ، تاري تري تنهنجي

## ڪافي

مون کي تڏهن خوشي آ، ناٿو تو سان نيائيم
هر حال ۾ هميشہ پوئتي نہ پير پائيم

زاريون ڪيون مون زاريون، پائي ڳچيءَ ۾ ڳاريون
در در ڏنيون مون تولاءِ ڦيريدار واريون ڦيريون
تون آن ڏاڍو مون هيٺو چميون پيرن کي لائيم

ڪسو اُونئين ڪسو آ، پلو ڪري پلائي
پلو جي ڪس نہ ڪائي ڪيئن ظاهر ٿئي پلائي
پلي ڪسي کي تڏهين، اڳ ۾ ئي آزمائيم

مون کي چيائون، ”مرين تو هُن کي نہ ياد آهين“
تن کي چيم ورائي، ”هُن جو هي ناز آهي“
مڙئي مُهڙ مون ڏي، تو ڏي ذرو نہ پائيم

ليکي مون کي نہ ليکين، آهيان مون تنهنجي ليکي
منهنجو تہ نيٺ ٿيندين، آهن اُميدون مون کي
دل کي ڏيئي دلاسو روئيندي کي پرچائيم

سر ڌڙ جي بازي لائيم، حيلا سيئي هلائيم
پنهنجي وفا جو بنگلو پڪي پيڙ سان بڻائيم
”جانڻ چن“ چوي تنهن ۾ پنهنجي نيهن کي نچائيم

بيت

نفس

1

جاني! هن جڳ ۾ واٽ وندر جي وٽ
بدنام تو باهي ميان، چاهئون ڏينديئي چٽ
ڦاسائيو فڪر سان سيئي وٺنديئي گهٽ
ميڙي وڄهندي من ۾ مدائي جا مٽ
”جانڻ چن“ چوي ڪچيءَ پايو ڪٽ، وڄهہ نوائي نفس کي

2

روزا ۽ نمازون چونديئي ”چڱو“، پر وڃي نٿو وڻ
پاڙئون پٽ پليت جون، اهو خنجر ڪڻ
ڪر ٽاريون ٽُرڙ تنهن جون، اهڙو ڌارج ڌڻ

Gul Hayat Institute

”جانڻ چن“ چوي جار سان، اهو لپو هڻ
توڙ ي آ سڄو مڻ، درخت ئي دور ٿئي

3

درخت دور تن ڪيو جيڪي هليا هيٺائين
توڏ تڪڙ ڪي ڇڏي ڪيائون سڀ ڪنهن کي سائين
سُڃاتائون سبحان کي، پوءِ سڃاتن سائين
”مُوتُو قَبلَ انت مُوتُو“، پوءِ سڀ جا ٿيا ”سائين“
”جانڻ چن“ چوي سائين، سرهو ڪندم سات کي

4

سرهو سات تنين ٿيو جن چِت ڪيو چِينُو
دُوئي وڃي دور ڪيائون، کپيائون ڪِينو
نڪ وڍيائون نفس جو ڪيئون بڙي کي بينُو
ڳاٽو پڳئون ڳوهه جو پوءِ ٿيو شرمينُو
ڪيو هيٺ ڪنڌ هليو ويو ٿيو اندر آئينُو
الله ڏٺائون اُتهين، جڏهن ڪڍيائون ڪمينو
”جانڻ چن“ چوي سِينُو سامين هيئن صفا ڪيو

5

وٺي تنهنجو آسرو ڪنئين ٿم ترار
ماريان هن مرئونءَ کي، ڏيندي سوپ ستار
لنگهائيندين لڪيون، پهچائيندين پار
”نَصرَ مِن الله وَ فَتحَ عَنقَرِيب“ تنهنجو آ قرار
”جانڻ چن“ بيڪار، تون ڪارساز ڪريم آن

## ڪافيون

### ڪافي ۱

نفس ماريئي ڪينڪي، الله ڪيئن ڏسين؟
دڙو نه ڀڳئي دوئيءَ جو پرين ڪيئن پسين؟

Gul Hayat Institute

"وَمَن عَرَفَ نَفَسهُ فَقَد عَرَفَ رَبهُ"
امر ميچيئي ڪينڪي دشمن کي ڪيئن دسين؟

اول ڏس آخر ڏس، ظاهرڏس باطن ڏس
بي مثل بحال ڏس، ڏيهَن کي پوءِ ڏَسين

دشمن ٿئين دوست جو مومن سڏائين ملڪ ۾
ڪافر ٿئين تہ ڪل پوئي، پيچون کي نيئن رسين

جيتر "جانڻ چن" هو چڱو تيتر پرين هو پري
هُل ٿيو "حرام" جو ڏنبر مون ۾ ٿو هسي

ڪافي 2

وٺ عشق جو عاشق وندو
پيچ نفس جو ڪامل ڪندو

پيچ مٺون وڪڙ پليتيءَ جو تڙ سان نڪرندئي ڪينڪي
وڏي پاڙ ڪان تون ڪر پري، ڪر لوڪ ۾ لٺب کي لُنڊو

اهڙي تنهن تي سواري ٿئي، نہ گهگير ٿئي، نہ بيڪار ٿئي
نہ ڪي دم ڪُٿي نہ بيجار ٿئي، رفتار ۾ ٿئي نہ مٺڊو

سڏڙيا سڏن ۾ ٿو وجئي، وقت قيمتي تي قطعا
پُرِ عشق جو پي جام تون، پوءِ راهہ ۾ ڪونهي رنڊو

خاڪ ۾ وڄ خاڪ ٿي، پاڪ ۾ وڄ پاڪ ٿي
من الدر "لولاڪ" ٿي ڪڻ "جانڻ چن" چوي تنهن ۾ جهنڊو!

ڪافي 3

نفس سڀ تي سوار ٿيو آ. نفس تي سواري ڪنهن نہ ڪئي
چڙهي پڳي ٿس چيل آڏوتن، اهڙي سواري ڪنهن نہ ڪئي

بنا لغام جي جيئن نوناري، گڏهه وهائي ڪري بهاري
سواء سوٽي جي چاٽ ڏيڪاري، اهڙي تياري ڪنهن نہ ڪئي

"شيعا"، "سني" هڪ پي تي هوڪارن مرئون گهر ۾ تنهن کي نہ مارن
نفس سان ياري "الله" آزارن، اهڙي ياري ڪنهن نہ ڪئي

عاشقن ڪيو تس سندرو ساهي، تلهہ کي جيئن تلهہ گهمائي!
ڏوڙ ۾ چڙهيائونس ڏوڙ ملائي، اهڙي ساري ڪنهن نہ ڪئي!

"جانڻ چن" اسان ماهر آهيون، "مُوتُو" امر ڪئون نہ ٻاهر آهيون
نفس شڪار اسين ناهر آهيون، اهڙي بهاري ڪنهن نہ ڪئي

ڪافي ٥

"مهدي" ڪيو آ تيار اسين آهيون قابل ڪار
نفس اسان جو گهوڙو آهي اسان آهيون تنهن تي سوار

وحدت واريون واڳون ورائي، "مُوتُو قبل" جو چابڪ چائي
"فاذڪروني" رستي لائي دم قدم رفتار

ترڪ و ترڪ جو تنگ تنهين کي لوند لغام آ ونگ تنهين کي
رياضت وارو رنگ تنهين کي، برهہ جو باري بار

حنې حقيقت جي تي ويهي، دوست ڏنوسين پنهنجي ديهي
گهگير ڪئون ڪڍيسين گوهي مهريزون ڏيئي مار

شريعت واري جهل ۾ جهاتي، صوفين سوجهي سوجهي پاتي
معرفت ماڳ مليو آ موتي، دلبر ناهي ڏار

سالڪ سواريءَ ۾ تيو آهي، ڪين ڪٿائي ڪين چوائي
شاغل آهي، غافل ناهي، "جانڻ چن" اٿس جار

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### نفي اثبات

### ڪافي 1

خود خدا سائين پاڻ آ، نفي مان اثبات ٿيو
ذات آئي خاڪ ۾، تڏهن وجي ذات ٿيو

پسندِ پيس پريت، اها بڻايائين ريت
"ڪُل شيءِ مُحِيط"، ڏٺي جي درجات ٿيو

خلق نہ هئي خالق نہ هو مُلڪ نڪي مالڪ نہ هئو
هئو تب ڪين هو ڪين منجهائون ذات ٿيو

پنهنجي وڏائي کي چڏي، غيب مان آيو لڏي
اوڏ تي پيو گهر اڏي، مٽيءَ جو محلات ٿيو

ننڍائيءَ مان ٿئي وڏو وڏو نہ ٿئي ڪڏهن وڏو
جوئي وڏو سوئي جڏو اهو اُونداهي رات ٿيو

"چن" سڏايائين چاهہ مان، برهہ واري باهہ مان
رندن واري راهہ مان، "جاڻ" سندن لات ٿيو

### ڪافي 2

ٻئي ملڪ "مهدي" ڏٺا
نفي ۽ اثبات جا مون کي

"همہ اوست" ۾ هاچا هنيم، ٻاهتر پاڻ سان ڪيم
تن کي ٻيو ڪجهہ نہ چيم، ايڪانوي ٿيئڙا ڪِنا

پنڌرين ۾ ٿيو پڌر "حق"، "باطل" سر بسر
گهر جي ويهي گُنبذِ اندر اُهي رول تي قاضي رُنا

Gul Hayat Institute

ملھ پوئين وارو موقعو ھن صدي ۾ ھو رکيل
"منصور" موٽي آئيو ڇوھ سڏڙين جا چنا

"جانڻ چن" تہ ڪين ھو ڪين ۾ ويو ڪين تي
"مُو تُو قَبَل" بين تي، سُرھا ٿيا سيئي چنا

**بيت**

### نمازِ نياز

1

نيتان ڪيئن نماز ڪي، ور ڪئون نتم وِت
جامي جار ڇڏي ويو ھوت ليي پيو ھِت
صوفي سير سپ ۾، جامي آھي جِت ڪِت
ڪعبو قلب اندر ۾، پولو پيگو پت
ڪڍي ڏس قرآن ڪي، جي نٽي پوئي پت
"وَنَحنَ اَقرَبَ اَلَيہِ مَنَ حَبَلُ اَلوَرِيد" آ صورت ثابت
ھر صورت ۾ يار جو جلوو آھي مومن ڪافر ڪٽ؟
"جانڻ چن" مت، ڳُجھي ٻڌائين ڳالھڙي!

2

نيتان تو جي نماز ڪي، تہ ڇڏٽو پوي تو الله
پٽي تئي تي پڙ ڪي، پڇي تو ويساھ
صوفي سجود سر ڪي، رھبر ڏسيو راھ
منھنجو عشق مھديءَ جي، سائو ڪيو آ ساھ
ظاھر ۾ "مرشد. ھادي". باطن ۾ "الله"
رک "جانڻ چن" سماءِ، ڳُجھي ٻُڌائي نہ ڳالھڙي!

3

ڇڏي نفل نماز ڪي، اصل نماز نيت
"فَاذكُرُونِي اَذكُرکُم". پکي ٿيئي پريت

Gul Hayat Institute

پنج وقت پري رهيا، انئي پهر جيت
وٽ نہ رهوي وار جي، ساري عمر سيت
"جانڻ چن" هن ريت، گر سان گاروڙي مليا

## سرائڪي ڏوهيڙو

نماز پڙهان ڪين تيڪون ياد ڪران؟ ميڪون لڳي تيڏي تار اي
وقت واجب وسرڳيوسي، آيا برهہ تيڏي دا بار اي
عشق تيڏي ميڪون ڪافر ڪيتا، ميڪون ڀُل ڳيا ڪعبا يار اي
بُت خاني ڪون ڪعبا ڄاتم، اها صحيح تيڏي دربار اي
"آلانسان سري وَاَنا سِرہُ"، اهو "جانڻ چن" اعتبار اي

## ڪافيون

سنڌي/سرائڪي

### ڪافي 1

نيتي نماز آهي نانگن، تيئڻ فارغ ويو وسري
قضا نا هن ڪنهن دم ۾، پڙهڻ پنج وقت ويو وسري

ڪٽن ڪُوڙا قسم هر هر، ڪن انڪل وجهن وَر وَر
ڪنيو رِندن قسم هيڪر، پيهر پت ڏيڻ وين وسري

انهيءَ روزن سان نہ ڳرندئي، وراڻي ڪينڪي ورندئي
ڪر ڇڏ. نفس نہ مرندئي، ٿيهئي روزا ويا وسري

رکيو آ روزو سامين ساهي، حقي جيڪو حُڪم آهي
پيچڻ پرڻ جو ناهي، وري ڇوڙڻ ويو وِسري

"جانڻ چن" عشق جو ماتم، سيني ۾ آهي پڙ محرم
هتي رڳو درد جي آ ڏم، مسجد مندر ويو وسري

ڪافي2

اُها پڙهي سين نماز
فرقان جيڪا آهي فرمائي

دائم قائم قضا ناهي فارغ
ويل انهن سان جن ڏيکاري فارغ
اسان هادي سان همراز

"وَارڪَعُومعَ الرڪِعِين" ملامي ماهر
اول، آخر، باطن، ظاهر
صورت سب سان ساز

منهن ڏيڻ سان مولي ملي تو
پُٺيرن ڪئون پري تئي تو
ناهي فرض ادا نہ نياز

جيڪي سيٺيا سيئي سٺيا
قيامت تائين ڪينڪي مٺيا
ڪڏهن نہ آيا بعض

"مڪرو ومڪرالله". مڪر هليو ويو
ظاهر ذهد ۽ ذڪر هليو ويو
پوءِ ٿيو پرواز!

مرشد ڪامل "مهدي" ملي ويو
"جاڻڻ چن" جو ڀاڳ کُلي ويو
ملي ويو فيض فياض!

ڪافي3

نَتَ هئس مون بي نياز
عشق ڪرائي آزي نيازي

Gul Hayat Institute

وڏي ۾ وڏي هئي منهنجي وڏائي
ننڍي ۾ ننڍي ٿي آ، منهنجي ننڍائي
برهه آيو جڏهن باز

ڪڙي ۾ ڪڙي هئي منهنجي ڪڙائي
مٺي ۾ مٺي ٿي آ منهنجي مٺائي
سڀ سان آهيان ساز

"ڪُل شيءِ محُيط" هڪ هيڪڙائي
عشق آيو تان وئي آ وڏائي!
"جانڻ چن" همراز!

**ڪافي ۴**

پڙهي ڪر تون پوري نماز نياز واري
فخر ڪئون ٿي فارغ، هجيئي ڳل ۾ ڳاري

عزازيل سجدا ڪيا ها ڪروڙين
ارض و اقليم رهايئين نه توڙي
اصل ڪعبو "آدم"، تنهن ڪئون ٿيو عاري

انهيءَ ڏينهن مولي ڪعبو سمجهايو
پنهنجو تخت آدم ۾ آٿي رکايو
جنهن نه سڃاتو تنهين کان بيزاري

ماپيو ڪين ارڏن اقليم ڪرسي
آدم منجهه ويٺو بهاري سان برسي
"ونحن اقرب"، قلب ۾ قراري

"جانڻ چن" سڃاتي ڳجهي رمز آهي
تڏهن "آدم" کي سر تو جُهڪائي
چون عام "ڪافر"، مون لاءِ آ بهاري

Gul Hayat Institute

### ڪافي 5

اسان بيشڪ هُون نمازي
هر صُورت ڳُون هي نيازي

اسان آپ مسجد مندر
معبود اسان ڏي اندر
اسان برهہ دي بيشڪ بندر
اسان ڪون عشق ڪرائي آزي

جڏهن "مهدي" مُڪڙا وڪايا
مين شهَجئون سجدا پايا
اهو صوفي سر سمجهايا
ڳئي دل وچون دوُر درازي

ڪتان مومن هُون ڪتان ڪافر
ڪتان مالڪ هُون ڪتان بَردَر
"چن جانڻ" ميڏا مظهر
ڪتان هُون شريعت دي قاضي!

## ڪافيون

### واٽيو

### ڪافي 1

ڪِريل ڏتل ڪو ڪين هجي، سيڪو هجي شال واٽيو
سيڪو هجي شال واٽيو "مهدي"! ملڪ سڄو ڪر واٽيو

"مسلماني" آهي، ماني، جُدا ڪري ٿي جگر جاني
حرص هڏي ڏي نہ تاٽيو

"مسلمين" فرقان فرمايو "مسلمان" هي ڪيڏانهون آيو؟
فرقان فيصلو چاٽيو

Gul Hayat Institute

مسلمان ۾ ڪانهي ڦڙهي، ايڪانيت جي نہ ٿس ڦڙي
ڏار ڏاٽي ڪان ڏاٽو

ٻاهيون جُدا سيرون جدا، پائو پائي ڪان آهي جُدا
بيڪار آهي آڻ واٽيو

سالڪ هوندو سمجهي ويندو گمراهہ هوندو ڇڙي پوندو
چوي "جانڻ چن" نماڻو

ڪافي2

واٽيو آهيان مون واٽيو!
توهين متان ڄاڻو اڻ واٽيو

"ڪُن فيڪُون" ڪان اڳ ۾، منهنجو بيرنگ ۾ هو ٽاڻو
"ڪُن فيڪُون" تہ ڪلهہ تي گذري، اڳيئي هئس مون سياڻو!

"ا ل م" ڪي ماٺيم، دوئي رهيو نہ ڏاٽو
شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت، اتي منهنجو آهي ٺڪاڻو

"ڪُل شيءٍ مُحيط" مرڪز منهنجو، اُتي مهديءَ جو آ مانڊاڻو
چار ئي پاوا پُختا منهنجا، ٻاهيون سيرون سيراڻو

مولي ملڪ سڄو ڪر واٽيو ڪو نہ رهي ڪو ڪاڻو!
"جانڻ چن" جي ٻولي پيرولي، رِند سمجهي ڪو راڻو!

سرائڪي ڏوهيڙو

وضو

خفا روز وضو دا چوڙ ملان! هڪ ڏينهن وضو ڪر ڪيون نہ چوڙين؟
عشق دي لهر وچ ڏو وچ ڪپڙي، ڳني خار دي خارج ڪيون نہ توڙين؟
پاڪ وضو ڪر دل والا، ڪڌ غير ڳون ٻاهر ڪيون نہ چوڙين؟
آکي "جانڻ چن" سوا عشق دي حاصل يار نهين لک سجدي ڏيوين ڪروڙ توڙي

Gul Hayat Institute

## ڪافي

### هاري

ڪري سجاڳي، جلدي جاڳي، هاري! ٿيو هوشيار
بگهڙ اُٿيا تو خون پيئڻ لاءِ، سڄڻ سائين ٿهدل ٿي تڪرار!

بلڊنگون بنگلا، ماڙيون، بلوري! تنهن ۾ سڀئي پوتار
چوانڪن جو تنهنجي گهر ۾ ڇيڪو سسي ڦيرائڻ ٻار

چلمون نه ٽيڪين حُقا بلغاري، تنهنجو ڇڪي پوتار!
اڪ جو نڙو تو ڪان اهو به ڪونهي، تن تي آهين تيار

روز حجامت روز سنوارت، تنهنجو ڪري پوتار
نهن بغل رڳو تنهنجا وڌي ويا، هينيان زيادا وار!

ريڊيا، ڦونا، گانا تماشا، تنهنجو ٻُڌي پوتار
تون ڪُوڪ گدڙ جي ٻُڌين ٻني ۾، همت تون نه هار

”جاڻ چن“ چوي ڪر ڪڻ، ڪيهر! پڇي وجي پوتار
تون آهين طاقت، تنهنجي هٿ ۾، ووٽ جي آ تلوار

## ڪافي

### هٿ سُڃاڻڻ ۽ پسڻ

جيڪو ڏسي ٿو توکي، تون به تنهن کي ڏس
سُڃاڻي هٿ سڄڻ کي پوءِ اتي پرين نيئي پس

ويٺو اٿئي ويجهو تو ناهي سوجهيو
ڪم نه ڪر ڪوجهو اهو ڏاتر ڏس

قيمتي هي جهان، اتي ڪا شيءِ ڪان
سمجهي تي سُڃاڻ، غافل ٿي نه گس

جيڪو آ اول آخر، سوئي باطن ظاهر
تنهن سان ٿي ماهر، سڌو صورت گس

Gul Hayat Institute

الله ڏسي توڏي، تون نہ ڏسين تنهن ڏي
ويندين پلا ڪنهن ڏي؟ کهڙي آ هُن کي ڪس!

اڳ جو ڏٺل سولو اُتي ناهي اولو
جيڪو پڇيو ويا آهن پولو "چن جانڻ" تن کي جَس!

## ڪافي

هڪ

هڪ ياد آهي، ٻيو ڪل ويسارو
واري ڇڏيوسين ٻيو سڀ پسارو

پنج وقت نمازون چو نہ ملهايون
وٿ نہ لڳي تي، واندا ناهيون
قضا ناهيون ڪڏهن، فارغ سو هچارو

رکي هڪ روزو تيهن کي ٽاريان
اندر جو اندر گُهٽي چو نہ ماريان
"مُوتُو قَبَل" جو ڍريو آهي ڍارو

"دين"، "دنيا" جي جهوري ناهي
"بهشت" "حُورن" جي هوري ناهي
سڪ آهي هڪ جي اندر ۾ نغارو

"الف" آهي ڪافي "ب" ناهي باقي
"انا احمد"، هر جاءِ شافي
"ميم" جو برقعو سمجهہ اشارو

"جانڻ چن" چوي "مهدي" تو موليٰ سان ملائي
لوهہ لڙيل کي تو سونو بنائي
مقناطيس مون کي ڇڪي آ اوجاريو

Gul Hayat Institute

## بيت

### همه اوست

1

ڪن علم پڙهيو ڪن ڍير ڪيو ڏائون نہ پر جو پير
ڪن لفظ هڪڙي مئون، سوجهي لڌو سير
"وَفِي انفُسِڪُمْ اَفَلا تَبصِرُون" گهڙيا انهيءَ گهير
"جاڻ چن" انهيءَ ڪن ۾ ڪي گهڙندا مرد مٿير
ڪنهن ڪنهن دل دلير، همه اوست جي حال جي

2

همه اوست جي حال جي، آهي ريت يلي
پاڻ سڃاتائون پنهنجو ڳولن ڪانہ ڳلي
"وَمَن عَرَفَ نَفسَہُ فَقَد عَرَفَ رَبہُ" رندن رمز رلي
جاتي ڪاتي پاڻ کي ڏٺئون "جاڻ چن" جلي
گناهگار ولي، همه اوسِت ۾ هڪ ٿيا

3

همه اوست جي حال جي پيئي ڪل جنين
بهشت ۽ دوزخ جي ڪانهي ڪاڻ تنين
"جاڻ چن" چوي اُنهي، موجودي مست ڪيا

4

همه اوست جي حال جي، سڌ پئي سامين
توڪل کي ترڪ ڪيائون، نڪي پنڌ پچن
ڏوهہ ۽ ثواب جي، ڪانهي ڪاڻ انهن
"موتو قَبلَ اَنتَ موتو". سيئي جڳ جيئن
"جاڻ چن" چوي هر جاءِ تي، پنهنجو پاڻ پسن
نيتن ڪين نماز کي، ڪنهن کي سجدو ڪن؟
آيو عشق وٽن، پنهنجو نتون۔ پاڻ کي

Gul Hayat Institute

5

همہ اوست جي حال جو ساٽيو جن ملڪ
نڪي ڪفر دين آ، نڪي آ خلق
نڪي "جن" جهان ۾، نڪي "ملائڪ"
نڪي "حلال" "حرام" آ، نڪي آهي شڪ
جڏي تاڏي حق، "جانڻ چن" چوي جڳ ۾

## ڪافي

سالڪ تي تون سڃاڻ
جوئي "عبد" سوئي "احد"

"خلق الله آدم اعليٰ صورت"
صورت معنيٰ، معنيٰ صورت
اهو آهين تون پاڻ

مشڪل سمجهڻ راز رندن جو
عارف بلا چاهہ چندن جو
رهن سدائين ساڻ

آندو آ هتڙي عشق آٽانگي
ملهہ مهانگو محبت سانگي
عشق ڪيايس ڪاڻ

جذبو جوش جلالي جن جو
"چن جانڻ" ڪم ڪمالي تن جو
ڏينهن ڪئون لهن ڏاڻ

Gul Hayat Institute

## بيت

### هنج

1

ڪن هنجن جي هنڌ تي، اچي ويٺا ڪانءِ
ڪانون ڪي هنجن جو ڏايئن نہ آيو ڏانءِ
ڦتايائون ڪير ڪي، جيئن آنڪو ٿانءِ
مذهبن منجهايا، نينهن نہ ڳنن نانءِ
"جانڻ چن" تنهان، ڪينجهر ئي ڪِنوڪيو

2

ٻاهر ميرا هنج اندر تِن اُجرو
سوجهي لڌائون سچڻ جو حال اندر هُجرو
لاحد ۾ لنگهي ويا، مليو تِن مُجرو
"مَنَ رائي فَقَد راءِ الحَق". ثابت ٿين سُجرو
جيڪو دم گذريو "جانڻ چن" الله سان

## ڪافي

اجا بہ هنجن جا آهن آڪيرا
ڳجها وچي ڪيا آهن، ويراڳين واهيرا

درن تي ٻگهن جون، ڏُم ڏڙيون هن
لعلن تن هنجن جون، چُپ گهڙيون هن
اندر ساڻ اورن، نہ ڪن وات وڏيرا

ٻگهہ ٿا ٻاڪارن مال ملڻ لاءِ
هنجڙا هُونگارن يار ملڻ لاءِ
ڪانون جيئان هو ڪن نہ ڪانگيرا

Gul Hayat Institute

هنج ۽ ٻگهه هن جوءَ هڪ ۾
ٻگهه ٿا ڏسجن هنجڙا لڪ ۾
ڪين سڃاڻڻ وارا آهن انڌيرا

جيتر دنيا، هنجڙا تہ هوندا
هڪڙا ويندا، ٻيا پيا ايندا
هوندا هميشہ پيچندا نہ پيرا

"جانڻ چن" چوي هنجڙا آهن
دم دم ساڻ ٿا دوست ملائن
اندر اُجرا ٻاهر ميرا!

## ڪافي

### هي ۽ هو

"هي" "هو" اثبات ڪري تو
"هي" نہ هجي ها، "هوُ" نہ هجي ها

هي تو ساري، "هو" بہ تو ساري
"هي" بہ گهري تو، "هو" بہ گهري تو

"هي" ويو "هو" ڏي، "هو" آيو "هي" ڏي
"هي" بہ سُري تو، "هو" بہ سري تو

"فَاذڪُرونِي اَذڪُر ڪُم" ٿيو
دڙو دوئي جو گم ٿيو
هيڪڙائي جو مچ ٻري تو

"هي" "هو" جو آهي بهانو
سر سڃاڻج ساڳو سبحانو
پير مغان ٿي پڪو ڪري تو

Gul Hayat Institute

عام چون ٿا تہ ”غير آهي“
ٿند نڪي ٿير آهي
”جاڻ چن“ چوي لِڪ ڪري ٿو

## ڪافي

هيٺ

هيٺ وياسين هيٺ
هيٺ وياسين، هيٺ وياسين

تري ڀرويهي ترقي ڪئي سين
لعلن موتين جي پرتي ڪئي سين
اتي سڏن پيا سيٺ!

غواٺ لهي پيا سِرڙو گهوري
سانگا سيئي پيجي پوري
وچي ڪئي سين پيٺ!

وچي ويناسين پاتار پيهي
دوست ڏٺوسين پنهنجي ديهي
هُئي الستي ڏيٺ!

هر صورت کي آزي نيازي
برهہ جي اُتي وڏي سين بازي
وچي نيهي ڪيوسين نيٺ

هُئڻ هوڏ هستي ويئي
”جاڻ چن“ ۾ نيستي آئي
آهي مِنيٰ ماڪيءَ ڪٺون ميٺ!

Gul Hayat Institute

## سرائڪي ڪافيون

### هير رانجها

### ڪافي 1

رانجهن سائين ڪيتا پسارا
هير دي سانگي تخت هزارا

عشق رانجهن ڪون ملڪ ڇوڙايا
هير دي سانگي چاڪ سڏايا
بردا بن ڪي لڪڙا لڪايا
عشق دا اُلٽا ڍنگ نيارا

سر منصور دي نوبت آئي
آپ سڃاتس ڪيتس وائي
ڪون جو مڙيا چڙهہ ڳيا ڦاهي
”اناالحق“ دا ماريس نعرا

عشق ”صنعان“ تي ڪيتا حملا
دين ايمان ڇوڙايس مصلا
”جٽيا“ پا ٽيا ڪافر ڪالا
وچڙي چاريندا تي ڪي ڏنارا

”قيس“ ها قابل، ڦر ڳيس نالا
”مجني“ هي آکيا، ”ليلا هي مولي“
تهدل تنهن ڪون، تي ڳيا تسلا
دوزخ اهين ڪنون تي ڳيا بيزارا

عشق والا جڏهن ”ڪربل“ آيا
لاخوف تي ڪي سرڙا ڪٽايا
نينهن نيزي تي هوڪا هلايا
”ڪُن فَيڪُون“ ڪنون اڳي اقرارا

Gul Hayat Institute

آپ هي "هير" تي آپ هي "رانجهن"
اپنا آپ ڪيتس درشن
مام اهين ڪون ڪي مانجهي ماڻن
"هير" بهانا اوڪا چارا!

آپ هي ماهي غير نہ ڄاڻي
"جاڻڻ چن" اها رمز پڇاڻي
پيان سڀ ڳالهيان ڪوڙي ڪهاڻي
"اَلاِنسانُ" ٿيا اظهارا

## ڪافي 2

ماريس منتر ميڪون، جوڳي بٽڪي آيا
عشق ڪٺي پيا ميڏي، سُور اندر سمايا

منڊ هڻا انهي مرلي وچ، "الست" والي آواز وچ
"قالو ابليٰ" دي واعدي، جوش جگر جاڳايا

لڇدي پڇدي لهندي، پجدي ٻڪدي ڪهندي
پنڌ ڪران پورب دا، ڏونگر ڏورڻ آيا

"آدم" دا ڪرڪي اولا، دليان ڪسيندا ڍولا
شوق جاڳائس شعلا، درد اهين ڏڳ لائيا

"مسجد" "مندر" ماهي، هردوار هر جائين
"عرب"، "گنگا" وچ سائين. "بندرابن" رنگ لايا

پل ڳئي نئي ملا ٻانيڙ، يار دي ڳئي نا آتڻ
قلزم ڳيا فيصلا چڙ، "جاڻڻ چن" هر گهر آيا

Gul Hayat Institute

## ڪافي 3

هڙئي مين چاوان چال
رانجهن تيڪون ڪيوين ريجهاوان؟

مُلان مشائخ ٿيوان مين قاضي
وقت پنج ئي پڙهان تسبيح تازي
يا درس پڙهاوان ٻال؟

جان ٿيوان هندو ٻڌان مين ڌوتي
وِچ ٽِڪاڻي پڙهان مين پوتي
گنگا ۾ جاوان جال؟

جان ٿيوان فنا پاوان فقيري
"مُوتُو قَبلَ" گهتان نہ گهاري
ليران لويڙان حال؟

"جاڻ چن" تون نياز ڪون ڏارين
"هر صورت ڪون سرڙا ڍارين"
اها ڊول ٻڌايم ڳالھ

## ڪافي 4

هر رمز وچ رانجهن رَلدا هئين
ڪٿان روندا هئين، ڪٿان کلندا هئين

آپ هجر دا سانگ ڪري
آپ ڪنون آپي ٿيوين پري
گهني سور ديان لذتان سڏڪا پري
دردي در در بن ڪي هلندا هئين

Gul Hayat Institute

"عاشق" "معشوق" آپ پيارا
واه واه تيرا ڍنگ نيارا
ڪاڻ داڻي دي ڪيتئي پسارا
سِڪ سِڪ سِڪ وچي ملندا هئين

"يوسف" بنڪي قيد نباهين
بنڪي "زليخان" عشق ڪماوين
بردا بنڪي بازار وڪامي
تولي ملھ وچ ٹُلندا هئين

سلطانان سر سلطان ڪتان
"احمد" عاليشان ڪتان
"ڪل شيءِ" "قادر" "قدير" ڪتان
ڪتان ول "جانڻ چن" تي هلندا هئين

## ڪافي

ماريا ميڪون يار سجڻ ديءِ حاڪم حسن هزاريءِ الا
جلوا جوت ڪمال تنهين دا، ڪيتي فوج تياريءِ الا

نُور دي تجلي "طور" جلائي، جل ڳئي تڪري ساريءِ الا
"موسيٰ" ڪنون جو هوش ڄُلا ڳيا، ڏيوڻ نال ڏيڪاريءِ الا

"رحيم"، "ڪريم" دلاسا دلبر، ڏيندا هي هڪواريءِ الا
دڙڪا دوست وَل وَل ڏيندا، ڌريندا نام "قهاري"، الا

"وَنَحنَ اَقَربُ" آکِ سُٹايس، دوست ڏتي دلداريءِ الا
انهي وعدي تي اعتبار اسان ڪون، "جانڻ چن" بهاريءِ الا

Gul Hayat Institute

## ڪافيون

### يار

### ڪافي ١

يار جو آهي انجام
تڏهن ٿي واٽون نهاريان

سرخي لائيان سينڌ چٽائيان
ريهه ڪجل جي اکين ۾ پائيان
ڪيان سانول جو پوءِ سلام

بيسر ٻُولو پوئيچون پائيان
نورا، بندڙا پائي ٺمڪايان
جهالر جهو مڪ جام

ايندو پانهه سيراندي ڏيندو
سينگار سجايو منهنجو ٿيندو
ايندو گهر ۾ آرام

اگڙ ٻهاريان عطر ٿي هاريان
محلو محبوب جو صاف سينگاريان
طرحين طرحين طعام

"فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم" ٿيو
يار جو مون سان انجام پڪو ٿيو
ڏينهان ڏينهن وڌائيان گام

"جانڻ چن" الف سان اوريان
ميم جي مام تئين سِرڙو گهوريان
لنگهي رِند ويا ٻيري گام

Gul Hayat Institute

## ڪافي 2

پيو ياد جڏهن يار، ٻئي وسري جهان ويا
محبت ۾ دل منهنجيءَ جا، اڏري ڏيان ويا

بهشت جي درڪار ناهي، نڪي حُور ۽ قصُور جي
درڪار آ ديدار جي، درُهو هي دان آ

"لاتَقنَطُو مِن رَحمتُ الله"، آڳي ڪيو احسان آ
ثابت قرآن آهي، غيرئون گمان ويا

"جانڻ چن" آسرا آهن، وڏا الله ۾
محشر جي ڪاڻ ڪانهي، محمد زمان آ

## ڪافي 3

مون اهو ڪيو وچي يار
جيڪو مذهب ڪي انڪار

"خَلَق الله آدَم اَعليٰ صُورَت"
"اَلاِنسان" سِيرَت ڪِيرَت
سدائين باغ بهار

"وَفِي اَنفُسڪُم" وينو آهي
شب ڪور جي لاءِ اونڌاهه آهي
ڏسي چمڙو ڇا چمڪار؟

بي دست، بي پاءِ، گونگو ٻوڙو
سر نه صورت، مُنجهيل موڙو
اهو ته آهي بيڪار

ناطِق الله لڏوسين ڳولي
"وَنَحَن اقَرب" وينو تو ٻولي
ناهي ماٺهن ڪي اعتبار

Gul Hayat Institute

"اَنَا اَحمَدِ بلا مِيمي"
"جانڻ چن" چوي آيو جڳ ۾ جاني
"عربي" تي اظهار

**بيت**

ڪهڙي ڪيان تنهنجي، مرشد مهماني
سئو سِريون صدقي ڪيان، توتان قرباني
اچي ويهہ اکين ۾، منهنجي ڳچيءَ جي ڳاني
"جانڻ چن" جا جاني، شل هوندين ساڻ هميشه

Gul Hayat Institute

## ڪلام ۾ آيل قرآن پاڪ جون آيتون

1. ال م (سورة البقره آيت 1)
2. ذَالِكَ الكِتابُ لاَ رَيبَ هُدُي المُتَقِين (سورة اليقره آيت 2)
3. رب العالمين (سورة الفاتحہ آيت 1)
4. اَسَجدُو الآدم (سورة البقره آيت 24)
5. صمءٌ بكمءٌ عميءٌ (سورة البقره آيت 18)
6. وَاَقِيمو الصَلَوات وَاَتُو الزَاكوات وَرڪعُو مَعَ الرڪِعِين (سورة البقره آيت 43)
7. فَاذڪُرونِي اَذڪُرڪُم (سورة البقره آيت 152)
8. وَنَفَخَت فِيهِ من رُوحِي (سورة الحجر آيت 29)
9. هو الاول هو الآخر هو الظاهر هو الباطن (سورة الحديد آيت 3)
10. رب ارني ..... لنُ تراني (سورة الاعراف آيت 143)
11. لَن تَنَالُو البِر حَتي تَنفِقَوا مِمَا تُحِبُونَ (سورة آل عمران آيت 92)
12. فَدَم دَمَ عَليهُم رَبهُمُ (سورة الشمس آيت 14)
13. دڪاً دڪا (سورة الفجر آيت 21)
14. وَاللهُ بِڪُلِ شيءٍ مُحِيطِ (سورة النساءَ آيت 126)
15. وَفِي انفُسِڪُم اَفَلا تَبصَرُون (سورة الذاريت آيت 21)
16. وَنحَن اَقَرب اِليَه مِن حَبَل الوَرِيد (سورة ق 50 آيت 16)
17. الصِراط المستَقِيم (سورة الفاتحہ آيت 5)
18. رحمت اللعالمين (سورة الانبياء آيت 107)
19. سميعٌ بصير (سورة المجادلہ آيت 1)
20. رَضي اللهُ عَنهُم وَرَاضوَاعَنه (سورة البينة آيت 8)
21. اِنَما المَومِنِينُ اخواة (سورة الحجرات آيت 10)
22. لاَتَقَنطُو مِن رَحَمَتُ الله (سورة الزمر آيت 53)
23. ڪُل نَفُس ذائِقَةَ الموت (سورة آل عمران آيت 158)
24. لَعنَةُ الله عَلِي الَڪاذِبِين (سورة آل عمران آيت 61)
25. و مَڪُر و مَڪَر الله وَ الله خير اُلماڪُرِيُن (سورة آل عمران آيت 54)
26. قُل هُو الله اَحَد الله (سورة الاخلاص آيت 1)

Gul Hayat Institute

(ترجمو: جنهن مون کي ڏٺو تنهن الله کي ڏٺو.)

8. "مُوتُو قَبَل اَنتَ مُوتُو"

(ترجمو: مرو مرڻ کان اڳ.)

9. لَحمَکَ لَحمِي جِسمَکَ جِسِمِي، رُوحَکَ رُوحِي دَمَکَ دَمِي

(ترجمو: حضور پاڪ ﷺ فرمايو مولا علي ع.بابت: "توهان جو لحم منهنجو لحم آهي، توهان جو جسم منهنجو جسم آهي، توهان جو روح منهنجو روح آهي، توهان جو دم منهنجو دم آهي.)

10. "مظهر العجائب والغرائب"

(ترجمو: مظهر عجائب ۽ غرائب آهن (يعني هُو هر جاءِ آهي)

## ڪلام ۾ آيل عربي قول

1. "اذني"

(ترجمو: "منهنجي حڪم سان." حضرت شمس تبريزي رح جو قول)

2. "اَلعشقُ نارُيَحَرڪُم"

(ترجمو: عشق باھ آهي ساڙي ٿو)

3. "اناالحق"

(ترجمو: "آئون حق آهيان". حضرت حسين ابن منصور رح جو قول)

4. "ان القلب الله"

(ترجمو: بيشڪ قلب الله جو (آستان) آهي)

5. "ماسوا الله" (مڪمل: ليس في جُبتي ماسوا الله)

(ترجمو: "منهنجي جُبي ۾ الله کان سواءِ ڪو ڪونهي". حضرت جنيد بغدادي جو قول)

6. "فنا في الله"

(ترجمو: "فنا ٿيو الله ۾")

7. "بقا بِالله"

(ترجمو: "بقا الله سان")

## ڪلام ۾ آيل فارسي قول

1. همہ اوست

(ترجمو: "هر شيءِ (سڀ ڪجهہ هُو (الله) آهي")

Gul Hayat Institute

## ڪن ڪلامن بابت اهم ڄاڻ

**ابابيل**

هي بيت فقير سائين "نارا جيل" حيدرآباد ۾ لکيو.

**پاڪستان**

هي ڪلام فقير سائين صدر ايوب سان ملاقات ۾ سندس آڏو چيو. جنهن ۾ "پاڪستان" پاڻ صدر سان مخاطب ٿي پنهنجو حال ٿو سلي ۽ "صدر" کي هدايت ٿو ڪري. اها ملاقات جناب ذوالفقار علي ڀٽي لاڙڪاڻي ۾ ڪرائي. (1965ع کان اڳ ۾)

**پيپچر واهه**

هي ڪلام فقير سائين "پيپچر واهه" ضلعو دادو جي گنڀير مسئلي تي، آبپاشي جي چيف انجنيئر جناب غلام رسول شاهاڻي عرف "خريد علي" جي آڏو پيش ڪيو ۽ پوءِ هن صاحب اهو مسئلو حل به ڪيو. (تقريباً 1975ع ۾)

**چارڻ**

هن شعر بابت فقير سائين فرمايو ته، هي شعر پاڻ انهيءَ دور ۾ چيو هئن، جڏهن پاڻ روحانيت ۾ ڪثرت جي ميدان ۾ بيٺل هئا. پوءِ جڏهن وحدت جي ملڪ تي ويا، ته پوءِ "پنج" ۾ وحدت سجاتائون.

**ذوالفقار ڀٽو ۽ گهاڙ واهه (نظم)**

هي ڪلام فقير سائينءَ ذوالفقار علي ڀٽو جي آڏو تڏهن وڃي چيو جڏهن "گهاڙ واهه" جي ڪم ۾ ڪاٽيءَ لاءِ مشينن سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي. اهو نظم ٻڌي ڀٽو صاحب پاڻ "گهاڙ واهه" تي ڪئمپ هڻي رهيو ۽ پنهنجي سامهون مشينن سان ڪاٽيءَ جو ڪم ڪرايائين.

**ذوالفقار ڀٽو (ڪافي)**

هي ڪلام فقير سائين انهيءَ دور ۾ چيو جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو صدر ايوب سان تاشڪن واري معاملي تي ناراض ٿي، پنهنجي جماعت (پاڪستان پيپلز پارٽي) ٺاهڻ جو ارادو ڪيو. انهيءَ

ڳالهه تي ملڪ جا ملا، قاضي، مولوي ۽ عالم سڀ سندس خلاف ورزي ڪرڻ لڳا. انهيءَ حال ڪي ڏسندي خلق (عوام) ڪي هوشيار ڪرڻ لاءِ فقير سائينءَ اهو ڪلام چيو.

**روپ هزار**

هي شعر فقير سائينءَ ”سکر جيل“ ۾ چيو.

**وڪامي وياسين دلبر جي در تي**

هي ڪافي تڏهن چيائون، جڏهن پاڻ کي پنهنجي مرشد پاڪ جي باطن امر سان وڪيئون.

**يار دي سڪ وچ روئڻ، ميڪون ڏاڍي راحت تي**

هي شعر فقير سائينءَ پنهنجي والده صاحبه سان مخاطب ٿيندي چيو. جنهن کي ٻڌي سندن والده صاحبه ساڻن راضي ٿي.

**سنڌ**

هي ڪلام فقير سائين انهيءَ دور ۾ چيو جڏهن جنرل ضياءُ الحق جي حڪومت ۾ حڪومت طرفان اهو اعلان ڪيو ويو ته ملڪ ۾ پاڻي ڪونهي ۽ سڀ ڪو هاري ناري پوک اڌ تي اڌ ڪري. جنهن جو سئو (100) جريب آهي، اُهو پنجاهه (50) ڪري، پنجاهه وارو پنجويهه (25) ڪري. فقير سائين پاڻ دادو اسٽيشن تي ويٺا هئا، اتي ماڻهن ۾ اهي ڳالهيون ٻڌيائون. فقير سائينءَ کي پهرين ته سنگت ساٿ وارا چوندا هئا ته پاڻ ”سنڌ“ لاءِ ڪو شعر نه چيو اٿن. جنهن تي پاڻ فرمائيندا هئا: ”سنڌ ته سڄي پُر آهي، ڪا ڪمي هجي ته مون چوان به!“ پوءِ انهيءَ مسئلي تي پاڻ پنهنجي مرشد پاڪ کي ٻاڌائيندي، اهو ڪلام چيائون ڪين اِها خبر هئي ته جڏهن بنگلاديش ۽ هندستان ٻڌندا آهن، تڏهن ئي پاڻي پاڪستان ڏانهن ڇوڙيندا آهن. انهيءَ خيال سان پاڻ اڳ جڏهن اهو ڪلام چيائون ته ڪلام جو ٽلهه هن ريت هو:

هندستان بنگال به ٻوڙ
مهدي! سنڌ ڏي پاڻي کي لوڙ

ڏينهن به گذريا ته خبر پئي جو بنگال ۾ هندستان جا ڪي علائقا ٻڏي ويا. پوءِ فقير سائينءَ کي خيال ٿيو ته ”فقير ته سيني لاءِ هوندو آ“ پاڻ فرمايائون: ”جيڪا ڦاڙبي آ، تنهن کي سببو به آ“ پوءِ وري انهيءَ ئي ڪلام ۾ ”ٻوڙ“ جي لفظ جي جاءِ تي ”ڇوڙ“ جو لفظ وڌائون. پوءِ هوڏانهن ٻوڏ ڪان بچا ٿي ويو ۽ اڇي سنڌ بلڪ سڄي پاڪستان تي مينهن اُٺا. اهو برساتن جو سلسلو ست (7) ڏينهن رات جاري رهيو. اِئين ملڪ مان پاڻي جي قلت ختم ٿي وئي.

**شهرشاهاڻي**

اهو شعر فقير سائينءَ ڳوٺ ”ميرخان شاهاڻي“ (لڳ صوبي ديري راڻيپور روڊ) بابت چيو آهي جتي سرڪار پاڪ امام مهدي شاهه جهانيان رح جن جو آستانو هو.

**شيرعلي جهانيان**

اهو ڪلام فقير سائين، حضرت سيد شير علي شاهه جهانيان رح ۽ جهانيان خاندان جي شان ۽ ثنا ۾ چيو. شير علي جهانيان سائين، فقير سائين جي مرشد پاڪ سيد امام مهدي شاهه جهانيان رح جا پاٽتيا به هئا ته طالب به هئا ۽ ساڳي وقت درگاهه حضرت حسن شاهه جهانيان رح جا سجاده نشين به ٿي گذريا آهن.

**عدالت**

هي بيت فقير سائين 1991ع ۾ ڪفر واري فتويٰ ۽ تعزير واجب القتل جي ڪيس جي ججن کي جس ڏيندي چيو.

**علي بحر واهه**

هي ڪلام فقير سائينءَ تڏهن چيو جڏهن پاڻ چنگاڻين جي ڳوٺ (ضلعي لاڙڪاڻي) لاءِ هڪ واهه منظور ڪرايائون ۽ پاڻ تنهن کي ”علي بحر واهه“ نالو ڏنائون.

**ڪربلا**

هي بيت پاڻ انهيءَ وقت چيائون، جڏهن ڪين هڪ شخص قتل ڪرڻ جي ارادي سان آيو ۽ فقير سائين پاڻ هلي وڃي، سندس پيش پيا (وڌيڪ تفصيل لاءِ منڍ ۾ آيل سوانح ڏسو)

Gul Hayat Institute

### موت

هي ڪلام پاڻ تڏهن چيائون، جڏهن هڪ پيرو پاڻ آرامي هئا، جو ڪنهن کين اچي اٿاريو. جڏهن پاڻ نهاريائون تہ هڪ بلا بيٺي هئي، جنهن جي صورت تمام بري هئي. پاڻ تنهن کان پڇيائون: ”ڪير آن؟“ جنهن تي هن چيو: ”هو فقير سائين ڪي وٺڻ آيو آ.“ سائين جن فرمايس: ”سرڪار مهدي موليٰ وٽان ڪا چٺي ڪا اجازت آندي اٿوَ؟“ تنهن تي هن وراڻيو: ”منهنجي مرضي آ جنهن جو روح چاهيان قبض ڪيان. مون تي اهو ڪم رکيل آ.“ سندس بي ادبيءَ جا اهي الفاظ ٻڌي، فقير سائين اتي هُن سان ٻکين پئجي ويا. ڪنهن مهل هو مٿان تہ ڪنهن مهل سائينءَ جن. ايئن وڙهندي وڙهندي فقير سائينءَ کيس دسي زمين سان هنيو ۽ ٽڪا ٽيو. پوءِ هو غائب ٿي ويو. (اهو واقعو دادو اسٽيشن وٽ فقير سائينءَ جي هڪ طالب ”بحر علي“ جي اوتاري تي پيش آيو) انهيءَ کان پوءِ عزرائيل وري فقير سائينءَ وٽ موندر لاڪا ۾ سندن آستان تي آيو. انهيءَ پيري تمام حسين صورت اختيار ڪري آيو ۽ اچي سائينءَ جن جي آڏو هٿ ٻڌي نياز ۽ نوڙت سان عرض ڪيائين تہ سرڪار جن ساڻس هلن. تنهن تي مالڪن حامي پري ۽ کيس ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اچڻ جو چيائون. هي هيلو ويو. فقير سائين انهن ڏينهن ۾ ڪجهہ نوان طالب ڪيا هئا، جيڪي تنبو جام ۽ تنبو الهيار جا هئا. پاڻ کين سڏرايائون ۽ سڀني طالبن کي پنهنجي وڃڻ جي خبر ڏنائون تنهن تي هنن طالبن زارو زار روئڻ شروع ڪيو ۽ کين ٻاڏايائون تہ پاڻ هي جهان ايڏو جلد نہ ڇڏيو. سندن اهي آزيون نيازيون ڏسي، فقير سائين فرمايو: سائين پنهنجي مرشي موليٰ کان پُڇن. ڇو تہ عزرائيل کي زبان ڏيئي وينا آهن. سائين جن حجري ۾ وڃي فڪر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ڪجهہ وقت فڪر ڪرڻ کانپوءِ کين پنهنجي مرشد پاڪ وٽان اهو فرمان حاصل ٿيو تہ ”فقير پنهنجي مرضي وارو هوندو آ. هينئر بہ جي آيائو ٿي تہ بہ پنهنجي مرضي سان نہ؟ فقير پنهنجي مرضي وارو آ. هاڻي وڃي پنهنجن طالبن کي ٻڌايو.“

ايئن ئي ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ عزرائيل وٺن نه آيو. اهو واقعو فقير سائينءَ جي بقا تي وڃڻ کان ڏهه پندرهن سال اڳي پيش آيو.

**موج درياءَ تي مهراڻ آيو**

هي ڪلام فقير سائينءَ پنهنجي مرشد پاڪ جي فرزند سرڪار سيد موج درياءَ شاهه جهانيان رح جي شان مبارڪ ۾ چيو موج درياءَ پاڪ پنهنجي والد صاحب جا طالب هئا ۽ پاڻ فيض جا درياءَ ٿي گذريا آهن. سند درگاهه مبارڪ شاهپور جهانيان ۾ آهي.

**هاري**

هي ڪلام فقير سائين "هاري تحريڪ" جي دور ۾ چيو هو.

Gul Hayat Institute

# سنڌي ساهت گهر جا ڇپايل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | علامہ آءِ آءِ قاضي (ٻيو ڇاپو) | قاضي فيض محمد | 25 = |
| 2. | ڏکيون جان نہ مڙن (ٻيو ڇاپو) | ناز سنائي | 75 = |
| 3. | ڳچان تہ ڪافر | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 4. | ماءُ ڪاهوڙي هليا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 5. | رڇي جي ريٿو ٽيا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 6. | هاري ڪميٽي ۽ الاٽي تحريڪ | قاضي فيض محمد | ختم ٿيل |
| 7. | ڏونگر جن ڏوريا | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 8. | چانڊوڪي ۾ زهر | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 9. | زندان جي جهروڪي مان | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ختم ٿيل |
| 10. | زندگي | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 11. | منهنجي آڪاٽي | ڪامريڊ غلام محمد لغاري | ختم ٿيل |
| 12. | حفيظ شيخ | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 13. | قيد جي ڪهاڻي | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 14. | دادر پل جا ٻار | ڪرشن چندر/ ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 15. | سون ورني ڌرتي | ڊاڪٽر سليمان شيخ | ختم ٿيل |
| 16. | وشواس | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 17. | ايوريسٽ تي چڙهائي | عبدالقادر جوڻيجو | ختم ٿيل |
| 18. | انٽرويو | طارق اشرف | ختم ٿيل |
| 19. | تصوف جي چير ڦاڙ (ٻيو ڇاپو) | نجم عباسي | 50/= |
| 20. | سنڌي ذات هنجن (ٻيو ڇاپو) | رسول بخش پليجو | 100 = |
| 21. | ڏنم اڻ ڏٺل | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| 22. | مائوءَ جي ملڪ ۾ | عبدالجبار جوڻيجو | ختم ٿيل |
| 23. | متي سنڌ سڪار | نجم عباسي | ختم ٿيل |
| 24. | سچ سان دوکو | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 25. | نوان چار درويش | ناز سنائي | ختم ٿيل |
| 26. | سوچون ٽڪا واڪا (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 45/= |
| 27. | ۽ ناول | موهن ڪلپنا | ختم ٿيل |
| 28. | سوڀ سدائين سچ جي | آزاد قاضي | ختم ٿيل |
| 29. | غلام جا ٽهڪڙا | غلام حسين رنگريز | ختم ٿيل |
| 30. | چولو منهنجي چڪ ۾ | هري دلگير | 30/= |
| 31. | سدا سُرها گل | يوسف سنڌي | ختم ٿيل |
| 32. | ڪاري ڪڪر هيٺ (ٻيو ڇاپو) | استاد بخاري | 45/= |

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

سنڌي ساهت گهر

Rs:240/=

Design by : Heartline Graphic 0300-3069637